॥ ओश्म् ॥

پريوُ ملڻ جي راهه

ليکڪ

مهاتما آنند سوامي سرسوتي

انوادڪ

رام اين. ڀاڳچنداڻي "گيان"

۽

چندر ڀسمن ٺاواڻي

UT [illegible] S. NAGPAL
4. H [illegible] O-OP. [illegible] SOC.
[illegible]
SINDH[illegible]GAR-421 004.

॥ ओ३म ॥



مھاتما آنند سوامي سرسوتي

پرڪاشڪ:
مهرشي ساهتيه پرڪاش منڊل
ڪارياليه:
آريه سماج منڊر، سهجپور بوگها
احمد آباد.

ڇاپو پهريون
قيمت: ساڍا چار رپيا
دسهرو
۱۴ آڪٽوبر ۱۹۷۵

ڇپيندڙ:
ديانند پرنٽري
راجاوير منڊر جي پرسان،
ڪبير نگر، احمد آباد.

ٻه اکر...

پوڄنيه مهاتما آنند سوامي جي مهراج جو لکيل ڪتاب "پرڀو ملڻ جي راهه" يعني "پرڀوءَ کي پائڻ جو رستو" ڪتاب ڏاڍو سٺو آهي. ۽ اڄ جي سنسار کي پرڀوءَ جي ملڻ جي ضرورت به آهي. پر ڏسجي ائين پيو ته اڄ ڪنهن کي به پرڀوءَ جي ملڻ لاءِ فرصت ئي ڪانهي، هر ڪو ڌن ڪمائڻ ۾ مست لڳو پيو آهي. پوءِ به اسانجي منڊل جي مهاشين اهو ڪتاب ڇپائي همت جو ڪارج ڪيو آهي. هي پستڪ پڙهي جي ڪنهن هڪ ڀاءُ کي به نام جو رنگ چڙهي سگهي ته منڊل جا ڪارج ڪرتا پاڻ کي ڌنيه سمجهندا ۽ لڳل پئسو ۽ محنت سڀ سڦل ٿيندي. شل پرڀو اسان سڀني کي سد ٻڌي بخشي جئن سنسار جا سڀ ڪارج ڪندي به ان کي نه وساريون ان ۾ ئي سنسار جو ڪلياڻ آهي، بس.

اوهان جو سيوڪ
نارائڻداس تاراچند
ايشين فوڊ انڊسٽريز

سهڪار ڏيڻي ڪارڻ کي سڦل بڻائن .

هن وقت تائين مهرشي ساهتيه پرڪاش منڊل طرفان هيٺيان پستڪ ڇپايا ويا آهن .

(١) ڀڳت ۽ ڀڳوان (٢) واسطو ڀڳتي ۽ ٻوڙو ڀڳتي (٣) آنند گائتري ڪٿا [٢ دفعا] (٤) هڪ ئي رستو (٥) جاڳ اي انسان [٢ دفعا] (٦) هيءُ ڌن ڪنهن جو آهي ؟ (٧) آريه سماج ڇا آهي ؟ (٨) ويدڪ ڌرم چرچا [٦ دفعا] (٩) سيوا ڌرم . ان ڪانسواءِ ڪيترائي ٻيا پستڪ ۽ ٽريڪٽ ڇپائي پڌرا ڪيا آهن .

آشا آهي اسانجي نماڻي وينتي ضرور ڪن سڻي ۽ سٽ پرشن جي هردي کي جاڳرت ڪندي .

شيوا ء :

اوهان جا ڀائر

گوبند رام سدورومل
نارائڻداس تاراچند
پرسرام پنجومل
گرداس مل چانڊارام

دان ويڙ پائرن کي نماڻي وينتي

٩ سالن کان مهرشي ساهتيه پرڪاش منڊل جا ڪارڪن ڪرتا، توهان پاٺڪن جي سيوا (سنڌ ساهتيه سنڌي ڀاشا ۾ ڇپائي) ڪري رهيا آهن. پر ڪاغذ جي ڏاڍي مهانگي ٿيڻ ڪري جيڪو ڪتاب اڳ ۾ روپيه ڪانيندو هو سو هينئر ڪاغذ جي اگهن وڌڻ ڪري چار روپيه ٿو ڪاٿي. منڊل جو اديش آهي ته ڪتاب پاٺڪن تائين پهچائڻ. ڪم قيمت ڏي ٿو پيا ته سو ڏسڻ ڪونهي. ڪم جاليءِ جو آهي اهو ڏسڻو جاليءِ کي آهي ته ڪٿي پاٺڪن جي اڀاو ڪري ڪم ٿيلو نه ته ٿيندو، سچ پچ هن سال کي انهن ڪارڻن ڪان ئي ڪم ٿڌو رهيو آهي. ٢-٣ ڪتاب انواد ٿيا رکيا آهن پر پاٺڪن جي اڀاو ڪري جلد ڇپجي ڪونه سگهندا. هن مهل تائين جن سڄڻ منڊل جي سهانتا ڪئي آهي آهي ته ڌنيواد جا پاتر آهن ٿي پر هن وقت کي وڌيڪ ڌن جي ضرورت آهي. ان لاءِ دان وار پائر

ڏينهن ١-

منهنجون پياريون مائٽون ۽ سڄڻو!

مان آفريڪا ۾ هوس، نيروبيءَ ۾ هڪ مهينو ڪٽا ڪرڻ بعد هوائي جهاز ۾ لنڊن وڃي رهيو هوس. مون سان گڏ هڪ سڄڻ ويٺو هو. جهاز پنهنجي رفتار سان اڏامي رهيو هو.

۽ ماڻهو هڪ ٻئي جي ويجهو ويهندا ته سڀاويڪ آهي پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهائيندا. اسين ٻئي پاڻ ۾ پيا ڳالهه ٻولهه ڪريون:

هن پڇيو، "اوهين به لنڊن وڃي رهيا آهيو؟"

مون چيو، "ها مونکي به لنڊن وڃڻو آهي."

هن چيو، "ڇا اوهين اتي واپار ڪندا آهيو؟"

مون چيو، "نه مان واپار نه ڪندو آهيان."

هن چيو، "شايد سير ڪرڻ ويندا هوندا؟"

مون چيو، "نه مان سير ڪرڻ نٿو وڃان."

★ آريه سماج جا ڏهه نيم ★

١- سمورين سچي وديائن ۽ جيڪي پدارٿ ان وديا دوارا ڄاتي سگهجن ٿا تن سڀني جو آدي مول پرميشور آهي.

٢- ايشور سچدانند سروپ، نراڪار، سروشڪتيمان، نياءَ ڪاري، ديالو، اجنما، اننت، نرووڪار، انادي، انوپم، سروآڌار، سرويشور، سرووياپڪ سروانترياامي، اجر، امر، ابيه، نتيه، پوتر ۽ سرشٽي ڪرتا آهي. ان جي ئي اپاسنا ڪرڻ يوگيه آهي.

٣- ويد سڀ سچيه وديائن جو پستڪ آهي. ويد جو پڙهڻ پاڙهڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ سڀني آرين جو پرم ڌرم آهي.

٤- سچ کي گرهڻ ڪرڻ ۽ ڪوڙ کي ڇڏڻ لاءِ هميشه تيار رهڻ گهرجي.

٥- سڀ ڪم ڌرم انوسار اٿوا سچ ۽ ڪوڙ کي ويچاري ڪرڻ گهرجن.

٦- سنسار جو اپڪار ڪرڻ هن سماج جو مکيه اديش آهي. اٿوا شاريرڪ، آتمڪ ۽ سماجڪ اُنتي ڪرڻ.

٧- سڀني سان پريتي پوروڪ، ڌرم انوسار يٿا يوگيه ورتاءُ ڪرڻ گهرجي.

٨- اوديا جو ناس ۽ وديا جو واڌارو ڪرڻ گهرجي.

٩- هرهڪ مڻش کي پنهنجي ئي اُنتيءَ ۾ خوش ٿيڻ نه گهرجي بلڪ سڀني جي اُنتيءَ ۾ پنهنجي اُنتي سمجهڻ گهرجي.

١٠- سڀني ماڻهن کي سماجڪ (سڀني جو ڀلو ڪندڙ) نيمن پالڻ ۾ پرتنتر (آڌين) رهڻ گهرجي ۽ پنهنجي ڀلائيءَ واري ڪارن ۾ هرهڪ سوتنتر (آزاد) آهي.

منزل ڏانهن وڃڻ بدران هوءَ گهاٽن ۽ خوفناڪ جهنگلن
۾ گهڙي وڃي ۽ وري ڏونگر ڏاريندو ۽ سڀ ۾ ڦاٽڪندو
ٻڌو ته سمجهي نه سگهي ته ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟
ڪيئن وڃڻو آهي؟“

هن چيو، ”اوهان ٺيڪ ٿا چئو. اڄ يورپ، آمريڪا
۽ ڪيترن ئي ديسن ۾ ڌن دولت جهڙي هئڻ جي
باوجود به هڪ عجيب قسم جي اشانتي آهي. ائين
ٿو لڳي ته گويا هي سنسار هڪ اٿاهه ساگر آهي، اسين
جهاز ۾ ويٺا آهيون، پر اهو پتو نه آهي ته جهاز ڪٿي
پهچڻو آهي؟ اها ڪهڙي چيز آهي جنهن کي اسين
وساري ويٺا آهيون؟“

مون ان مهاشيه کي هڪ آکاڻي ٻڌائي جيڪا توهان
کي به ٻڌايان ٿو. هڪ ماڻهو ڪنهن ڳوٺ جو مکي هو.
کيس اٺويهه اٺ هئا. جڏهن سندس موت جون گهڙيون
آيون ته هن وصيت نامي ۾ لکيو ته انهن اٺن جو اڌ
منهنجي پٽ کي ڏنو وڃي. انهن جو چوٿون حصو
منهنجي نوڪر کي ڏنو وڃي ۽ ٻيون حصو منهنجي
نوڪرياڻيءَ کي. وصيتنامو تيار ٿي ويو. مکي صاحب
راهه رباني ٿي ويو.

مکي صاحب جي ديهانت بعد ڳوٺ جا بزرگ ۽
پنچ گڏ ٿيا ته جيئن وصيت موجب ورهاست ڪئي
وڃي. پر اها ڳالهه ڪنهن کي سمجهه ۾ نه ٿي آئي ته

هن چيو، ”نه ڀلا، اوهين الي نوڪري ڪندا آهيو؟“

مون چيو، ”نه مان نوڪري نه ڪندو آهيان.“

هن تعجب مان چيو، ”عجيب ڳالهه، ڇٽبي! اوهان ڪجهه به نه ڪندا آهيو ته لنڊن ڇو ٿا ويهو؟“

مون چيو، ”يورپ وارن وٽان هڪ چيز ڪم ٿي وٺڻي آهي، ان ڪانسواءِ ڌن دولت، سندن سائنس، انهن جي ترقي، انهن جا هنر، واپار، راڄ ڀاڳ، مشينريءَ جو گيان، ڪوجنائون، عزت، آبرو سڀ ونرتق وڃن ٿا.“

هاڻي ته هو وڌيڪ عجب ۾ پئجي ويو، چيائين ”اها ڪهڙي چيز آهي؟“

مون چيو، ”ڌسو، ڌن دولت، گيانَ - وگيان، هنر واپار سڀ ضروري آهن. انهن ڪانسواءِ انسان جو ڪم نٿو هلي. پر هڪ چيز اهڙي آهي، جنهڪا نه هجي ته سڀ ڪجهه هئڻ ٿي به اسانجو ڪم نٿو هلي. يورپ ماڻهوءَ جي حالت ان سوار جهڙي ٿي وڃدي آهي جنهنکي هڪ تندرست، سهڻي ۽ طاقتور گهوڙي تي ويٺل هجي، ان گهوڙي تي سون جي ”زين“ لڳل هجي، ان ۾ هيرا موتي جڙيل هجن، سواري ڪندڙ ماڻهوءَ به قيمتي پوشاڪ ۽ گهڻا ڀالا هجن ۽ ان کي خبر نه هجي ته کيس ڪيڏانهن وڃڻو آهي. يورپجي

آهيون. ان ۾ اوهانجي رهبري ڪهرجي.“

اهو سياڻو ماڻهو ٿوري دير سوچيندو رهيو، پوءِ چيائين، ”اها ته تمام سولي ڳالهه آهي. مڪي صاحب جي اٺن ۾ منهنجو هڪ اٺ گڏي ڇڏيو. پوءِ اڻويهن جي بدران ويهه اٺ ٿي پوندا. هاڻي وصيعت موجب ورهاست ڪريو.

ورهاست شروع ٿي. ويهن اٺن جو اڌ يعني ڏهه چوڪرن کي ڏنا ويا. ڀلا، پنجابي باغ ۾ ويهن جو اڌ ڏهه ٿيندو آهي نه؟ هتي ته وڏا وڏا حسابن جا ڄاڻو رهندا آهن، هاڻي وصيعت موجب ورهائي ڇڏيو.

ڪنهن پڇندڙ چيو، ”پنجابي باغ ۾ ويهن جو اڌ ڏهه ٿيندو آهي.“

تڏهن سواميءَ کلندي چيو، ”پوءِ ته ٺيڪ آهي. مان وڏو ڪو حساب ڪتاب نه ڄاڻندو آهيان. سوچيم، شايد مونکان ڀل ٿي وئي آهي. ها، ته ويهن جو اڌ ٿيو ڏهه. ڏهه اٺ ان پٽن کي مليا. پوءِ ويهن جو چوٿون حصو يعني پنج انهن نوڪر کي مليا ۽ آخر ۾ ويهن جو پنجون حصو يعني چار اٺ نوڪرياڻيءَ کي مليا. هاڻي حساب لڳايو ته ڪل ڪيترا اٺ ٿيا؟ ڏهه واڌو پنج واڌو چار سي ٿيا جملي اڻويهه اٺ. هر هڪ کي ڪمل وصيعت موجب، سندن حصو ملي ويو. هڪ اٺ باقي اچيو. پٽي ڳوٺ کان ورهاست ڪرڻ لاءِ آيل سياڻي چيو،

وڙهاسن ڪيئن ڪٽي وڃي. اٺ هٿا اٺويهه انهن
جوُ اُڌ ٿيندو آهي سايا نو. ان جي معنيٰ اِها ٿي ته
اٺ کي ڪيئن ٻه اَڌ ڪيو وڃي. ٻيو ته اهو اٺ زنده
ٿي نه رهندو! ۽ جيڪڏهن هڪ اٺ کي ان طرح
ماريو وڃي ته باقي ٻچيا اَرڙهن انهن جو چوٿون حصو
ٿيا سايا چار ان جو مطلب اِهو ٿيو ته هڪ اٺ کي
وري ٻه اَڌ ڪرڻو پوندو. اُن کي ٻه جيڪڏهن ڪٽي
ماريو ته اٺويهن جي پنجين حصي جو ڇا ٿيندو؟
نوڪرياڻيءَ کي پنجين حصي ۾ ڇا ملندو؟ پٽهن ڏاڍو
سوچيو ۽ مغز کپايو پر ڪنهن نتيجي تي پهچي نه سگهيا.
جيڪڏهن ڪنهن نتيجي تي نه پهتا ته آخر ۾ اِهو طيءِ
ٿيو ته، ڀرپاسي ڳوٺ ۾ هڪ سياڻو ماڻهو رهندو آهي،
اهو مشهوُر سمجهو ۽ ڏاڍو پڙهيو آهي، اُن کي ڪوٺايو وڃي
اُن سياڻي ماڻهوءَ کي ڪوٺ موڪلي ويئي. اهو اٺ تي
چڙهي اچي پهتو. ان ايندي ئي پڇيو، ”اهڙو ڪهڙو
سٽ اچي منجهيو آهي؟“

ڳوٺ جي بزرگ چيو، ”اسانجي ڳوٺ جي مکي
صاحب جو ديهانت ٿي ويو آهي. اُن وصيعت ۾ لکيو
هو ته منهنجا اَڌ اٺ منهنجي پٽ کي ڏنا وڃن،
چوٿون حصو منهنجي نوڪر کي ۽ پنجون حصو منهنجي
نوڪرياڻيءَ کي. اسين دماغ ڊوڙائي ٿڪجي پيا
آهيون، پر ڪنهن هڪ فيصلي تي پهچي نه سگهيا

سواميجي“ چوندا آهن.

اُن مهاشه ۾ مسٽر سواميءَ کي ٻڌايو ته، ”هن دنيا ۾ ماڻهو سياڻپ ڳالهين کي ٿي سمجهندا آهن ۽ ذڪر ڪندا آهن. اسياڻپ ڳالهين کي نه سمجهي سگهندا آهن ۽ نه ٿي ڪري سگهندا آهن. مثال طور هڪ ماڻهو روٽي کائي ٿو. هو ان ڪري کاڌو کائي ٿو ڇاڪاڻ ته کيس بک لڳي ٿي. هو سمهي ٿو انهيءَ ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته کيس ننڊ اچي ٿي. پاڻي ان ڪري ٿو پيئي ڇو جو کيس اُڃ لڳي ٿي. ۽ اوهان جيڪا ستسنگ، سواڌياءَ وغيره جي ڳالهه ڪريو ٿا، سو اُسياڻپ آهي، ان ڪري بي معنيٰ آهي ان سان ڪجهه ٿيڻ وارو ڪونهي.“

مون ان جي ڳالهه ٻڌي ته ٿوري دير لاءِ منهنجو مغز چڪرائجي ويو. سو چيم، هي ماڻهو ايترو ٿو چوي پر اُن وقت ئي حقيقت کي سمجهيم ۽ چيم، ”ڇا سو مسٽر ڪارليل بک سڀني کي لڳندي آهي؟“

هن چيو، ”ماڻهو تندرست هجي ته ضرور لڳندي.“

مون پڇيو، ”۽ اُڃ؟“

هن چيو، ”جيڪڏهن بدن ۾ ڪا بيماري يا نقص نه هجي ته اُڃ جو لڳڻ سياڻپ آهي.“

مون پڇيو، ”ڀلا ننڊ سڀني کي ايندي آهي؟“

هن چيو، ”ماڻهو تندرست هجي، اُن کي ڪا

”هي اُن مهنجو آهي، ڏيو تہ مان پنهنجي گهوٽ واپس وڃان.“ ۽ هوءَ پنهنجو اُن کڻي واپس هليو ويو.

مون پنهنجي ويجهو ويٺل يورپين مهاشيہ کي چيو ”اهو ساڳيو ئي حال اسانجو آهي. اسان وٽ بہ اٺويهہ اُن آهن. پنج ڪرم اندريون، پنج گيان اندريون، پنج پراڻ، سڀ ملائي ڪل ٿيا پندرهن، ٽڏهن من، بڌي، چت ۽ اهنڪار ڳڻڻ سان اٺويهہ ٿين ٿا. اهي اٺويهہ اُن اسان وٽ آهن. پر جيستائين آتما جي اُن کي گڏيون نٿا تيستائين مسئلو سلجهي نٿو. تيستائين تہ ڇنتائي رهي ٿي ۽ اَشانتي رهي ٿي.

اهو يورپين مهاشيہ چڱو سمجهُو هو. هن ان کهاڻي جو سچو ارٿ سمجهيو، چيائين ”ٻيو اهو ويهون اُن آتما، حاصل ڪيئن ٿو ٿئي؟“

مون ورائيو، ”اِها آتما ملي ٿي، ستسنگ، سواڌياءِ، سنجم، شيوا ۽ ساڌنا سان.“ پوءِ هن کي اهو بہ ٻڌايو تہ ستسنگ ڇا آهي؟ سواڌياءِ، سنجم، سيوا ۽ ساڌنا ڇا آهي؟“

سڀ ڪجهہ ٻڌي هن چيو، ”مسٽر سوامي، اِهي تہ غير قدرتي ڳالهيون آهن.“

اُن ”مسٽر سوامي“ جي عبارت کان عجب ۾ نہ پئجي وڃجو! يورپ وارا سواميجي چوڻ جاڻندا ئي ڪونهن. ان ڪري ”سواميجي“ جي بدران ”مسٽر

اڻ سڌاريل وارن سان، جنهن ۾ مگن اهي ڇورا نہ صرف
اسانجي ديش ۾، پر دنيا جي هر ديش ۾ پيا پهچن.
اڪثر انهن کي "هپي" چئي سڏيو ويندو آهي.
ڪيترا ماڻهو کين ٻين نالن سان بہ سڏيندا آهن. آخر ٿي
ڇا ويو آهي انهن کي؟ ڇا آهي ان آمريڪا کي ڇڏي
پيا اچن جتي ڌن دولت جون نديون ٿيون وهن،
جتي گيان - وگيان، کيتي ۽ هنر، راجنيتي ۽ ڪاروبار
اهتري تہ حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي جو ڏندين
آڱريون لڳي وڃن. آمريڪا ٻين ديشن کي هر سال
عربين رپيا سهائتا طور ڏيندو آهي ۽ هي آمريڪن
ماڻهو ننگي سر، ٻيري اگهاڙا، ڦاٽل پراڻا ڪپڙا پائي،
بڪارين جهڙي شڪل ڪري دنيا ڀر ۾ پيا گهمن. آخر
ٿي ڇا ويو آهي انهن کي؟ ڇا سندن ديش ۾ ڌن
دؤلت ڪونهي؟ هنر ۽ کيتي ڪونهي؟ گيان - وگيان
ڪونهي؟ پڪيون شاهي سڙڪون، سؤ منزلن تائين
اوچيون عمارتون، اٽامڪ شڪتي، ائٽم بم،
هئڊروجن بم ۽ خبر ناهي ڇا ڇا آهي آمريڪا ۾! وٽن
سڀ ڪجهہ تہ آهي. راڪيٽ ۾ ويٺل انترڪش يائري
پندرهن پندرهن هزار ميل هڪ ڪلاڪ جي رفتار
سان ڌرتيءَ جي چوڌاري آڪاس ۾ چڪر لڳائين ٿا؛
چنڊ تي پهچي ويا آهن. ان کان بہ اڳتي وڌڻ جا
خواب پيا لهن. انهن جي صرف هڪ اشاري سان سڀ

بيماري نه هجي ته ان کي ننڊ اچڻ سڀاويڪ ۽ ضروري آهي.“

مون چيو، ”ٻڌو مسٽر ڪارلائل، جهڙيءَ طرح سرير جي روڳي هئڻ تي بُک، اُڃ ۽ ننڊ ختم ٿي وڃن ٿيون لذيذ کاڌو کائڻ جي به خواهش نٿي ٿئي. نرم ۽ نرم بستري تي به ننڊ نٿي اچي، ساڳيءَ طرح من جي روڳي هئڻ تي سستڪ، سواد ڀاءَ، سمجهه، شعور ۽ سادنا جي به اڇا نٿي رهي. اها سڀاويڪ ۽ ٻيو اَسڀاويڪ استٿي آهي. اها تندرستيءَ جي حالت نه، چئبي ٻو بيماريءَ جي حالت ليکبي. يورپ وارن جو من روڳي ٿي ويو آهي. مان ان کي تندرست ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان. سڀني يورپ وارن سان مان ملي نٿو سگهان ٻو جنهن سان ملندس جيڪو مون وٽ ايندو ۽ جنهن وٽ مان ويندس، ان جي من کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.“

مهنجي اها ڳالهه ڪيس سمجهه ۾ اچي وئي آهستي چيائين ”اوهان بلڪل سچ ٿا چئو، يورپ وارن جو من سچ پچ بيمار آهي.“

ان بيماريءَ جا ڪهڙا خطرناڪ نتيجا نڪ ۾ اچن ٿا! ڪيترا روڳي نه هئي (هندستان ۾) اچ ٿا. اوهان انهن کي ڏٺو هوندو. نوجوان ڇوڪرا ڇوڪريون. ڪئين رنگن جا ڪپڙا پائي اڪثر مون

نه صرف آمريڪا ۾ سڄي يورپ جو اهو حال ٿيو آهي جو اهي آتما کي وساري ويٺا آهن. انهن جا من بيمار آهن، ان ڪري سٺي شيءِ کين سٺي نٿي لڳي.

هڪ مهاشيه هو. ان کي ڏاڍو بخار ٿي پيو، ١٠٥ ڊگرين جو. پتنيءَ چيو، ”اوهان لاءِ ڪير کڻي اچان؟“ چيائين، ”نه ڪير ڀيهڻ جي مهنجي بلڪل خواهش ڪونهي.“ پتنيءَ چيو- ”صابو چانور گهرايان؟“

چيائين، ”نه مونکي بک بلڪل نه آهي.“

پتنيءَ وراڻيو، ”پر ڪجهه نه کائڻ گهرجي. ڊاڪٽر چيو هو ته ٿورو ڀوڄن ورتائڻ ضروري آهي.“

پتيءَ چيو، ”جي ائين آهي ته، مونکي پڪوڙا تري ڏي. خوب مرچ مصالح ۽ چٽنيءَ وارا پڪوڙا کائڻ لئي دل ٿي آهي.“

اهو آهي بيمار جو حال! سٺيون شيون کيس سٺيون نٿيون لڳن؛ خراب شيون کائڻ لئي سندس من ٿيو ٿيندو. ۽ وري خراب شين کائڻ سان بيماري گهٽجڻ جي بدران ويتر وڌي وڃي ٿي. يورپ ۾، آمريڪا ۾ ۽ انهن سڀني ديشن ۽ ماڻهن ۾، جتي اهڙا بيمار موجود آهن، انهن کي شانتيءَ پائڻ واسطي تڙق آهي جو نه اها پياس سڀاوڪ آهي، پر چاڪاڻ ته اهي بيمار آهن. ان ڪري انهن ڳالهين ڏانهن سندس من ٿي نه پيو لڳي. پر ان جي بدران پڪوڙن ڏانهن پيو من

ڪجهه ناس ٿي سگهي ٿو، هڪ اشاري سان لکها
ماڻهن جي غريبي دور ٿي سگهي ٿي. سڀ ڪجهه نه
آهي انهن وٽ! پرٿويءَ جا مفاصلا هنن ايترا نه گهٽائي
ڇڏيا آهن جو هاڻي صرف نالي ماتر رهجي ويا آهن.
هزارن ميلن جي مفاصلي تي ويهي ڪري اوهين هڪ
ٻئي سان ڳالهائي سگهو ٿا. ٻنهني سمهڻ واري ڪمري
۾ ليٽي ڪري انهن واقعن کي ڏسي سگهون ٿا جيڪي
سيڪڙو ميلن جي مفاصلي تي ٿيا ٿين. ايترو ڪجهه
آهي هنن وٽ! ان جي باوجود به هنن جا ڇوڪرا ۽
ڇوڪريون ۽ ٻيا ماڻهو:—

”بناکر فقيرون کا هم بيس غالب
تماشائي اهلِ کرم ديکتي هئن.“

فقيرن جو ويس ڍڪائي، در در جون ٺوڪرون
کائيندا ٻيا پئڪندا وتن. اهي ڇو ٿا ائين ڪن؟
ان ڪري ته اها اعلي شيءِ، جنهن لاءِ انسان جي
اندر ويٺل آتما بي آرام ٿيندي آهي، هنن وٽ
ڪانهي. اها چيز آهي شانتي. اهو اهڙو آنند جيڪو
آتم درشن سان ملي ٿو، اهو نه ڌن ۾ آهي ۽ نه ملڪيت
۾، نه هنر ۾، نه کيتيءَ ۾، نه وڏن سڙڪن ۾، نه اوچن
عمارتن ۾، نه اَنتر بم ۽ هئڊروجن بمن ۾. دنيوي
وڪاس ۾ ڪٿي اهو آنند پرابتي ٿي نٿو ۽ هي وتن ٿا ڀڄندا.

آهن. ڇا اها آزادي ۽ برابريءَ جي ناليءَ ۾ ٿي ٿئي؟ ڪانهي؟ ان جو سبب اهو آهي ته سڀئي من بيمار آهن. مون ٻڌو آهي ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ هڪ بيماري پيدا ٿي آهي. ماڻهو شانتي حاصل ڪرڻ لاءِ شراب پيئندا آهن. هو پيئندائي رهندا آهن، تڏهن به ڪين نشو نٿي ته چڙهندو آهي. اها نيم-بيهوشي به نه ٿيندي اٿن جيڪا شروعات ۾ شرابين کي چڙهندي آهي. ان نشي جي لاءِ هو ڪيترا سال شراب پيئندا رهيا. اها عادت، سڀئي سوڙ به گهر ڪري ويئي. هاڻي ته ڪيترو به پيئن، تڏهن به مٿن نشو نٿو چڙهي. ٿيندو به ڪيئن؟ اي نشيدار شيون پرهوڳ ڪندڙ انسانو! ٻڌو، اهي نشا گهڙي پل لاءِ آهن. نشو چڙهي ته به ٻرائي ۽ لهي ته به حالت خراب. سچو نشو اهو آهي جيڪو هڪ دفعو چڙهڻ کانپوءِ نه لهي، جيڪو هڪ ڀيرو چڙهي ته ڏينهن رات وڌندو رهي. اهو نشو آهي ايشور جي نام جو. پر جن ماڻهن جو من بيمار آهي، اهي ان اُپرم کي نٿا چاهين، انهن جي من ۾، ان جي لاءِ چاهنا پيدا نٿي ٿئي. شايد ان ڪري تلسيداس چيو آهي:-

”ايشور نام امول هي، دامن بنا لڪاءِ،
تلسي اچرج ديکئي، ڪوئي گراهڪ نه جاءِ.“

ڇڪجي. مون ٻڌو آهي تہ اهي "هپي" ماڻهو ڪيترن ئي قسمن جي نشيدار شين جو ڀرپوگ ڪندا آهن. پنگ، چرس، گانجو، آفيم. شايد ڪي ماڻهو اُنهن جو استعمال نہ بہ ڪندا هجن. گهڻي ڀاڱي اِهي ماڻهو نشيدار شيون ڪم آڻيندا آهن. اِهي ماڻهو ڇو ٿا اُهڙين نشيدار شين جو اپيوگ ڪن؟ اِن ڪري تہ شايد اِنهن ڪرڻ سان من کي شانتي ملي وڃي. نہ صرف ايترو پر يورپ ۽ آمريڪا جي اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڪيترائي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اِنهن نشيدار شين جا عادي ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي تہ اُنهن ۾ وري هڪ نئين علت پيدا ٿي آهي تہ ڇوڪريون ڪڏهن بہ وقت بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ڇوڪرن جي هاسٽل ۾ وڃن. اِها حقيقت آهي تہ سڀ ڇوڪريون اِنهن خيالن جون نہ آهن پر جيڪي ڇوڪريون اُهڙي قسم جون ڳالهيون ڪن ٿيون، اهي ڇونيون ڪن؟ اِن ڪري تہ اهي پڻ ڪان وڌيڪ بيمار آهن. اُتان جا ڇوڪرا ڇوڪريون رڙيون ٿا ڪن تہ اسان کي هڪ ٻئي کان الڳ رکڻ جي ڪوشش، اسانجي آزاديءَ تي بندش آهي، اسين اِن کي برداشت نہ ڪنداسين. اهي پوري وشواس سان چون ٿا تہ اِستري ۽ پرش هڪ ٻئي برابر آهن. اُنهن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪرڻ هڪجهڙائيءَ جو خاتمو آڻڻ آهي. حقيقت ۾ اهي سڀ بيماريءَ جون نشانيون

وِيد ڀڳوان سائنس جي، دنيوي وڪاس جي نندا نٿو ڪري؛ هو نه ان اُنتي لاءِ ٻرٻرٽا ڏيندو آهي. ساڳ ڏن اهو به چوي ٿو نه صرف سنساري وڪاس اُني سڀ ڪجهه نه آهي. اهڙ ٻڪيءَ جو صرف هڪ ڀر آهي. هڪ ٻرسان ڪوهه ٻڪي اڌامي نه سگهندو آهي. اهو آهي آڌياتمڪتا (ڀڳتي). پارلواسين پونڪ (جڙ پدارٿ) جسماني وڪاس ڪان منهن موڙي صرف آڌياتمڪ اُنتيءَ ڏانهن ني ڌيان ڏنو. پونڪتاواد جي ٻر ڪي ٻڌجو ڏٺي، صرف آڌياتمڪتا جي ٻر ڪي اُڏايو. ان ڪري سندس وڪاس نه ٿيو. يورپ وارا ڏکي آهن ۽ ڀارتواسي به ڏکي آهن. ٻئي سمجهن ٿا نه ٻئي سکي آهن، پر در حقيقت ٻئي ڏکي آهن.

مهاڪوي روبندرناٿ ٺاڪر هڪ دفعي چيو هو، ”نديءَ جو هيءُ ڪنارو چوي ٿو نه سچو سک ساموهون واري ڪناري، تي آهي. مون وٽ ڪجهه ڪونهي. ۽ نديءَ جو ساموهون وارو ڪنارو هڪ ڊگهو ساهه کڻي چوي ٿو، سڀ ڪجهه هن پار آهي، مون وٽ نه ڏک ني ڏک آهي.“

اها حالت ڀارت ۽ يورپ ٻنهين جي آهي. ٻئي هڪ ـ هڪ ٻرسان پيا اڏامڻ جي ڪوشش ڪن. ٻر اڏامي نٿا سگهن. ان ڪري ٻئي ئي آرام آهن، پريشان آهن ۽ رڙيون واڪا پيا ڪن.

اهو ڄاڻندي به ماڻهو نه آيا نه هتي پرڀوءَ نام جو امرت ورهايو ويندو؛ بنا ڪنهن قيمت جي ورهايو ويندو. اهڙن ماڻهن جو به ذوق ڪونهي. جنم جنم جي پاپ جو ميل سندن من تي جميل آهي. ستسنگ، سواڌياءِ، سمرڻ، شبد، ساڌنا طرف نه، سندن چاهه نٿو لڳي. اسين ڇڏي سگهون ٿا نه اهي بيمار آهن. ڀڳوان ڪري نيڪ ٿي وڃن. اهو سڀ ڪجهه جڏهن مون مسٽر ڪاربال کي ٻڌايو ته سندس مون ڏانهن چاهه وڌيو. مان لنڊن پهتس. اتي ويهن ڏينهن تائين ڪٿا ڪندو رهيس. هي مهاشيه هر روز ڪٿا ۾ شامل ٿيندو هو. هن هڪ ڏينهن به نه گسايو. اسانجي ڊي. اي. وي. ڪاليج هوشيارپور جو پروفيسر شري ڀاردواج ايم. اي، لنڊن وشوودياليه ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر آهي.

هڪ آريه سماجي ودوان، انگريزن جي ملڪ ۾، انگريزن کي انگريزي پڙهائيندو آهي. مان ڪٿا ڪندو هوس ته شري ڀاردواج ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندو هو. ائين ڪرڻ سان انهن ماڻهن کي به فائدو ملندو هو، جيڪي هندي نه پيا ڄاڻين.

ان لنڊن ڪٿا ۾ مون ڇا چيو؟ اهوئي ته يورپ جيڪا سائنس جي ڪيتري ۾ ترقي ڪئي آهي، اها ننڍا ڪرڻ جوڳي نه پر ساراهه جوڳي آهي. جيڪي ماڻهو سائنس کي خراب چوندا آهن، اهي ڀل ٿا ڪن.

ويد ئي هڪ اهڙو گرنٿ آهي، جنهن جا ويچار اڄ
به سائنس پٺاندڙ آهن. اهي وگيان جي ھاڻوڪي
کوجنائن سان ميل کائين ٿا.“

۽ اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي. ويدن ۾ سرشٽيءَ
جو وڪاس، ان جو آهستي آهستي وجود ۾ اچڻ جو
بيان، انتري نه وستار سان موجود آهي جو اڄ جا
سائنسدان به ان کي ڏسي حيران ٿي ويندا آهن. وگيان
جي ھاڻوڪي وڪاس جي لحاظ ۾، سيڪڙو سالن جي
کوجنا بعد به، جيڪي ڳالهيون سائنسدانن معلوم ڪيون
آهن، اهي سڀ جون سڀ ويدن ۾ موجود آهن. ان
کانسواءِ اهڙيون ڳالهيون به آهن جنهنکي سائنسدان اڄ
تائين به جاڻي نه سگهيا آهن؛ اڃا انهن جي کوجنا هلي
پيئي. ويد ائين ٿو چوي ته هيءَ دنيا هڪدم خود
ئي ٿهي ويئي. اهو چوي ٿو- ”ايشور جي شڪتيءَ
کان اڳ ”رت“ پيدا ٿيو. اهو نيم پيدا ٿيو، جيڪو
ڪڏهن به نه بدلجي ٿو. تڏهن ستيہ جي اتپتي ٿي،
يعني هيءَ دنيا جيڪا ستيہ آهي. تڏهن پرلئہ پيدا
ٿي يعني هيءَ سرشٽي سماپت ٿي. ۽ پوءِ پرماڻن جو
سمند اتپن ٿيو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته هيءَ سرشٽي
صرف هڪ دفعو نه ٿهي. اڳ به ٿهندي رهي آهي.
۽ ستيہ به پيدا ٿيندو رهيو آهي. وري جڏهن
پرلئہ جي رات اچي ٿي ته سڀ ڪجهه سماپت ٿي

پارٽراسين ته هاڻي ان هڪ ٻر کي ٻه ڇڏڻ شروع
ڪري ڇڏيو آهي. هتي سائنس جي خاص
اُتي ته آهي ڪونه ۽ باقي آڌياام واد کي ٻه ٽلانهي
ڏيئي رهيا آهن. اهو ٻئا ٻرن وارو پکي ڇا ڪندو؟
اهو ته هڪ ٻگران ٿو ڄاڻي. پکي اڏامڻ چاهي ته، اهو
ضروري آهي ته سندس ٻئي پر سلامت هئڻ گهرجن.
انسان به اڳتي وڌڻ چاهي ته اهو ضروري آهي ته هوُ
ڀوتڪتاواد ۽ آڌيالمڪ، ٻنهي کي گڏ ڪري هلي. وگيان
کان ته ڪم وٺي ۽ آتم گيان کان به. ٻنهي جي ملڻ سان
ئي ڪلياڻ ٿيندو آهي. وگيان کان پڇو ته هيءَ دنيا
ڪيئن ٺهي آهي ته اهو ڏاڍي وستار سان جواب ڏيندو.
پر جيڪڏهن ان کان پڇبو ته ”هيءَ دنيا ڇو ٺهي؟“
ته هوُ خاموش ٿي ويندو. ان وت ان سوال جو ڪوبه
جواب ڪونهي. ٻدبعد ٻکرلجيءَ هڪ ڏاڍو سندر
پستڪ لکيو آهي. ”اسٽوري آف ڪريئيشن.“
(سرشٽيءَ جي آکاڻي) ان ۾ هن ٻنهي سوالن جو جواب
ڏنو آهي. ويد جي آڌار تي ان ڳالهه جو جواب ڏنو
آهي ته دنيا ڇو ٺهي؟ ڇو جو ويد ئي انهن ٻنهي
ڳالهين جو جواب گڏ ڏيندو آهي.

ولايت جو هڪ وڏو ودوان ٿيو آهي 'جڪو
ليئيمت' اهو لکي ٿو، ”اها عجب جي ڳالهه آهي ته
سڄي دنيا جي آڌيالمڪ گرنٿن ۾ صرف پارمع جو

رهون ٿا، اُن ۾ ڏيڍ ارب سورج آهن. اِهو ڳاڻاٽو
هاڻوڪي سائنسدانن ڪيو آهي. اسانجو سورج منڊل
اُنهن مان هڪ ننڍڙو سورج منڊل آهي. اُن کان گهڻا
وڏا سورج منڊل اسانجي برهمانڊ ۾ موجود آهن. سج
اسانجي ڌرتيءَ کان ١٣ لک دفعا وڏو آهي ۽ وري
اسانجي سج کان ٽيهن لک دفعا وڏو هڪ ٻيو سج
آهي، جنهنکي اسين ورهسپتي ڪري چوندا آهيون.
ورهسپت تارن کان اَلڳ آهي. اهو تارو نه پر سج
آهي. اِن ورهسپت نالي واري سج کان هڪ ٻيو سج
برهمانڊ آهي، جيڪو کانئس ٽيهن لک دفعا وڏو
آهي، جنهن کي اسين ”جيشٺا“ چوندا آهيون. اهڙا
ڪيترا برهمانڊ هن دنيا ۾ آهن، اِها اڃا ڪنهن کي
به ڄاڻ پئجي نه سگهي آهي. ٻي عجيب ڳالهه آهي ته
اڄ جو وگيان جيڪو ڪجهه چوي ٿو، ڄاڻي ٿو، اهو
سڀ ويد ۾ موجود آهي. اُن کان وڌيڪ به موجود
آهي. اِن ڪري هڪ آمريڪن عورت شريمتي وهلر
ول ڪاڪس لکيو آهي ته، ”جنهن ديش ۾ ويد نڪتا
اُتان جا ماڻهو اُنهن سڀني ڳالهين کي ڄاڻندا هئا، جن
کي اڄ جو وگيان ڄاڻي ٿو. اُنهن کي بجليءَ جي خبر
هئي، هوا ۾ اُڏامندڙ جهازن جي ڄاڻ هئي. ۽ هر اُن
ڳالهه جي ڄاڻ هئي جنهن تي اڄ اسين ناز ڪريون ٿا.“
اِها شريمتي وهلر ول ڪاڪس ڪا آريه سماج جو

وڃي ٿو. پرماڻن جو سمنڊ جاڳي ٿو. اِھا ڳالھ رگ ويد ڏھين منڊل جي سوڪت نمبر ١٩٠ ۾ لکيل آھي. اھڙي ڳالھ اُن کان اڳتي بہ چيل آھي:-

”سج ۽ چنڊ انھن ئي ٺاھيا ويا، جيئن اڳ۾ ٺاھيا ويندا ھئا.“

اِھا ڪا نئين راند ڪونھي. دائما جي ڳالھ آھي. ھميشھ ائين ٿيندو رھيو آھي. ھا، ھر رات ڪانپوءِ سرشٽي ٿيندي آھي. سرشٽي جي ٿيڻ کان اڳ:-

”اونده ئي ئي، گھاٽي اونده. قدرت پنھنجي حقيقي حالت ۾، ھڪ اننت ساگر جيان ستل ھوندي آھي. ھن جا ٽيئي گڻ سم اوستا ۾ رھندا آھن. ھن اننت قدرت ۾، ايشور جي شڪتيءَ سان، ايشوري ٻيج سان ڳتي پيدا ٿئي ٿي. ان ڳتي جي ڪري پرماڻو پيدا ٿين ٿا. ھڪ وڏو اِنڌاڪار گول وانگر ٿئي ٿو. ايشور جي ٻيج سان ئي اڻ ڳڻيل سون وانگر چمڪڻ لڳي ٿو. ايشور جي شڪتيءَ سان ئي اھو تيز رفتار سان ڦرندو آھي. ايشور جي شڪتيءَ سان ئي اھو تيز رفتار سان ڦري ٿو. ڦرڻ وقت ڦاٽي پوي ٿو ۽ اَنيڪ سورج، اَنيڪ ڌرتيون، اَنيڪ تارا ان کان جدا ٿين ٿا. گويا ھڪ ڪوئلي مان چڻنگون نڪرنديون ھجن، ائين لڳندو آھي. ان طرح ھر دفعي ھڪ نئين برھمانڊ جي رچنا ٿئي ٿي. جنھن برھمانڊ ۾ اسين

هن کي رات جو ننڊ نه ٿي اچي. ڊاڪٽر ننڊ جون گوريون ٿو ڏنيس. جن سان ڪجهه ننڊ اچي ٿي ته ٻئي ڏينهن سندس بي آرامي پاڻ وڌي وڃي ٿي. سر ۾ ڪمزوري اچڻ لڳي ٿي. جيئن ئي مزي پيو لڳيس. هن کي اهو محسوس ٿو ٿئي نه ڪنهن شيءِ جي کوٽ آهي، ڪاني ڪڙي گم ٿي ويئي آهي. اُن ڪڙيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ سچو سک آشانتيءَ ۾ بدلجي وڃي ٿو؛ هيءَ ڪڙي:-

”گگن اٽاري پر نهين، نه ڌرتي کي ماڻهين،
سب جگه جاکو چاهتا وو چڙهن ڪهين پر ناهين“

آمريڪا ڪيترو نه شاهوڪار ملڪ آهي! وگيان جي کيتر ۾ ڪيتري نه ترقي ڪئي اٿس! اُتان جي حالت اها آهي جو اسپتالن ۾ جيترا مريض پيا آهن اُنهن جا اڌ جيترا پاڳلپڻي جا روڳي آهن. هڪ سوچنا موُجب آمريڪا ۾ هر هڪ ڏهون ماڻهو جيڪڏهن سارو نه ته، ٿورو پاڳل ضرور آهي. سڀ ڪجهه هئڻ جي باوجود به هڪ عجيب قسم جو پاڳلپڻو، ماڻهن کي پاڳل ڪري ٿو ڇڏي. اسانجي ديش جا ڪيترائي ماڻهو چاهين ٿا ته اسانجو ديش به آمريڪا جهڙو ٿي وڃي. شايد اهي پاڳل ٿيڻ چاهين ٿا.

ڪجهه ڏينهن اڳ مان اَمرتسر ۾ ڪٿا ڪري رهيو

ميمبر ڪرائي ٿي هڪ عيسائي عورت آهي. هن جيڪا
ڳالهه ڪئي، اُنکي ٻين ماڻهن جيان پاس خاطريءَ جي
ڪري لڪائڻ جي ڪوشش نه ڪئي. صاف ۽ سڌن
لفظن ۾ ماڻهن اڳيان پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا.

۽ اهو هڪ ظاهر سچ آهي ته، ”ويد نه ڪي هڪ
اهڙو سچو گرنٿ آهي، جيڪو سائنس جي ڪوجنائن
سان ميل ڪائي ٿو.“ اهو هڪ اهڙو سچو ڪتاب آهي،
جيڪو پوئتڪتاواد جي پوري سچي ڪهاڻي ٻڌڻ سان
گڏو گڏ ان آتما جو اپديش ڏئي ٿو، جيڪو ”ويهون
اڻ“ آهي، ۽ جنهن ڪري نساءِ پوئتڪتاواد جا اُٺوهه اڻ
وٺرت ٿي وڃن ٿا.

ڪنهن ماڻهوءَ وٽ سک سهنج ڀريو مڪان آهي،
جيڪو اجليءَ جي مشين جي ڪري ٿڌ ۾ گرم ۽ گرمين
۾ ٿڌو رهي ٿو. اهڙوئي دفتر ۽ ڪار اٿس. جنهن
ڪلب ۾ هو وڃي ٿو اتي به اهي ئي سک سهنج موجود
اٿس. هو ايئرڪنڊيشنڊ گهر مان، ايئرڪنڊيشنڊ ڪار
۾ چڙهي، ايئرڪنڊيشنڊ آفيس ۾ وڃي ٿو ۽ اتي ڪم
ڪري ٿو. شام جو وري اُن ڪار ۾ ويهي ٿو ۽ ايئر-
ڪنڊيشنڊ ڪلب ۾ پهچي ٿو. هو اتي ڪجهه وقت
گذاري ٿو، رات جو پنهنجي سک سهنج ڀريل گهر
واپس اچي ٿو. ايتري آرام جي ساڌن جي باوجود
هن جي من کي چين ڪونهي، ني ڇٽي جي ڪري

"ڪجهہ اُپديش ڏيو."

مان حيران ٿي ويس تہ، پاڳلن کي ڇا چوان؟ پر تڏهن ياد آيو تہ مان هميشهہ پاڳلن کي ئي اُپديش ڏيندو آهيان. جن جي دلين ۾ پريو جي ڏيان جو پاڳلپڻو آهي، جيڪي بلي شاهہ وانگر پکوان جي نالي جي مالا جپڻ چاهين ٿا ۽ چون ٿا :-

"پاگل اصلي پاگل هوجا"

پائي ڇڏ گلي ۾ مالا. اصلي گل ٻڌائي ڳالهہ کي سمجهہ. مالڪ جي نالي جو جاپ ڪر. ياد ڪري اُن کي! اُن جي لاءِ پاڳل ٿي وڃ! نہ تہ جن کي پنهنجي بُڌيءَ تي اَيمان آهي، اهي منهنجيون ڳالهيون ٻڌڻ تو روئي ايندا آهن.

اهو سوچي مون اُنهن پاڳلن کي چيو، "منهنجا پاڳل پانرو! مان بہ اوهان وانگر آهيان، پريوءَ جي پيار ۾ پاڳل ٿي، گهر ٻار ڇڏي ڏنم، ڌن دؤلت جو تياڳ ڪيم، جڳهہ - جڳهہ گهمندو آهيان. صرف اوهان ئي پاڳل نہ آهيو، پر اوهان سان گڏ مان بہ پاڳل آهيان."

پاڳلن اهڙيءَ طرح تاڙيون وڄايون، گويا نهال ٿي ويا هجن. هنن سمجهيو تہ هڪ ٻيو پاڳل اسان وٽ اچي ويو آهي.

آخر پاڳلپڻو بہ تہ هڪ مستيءَ جو عالم آهي! سوامي رام تيرٿ ڪاليج ۾ پڙهائيندا هئا، ڪيس سٺي نوڪري

هوس ته هڪ ديوي مون وٽ آئي. اها پاڳل خاني جي سپرنٽينڊنٽ هئي. مونکي چيائين، "سوامي جي، هلو ته مان اوهانکي پاڳل خاني ڏانهن وٺي هلان."

مون کلندي چيو، "پرڏيءَ! مان ته اڃا هوش ۾ آهيان."

ان هوش ۽ بيهوشيءَ جي به ڳالهه ٻڌو!

لاهور ۾ پروفيسر ديوانچند جيڪو پوءِ ڊي. اي. وي. ڪاليج، ڪانپور جو پرنسپال ٿيو، مونکي چيائين، پاڳل خاني هلندين؟"

مون عجب مان پڇيو، "مونکي ڇا ٿيو آهي؟"

هن چيو، "اڙي ڀائي! پاڳل خانو ڏسڻ هلندين؟"

مون سامهون جو ساهه کڻندي چيو، "ته اها ڳالهه آهي! هلو."

اسين جڏهن پاڳل خاني پهتاسين ته هڪ وڻ جي هيٺان ڪي پاڳل شخص ڳالهيون ڪري رهيا هئا. انهن مان ڪي اسان ڏانهن نهارڻ لڳا. هڪ پاڳل وڏي آواز ۾ چيو، "اڙي! هن طرف ڇا ٿو ڏسين؟ ويچارا نوان پاڳل آهن. علاج ڪرائڻ لاءِ آيا آهن."

انهن پاڳلن اسان کي به پاڳل سمجهيو. پاڳل جي لاءِ باقي سڄي دنيا به پاڳل آهي.

مان جڏهن امرتسر جي پاڳل خاني ۾ پهتس ته سپرنٽينڊنٽ ڪجهه سڌريل پاڳلن کي گڏ ڪري مونکي چيو ته،

نه هئين، هن ڀيري تون ڇو نه آئين؟ مان توکان هڪ ڳالهه پڇڻ ٿـــي چاهي. هاڻي خط دواران پڇي رهيو آهيان. مونکي ٻڌاءِ ته تنهنجا پٽ سڀيئي آهن، ڌيئر سٺيون آهن، پتني به سٺي آهي. تنهنجو ڪاروبار سٺو پيو هلي ۽ تون دولت جي به تو وٽ ڪمي ڪانهي. پر پڇڻ ٿي ته جو پرچار نه گهر ويٺي به تو ڪري ٿي سگهيو، پوءِ سنياس ڇو ڌارڻ ڪيو؟“

مون اُن جو اِهو خط پڙهي جواب ڏنو،

منهنجا پيارا سردار جي.........!

”مزا جو پايا فقيري مين،

نه ديکا ڪڀي امري مين.“

بس، مون ڪيس اهڙو ئي لکيو. اِن مان هن ڇا سمجهيو، تنهنجي مونکي ڄاڻ ڪانهي. پر اَمري ۽ فقيري ٻه نه ٻه حالتون ئي ٿينديون آهن! فرق صرف اِهو آهي ته فقير هڪ مست آهي ۽ هو وڌيڪ موج ۾ رهي ٿو.

”واهه - واهه! موج فقيران دي،
ڪڀي تو چاهين چنا - چبينا،
ڪڀي ليٽيان لهندي؛ کيران دي،
ڪڀي تو بهي شال دشالا،
ڪڀي گدڙي ڦٽيان ليڙان دي،

هئي ۽ خاصي پگهار هئي. هڪ ڏينهن موج ۾ اچي نوڪري ڇڏي گهر اچي ويهي رهيو.

مائٽن ۽ دوستن چيو، "هي اوهان ڇا ڪيو؟ گهر ۾ پئسي آهي، ننڍڙو ٻار آهي، اوهان نوڪري ڇڏي آيا آهيو. انهن جي پالنا ڪيئن ٿيندي؟" سڀ چوڻ لڳا ته ليرت رام پاڳل ٿي ويو آهي.

ليرت رام کلي چيو، "سڀ ماڻهو برابر ڪا چون. پاڳل ٿيڻ ۾ آخر برائي ڪهڙي آهي؟ انهن ني ٻگڙيل دماغن ۾ امرت سان ڀريل جهڳتا آهن. مونکي پاڳل ٿي ٿيڻ ڏيو، اسين پاڳل ني سنا."

پوءِ جڏهن انهن سنياس ڌارڻ ڪيو ته "ليرت رام" مان سندن نالو "رام ليرت" ٿيو.

اَڇو مهنجي پاڳلپڻي جي ڳالهہ ٿي! گهر- ٻار، ڌن دولت، چوکرا ڇوکريون، مرئو- ڏانگا سڀ ڇڏي جڏهن مان سنياسي ٿيس ته هردوار کان ٽنڪوتري پهتس. هردوار ۾ سردار حڪم سنگهہ نالي هڪ عمارتي ڪاٺ جو واپاري رهندو هو. هر دفعي جڏهن مان هردوار ويندو هوس يا هردوار مان پسار ٿيندو هوس ته ان سان ضرور ملندو هوس. پر سنياس وٺڻ بعد هردوار مان پسار ٿيڻ بعد ۽ ان سان نہ مليس. ا مونکي ٽنڪوتريءَ مان هڪ خط لکيو، "هي تو ڇ ڪيو؟ اڄ مون سان ملڻ ڪانسواءِ هردوار ڇڏيندو نڪ

ڪيس ڪاٺ ۽ گهر جي. پر اهو سڀ ڪير ڏسي؟ ماڻهو نه هوندا آهن ته اندر ڪجهه به ڪونهي. جيڪو ڪجهه آهي سو ٻاهر ئي آهي.

مان ٻڌايانو ته اهو اندر وارو آهي جيستائين هن ٻاهر جو وجود قائم آهي. تيستائين ان کي بک لڳي ٿي، اڃ لڳي ٿي، سردي ۽ گرمي جو اثر ٿئي ٿو. تيستائين سماج ۾، ديش ۾ ۽ سنسار ۾ سندس هستي آهي. تيستائين اهو جج، منتري ۽ پردان منتري آهي، سيٺ ۽ ساهوڪار آهي، واپاري ۽ آڌڪاري آهي. تيستائين ئي ماڻهو ان ٻاهر جو پوڄا ڪندا آهن، ان کي عزت ڏيندا آهن ۽ ان جي سامهون سر جهڪائيندا آهن ۽ جڏهن اهو اندر وارو نڪري وڃي ٿو، تڏهن ان ٻاهر جو ڪوڏيءَ جيترو به ملهه نٿو رهي.

پنڊت جواهرلعل ۾ جيستائين اهو اندر وارو وجود هو، تيستائين ڪنهن جي مجال هئي جو اک کڻي ڏانهس ٻري نظر سان ڏسي سگهي؟ ڪنهن کي همت هئي جو ان کي هٿ ستي ۽ ڏبي سگهي؟ ان جي ٻاهر ئي هڪ ننڍڙي لڪڙي به رکي سگهي؟ پر جڏهن اهو ”اندر وارو“ هليو ويو ته اسان ڏٺو ته ان جمنا جي ڪناري تي، ان جو اهو سندر ٻاهر، باه جي چڻنگن ۾ جلايو ويو. جنهن ٻاهر ڏانهن ڪو ٻري نظر سان ڏسڻ جي همت نٿي ڪري سگهندو، ان کي باه

ڪيئي تو سوئين راج محل مين،
اؤر ڪيئي گلي اميران دي،
واهه-واهه! موج فقيران دي!!"

وري اميري ۽ فقيريءَ ۾ گهڻو فرق نه آهي ني ن. اميرُ ماڻهوءُ پونجيواد ۾، سنساري سره مايا ۾ قائل آهي. هر قسم جو آرام هئڻ ني به هُو دکي آهي. فقير لان پونجيواد جي دؤر مان نڪري آڌيانم ڏانهن وک وڌائيندو آهي. امير کي صرف هڪ ٻر آهي. چاهيندي به هُو شانتي ۽ آنند جي آڪاس ۾ اڏامي نٿو سگهي. فقير وٽ ٻئي ٻر آهن. هُو ٻنهين ٻرن سان اڏامي ٿو، اڳتي وڌي ٿو.

اَمير هن جنم ڏانهن نهاري ٿو، پنهنجون گهرجون پوريُون ڪرڻ ۾ لڳل رهي ٿو.

هي سنسار هميشه گهمندو ٿي رهي ٿو. اَنب، ڪيلا، ناسپاتي، هنداڻو، گدرو، کير، پيڙا، لڏون، چانهه، گول گپا، چٽڻي، ڪتاب، گجرُون، حلوو، پڙيون، پتاشن جا پرانا ۽ خبر ناهي ڇا طلبيندو رهي ٿو.

مان انهن شين جي ڳالهه نٿو ڪريان. جيڪڏهن سنسار پچائي نه ان کي اهي سڀ ڏيڻ گهرجن. سالڻ گڏ اهي به نه ڏسو نه سنسار جي اَندر جيڪو رهي ٿو، ان کي ڇا گهرجي. اهو به نه جاچيو نه ان کي ڪهڙي لڳي ٿي

اُچليندا آهن. ڪڏهن شڪ وجهندا آهن. شڪ جو آواز ٻڌي وڏا وڏا ٻڪي ايندا آهن ۽ ٽڪرن کي چيري کائيندا آهن.

مون اهو ٻڌو ته گهٻرائجي ويس. گهٻرائجي مون چيو، ”هي منهنجا ڀڳوان! گهٽ ۾ گهٽ مونکي ته ٿبيت ۾ نه مارجانءِ، دهليءَ ۾ ڀلي مارجانءِ. جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ منهنجي هيءَ حالت ته نه ٿئي!“

ٻيو اهو سڌ گتي يا درگتي جو سوال ڪونهي. اندر وارو هليو ويو ته پوءِ هي سرير ڪنهن به ڪم جو ڪونهي. ان کي ڪٿي به اڇ ڪريو، دٻائي ڇڏيو، جلائي ڇڏيو يا پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو. ان لاءِ سڀ برابر آهي؛ ڇو جو جنهن ڳالهه جي ڪري ان جي اهميت آهي، اها ته هلي وئي. هاڻي اهو ڪهڙي ڪم جو؟ ڀيڻ، ڀاءُ، پٽ، پتي، پتني، پيءُ، مائٽ، دوست، نيتا، منتري يا پرڌان منتري ڪجهه ڪونهي. هاڻي اهو مٽي آهي. ان کي ڪهڙي به طريقي سان مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو، ان لاءِ ڪو به فرق نٿو پوي.

جڏهن ان اندر واري کي سڃاڻڻ جي ڳالهه، مون جهڙا ماڻهو ڪندا آهن ته ٻڌڻ وارا سوچيندا آهن، ”ان اندر واري کي ڄاڻڻ سان فائدو ڪهڙو ٿو ملي؟“ سرير کي ته سڀ ڄاڻين ٿا، مڃين ٿا، پر جنهن سبب ڪري سرير جو مان مرتبو آهي، ان کي اسان ڀلائي

لڳائي ويٺي. جنهن بدن تي ڪو هڪ ننڍڙي لڪڙي رکڻ به سهي نٿي سگهيو، ان جي مٿان مڻ ڪاٺين جا وڏا وڌا. جنهن سرير ڏانهن ڪروڙين ماڻهو پيار ڀريل نظرن سان ڏسندا هئا، جنهن کي ڏسڻ لاءِ اهي ديوانا ٿي ويندا هئا، ان کي جلائي رک ڪيو ويو.

انين ڇو؟ ان ڪري ته ان ۾ اندر وارو رهيو ئي ڪونه.

مان جڏهن تبت ويس ته اتي مونکي ڪابه شمشان ڀومي نظر نه آئي. مون پنهنجي سونهين کيچ ڪنبا کان پڇيو، "کيچ ڪنبا، هتي انتم سنسڪار ڪيئن ٿيندو آهي؟"

هن چيو، "اڳتي هلو ته مان اوهانکي ٻڌايان ٿو."

اسين اڳتي وياسين ته مون هڪ وڏو دڙو ڏٺو. ان جي مٿان هڪ ڪمرو ٺهيل هو.

مون پڇيو، "هي ڇا آهي؟"

کيچ ڪنبا ٻڌايو، "هيءَ اهائي جڳهه آهي، جتي هن ڪيترو ۾ رهڻ وارن جو انتم سنسڪار ڪيو ويندو آهي."

مون ان جي ڳالهه نه سمجهي. تڏهن تي هن ٻڌايو ته، "ماڻهو هن دڙي تي لاش کڻي ايندا آهن. هن ڪمري ۾ ٽي چار لاما رهندا آهن. انهن وٽ وڏيون وڏيون تلوارون آهن. انهن تلوارن سان اهي لاش جا ٽڪرا ٽڪرا ڪندا آهن. انهن ٽڪرن کي دڙن تي

ته پوءِ اُن کي ڪيئن ڄاڻي سگهبو؟

ويد جو جيڪر منتر مون هاڻي پڙهيو، اُن ڪان اڳ ئي نائين منتر ۾ ان سوال جو جواب موجود آهي. ويد ڪڏهن ۾ ڳالهه کي لڪائي نٿو. هر ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿو. اهو جيڪڏهن ٻڌائي ٿو ته دنيا ڪيئن ٺهي ته اهو ۾ ٻڌائي ٿو ته ڇو ٺهي؟ وگيان ٻڌائي ٿو ته ماءُ جي گرڀ ۾ ٻار ڪيئن ٿو ٺهي. ڪيئن ٿو وڏو ٿئي ۽ ڪيئن جيون حاصل ڪري ٿو. ويد اهو سڀ ڪجهه ٻڌائي ٿو. ساڻ گڏ اهو ۾ ٻڌائي ٿو ته اهو سڀ ڪجهه ڇو ٿو ٿئي.

سوچي ڏسو- مان بازار ڏانهن وڃان، اُتي ۾ ننڍيون ڪاٺيون خريد ڪريان، ۾ وڏيون ڪاٺيون ۽ چار پاوا ۾ خريد ڪريان. ڪوئي مونکان پڇي، ”ان جو ڇا ڪندين؟“ مان چوان، ”پلنگ ٺاهيندس.“ هو پڇي، ”پلنگ ڇو ٺاهيندين؟“ مان چوان ته، ”پلنگ، پلنگ جي لاءِ ٺاهيندس.“ ته اهو ماڻهو مونکي ڇا چوندو؟ عجب مان اهو پڇندو، ”پلنگ ته ٺاهيندين پر اُن جو ڪندين ڇا؟“ ان جو سڌو جواب آهي، ”پلنگ ان ڪري ٺاهيندس ته جيئن مان اُن تي ليٽي سگهان، سمهي سگهان.“ ان جواب سان اُن ماڻهوءَ کي سنتوش ملندو.

اهڙي حال انساني سرير جو آهي. اوهان اهو

ڇڏيو. وهو سراهه جي نندا نٿو ڪري، ڪنهن کي اهو
نٿو ڇڏي نه اُن جي پالنا نه ڪر. پر ساڻ گڏ اهو به
ڇوري ٿو نه اندر واري کي سڃاڻ، اُن کي سمجهه! اُن
ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ کانسواءِ موت کان ڇوٽڪارو نٿو ملي.
انسان بار بار جمي ٿو ۽ بار بار مري ٿو.

وهه ڄاڻڻ واري جي اها دعويٰ آهي ته، "مان
اُن مهان پرش کي ڄاڻان ٿو جيڪو مهان سورج وانگر
چمڪي ٿو ۽ جنهن جي چوڌاري ٻيا سڀ پيا چمڪن.
جيڪو اَنڌڪار کان پري آهي اُن کي ڄاڻڻ کانپوءِ ئي
انسان موت تي فتح حاصل ڪندو آهي. اُن جي ڪري
ئي جنم ۽ موت ختم ٿي وڃن ٿا. ٻيو ڪو به رستو
ڪونهي. اهوئي هڪ رستو آهي."

موت جو مطلب ڇا آهي؟ صرف آتما جو سرير
کان الڳ ٿي وڃڻ موت ناهي. هر هڪ مصيبت، ڏک،
ڪشت، بيماري، غريبي، بک، درد، اپمان، جدائي
۽ اُن قسم جون ٻيون ڳالهيون موت آهن. جيستائين
انسان اَنڌڪار ۽ اَگيان کان دور ٿي ايشور کي نٿو
ڄاڻي، تيستائين اهو موت کي ڄاڻي نٿو سگهي.

اَڙي پاڻي! تون نه ڄاڻين ٿو هُو نراڪار آهي. اُن
جو ڪوئي روپ آڪار ڪونهي، اهو اکين سان ڏسڻ
۾ نٿو اچي؛ ڪنن سان ٻڌڻ ۾ نٿو اچي، ڪنهن هٿ
سان ڇهي نٿو سگهجي؛ نڪ سان سنگهي نٿو سگهجي

ٿا؟“ ۽ اوھان چئو ٿا ته ”اسان کي خبر ڪانھي.“ ته ڳالھه ڪھڙي ٺيڪ لڳندي؟ ڇا انسان صرف ڌن ڪمائڻ روٽي کائڻ ۽ زنده رھڻ لاءِ ئي جيئي ٿو؟ اھو سڀ ڪجھه ته پسون به ڪندا آھن.

کائڻ، پيئڻ، پاڻ کي آپدائن کان بچائڻ، ٻار پيدا ڪرڻ ۽ انھن جي پالنا ڪرڻ، اھي سڀ ڳالھيون ماڻھو ۽ پسون ۾ ھڪجھڙيون آھن. اوھان ڪڏھن ڪيڙين کي ڌيان سان ڏٺو آھي؟ ڪيتري نه جفاڪشيءَ سان ڌن ڪٺو ڪنديون آھن! رستي ۾ ڪٿي به پاڻيءَ جي نديڙي لانئين اچي وڃي ته ان کان اھي نڪرنديون آھن. ان ڳالھه ۾ ڪوشش ڪرڻي ته اھي ندب ڪنديون آھن. ڪيڙين جا ٻار به پيدا ٿيندا آھن ۽ ڪيڙين جا ٻار به ايڏا ڪنھن جفاڪشيءَ جي پلجندا نه ھوندا. وري اھي گھر به ٺاھينديون آھن. ڌرتيءَ جي اندر وڏيون وڏيون سرنگون ڪڍنديون آھن! انھن کي سلامت رکڻ جي به ڪوشش ڪنديون آھن. سيئي پراڻي اھو ڪم ڪندا آھن، جي ائين نه ڪن ته سرشٽيءَ جو سلسلو بيھجي وڃي. ھي ڪتا، ٻليون، جھرڪيون، باز، پوپٽ، پتنگ، لکھا قسمن جا ڪيڙا - ماڪوڙا، نانگ، وڇون، سڀ انھن ئي ڪم ڪندا رھندا آھن. جيڪڏھن انسان صرف اھوئي ڪجھه ڪرڻ آيو آھي ته پوءِ ان ۾ ۽ جانور ۾ فرق ڪھڙو آھي؟

سمجهي ورتو ته هي سرسري نهي ڪيئن ٿو؟ ان جي
مراد ڪهڙي آهي؟ ان ڳالهه جو جواب جيستائين نه ملي،
تيستائين سنتوش ٿيڻ وارو ڪونهي.

اوهان هتي پنجابي باغ جي هن ڪٿا ۾ آيا آهيو.
مان پڇان، ”اوهان هتي ڇو آيا آهيو؟“ اوهان جواب
ڏيو، ”بس، اچي ويا آهيون“ ته ڳالهه ڪيئن ٺيڪ
لڳندي؟ جواب ٻڌڻ وارو چوندو ته يا ته اوهان ڳالهه
لڪايو ٿا يا ته اوهانجي مغز ۾ ڪا خرابي آهي. سڌو
جواب آهي اسين اهو اشتهار يا سوچنا پڙهي هتي آيا
آهيون ته هتي آنند سوامي جي ڪٿا ٿيندي. ڪٿا
ٻڌڻ جي مقصد سان اسين هتي آيا آهيون.“

هر ڪم جو ڪرڻ ڪو مقصد ٿيندو آهي. مان اوهان
کان پڇان، ”اوهان دفتر يا دڪان ۾ ڇو ويندا آهيو؟“
اوهان چئو، ”ڌن ڪمائڻ لاءِ. اهو جواب بلڪل
ٺيڪ آهي.“

مان پڇان، ”اوهان ڌن ڇاجي لاءِ ڪمائيندا آهيو؟“
اوهان جواب ڏيو، ”روٽي کائڻ لاءِ.“ اهو جواب
به برابر آهي.

مان پڇان، ”روٽي ڇا لاءِ کائيندا آهيو؟“
اوهان چئو، ”زنده رهڻ لاءِ.“ ته اهو جواب به
ٺيڪ آهي.

پر جيڪڏهن مان پڇان ته، ”اوهان ڇاجي لاءِ جيئو

جيڪڏهن اهي نيون ڳڻ انسان ۾ نه آهن ته پوءِ انسان سرشٽيءَ جو سرشت پراڻي ڪيئن ٿيو؟ آمريڪا ۾ اڄڪلهه هڪ نئون آندولن پيو هلي. ان کي چون ٿا ”سوپرچار نا“ يعني چڙ واڳي. اخبارن مخزنن ۾ ان جو پرچار پيو ٿئي، پليٽ فارمن تي ان جو پرچار ٿئي. ان جي پرچار واسطي ڪتاب پيا ڇپايا وڃن، پڌرايون ٽيون ڪيون وڃن ته انسان کي واسدا پورتيءَ جي آزادي هئڻ گهرجي. جهڙن ڪتن، ٻلن، گهوڙن گڏهن، ڪڪڙن، ڪبوترن ۽ ٻين پراڻين کي آهي. سچ پچ ڪمال آهي! اڃا ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ شروعات آهي خبر ناهي اڳتي اهو آندولن ڪٿي پهچندو! حقيقت ۾ اهو انسانيت پريو آندولن ڪونهي! پشوپڻي جو آندولن آهي. جيڪڏهن انسان کي ڪتي، ٻلي، گهوڙي گڏه ۽ ٻين پسن وانگر رهڻو آهي ته پوءِ ان کي اهو اڌڪار ٻڌهه ڪونهي ته هو پاڻ کي سرشٽيءَ جو سرشت پراڻي چوي. جيڪڏهن انسان کي حيوانن جي نيءَ رستي تي هلڻو آهي ته ان کي ڪڏهن به سک نه ملندو، شانتي نه ملندي. پسن جيان هو پيدا ٿيندو، کائيندو، پيئندو جيئندو ۽ مري ويندو ۽ وري پيدا ٿيندو. پهچڻ ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻ جي واسطي دکن، ڪشٽن، اشانتيءَ ۽ اپدائن جو اهو چڪر ڪڏهن به پورو نه ٿيندو آهي. ان چڪر کان ڇوٽڪارا، دکن، ڪشٽن، چنتا ۽ اشانتيءَ

پوءِ ڇا انسان ۽ جانور، انسان ۽ ڪيڙي ۾ ڪو به فرق ڪونهي؟ انسان کي ”اشرف المخلوقات“ (سرشٽي جو اُتم پراڻي) ڇو چيو ويو آهي؟ اُنکي دنيا جي ٻين جيون کان وڏيڪ اُتم ڇو ليکيو ويو آهي؟ ڇا لاءِ؟

ماڻهوءَ جو اُتم پراڻي هجڻ هڪ اَهڙي ڳالهه آهي، جنهن جي باري ۾ ڊارون جو سڌانت ۽ پارٿي گيان، ٻنهين جي مهڙتا هڪجهڙي آهي. ڊارون چوي ٿو، پسون آهستي آهستي ترقي ڪري انسان ٿيو. اِها پسوءَ جي سڀ کان وڏيڪ اوچائيءَ واري، ترقي يافته حالت آهي. ”مهاپارس“ چوي ٿو، ”لوڪي مان هڪ راز پري ڳالهه ٻڌايان ٿو. هن دنيا ۾ انسان کان سرشٽ، انسان کان وڏو، ٻيو ڪو به پراڻي ڪونهي.

انسان جي اُتم هجڻ جي باري ۾، ٻنهين جي مهڙتا ساڳي آهي، جيتوڻيڪ سرشٽيءَ جي باري ۾ ٻنهين جا سڌانت هڪ ٻئي کان اَلڳ آهن. سڀني کان مٿي چوٽيءَ تي انسان آهي. سرشٽيءَ ۾ سڀني کان وڏو، سڀني کان اوچو اهوئي آهي. پر جيڪڏهن انسان سڀني کان سرشٽ ۽ اوچو آهي ته ڪهڙي ڪارڻ؟

ڪميونسٽ چون ٿا ته انسان ۾ صرف ٻه گڻ آهن - بک ۽ ڪام واسنا.

اَڙي ڀائي! اهي ٻئي گڻ تہ — جانورن ۾ به آهن

وهندا آهن.

هڪ دفعي مان هماچل پرديش جي منڊي نگر ۾ هوس. صبوح جو اٿيس ته ڇا ڏسان چئني طرف ٿڌ ئي ٿڌ! ٻاهر گهمڻ نڪتس ته هٿ نه ڏسي هٿ کي. انڪل تي هلندو ويس. هلندي هلندي هڪڙي جڳهه تي پاڻيءَ ۾ وڃي پير پيو. مون سمجهو رات برسات پيئي هوندي، تنهن ڪري وياس نديءَ جو پاڻي روڊ تائين اچي ويو آهي. جلدي پٺتي موٽيس، هڪ مهاشيه اچي رهيو هو، منهنجو اُن سان ٽڪر لڳو. هن چيو، اِها ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ مون چيو، ”جيڪا اوهانجي ڳالهه آهي، سا منهنجي ڳالهه آهي. نه اوهانکي ڏسڻ ۾ آيو ۽ نه مونکي.“

اِهو حال ٿيندو آهي ٿڌ ۽ اونده ۾. اُکين هوندي به ڏسڻ ۾ نه آيو. رڳو مونکي ٻڌايو ته هوُ هوائي جهاز ۾ دهليءَ کان ڪيرو ڏانهن وڃي رهيو هو ته رستي ۾ هوائي جهاز کي ڪئبن ۾ لهڻو هو. پر جهاز جڏهن ڪئبن ۾ پهتو ته اُتي طوفان ئي طوفان هو. اِئين پيو لڳي ته گويا ڳاڙهي ڪاري مٽيءَ جو ڪڪر، جو ڪڪر هيٺ لهي آيو هجي ۽ عرب جو سڄو ريگستان آڪاس ۾ پکڙجي ويو هجي. جهاز ۾ هيٺ ڪٿي ڪئبن جو هوائي اَڏو هو، پر ڪٿي هو، اهو ڏسڻ ۾ نه پيو اچي. پائلٽ هرگهڙي هوائي اَڏي تي پيو پهچي؛

ڪان ٻاهر لاءِ، هڪ ئي رستو آهي ته سرير ڏانهن نه ٿيان
ڏيندي به، ان کي ڏسو جيڪر سرير جي اندر آهي.

اڙي! تون ان کي نٿو ڄاڻين جنهن هيءُ سڀ ڪجهه پيدا ڪيو آهي. اهو سڀني کان الڳ ۽ پرتي آهي. پر اهو تنهنجي اندر پڻ آهي. دونهين ۽ ڌنڌ جي ڪري تون ڪيئن نٿو ڏسي سگهين. جيڪي ماڻهو ڳالهيون گهڙيون ڪندا آهن، جيڪي صرف اندرين جي سرير جي ۽ پراڻن جي پالنا ۾ لڳا رهن ٿا، اهي ٻين جون چيل ڳالهيون ته گهڙيون ٿا پڙهائين پر ان کي ڏسي نٿا سگهن.

اِها عجيب ڳالهه آهي! ويد چوي ٿو ته جنهن اِهو سڀ ڪجهه ناهيو، جنهن هن سنسار کي، برهمانڊ ۽ اڻيس دنيا کي پيدا ڪيو، اهو تنهنجي اندر وٺو ويٺو آهي، پر تون ان کي سڃاڻين نٿو. اِهو ته ڪمال ڇٽبو! گهر جو مالڪ گهر ۾ ويٺو رهي ۽ اسين ڪيئن ڏسي نٿا سگهون؟ ان ڪري ته، اَکيان جو اَنڌيرو، اَکيان جو ڪوهيڙو، اوهانکي گهيري ويٺو آهي. ڌنڌ ۾ هوائي جهاز جا ڪيترا حادثا ٿيندا آهن! پيا حادثا به ٿيندا آهن. ريل گاڏيون به ٽڪرجي پونديون آهن موٽرون ٽڪرائجي وينديون آهن. ماڻهو هوائي جهاز ۾ چڪنا چور ٿي ويندا آهن ۽ سامونڊي جهاز به ڌنڌ ۾ لڪل ٽڪرن سان ٽڪرائجي، ٽڪرا ٽڪرا ٿي

موجود هو. اڄي! ايشور به اوهانجي اندر موجود آهي. اگيان جي ڌنڌ- گرد- غبار ۾ اونده ۾ دور ڪري رکيو آهي. تنهنجي نظر سامهون جيڪڏهن ان گرد- غبار کي هٽايو وڃي ته اهو ضرور ڏسڻ ۾ ايندو.

وري انهن ماڻهن کي به ان جو پتو نه پوي جيڪر ”جلهي“ آهي. ”جلهي“ جو مطلب آهي بيڪار ڳالهيون ڪرڻ وارا، واد ودا ڪرڻ وارا، جهيڙو ڪرڻ وارا. اسانجي ديش جي وڏان سيائن کي ڏسو، اُني چاتو نٿي؟ لڳي ٿو ته اُني ڪجهه ”جلهي“ ماڻهو وڏيڪ گهسي ويا آهن. بنا ڪنهن مقصد جي اجايون ڳالهيون ڪرڻ وارا گهڻائي پيا اچن. ڏينهن ڏينهن ڳالهين کي ئي پيا وڌن. ديش جي ان شانائتي سنستائن ڪي انهن ماڻهن مڇي مارڪيٽ بڻائي ڇڏيو آهي. ان جلهي ماڻهن کي هڪڙي ئي چنتا رهندي آهي ته اسانجي پگهار وڌايو. يا وري اهي ڪر- ڪسر ڪندا رهندا آهن. پگهار وٺن ٿا اسان کان ۽ سوچن ٿا پنهنجي واسطي! اهو ٺيڪ آهي ته سڀ ماڻهو اهڙا ڪونهن. انهن ۾ سٺا ماڻهو به آهن، اڄڪلهه جيڪا شرمسارتيءَ جي حالت ٿي پيئي، ان مان معلوم ٿئي ٿو ته، اهڙن ماڻهن جو عدد وڌندو پيو وڃي.

”جلهي“ ڪنهن کي چوندا آهن، ان جي باري ۾ هڪ ڪهاڻي پڙهو:-

گھڙي گھڙي اڳتي ٿي نڪري ويو. ھوائي جھاز جي
ڦورو پرڀان ڇا ھو، اھو ڏسڻ ۾ نٿي آيو. نه پر ڌرتي
ڪيئن ٿي ڏسڻ ۾ اچي! ھوائي جھاز ڪيترائي ڦيرا
پاتا، پيٽرول ختم ٿيڻ لڳو. پائلٽ گھبرائجي ويو.
گھبراھٽ ۾ ٿي ھو جھاز کي ھيٺ ڪٽي آيو، ان تي
سان مٿي ڪٽي ويو، ڇو جو سامھون ھڪ مڪان ھو.
جھاز مٿي نه اڏامي وڃي ھا ته ان جڳھ سان ٽڪرجي
ٽڪرائي وڃي ھا. ان حالت ۾ جھاز ۾ ويٺل
سڀ مسافر گھبرائجي ويا. ھنن سمجھيو ته بس آخرين
گھڙي اچي ويئي. انھن کي گھبرائيندو ڏسي، ريڊيو
ڪلھدي چيو، ”نه سو گھبرايو نه، اھو ھوائي جھاز ھيٺ
لھندو، ڪنھنکي ڪجھ به نه ٿيندو.“ سندس سائين
عجب مان پڇيو، ”توھان اھا ڳالھه ڪيئن ٿا چئو؟“
ريڊيو چيو، ”اھا ڳالھه ان ڪري ٿو چوان ڇو جو مونکي
ھيٺ مڙيو ڪرنھي، گھٽائي ڪم ڪرٽا آھن. انھنکي
ڪرڻ ڪانسواءِ مان مري نٿو سگھان ۽ مان نه مران
ته اوھين به نٿا مري سگھو، ھيءُ جھاز آرام سان لھي
ويندو.“ سڀ ٻچ يو به رانيں. ٿورڙ ڪرمڙي ۾ ڪجھه
ٻرائي ٿي. ھوا اڏي وارن ڪجھه اشارا ڏنا. ھوائي
جھاز ھيٺ لٿو. ان ڪري لٿو جو طوفان جو اثر ٿورو
گھٽ گھٽجي ويو. ٻو ھڪڙھن گھٽ نه ٿي ھا ته اھو
ھوائي اڏو ڪڏھن نظر نه اچي ھا جيڪر ھيٺ

۽ پوءِ هن پنهنجي ٻانديءَ کان پڇيو، ”ڇو ڀائي! ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڪهڙيءَ ڳالهه تان پيا وڙهو؟

ٻانديءَ چيو، ڇا ٻڌايان سيٺ جي، اَلائي ڪهڙي زال اچي منهنجي ڪرمن ۾ پيئي آهي! مان چوان ٿو ته اسين پنهنجي پٽ کي وڪيل بڻائينداسين. هوءِ چوي ٿي ته نه، ڊاڪٽر ڪنداسين. هاڻي اوهين ئي ٻڌايو ته سيٺ جي ڊاڪٽر جي زندگي به ڪا زندگي آهي؟ نه ذهن جو آرام، نه رات جو قرار. جنهن وقت به ڪو سڏ ڪرڻ اچي ته اُن سان گڏ وڃڻو پوي. سيٺ جي مان ته پنهنجي پٽ کي وڪيل بڻائيندس. ڪنهن به حالت ۾ ڊاڪٽر بڻجڻ نه ڏيندس. اُن کي وڪيل بڻائيندس وڪيل!“

سيٺ جي چيو، ”اِها ته رواجي ڳالهه آهي. ان ۾ وڙهڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. سچ پچ وڪيل جو جيون آرام وارو ٿيندو آهي ۽ هو ٻانديءَ ڏانهن ڏسي چوڻ لڳو، ”ڇو ڏيءُ! تون ڇا ٿي چوين؟“

ٻانديءَ وراڻيو، ”منهنجي ته تقدير ئي ڦٽي آهي! هو منهنجي ڳالهه ٻڌي ئي نٿو. چوانس ٿي اَئون ته چري ٿو گهوٻانو. هاڻي اوهان ئي سوچيو، آخر ڊاڪٽريءَ جي ڪم ۾ خرابي ڪهڙي آهي؟ شهرا جي شهرا ۽ پئسي جو پئسو به ملي. مان ته پنهنجي پٽ کي ڊاڪٽر بڻائيندس. وڪيل بڻائڻ جي ڳالهه مونکي قبول نه

هڪ ڏيهي هئي. هڪ مهاشيه سان سندس شادي ٿي. جي شادي ٿي ته اهو سياڻو آهي ته ڪين رهڻ لاءِ مڪان به گهرجي. هڪ سيٺ جي گهر ۾ هڪ فليٽ خالي هو. هن اهو مسواڙ تي ورتو. ٻئي پتي- پتني آرام سان رهڻ لڳا. پنج ڇهه مهينا گذري ويا ته هڪ ڏينهن ٻنهي ۾ جهڳڙو ٿي ويو. پتي پتني ۾ ته جهڳڙا ٿيندائي رهندا آهن. اهڙا گهٽ پتي پتني هوندا آهن، جن ۾ جهڳڙو نه ٿيندو هجي.

”جوڙيان جڳه ٿوڙيان، نرڙ ٻهوُ ٿيري“

جهڳڙو ڪرڻ ته شايد پتي- پتنيءَ جو سڀاءُ ٿي ويندو آهي، ڪنوار جو وِداع ٿيندو آهي. ڏوليءَ جي الوداعي ٿيندي آهي. سڀ ماڻهو روئيندا آهن. ڪنوار به روئيندي آهي. صرف گهوٽ چپ چاپ بيٺو هوندو آهي. اهڙوئي هڪ گهوٽ کان پڇيو، هي سڀ روئن پيا، تون ڇو نه ٿو روئين؟ هن چيو، ”هي ته صرف اڄوڪو ڏينهن ٿا روئن، مونکي ته جيون ڀر روئڻو آهي. مان هن وقت ڇو روئان؟“

(ڪٿا ٻڌڻ وارا کلندي کلندي لوٽ پوٽ ٿي ويا سوامي جي به چڱي دير تائين کلندا رهيا.) پوءِ چيائون ان پتي پتنيءَ ۾ جهڳڙو ٿيو ته فليٽ جو مالڪ سيٺ ڏاڍو حيران ٿيو ته هنن کي ڇا ٿيو؟ انهن جي فليٽ

وٽنل من موھن پريتم جو درشن نٿو ٿئي. ڪنھن کي سڌن سڌن راڳ، راڳڻين جي ضرورت آھي. اکين کي سھڻن نظارن جي درڪار آھي. نڪ کي جوتپور جو عطر گھرجي ۽ ھيءَ ”چٽوري“ ھروقت نئون سواد چاھڻ واري جڀ، ان کي ڇا گھرجي، اھو نہ پڇو تہ سٺو آھي.

اڄي، ھيءَ ڌرتي اھاني آھي، آڪاش اھوئي آھي، سج ۽ چنڊ بہ اھوئي آھي، ھوا ۽ بادل بہ اھي ئي آھن، پوءِ ھن دنيا کي ڇا ٿي ويو آھي؟ اڄ بہ لڙايون ٿينديون ھيون، پر شانتي وڌيڪ ھئي. ھاڻي بہ جھگڙائي جھڳڙا، اشانتي ئي اشانتي لڳي پيئي آھي! ڇا ٿي ويو آھي؟ صرف ھڪ ڳالھہ- جھونا ماڻھو ”اندر“ جي پوڄا ڪندا ھئا ۽ اڄ جا ماڻھو ”اندرين“ جي پوڄا ڪرڻ لڳا آھن.

مون ”اسوُلوپ“ جو پنجابي ۾ انواد ڪيو آھي ”پيٽوُ“ پيٽ ڪانسواءِ ھنن ماڻھن کي ڪجھہ سجھندو ئي ڪونھي. سوءِ ڪانسواءِ ڪجھہ نظر نہ ايندو آھي. ان کي ئي سڃاڻڻ- سينگارڻ ۽ پالڻ ۾ ئي اھي لڳل رھندا آھن.

”جي اوُر بيٽا جي!
توُھي پٽر، توُھي گھي.“

آهي. ڪنهن به حالت ۾ مان ان کي نٿي ڏيئي سگهان

سيٺ جيءَ چيو، ”ڏيءَ، ايترو ناراض ڇو ٿيئي
ٿئين؟ تنهنجو هڪڙو ويچارو آهي ته تنهنجي پتيءَ جو
پيو- ٻئي پاڻ ۾ شانتيءَ سان ڳالهايو. اوهان نفعو نقصان
سمجهي، پنهنجي پت کان پڇو ته هو ڇا ٿو چاهي؟ ان
جي پسندي ناپسنديءَ جو ڌيان به ته رکڻ ضروري
آهي. سڏ ڪرايو پنهنجي پت کي، مان ڪانئس پڇان
ٿو ته هو ڇا ٿو ٻُڌڻ چاهي؟

هاڻي ٻئي پتي- پتني هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ
لڳا. ٻئي چپ ٿي ويا.

سيٺ جيءَ چيو، ”اڙي ٻاني، ڇوڪري کي سڏايو
ته، هاڻي ئي ٿو فيصلو ڪريان.“

تڏهن پتنيءَ آهستگيءَ سان چيو، ”ڇوڪرو ته اڃا
پيدا ئي نه ٿيو آهي.“ (سيٺ ٻڌندي زور زور سان
کلڻ لڳا. ڪافي دير تائين اهڙي ٺهڪ جاري رهيا.
سواميءَ جي به کلندا رهيا. پوءِ فرمايائون) ”ڇوڪرو پيدا
ئي نه ٿيو ۽ اوهين پيا وڙهو ته ڪيس ڇا پڙهايون.“
اهڙن ماڻهن کي ”جاهل“ چوندا آهن. اهڙن ماڻهن کي
ايشور نه ملندو آهي.

ٻيا ”اسوُ لوپ“ جهڙي ماڻهو اندرين جي پوڄا
ڪندا آهن ۽ اندرين جي ڀوڳ ولاس کي پورو ڪرڻ
۾ ئي لڳا پيا هوندا آهن. انهن کي به سرڳ جي اندر

اوهان پل ڪهل مڃيءَ کان پڇو، جنهن وٽ مان رهيل آهيان. هاڻي- هاڻي ڪير پي پيو اچان. پر هن زمين ۾ ڪير پيئڻ لاءِ، لسي پيئڻ لاءِ، شربت يا پاڻي پيئڻ لاءِ نه چيو ويندو آهي. صرف شراب پيئڻ لاءِ چيو ويندو آهي.

مان جنهن وقت چوندو آهيان ته سرڪي پيئارو ته ان جو مطلب اهو ناهي ته ان کي شراب پيئاريو. شراب جي مطلب جي اوهان کي ڄاڻ آهي؟ ”شر“ معنيٰ شرارت جو ”آب“ پاڻي- يعني شرارت جو پاڻي جنهن سرير جي اندر وڃي ٿو ته عقل ٻاهر ٿو هليو اچي. مان آفريڪا ويس، نئروبي پهتس ته خبر پيئي ته اتي جيڪي هندستاني رهن ٿا انهن ناڻو ته خوب ڪمايو آهي پر شراب به گهڻو پيا پين. مان اتي ڪٿا ڪري رهيو هوس ته ماڻهن کي چيم ته شراب نه پيئن. پيئڻو هجين ته اهو پيئن جيڪو ميرا نندلال ۾ گرڌر جي نالي جو پيتو هو، جيڪو مول شنڪر ڀڳوان شو جي نالي جو پيتو هو؛ جنهن جو نشو چڙهڻ کانپوءِ لهي نٿو.

”شراب چڙهڪر اترني والي
پلائي تو ڪيا پلائي ساقي
جو چڙهڪي اِڪ بار ڦِر نه اُتري
وه مئه پلادي تو هم ڀي جانين.“

اَڙي! ڪيترا دٻا تيل جا مٿان مهيّا ڪيئين، ڪيترو گيهه، ڪاراڻو ڪيس، ڪيترو مکڻ، ڪيترين ٻار روئيون ڪيترا جانور ۽ وري ڪلو، ڪوٽ ڳڙهه ۽ ڪشمير جا صوف، اَنگور، ناسپاتيون، آلوٻخارا، هندوانا، گدرا طرح طرح جا ڦل، سبزيون، داليون، ڪتاٽيون، چٽڻيون، ۽ مربا، پاپڙ، پڪوڙا ۽ وري مٺايون، جليبي، ڪلاڪند برفي، لڏون، پيڙا، گلاب جامون، رسگلا ڪو اَنت آهي هن سرير جي پوڄا جو؟ پيدا ٿيڻ کان وٺي آخرين گهڙيءَ تائين ان جي پوڄا ڪندا رهو ۽ ايتري هوندي به آخرين وقت تي ڪجهه به نٿو رهي.

مان اِهو نٿو چوان ته سرير ڏانهن لاپرواهه رهو. اَهڙي ڳالهه چوندس به ڪيئن؟ مونکي به ته سرير آهي! ان کي ڪارايان ٿو، پيئاريان ٿو، سنان ڪرايان ٿو، ڪپڙا به پارايان ٿو، ڪيس ٿڌ لڳي ته ڪمبل ٿو ويڙهيانس. ان کي گرمي لڳي ته هوا ڪارايانس ٿو. مان ائين نٿو چوان ته سرير جي پرواهه نه ڪريو يا ان جي پالنا نه ڪريو. پر ان جي چنتا به ڪريو پاڻي. هن جي اندر جيڪو ويٺو آهي، جنهن جي ڪري هي جيئرو آهي ۽ جنهن جي ڪري هن جو ملهه ۽ مهتو آهي، ان کي به ڪارايو ۽ پاهرين ڪي به.

پر اَڄڪلهه پيٽ پيارڻ جو مطلب ڪجهه پر ئي سمجهيو ويندو آهي. ائين نه، مان به پهندو آهيان.

اُن وقت نوجوان ڪجهه نه چيو، پر ٻئي ڏينهن صبح جو مون وٽ آيو. مان پنڊت جمناداس جي گهر رهيل هوس اُتي اچي چيائين، ”رات ته اوهان ڪٿا ٻڌايا شعر ۽ دوها ٻڌائي شراب جي خلاف پرچار ٿي ڪيو. اُن وقت مونکي ضروري ڪم هو، اِن ڪري مان اوهان سان پوري طرح ڳالهائي نه سگهيس. هاڻي مان شراب ڇڏي آيو آهيان ۽ اوهان سان ڳالهائيندس. مون سمجهيو، هاڻي هي منهنجي ڳچي پڪڙيندو. شرابي ماڻهوءَ تي ڪهڙو ڀروسو! ڪنهن وقت ڪجهه به ڪري سگهي ٿو. پر وري به مون چيو، ”ٻڌايو، اوهين ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟

هن چيو، ”اوهان دوها ۽ شعر ٻڌائي رهيا هئا. مون به هڪ شعر ٻڌو آهي. اوهان کي ٻڌائڻ آيو آهيان.

مون چيو، ”ٻڌايو.“

هن چيو، ”مون سمجهيو ته اوهين مادرن سنياسي آهيو، مادرن يڳ جون ڳالهيون ٻڌائيندا. پر اوهان ته مادرن يڳ جي ڪا به ڳالهه نه ٻڌائي، اِن ڪري مون کان ٻڌو:-

”ڪسڪي رهي هئي، اور ڪسڪي رهه جائيگي،
ساري مر جائينگي، وسڪي رهه جائيگي.“

(سڀ ماڻهوءَ کلڻ لڳا. سوامي جن کلندي فرمايو.)

اِها آهي ٻڌي ناس ٿيڻ جي ڳالهه! اِهي مادرن

اهڙو شراب پيئو پاڻي!

هي ڀڳوان! تنهنجي نالي جو شراب گهڻو نشيدار آهي، گهڻي مدهوشيءَ وارو آهي. ان ڪري ميران چيو آهي ته:-

"اوڙ سکي مد پي پي ماتي،
مَين بن پيئي هي ماتي،
پريم ڀڳتي ڪو مَين مدُ پيا،
ڇڪي ڦرون دن راتي."

۽ چيو!

چندا جائيگا، سُورج جائيگا،
جائيگا ڌرتي آڪاسي،
جل پون دونو هي جائينگي،
اٽل رهيگا اوناشي.

اهڙو شراب پيئو جنهن جو نشو هڪ ڀيرو چڙهي ته وري ڪڏهن لهي ئي نه. اهڙيءَ طرح مون ان ڪٿا ۾ چيو ته هڪ نوجوان مون وٽ آيو، چيائين: "اهڙو به شراب ٿيندو آهي جنهن جو نشو چڙهڻ کان پوءِ لهي ئي نه؟"

مون چيو، "ها، مان شراب وڪڻندو آهيان. بنا ڪنهن قيمت جي وڪڻندو آهيان. ايشور جي پيار جو شراب."

پهچي وڃدا سين، جتي ٺڌي هوا آهي، ٺڌو پاڻي، نديون، جهرڻا، گهاٽا جهنگل، اوچيون چوٽيون، لهرائيندڙ کيت، جهومندڙ گل آهن. اُتي پهچڻ لاءِ اوهين موٽر ۾ ويهو ۽ پوءِ موٽر کي سجائڻ، سينگارڻ ۽ چمڪائڻ ۾ لڳا رهو ته پهچندا ڪيئن؟

موٽر کي نيڪ حالت ۾ رکڻ ضروري آهي. ان کي پيٽرول ڏيو، موبائيل آئل ڏيو، بريڪ آئل ڏيو، ان جي بيٽري ٺيڪ رکو، ان جا ٽائر ٺيڪ ڪريو، پر ياد رکو اها موٽر اوهان جي منزل ناهي، پر منزل تائين پهچڻ جو هڪ سادن آهي.

رشيڪيش کان اڳتي اوهان بدري ناٿ وڃڻ چاهيو ٿا. اوهان کي روڊ ملي ويو. ڏاڍو سهڻو روڊ آهي اهو. جي ٺيڪ آهي ته ان جي مرمت اپڻ گهرجي. جي ٺيڪ ناهي ته ان جي سلامتي گهرجي. پر جيڪڏهن اوهان روڊ کي چنبڙي ويهي رهو، ان تي بهاري پائيندا رهو، ان تي گل پوکيندا رهو، ان کي سينگاريندا رهو ته پوءِ اوهان بدريناٿ ڪڏهن پهچندا؟ اهو روڊ تي منڊر تائين وڃڻ جو صرف هڪ سادن آهي. اهو خود منڊر ناهي. روڊ جو ڌيان ضرور رکو پر جيڪڏهن روڊ پڪڙي ويهو ته منزل تي پهچڻ ناممڪن ٿي پوندو. پر ان ڳالهه جو ڌيان رکو ته روڊ صرف روڊ آهي نه منزل.

هاڻي ساڍا نو ٿي ويا آهن. ان ڪري باقي سڀاڻي.

زماني جي نه پر بيوقوفيءَ جي ڳالهه آهي. مان ننڍو چوان ته اوهين پنهنجي سرير ڏانهن لاپرواهه رهو. هيءَ موٽر آهي، جا ايشور بخشي آهي. هن جي ڪلن پرزن کي خراب ٿيڻ نه ڏيو. انهن کي سنڀالي رکو. اِها موٽر بگڙجي وئي آهي ته اوهين منزل تائين پهچي نه سگهندا. ان دوران ئي اوهان کي ايشور وٽ پهچڻو آهي. ان وسيلي ئي اوهان کي پرڀوُ پريم جو درشن ملي سگهي ٿو. جيستائين اها موٽر خراب ٿي وئي، جيستائين اها ٽٽي پئي ته پوءِ ٻيءَ موٽر جو انتظار ڪرڻو پوندو. ۽ وري رواجي موٽر ته ڪجهه انتظار بعد ملي ٿي وڃي پر اها موٽر سولائيءَ سان نٿي ملي. خبر ناهي ڪيترا دفتر آهن، شايد چوراسي لک دفتر! انهن سڀني ۾ ڦيرڪڻ کانپوءِ انساني - سرير روپي اها موٽر ملندي آهي. ان ڪري ان جو ڌيان رکو. پر ڇا لاءِ ڌيان رکو؟ ان ڪري ته ته ان جي پوڄا ڪرڻي آهي. ائين نه ٿئي جو اوهين ان کي سينگاريندا - سجائيندا رهو.

اوهان وٽ موٽر هجي. اوهان کي موٽر ۾ ويهي دهليءَ کان ڪشمير ڏانهن وڃڻو هجي. گرميءَ جي موسم هجي. دهليءَ ۾ گرم هوا لڳندي هجي. هيٺ ڌرتي گرم ٿيندي هجي ۽ مٿي آڪاس. اوهان موٽر ۾ ويٺي رهو ۽ ائين سمجهو ته ان ۾ ويهي ڪشمير

پر سائيڪل، موٽر، ٽانگي، ٽٽ، ڏيءُ ڪان لڪها پيرا وڏ يڪ قيمتي هڪ چيز گم ٿي ويئي نه...... شايد مان غلط نه چوان، ان چيز جو گيان ڪوهجي ويو آهي. اها چيز ڪٿي آهي ۽ ڪيئن آهي؟ هڪڙو مهاشيه جيئن ٿي آفيس مان گهر آيو ته ڪيس ياد آيو ته سڀاڻي سندس ضروري ڪيس آهي ۽ ڪيس ڪچهريءَ ڏانهن وڃڻو آهي. اُن مقدمي بنسبت جيڪي ڪاغذ وغيره هئا، اُنهن کي فائيل مان ڪڍي ۽ پنهنجي ڪوٽ جي اندرئين کيسي ۾ رکي ڇڏيا ته جيئن سڀاڻي وساري نه ڇڏيان، ان ڪري هن ائين ڪيو. هن روٽي کاڌي ۽ سمهي پيو. صبح جو اُٿيو، سنان پاڻي ڪيائين ۽ ڪورٽ ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو ته ڪيس اُنهن ڪاغذن جي يادگيري آئي. هن ڪبٽ ۾ ڏٺو، سڀني فائيلن ۾ ڏٺو، ميز جي خاني ۾ ڳولهيو، مطلب ته، ڪُل مان ۾ گهر ڪري ڇڏيا پر ڪاغذ نه مليا. پنهن جو ڪروڌ لاهڻ لاءِ زال مٿان ڇوه ڇڏيائين. چيائين، ”ڪهڙا نه جهنگلي ٻار آهن تنهنجا! هتي مون ڪاغذ رکيا هئا خبر ناهي هنن ڪٿي ڪڍي اُڇليا؟“

ائين اڪثر ٿيندو آهي. ٻار ڪو ننڍو ڪم ڪندا آهن ته پتي مهاشيه چوندو آهي، ”هي منهنجا ٻار آهن ڏس نه ڪيترا عقلمند آهن!“ ۽ جڏهن ٻار ڪا خراب ڳالهه ڪري ويهندا آهن ته اُهوئي پتي رڙ ڪري

ڏينهن ٢-

پيارا ٻارو ماڻهو ۽ سڄڻو!

ڪالهہ مان اُن ئي آراميءَ جي ڳالهہ ڪري رهيو هوس جيڪا اڄ پشچم ۽ پورب ٻنهي پاسي موجود آهي. ساريءَ دنيا ۾ آهي ۽ اُها اُن ڪري آهي جو دنيا وارن جي هڪ چيز گم ٿي وئي آهي. ڪنهن جي سائيڪل گم ٿي وئي ته به ئي آرامي ٿي ويندو آهي، ڪنهن جي موٽر گم ٿي وئي تہ اهو وڌيڪ بي چئن ٿي ويندو آهي ۽ ڪنهن جي پئسي گم ٿي وئي، پٽ هليو ويو، پوءِ ماڻهوءَ جو اهڙو حال ٿيندو آهي، جو ڳالهہ ئي نہ پڇو! هو اهڙيءَ طرح بي چئن ٿي ويندو آهي جو ڪيس نہ تہ آرام نصيب ٿيندو آهي ۽ نہ ڏينهن جو قرار. جڳهہ جڳهہ لئي پيو ڀڄندو آهي. پوءِ تہ هو جيئن مرليو ڪان بہ پوي پيو لڳندو آهي ۽ ڪيس موت بہ نصيب نہ ٿيندو آهي. دل جو اِهو حال ٿيندو آهي.

”باغ ۾ لگتا نهين، صحرا سي گهبراتا هي
اب ڪهان لي جا ٻيٺون، اَيسي ديواني ڪوهم“

"جنھين مٿان ڍونڍتا ٿا، آسمانو ۾ زمينون ۾،
وو نڪلي مبري ظلمتخانا-اي-دل ڪي مڪينو ۾"

اھا شيء اسانجي اندر ئي سمايل آھي، صرف نظر نٿي اچي. اھا اسان کي ٻاھرين اکين سان نه پر اندرين اکين سان ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

"ظاھر کي آنکہ سي نہ تماشا ڪري ڪوئي،
ھو ديکنا تو ديدا-اي-دل وا ڪري ڪوئي."

اھو ڪنھن ستين يا چوڏھين آسمان ۾ نٿو رھي جو اقبال جھڙا شاعر چئي سگھن:

"بنا کي عرش ٻي رکا ھئہ، تُوني اي ظاھدا،
خدا وو ڪما ھئہ جو بندون سي اعتراض ڪري؟"

نه، اھو ڪنھن به آڪاس يا پاتال ۾ ڪونھي، ھر جڳھه آھي ۽ ھر سري اندر آھي. اُن جي ڳالھه ڪندي ويد ڀڳوان چوي ٿو، "مان ڄاڻان ٿو اُن مھان پرش کي، اُن ديوتائن جي ديوتا، مھاديو، پرم ديو، پرميشور کي، جيڪو اننت پرڪاش سان چمڪي ٿو، جيئن ارٻن سجن جو پرڪاش ڏيندڙ مھا سورج چمڪندو ھجي، جيڪو اگيان جي انڌڪار کان پري آھي، اُن کي ڄاڻي ڪري ڪشٽن، دکن آپدائن جو انت اچي ٿو بيماري، غريبي، اپمان، ھار، جدائي ۽ ھر خراب

چوندو آهي ته، ”ڪهڙا ٻار آهن تنهنجا؟ ٿورو به عقل ڪونهين. ٻي عقل ڪتن جا!“ اهڙي ئي نموني هر هڪ پتيءَ پنهنجي ٻار جي سمجهه جي ساراهه ڪندي چيو، ”ڏس ڪيترو نه عقلمند آهي! هن کي منهنجو عقل ورهاست ۾ مليو آهي.“

زال به سير مٿان سوا سير هئي. چي، ”هائو تنهنجو عقل ڪڏهن هوندو نه. منهنجو عقل اڃا تائين مون وٽ آهي.“

شايد پتي مهاشيه به اهڙوئي هو. پتني جڏهن سندس گرجڻ تي رڙ ٻڌي ته چيائين، ”چوٿا ٻارن تي غصو ڇڏي ڏيو. مونکي ياد ٿو اچي ته ڪالهه جڏهن اوهان آفيس مان آيا هئا تڏهن ڪجهه ڪاغذ فائيل مان ڪڍي اوهان ڪوٽ جي کيسي ۾ رکيا هئا، شايد ساڳيائي ڪاغذ اوهين ڳولهيو پيا.“

تڏهن پتي مهاشيه کي ياد اچي ويو. ڪوٽ جي کيسي ۾ ڏٺائين ته اُتي ڪاغذ پيا هئا. هن چيو، ”اڙي مان ته پلجي ويس. اِهي ڪاغذ ته مون ئي اُتي رکيا هئا.

اِهوئي حال اِن گم ٿيل شيءِ جو آهي. اِها شيءِ ڪٿي به گم نه ٿي آهي. اِن جو گيان گم ٿي ويو آهي اِها چيز هر پل انسان جي اندر موجود آهي.

کان ٻئي ديش وڃڻ انهن سمجهيو ويندو هو گويا دنيا
جي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ ۾ وڃڻ سمجهيو ويندو
هو. ڪجهه ڏينهن اڳ مان ٣٦ هزار ميل ياترا ڪري
آيس. ڪيترائي ديش گهمي آيس. سيني ديشن مان
انهن گهمي آيس جن ڪا رواجي ڳالهه هجي. اهو سڀ
ڪجهه وگيان دواران ممڪن ٿي سگهيو. سچ پچ انسان
جي سک سهنج لاءِ اهڙا ساڌن پيدا ڪيا آهن جن
لاءِ سائنسدانن کي واڌايون ملڻ گهرجن.

انهو سڀ هوندي به انهن نٿو چئي سگهجي ته
صرف سائنس ئي سڀ ڪجهه آهي. وگيان ته صرف
اهوئي ٻڌائي سگهي ٿو ته هيءَ دنيا ڪيئن ٺهي؟ پر
ڪڏهن نٿو ٻڌائي سگهي ته ڇو ٺهي؟ ويد ٻڌائي ٿو
ته هيءَ دنيا ڇو ٺاهي وئي ۽ ان جو مقصد ڪهڙو
آهي. هينئر ئي مون اوهان کي يجرويد جي ايڪٽيهين
اڌياءَ جو هڪ منتر ٻڌايو، جيڪو اوهان کي
للڪاريندي چوي ٿو ته ايشور کي ڄاڻڻ کانسواءِ انسان
ڪڏهن به شانتي حاصل نٿو ڪري سگهي، سک نٿو
پائي سگهي. هاڻي سوال ٿو اٿي ته ان کي ڪيئن
معلوم ڪجي؟ ڪيئن ڄاڻجي؟

هيءَ پنجابي باغ جي آريه سماج آهي. اوهان هتان
جو ننڍو ٻچي، هتي پهتا آهيو. هن جي چوڌاري جي
هن ننڍي ڪمري کي ڏسي سمجهو ٿا ته هي آريه سماج

ڳالهه جو اَنت اچي ٿو اِن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو ڪونهي. بس، اِهوئي هڪ رستو آهي.

وگيان جي هن يگ ۾ جيڪڏهن انسان دکي آهي ته ڇو؟ وگيان انسان کي سک سهنج ڏيڻ ۾ ڪائي ڪسر نه ڇڏي آهي. ڪو وقت هو جڏهن ماڻهو پٿرن کي گسائي باهه ڪڍندا هئا. اڄ اوهان بٽڻ دٻايو ته وڏا وڏا هال روشنيءَ سان چمڪڻ لڳندا آهن. ڪو وقت هو جڏهن ٻاهر جا مغل بادشاه ٿڌو پاڻي پيئڻ لاءِ ڪابل ۽ ڪشمير کان برف گهرائيندا هئا. آڳوري لائين ٻهڪندي ٻهڪندي برف جو ٩٠ سيڪڙو حصو، ڳري پورو ٿي ويندو هو. اِن وقت برف اهڙي نه مهانگي هئي جو بادشاهن ۽ بيگمن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به برف جو ٿڌو پاڻي پي نه سگهندو هو. اڄ اوهان جي گهر ۾ ٻهاري پائڻ وارو پنگي به ٿڌو پاڻي پيئندو آهي. ڪو وقت هو، جڏهن ماڻهو سؤ ميلن جي مفاصلي تي ويندا هئا ته، ائين ويندا هئا گويا دنيا مان الوداع ٿيندا هجن. ڪٽنب جا ڀاتي ۽ ٻيا مٽ مائٽ اهڙي قسم جي ياتريءَ کي روئيندي پٽيندي الوداع ڪندا هئا، الائي موٽي ايندو يا نه. اڄ اوهين گاڏيءَ ۾ ويهو، سؤ نه، هزار، ڏهه هزار ميل پري هليا وڃو، اوهان کي ڪابه چنتا نه ٿي ٿئي، اوهان جي دوستن ۽ مائٽن کي چنتا نه ٿيندي. ڪو وقت هو جڏهن هڪ ناش

ڪري. اهي ڇهن قسمن جا ماڻهو ان ٻرم ديو ايشور جي اندر هجڻ جي باوجود به ڪيس سڃاڻي نٿا سگهن.

پوءِ ڀلا، ايشور کي ڪير حاصل ڪري سگهي ٿو؟ ڪهڙيءَ طرح حاصل ڪري سگهي ٿو؟ يجرويد جي جنهن ايڪٽيهين اڌياءَ ۾ اهو منتر آيو، جنهن جو مون مٿي ذڪر ڪيو، ان کي ”پرش سوڪت“ به چوندا آهن. مهرشي دياننددي ”رگ وي آدي ڀاشيه ڀومڪا“ ۾ ان ”پرش سوڪت“ جي گهڻي سندر اپتار ڪئي آهي. ان پرش سوڪت ۾ هڪ منتر اچي ٿو، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ان پرش، ان پرم پرش کي، ان پرميشور کي ڪير ڄاڻي سگهي ٿو ۽ ڪهڙيءَ طرح ڄاڻي سگهي ٿو؟ منتر جو مطلب آهي ”ان پرم پرش پرميشور کي جيڪو ايامن ڪان آدجگاد ڪان، ڀڳتي ڪرڻ، پوڄڻ ڪرڻ، پوڄا ڪرڻ، آدر ڪرڻ لائق آهي ۽ جنهن جي اپاسنا سان هي سڄو برهمانڊ پرپور آهي، ان ديو جي ساڌنا ڪرڻ وارا ۽ رشي به پوڄيا ويندا آهن.

ان پوري مطلب سان ان منتر جي حقيقي ڳالهه معلوم نٿي ٿئي. ان ۾ ٽي لفظ اچن ٿا. ديو، ساڌڪ ۽ رشي انهن ٽنهي لفظن جي معني کي مان اوهانجي سامهون رکندس.

”ديو“ جو ارٿ ديوتا. ”ديوتا“ جو ارٿ آهي ڏيڻ وارو، پر صرف اهترو ارٿ اڻپورو آهي. مهرشي

جو مندر آهي. اوهان هن کي ڏسي سگهو ٿا. اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر اهو پرم پرش نه ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي. اُن جو نه ڪوئي رنگ آهي، نه روپ، نه صورت هوُ سيني جي ڳالهه ٻڌي ٿو پر ڪيس ڪن ڪونهن. هوُ سيني کي ڏسي ٿو، پر اکيون ڪونهن. هوُ هر جاءِ موجود آهي، پر ڪيس پير ڪونهن. هوُ سڀ ڪجهه ڪري ٿو پر ڪيس هٿ ڪونهن. هوُ سيني کي پڪاري ٿو، پر ڪيس وات ڪونهي. اهڙي عجيب شخصيت واري اُن پرم پرش کي ڪوئي ڏسي ۽ ڄاڻي ڪيئن سگهندو؟

ڪلهه مون اوهان کي يجروبد جي سترهين اڌياءِ جو ايڪٽيهون منتر پڙهيو هو نه، جنهن سڄي دنيا کي ٺاهيو آهي، جيڪو سيني کان الڳ هئڻ هوندي باوجود سيني جي اندر آهي، اُن کي ڪير نٿو ڏسي سگهي؟ هن کي اهو نٿو ڏسي سگهي جنهن جو اکين ۾ انڌڪار جو ڏنڊ ۽ ڪوهيڙي جو پڙدو آهي. وري هو "جهلپي" اجايون ڳالهيون، بيڪار جهڳڙا پيو ڪري. اهو جيڪو "اسوُ ترپ" آهي، صرف پنهنجي سرير جي پالنا ۾ لڳو رهي ٿو، اندر ان جو داس بڻجي ويو آهي، ۽ آخر ۾ جيڪو ويدن ۽ ٻين شاسترن جي باري ۾ زباني ڳالهيون نه تمام گهڻيون ٿو ڪري پر عملي روپ ۾ ڪجهه نٿو

وارو آهي، اهنڪاريءَ جو اهنڪار ناس ڪرڻ وارو آهي. هر ذهن کانپوءِ راس، هر جاڳرتيءَ بعد ننڊ، هر سرشٽيءَ کانپوءِ پرلئه پيدا ڪري سڀني کي سنڀاري ڇڏي ٿو. جيڪو اڪيلوئي ان جي ٻوجهه آهي، انهن جي ڪامنا ڪر، جيڪو اننت گيان سان ڀرپور آهي، ٻين کي گيان ڏيڻ وارو آهي، رستو ڏيکارڻ وارو آهي؛ ان پرم پرميشور جو نالو ڏيو آهي؛ جيڪو پنهنجي سروپ ۾ آنند سان خود ئي کيڏي، ۽ سا ڪنهنجي سهائتا کانسواءِ راند جيان سڄي جڳت کي ناهي ٿو؛ سڀني رمزن جو آڌار آهي؛ جيڪو سڀني کي جيتڻ وارو آهي؛ جنهن کي ڪو به جيتي نٿو سگهي، جيڪو نياءِ ۽ آنند سان ڀرپور ئي هن دنيا جي سڀني وهنوارن کي هلائي ٿو، جيڪو انهن سڀني اَچل ۽ هلندڙ چيزن کي روشني بخشي ٿو، ظاهر ڪري ٿو، جيڪو سڀني جي ساراهه جي لائق آهي، جنهن ۾ نندا ڪرڻ جوڳي ڪا به ڳالهه ڪانهي، جيڪو آنند ئي آنند سان ڀرپور آهي، جنهن جي لاءِ ڪو به دک، ڪشٽ ڪونهي؛ ۽ جيڪو ٻين کي سک ۽ آنند ڏئي ٿو، جيڪو هميشه پرسن آهي، جنهن کي ڪا چنتا ڪانهي ۽ جيڪو ٻين جي دکن کي دور ڪري ٿو؛ جيڪو مها پرلئه وقت سڀني آتمائن کي ان حالت ۾ سنڀاري ڇڏي ٿو، جنهن جو ڪنهن کي پتو نٿو پوي، جنهن لاءِ سڀ هن طرح

ديانند ”ستيارٿ پرڪاش“ جي ٻهرين سملاس ۾ ان لفظ جو ارٿ ٻڌائيندي جيڪو ڪجهه چيو آهي، ان کي ٿورو وڌيڪ چٽائيءَ سان ٻڌو:-

”دِو“ ڌاتوءَ مان ”ديو“ لفظ ثابت ٿئي ٿو يا ٺهي ٿو. ان ڌاتوءَ جو هڪ مطلب آهي ”ڪرِيڙا“ يعني راند ٻيو مطلب آهي ”وِجگيشا“ ان جو ارٿ آهي ”ديوهار“ يعني هميشه جي هلت چلت. چوٿون مطلب آهي ”ديُوتي“ يعني چمڪ، پرڪاش، تيج. پنجون اَرٿ آهي ”مود“ يعني آنند، سک، شانتي. ڇهون اَرٿ آهي ”مد“ يعني اَهنڪار کي ناس ڪرڻ وارو. ستون مطلب آهي ”سوپن“ يعني ننڊ يا سشپتي. اٺون اَرٿ آهي ”ڪانتي“ يعني جنهني اڇا ڪرڻ گهرجي. نائون مطلب آهي ”گتي“ يعني چال، گيان.

اهي آهن هنن نديڙن ڌاتن جا مطلب، جنهن مان ديو لفظ ٺهي ٿو. ان ڪري مهرشي ديانند چوي ٿو:

”جيڪي شڌ جگت کي راند ڪرائڻ لاءِ، ڌارمڪ ست پرشن کي جيت ڏيارڻ لاءِ هميشه مشغول رهن ٿا؛ ٻين جي ڪرپاشيل هجڻ جا ساڌن موجود ڪري ٿو، جيڪي خود پرڪاش آهن، پرڪاش سروپ؛ ٻين کي پرڪاش ڏيڻ وارو آهي. جيڪو هميشه استتيءَ ڪرڻ جي يوڳيه آهي، جيڪو خود آنند سروپ آهي، اَننت آنند سان ڀرپوُر آهي؛ ٻين کي آنند ڏيڻ

وارن ۾ ديوتائن جي ٻاري ۾ مهرشي دياننڊ لکيو آهي- ”جيڪي ڏجڻ ڏيندا، سچ جي راھ تي هلن ٿا، جيڪي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ ۽ اهنڪار کان پري آهن، ان کان مٿي ٿي ڪرم ڪندا آهن، جيڪي دشمن جو ڀي ڀلو چاهيندا آهن ۽ شڀ ڪرم ڪري برهم جو درشن پائين ٿا. اهي ديوتا آهن ۽ جيڪي ڇل - ڪپٽ، ڪوڙ انياءُ، ظلم کان ڪم وٺن ٿا، جيڪي ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ ۽ اهنڪار جي وس ٿي ڪم ڪن ٿا، اهي آسري سمپدا يا راڪاس آهن.

”يجر ويد“ جي ”پرش سوڪت“ ۾ آيل منتر جو ذڪر ڪيل ڪيو، اهو چوي ٿو ته ان پراچين پرم پرش پرميشور کي اهي ئي ماڻهو پائين ٿا جيڪي ديو آهن، جن ”دئوي سمپدا“ يعني ديوتائن جي گڻن کي حاصل ڪيو آهي. هي جيڪو اشٽانگ يوگ آهي، ان ۾ ”دئوي سمپدا“ کي پراپت ڪرڻ جو رستو ٻڌايو ويو آهي. جيڪڏهن ڪو اشٽانگ يوگ، ”يم“ ۽ نيم جو پالن ڪري ته اهو خود ئي ديوتا بڻجي وڃي ٿو. اهي ”يم“ ۽ ”نيم“ ڏهه ٿيندا آهن.

(١) **اهنسا**:- ڪنهن کي دک نه ڏيڻ.

(٢) **ستيم**:- هميشه سچ کان ڪم وٺڻ، سچ کي مڃڻ، سچائيءَ سان ڪم ڪرڻ.

(٣) **استيم** (अस्तेय):- چوري نه ڪرڻ، لوڀ جي وس

ڪامنا ڪن ٿا. هو ستيه ڪرم، ڪلياڻ جي ڪامنا
ڪرڻ وارو ۽ ڪلياڻڪاري پرش آهي. هو سڀني ۾
سمايل آهي، جتي ڪٿي موجود آهي ۽ جيڪر ان
ٻوکيه اهي ته کيس ڄاتو وڃي، اُن پرميشور جو نالو
"ديو" آهي. اهو آهي ان لئدي لفظ "ديو" جو ٿوري
۾ اَرٿ. جيڪڏهن ان جو سڄو اَرٿ ڪرڻو هجي ته
شايد سڄو ڪتاب لکجي وڃي. ديو جو مطلب "گيان"
به آهي. "شت پٿ" برهمڻ لکي ٿو ته هن سنسار ۾
ٻن قسمن جا ماڻهو آهن- هڪڙا ديوتا، ٻيا انسان.
جيڪو ستيه ڄاڻن وڃي ٿو، سچ ڳالهائي ٿو، سچ کي
مڃي ٿو ۽ سچا ڪم ڪري ٿو، اهو "ديو" آهي.
جيڪو ڪوڙ ڳالهائي ٿو، ڪوڙ مڃي ٿو، ڪوڙا ڪرم
ڪري ٿو، اهو انسان آهي. سچ کي حاصل ڪرڻ سان
سچ ڳالهائڻ سان، سچ کي مڃڻ سان، سچو ڪم ڪرڻ
سان سک حاصل ٿيندو آهي، شانتي ملندي آهي.
اهڙا ڪم ڪندڙ اوچو ٿيندو آهي. ڪوڙ ڄاڻن وڪ
وڌائڻ سان، ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪوڙ مڃڻ، ڪوڙو ڪم
ڪرڻ سان دک ملي ٿو، بي چيني ملي ٿي. اهڙا ڪم
ڪندڙ انسان هيٺ ڪري ٿو. اهو سڀ ڪجهه "شت
پٿ برهمڻ" ۾ لکيل آهي. "رگ ويد آدي ڀاشيه ڀومڪا"
۾ مهرشي دياند ٽيٽيهن ديوتائن جو ذڪر ڪيو آهي؛
دئوي سمپدا ۽ آسري سمپدا جو به. دئوي سمپدا

ڪندي، ٻاڻ کي ايشور جي چرنن ۾ اَرپڻ ڪرڻ.
اهي ڏهه ڪرم انسان ڪري ته اهو ديوتا بڻجي وڃي.
جيڪڏهن ديوتا جي ايتري مهانتا ۽ مهتوُ آهي ته
ويد ۾ بار بار انسان جي مهتوَ تي ڇو زور ڏنو ويو
آهي؟ ان ڪري جو اِنسان ئي اوچو ٿي ديوتا بڻجي
ويندو آهي. اِنسان کي آزادي آهي ته هو پنهنجي
اِڇا موجب ڪرم ڪري. سٺو ڪري يا خراب، اِهو ته
سندس اِڇا تي منحصر آهي. اِنسان ڪڪرمي ٿيا
آهن ته پاپي به. انهن کي ڏسي ماڻهو نفرت ڪندا
آهن. پر جي ويچار ڪري ڏسو ته خبر پوندي ته اِهي
پاپ ڪرڻ وارا ماڻهو به اُن اَهميت کي ظاهر ٿا ڪن،
جيڪا ٻئي ڪنهن ٻراٽي ۾ ڪونهي. ٻيا سڀ ساهوارا
اَهڙن سرشتن ۾ آهن، جتي اهي پنهنجن اڳين ڪرمن
جو ڦل پيا ڀوڳين. اِنهن ۾ ٻرا به آهن ته سٺا به. اِنهن ۾
پسوُ به آهن ته ديوتا به. ٻنهي مان ڪرم ڪرڻ جي
آزادي ڪنهن کي به ڪونهي. صرف اِنسان کي ئي
اِها آزادگي مليل آهي ته هوُ پنهنجن ڪرمن جي ڦل
ڀوڳڻ سان گڏو گڏ، پنهنجي اِڇا اَنوسار جيڪو به ڪرم
ڪرڻ چاهي، سو ڪري سگهي ٿو، ٻرائي جي راهه
تي به. اِهو آهي اِنساني سرشتي جو مهتوُ. اُن جي دوران
اِنسان پسوُن به ٿي سگهي ٿو، گهور نرڪ ۾ به وڃي
سگهي ٿو، گراوٽ جي آخرين ڏاڪي تي به پهچي

ٿي؛ ڪنھن اھڙي شيءِ کي نہ وٺڻ، جيڪا توھانجي نہ ھجي.

(٤) **برھمچريہ**:- ڪامنائن جي وس ٿي نہ، پر برھم جي لاءِ برھم ۾ آچرڻ ڪرڻ.

(٥) **اپريگرھہ** (अपरिग्रह):- وڌيڪ گڏ ڪرڻ جي عادت کي روڪڻ پنھنجن گھرجن کي گھٽائڻ ۽ صرف سرير جي ضرورتن انوسار ٿي ڀوڄن ۽ وستر سويڪار ڪرڻ.

(٦) **شؤچ**:- صفائي: اندرئين ۽ ٻاھرئين من ۽ سرير کي پوتر رکڻ سڀني قسمن جي روڳن کان بچڻ.

(٧) **سنتوش**:- سنتوش ۾ رھڻ. ڏک ھجي يا سک، بيماري ھجي يا تندرستي، اميري ھجي يا غريبي، سڀني کي ايشور جي ڪرپا سمجھي قبول ڪرڻ. ”پرين سندي پار جي، مڙئي مٺائي.“

(٨) **تپ**:- ھر حالت کي، ھر ڏک ڪليش کي، مسڪرائيندي ۽ ان وشواس سان سھڻ تہ اھو منھنجي ڪلياڻ واسطي آھي.

(٩) **سواڌياءَ**:- سٺا پستڪ پڙھڻ، سٺن ماڻھن جو سنگ ڪرڻ، پنھنجي اندر ۾ جھاتي پائي ڏسڻ تہ ڪٿي مون ۾ اوڻائي يا خرابي تہ نہ اچي ويٺي آھي. جيئن ئي پنھنجي ڪنھن برائي جو پتو پئي، ان کي دور ڪرڻ.

(١٠) **ايشور - پرڻيڌان**:- اھو سڀ ڪجھ

ڪروڌ نٿو ڪري. ڪڏهن ڪنهن کي نقصان نٿو پهچائي. هن جي اندر ڪنهن کي ڀي، دک، ڪشٽ ڏيڻ جي چاهنا پيدا نٿي ٿئي. اوهان ڪڏهن سونارو ڏٺو آهي؟ ڪيئن نه هو گهڙيءَ گهڙيءَ سون کي ٻرندڙ باهه ۾ وجهندو آهي ۽ وسائيندو آهي، ٿڌو ڪندو آهي ۽ وري تپائيندو آهي. ڇا اهو سونارو سون تي ناراض آهي؟ ڇا هو مٿانس ڪروڌ پيو ڪري؟ ڇا هو ڪيس ساڙي ناس ڪرڻ ٿو چاهي؟ نه! هو گهڙيءَ گهڙيءَ ائين ان ڪري ٿو ڪري ته جيئن هو سون کي ڪندن بڻائي ڇڏي ان جو ملهه وڌائي ڇڏي، ان جي چمڪ وڌائي ڇڏي. هو گهڙي گهڙي سون کي ان ڪري ٿو تپائي ته جيئن ان جو ڪلياڻ ٿئي، سندس ميراڻ دور ٿي وڃي.

ساڳئي نموني ايشور به انسان کي بار بار غريبيءَ، روڳ، دک، ڪشٽ، اپمان، ڪليش، ۽ ٻين ڪوڙن ۾ وجهندو آهي، جنهن سان آتما تي چڙهيل ميل دور ٿئي ٿي ۽ انسان ڪندن وانگر چمڪي ٿو. ايشور اهو ان ڪري ٿو ڪري ته جيئن انسان جو ڪلياڻ ٿئي، کيس سک ۽ آنند ملڻ لڳي، جيڪو سک ۽ آنند کيس نشچت روپ ۾ ملي سگهي ٿو. ان ڪري اَنڀو ۾ چيو ويو آهي ته هو سرنهن وارن کان به سٺو آهي. هن کان وڌيڪ سٺو، منوهر ۽ مڌر ڪجهه به ڪونهي

سگهي ٿو ۽ ڏيئو به ٻاري سگهي ٿو، اوچي
جڳهين تي به پهچي سگهي ٿو.

ٻڌو ڀائي! هي جيڪي پوڄ ولاس جون پونيون آهن، جن ۾ آتما پنهنجن پرين ڪرمن جو ڦل ڀوڳي ٿي، يا جڏهن ماڻهوءَ جي سرير ۾ انهن ڪرمن جي ڦل جي ڪري ڏک ٿئي ٿو، بيماري، غريبي، هار، اپمان ۽ ان قسم جي ٻين حالتن مان ٻاهر نڪتو پوي ٿو، اها به ڀڳوان جي ڪرپا آهي. ساڳي طرح ماڻهو ڪڏهن اهڙي شخص کي ڏسندا آهن جنهن وٽ تن دولت هجي، سٺي پتني هجي، سٺو ڪٽنب ۽ ڪاروبار هجي، جنهن جي تندرستي سٺي هجي ۽ جنهن کي هر قسم جي ڪاميابي مليل هجي ته چوندا آهن، هن تي ايشور جي ڪرپا آهي ۽ جيڪڏهن اهي ڪڏهن اهڙي ماڻهوءَ کي ڏسن ٿا جيڪو ڏکي آهي، روڳي آهي، غريب آهي، ڪڏهن عيب وارو آهي، جنهن جو ڪٽنب سٺو ڪونهي، جنهن وٽ رهڻ جي جڳهه ڪونهي، کائڻ لاءِ اناج ڪونهي ۽ جنهن کي ٻيا ڪشٽ به آهن، ته چوندا آهن ته هن تي ايشور جو ناراضپو آهي. مان اهڙيون ڳالهيون نه سمجهندو آهيان. مان سمجهندو آهيان ته ڏک يا سک، اميري يا غريبي، تندرستي يا بيماري، مان يا اپمان، هر حالت ۾ ايشور جي ڪرپا هوندي ئي آهي. هو ڪڏهن به ڪنهن تي

آهي.

ڪي ماڻهو ته هر وقت شڪايت ئي ٻيا ڪندا آهن، ته اسانجو جيون ۽ ڪو جيون آهي؟ ان کان ته موت بهتر!" نيڪ آهي ڀائي! مري وڃو، اوهانکي روڪي ڪير ٿو؟ اوهانجي مرڻ سان، سنسار ۾ دائما وڌندڙ آدمشماري گهٽجي ويندي. دنيا کي ڪهڙو ڏهاڙو ٻڏندو؟؟ وڃو، وڃي مرو.

هرڪنهن کي ساهه پيارو آهي؟ اوهان ڪاٺير جي ڳالهه ته ٻڌي هوندي. اونهاري جا ڏينهن هئا. ٽاڪ منجهند جو وقت. ڪافي دير تائين هو جهنگل ۾ ڪاٺيون ڪندو رهيو. جڏهن ڪاٺين جو ڍير ٿي ويو ته ان کي ٻڌي شهر ڏانهن هليو. هڪ ته مٿي تي بار، ٻيو اونهاري جي تتل اس ۽ ڪاٺين ڪرڻ ڪري ٿڪل سرير، هن ڪاٺين جي ڀري کي هڪ طرف اڇلائي ڏکي ٿي چيو، "هاءِ هاءِ! ان کان ته موت اچي ته بهتر."

موت اتي واجهائي بيٺو هو، اهو سامهون اچي بيٺو ۽ چيائينس، "تو مونکي ياد ڪيو؟"

ڪاٺير چيو، "تون ڪير آهين؟"

موت وراڻيو، "مان اهوئي موت آهيان، جنهن کي تون هيترو سڏي رهيو هئين چئو، ڪهڙو ڪم اٿئي؟"

ڪاٺير جلدي چيو، "مون ٻيو ڪجهه نه چيو، صرف

هو خوفناڪ ۾ خوفناڪ آهي. هو ايترو نه خوفناڪ آهي جو ٻڌپ ۾ ڪانئس ڀڄي وڃي. هي ٻئي سندس روپ آهن. ۽ هو ڪهڙي به روپ ڪار نه ڪري، سندس ڪرپا ته هميشهه هوندي ئي آهي. پر اها ڪڏهن سندر روپ ۾ ته ڪڏهن خوفناڪ روپ ۾ هڪ ماڻهو بيمار آهي. هن جي پيٽ ۾ ڦوڙهو آهي. ڊاڪٽر کيس آپريشن جي ميز تي وٺي ليٽائي ٿو. سندس علاج ڪيئن ٿيندو، اها ته ڊاڪٽر کي ئي ڄاڻ آهي. هڪ اپاءُ اهو آهي ته کيس دوا ڏني يا انجيڪشن هڻي. ٻيو ڦوڙهي جو علاج ڪري يا وري ان کي چيري ڦاڙي، ڦوڙهي کي ٻاهر ڪڍي. ٻنهي طريقن مان ڪهڙي حالت ۾ ڪهڙو اپاءُ سوچيو وڃي. ان جو فيصلو ته ڊاڪٽر ئي ڪري سگهي ٿو: هو ڪهڙو به اپاءُ وٺي، پر جيڪو ڪجهه ڪري ٿو روڳيءَ جي ڀلي واسطي ئي ڪري ٿو. جيڪڏهن هو دوا يا انجيڪشن دوران روڳيءَ کي ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته به هو روڳيءَ جي ڀلي واسطي ڪري ٿو. هر حالت ۾ ان جي ڪرپا رهي ٿي.

ان ڪري مان چوان ٿو ته دک، ڪشٽ، روڳ، غريبي، هار کي ڏسي گهٻرائڻ نه گهرجي. نا اميد ٿيڻ نه گهرجي. هر حالت کي صبر سان سهڻ گهرجي. سنتوش کان ڪم وٺڻ گهرجي. انهن ڪرڻ ”ڊپ نه ڀڄو“

چڏي."

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ وياس پنهنجي ناني سان ملڻ ويو ته نشادراج چيو، اڄ وياس؛ ڪافي ڏينهن کان مون تنهنجي راهه پئي ڏٺي."

وياس پڇيو، "اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

نشادراج چيو، "ها ڀائي تنهنجي ضرورت هئي تڏهن ته تنهنجي واٽ پئي ڏٺم. مونکي تنهنجي سهائتا گهرجي."

وياس پڇيو، "ڪهڙي ڪم ۾ مدد گهرجي."

نشادراج چيو، ڀرپائين وچن ڏي ته تون منهنجي ڳالهه مڃيندين ۽ منهنجي سهائتا ڪندين."

وياس چيو، ضرور ڪندس. اوهان ٻڌايو، ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

نشادراج چيو، "وياس! مونکي موت کان ڏاڍو ڊپ ٿو لڳي. مان مرڻ نٿو چاهيان. ديوتائون اوهانجي ڳالهه مڃيندا آهن. اوهين يمراج کي چئو ته هو مونکي نه ماري."

وياس وچن ڏئي چڪو هو، ان ڪري چيائين، "جو پيدا ٿيو، سو اوس ٿي مرندو. پر وچن ڏئي چڪو آهيان. مان يمراج کي اوهان جي سفارش ضرور ڪندس."

نشادراج چيو، "مونکي به گڏ وٺي هلو."

هيءَ ڪانئن جي ٻري ڪٺي منهنجي مٽي لئي رک.“

نه ڀائي! ڪريه ماڻهو مرڻ نه چاهيندو آهي مهاڀارت ۾ هڪ ڪٿا آهي. آهي نه، بلڪل ٻي ڀنگي! پر اوهان ٻڌو.

مهرشي وياس جو ناتو هو نشادراج. هو ٻڍو ته ٿي ويو، پر مرڻ نه ٿي چاهيائين. هن کي موت کان ڏاڍو ڊپ لڳندو هو. هڪ ڏينهن ڪيس نارد مني ملي ويو جو وڻا وڄائي رهيو هو. نشادراج نارد کي چيو، ”نارد! مان موت کان ڏاڍو ڊڄان ٿو. مرڻ اِي منهنجي مرضي ڪانهي. اوهانجو ديوتائن وٽ ته اچڻ وڃڻ ٿي ٿئي پيو. منهنجي سفارش ڪري ڇڏيو ته جيئن مونکي موت نه اچي ۽ مان نه مران.“

نارد سڄي حقيقت جاڻي ويو ۽ چيائين، نشادراج! ديوتائن وٽ منهنجو اترو اچڻ وڃڻ ڪونهي جيترو اوهانجي ڏوهٽي وياس جو آهي. اُن جي سڀ ديوتائون عزت ڪندا آهن. اوهان پنهنجي ڏوهٽي کي چئو ته اهو اوهانجي سفارش ڪري. پر هڪ ڳالهه آهي. وياس کي پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌائڻ کان اڳ اُن کان وچن وٺو ته هو اوهانجي سهائتا ڪري. اهو تمام ضروري آهي، ساڻ گڏ اهو به ضروري آهي ته هو جڏهن سفارش ڪرڻ وڃي ته اوهان ٻڻ اُن سان گڏ وڃو. اِئين نه ٿئي جو هو اوهان کي اِتين ئي ڇڏي

موت جواب ڏنو، ”مهاراج! جيڪڏهن اوهين ڪنهن تي ڪرپا ڪرڻ چاهيندا ته مان اُن کي ڪيئن ماريندس؟ پر هر انسان جي مرڻ جو فيصلو ته ديوتائن جي هٿ ۾ آهي. منهنجو ڪم صرف اهو آهي ته اُهي آڳيا ڏين ته مان اُن ماڻهوءَ وٽ پهچي وڃان. اوهين ڪال ديوتا کي چئو ۽ اُن کي آڳيا ڏيو. اوهين چاهيو ته مان به اوهان سان گڏ هلان.“

هاڻي ته گويا هڪ سمتي ٿي پيئي. نشادراج مهرشي وياس، يمراج ۽ موت، چارئي پهتا ديوتا وٽ وياس جي ڪال ديوتا کي وينتي ڪئي، ”ڪال ديوتا هي منهنجو نانو نشادراج آهي. هي موت کان ڊاڍو ڊڄي ٿو ۽ مرڻ نٿو چاهي. يمراج ۽ موت ٻنهي تي ڪرپا ڪئي آهي. ٻنهي منهنجو عرض قبول ڪيو آهي ته منهنجو نانو نه مري. ڪير، ڪهڙي وقت مرندو، اُنجو نرڻو ته اوهين ئي ڪندا آهيو. اوهين پڻ ڪرپا ڪريو ته منهنجي ناني جو ڪڏهن به موت نه ٿئي.“

ڪال ديوتا چيو، ”اوهان جهڙا مهرشي سفارش ڪن ۽ خود يمراج هن کي مڃي ته پوءِ مان ڪير آهيان جو روڪيان؟ پر ڳالهه هيئن آهي جو مرڻ وارن جي لسٽ ومانا وٽ هوندي آهي. اهائي ڏسي موت کي پڌائيندي آهي ته ڪنهنجو وقت پورو ٿيو آهي ۽ اُن

وياس چيو، ”هلو.“

ٻئي يمراج وٽ اچي پهتا. وياس يمراج کي چيو، ”يمر ديو! هي منهنجو نانو نشادراج آهي. هي موت کان ڊڄي ٿو ۽ مرڻ نٿو چاهي. مان اوهانکي وينتي ڪرڻ آيو آهيان ته اوهان هن کي نه ماريو.“

يمراج چيو، ”اوهان چيو آهي ته مان نه ماريندس پر مشڪلات اها آهي جو ماڻهن کي مارڻ جو ڪم مون موت کي سونپيو آهي. مان ان کي چوندس ته اوهانجي ناني کي نه ماري.“

نشادراج چيو، ”يمراج! ايتري ڪرپا اوهين ڪريو ٿا ته پوءِ اسان کي به گڏ وٺي هلو. اسانجي سامهون کيس چئو. هن سنسار ۾ ڪروڙين ماڻهو آهن. موت انهن ڪروڙن ماڻهن کي ماريندو رهي. بس، مون کي نه ماري.“

يمراج چيو، ”ها، هلو مان هاڻي ئي هلي چوانس ٿو.“

يمراج، مهرشي وياس ۽ نشادراج ٽيئي پهتا موت وٽ.

يمراج چيو، ”هي مهرشي وياس آهي ۽ هي آهي سندس نانو نشادراج. شري نشادراج کي موت کان ڏاڍو ڊپ ٿو ٿئي. هي مرڻ نٿو چاهي. وياس جيءَ هن جي سفارش ڪئي آهي. مون اها سفارش قبول ڪئي آهي. هاڻي نشادراج کي نه مارجانءِ.“

طرح هي سڀ ماڻهو هڪ ٻي مهل گڏ ٿي ٿيندا آهن. پوءِ هاڻي مان ڇا ڪريان؟ اوهان جو نانو تہ خود ٻي سيڻپي کي گڏ ڪري مون وٽ آيو.

”ڪوٽي جتن ڪوئي ڪري، ڪرلي لاک هزار
جو جنما سو مرتي هئہ، يهي جگت ويوهار
جنما جنما سڀ ڪهين، پهہ نهين جانت ڪوءِ
جو جنما سو جائيگا، آخر مرنا هوءِ.

اهو تہ دنيا جو نيم آهي پائي! ان کي ڪڏهن ڪوئي بدلي نٿو سگهي. جو ٿيو آهي، سو اوس ٿيندو. جو پيدا ٿيو آهي سو مرندو. هن دنيا ۾ ٻلي ٻي ڪنهن ڳالهہ جي باري ۾ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش ڪانهي. هن دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ نشچت آهي تہ اها آهي موت. هن موت کان ڀڄندا تہ اهو اوهان لاءِ ترسي نہ وهندو.

جيڪي ”ديوتا“ آهن، جيڪي انساني چولي ۾ اچي سٺا ڪم ڪن ٿا، سچ ڳالهائين ٿا، سچ لاءِ وشواس ڪن ٿا؛ سچ جي گيان دوارا آڌياتمڪ رستي تي هلن ٿا، انهن جي لاءِ موت ڀيانڪ نہ ٿيندو آهي. اهي سمجهندا آهن تہ موت، سندن ڪلياڻ جي لاءِ آهي. اهو تہ صرف هڪ پد کان ٻئي پد ڏانهن بدلجڻ آهي. اهڙا ماڻهو مسڪرائيندي چوندا آهن:-

ڪي ڪيئن مرڻو آهي. مان ان کان ان باري ۾ پڇان ٿو.“

نشاد راج چيو، ”اسين به اوهان سان گڏ هلنداسين.“

ڪال ديوتا چيو، ”هلو.“

اهو سڄو جلوس وماتا وٽ پهتو. وياس جيءَ وري سڄي حقيقت دهرائي.

چيائين، هي منهنجو نانو نشاد راج آهي. هي مرڻ نٿو چاهي، موت کان ڀڄي ٿو، يمراج، موت ۽ ڪال ديوتا سڀني منهنجو عرض قبول ڪيو آهي. هاڻي ته اوهين به اسان تي ڪرپا ڪريو. پنهنجي لسٽ مان ناني جو نالو ڪٽي ڇڏيو.

وماتا چيو، ”مهرشي وياس، مونکي خبر هئي ته اوهانجو نانو موت کان گهڻو ڀڄندو آهي ۽ مرڻ نٿو چاهي. ان ڪري مون سندس موت جي باري ۾ اهڙو شرط لڳايو هو جيڪو سوليءَ سان پورو ٿي نه سگهي پر مان ڇا ڪريان؟ هي ڏسو، ڇا لکيل آهي.

”نشاد راج موت کان ڀڄي ٿو. هن جو موت ايستائين ٿيڻ نه گهرجي جيستائين هو مهرشي وياس، يمراج، موت ۽ ڪال سڀني ديوتائن کي گڏ وٺي، خود مون وٽ نه اچي.“

ٻڌي هن نشاد راج ڏڙام سان ڪري پيو ۽ مري ويو.

وماتا چيو، ”مون ڄاڻي ڪري شرط رکيو هو. رواجي

سنڌ شاعر هو. هن ڏاڍيون سٺيون چيزون لکيون آهن. ٻہ سدس ڪيترائي شعر اهڙا آهن، گويا هن مهان ڪريءَ ڪي دکہ، ڪشت ۽ موت ڪانسواءِ ڪجهہ سجهندو ئي نہ هو. هر پل دکہ، هر گهڙي شڪايت. هڪ جڳهہ تي چوي ٿو:-

"هئہ سبزہ زار هر در و ديوار غمڪده،
جسڪي بهار يہ هو، ڦر اُسڪي خزان نہ پوڇ."

ٻي جڳهہ تي چوي ٿو:-

ڪوئي اُميد بر نهين آتي،
ڪوئي صورت نظر نهين آتي،
موت ايڪ دن معين هئہ،
نيند ڪيون رات ڀر نهين آتي،
آگي آتي ٿي حالِ دل پي هنسي،
اب ڪسي بات پر نهين آتي،
هم وهان هئن جهان سي همڪو ڀي،
ڪڇ هماري خبر نهين آتي،
مرتي هئن آرزو مين مرني ڪي،
موت آتي هئہ پر نهين آتي."

هائي، اها ڪهڙي مصيبت آهي جو ماڻهو هر پل

”جس مرني سي جگهه ڏري، ميري من آنند،
مرني هي تي پائيگي، پورن پرمانند“

۽ اهو موت ڇا آهي؟

مارگ اِڪ ماندگي کا وقفه هي،
يعني آگي چلينگي دم ليکر.“

اهو نه صرف پڙاو آهي. ان پاڻرا بر آهڙا ڪيترا پڙاو ايندا آهن. پاڻرا نه هلندي رهندي آهي.

”زندگي کيا هي؟ عناصر کا ظهور ترتيب،
موت کيا هي؟ انهين اجزا کا پريشان هونا.“

قدرت جا اهي پرماڻو ملندا آهن، روپ ڌارڻ ڪندا آهن، ڦهلجندا آهن، روپ بدلجي ويندو آهي. اهوئي نه موت آهي. ان لاءِ چنتا ڇاجي؟ هي نه آهي ني مرليولوڪ! ڪشمڪش، چنتا، دک، آپدائون، انهن جي باوجود به جدوجهد اهوئي نه جيون آهي! خوش نصيبي اها آهي نه آهڙي جيون بر موت اچي ٿو، انهن سڀني ڳالهين جو موت ٿئي ٿو.

”اپني هستي کو غم و درد و مصيبت سمجھو
موت کي کيد لگادي هي، غنيمت سمجھو“

مرزا غالب کي نه اوهان سڃاڻندا هوندا. اهوئي جيڪر دهليءَ بر رهندو هو. اردو ۽ فارسيءَ جو ڏاڍو

"ديوتا" جي معنيٰ ڏيڻ وارو ئي آهي. "ديو دداتي" جو ڏئي ٿو، سو ديوتا آهي. سُورج ديوتا آهي، ڇو جو اهو پرڪاش ڏئي ٿو، گرمي ڏئي ٿو، چندرما ديوتا آهي، جو اهو آنند ڏئي ٿو، سيتل پرڪاش بخشي ٿو. جل ديوتا آهي ۽ هوا پڻ ديوتا آهي. ٻئي جيون ڏين ٿا. پرٿوي ديوتا آهي. اُن مان ان ملي ٿو، ڦل ڦول ڀاڄيون وغيره ملن ٿا، دوائون ملن ٿيون. اهي ديوتائون جيڪڏهن ناراض ٿي وڃن ته دنيا ۾ تباهي اچي وڃي. هيءَ هوا آهي نه؟ اها جيڪڏهن "ليبر يونين" وانگر هڪ ڪلاڪ به هڙتال ڪري ته پوءِ سڄي دنيا جي سرڪارن کي ڪٽنب نيوڻ جي پوجنا ناهڻ جي ضرورت نه رهندي. دنيا جو انت اچي ويندو، هي پوڄائون ۽ سرڪارون پڻ اِن ڪانسواءِ ٻيا ديوتائون پڻ. ماتا پڻ ديوتا آهي ڇو جو اها جنم ڏئي ٿي. پتا ديوتا آهي جو هُو پالي ٿو. اُستاد ديوتا آهي جو هُو گيان ڏئي ٿو. مهمان ديوتا آهي، جو اهو انساني ڌرم پالڻ جو موقعو ڏئي ٿو.

اِن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته انسان سج، چنڊ هوا يا جل ٺاهي نٿو سگهي، ڌرتي نٿو ٺاهي سگهي. جيڪڏهن ڪيس ديوتا ٺاهڻو آهي ته اهو ضروري آهي ته هُو اِنهن ديوتائن جا گڻ پنهنجي اندر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. سج ۾ ڪهڙو گڻ آهي؟ وقت

شڪايت ڪندو رهي! اهڙئي چوندو رهي!

”قيدِ - حيات - اي بندِ - غم،
اصل مين دونو ايڪ هئن،
موت سي پهلي آدمي،
غم سي نجات پائي ڪيون؟“

سک ۽ ڏک ٻه ڪرمن سان ملندو آهي. جي ڪرم نيڪ نه هوندا ته موت کان پوءِ به مڪتي نه ملندي.

۽ چوڻ وارا اِئين به چوندا آ:-

فنا ڪا هوش آنا، زندگي ڪا درد - سر جانا،
اجل ڪيا هئه خماري بادهء هستي ڪا اُتر جانا“

پر مان اِئين نٿو مڃان. مان نٿو چوان ته زندگي ڏک ۽ مصيبت آهي. اِهو به نٿو چوان ته اِهو خمار آهي. منهنجو وشواس آهي ته انساني جيون هڪ مهان وردان آهي. وردان مڃيو يا ٻيو ڪجهه، اِهو شروع ٿئي ٿو ته پورو به ٿئي ٿو. هن جي سماپت ٿيڻ جي چنتا ونوت آهي. اِها ته نشچت ۽ اَٽل ڳالهه آهي، پوءِ ان لاءِ ڏک ڇاجو؟ چنتا ڇاجي؟

اِهو آهي ديوتا جو هڪ ڳڻ. جيڪو ديوتا آهي، اُن کي موت کان ڊپ نٿو ٿئي.

چا آهي؟ ٻنهي هلڻ جو اهو مطلب آهي ته سج جي
جڏهن گڻ کي اسين ڌارڻ ڪري سگهون ٿا. ان کي
ڌارڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. سج جو هڪ گڻ
اهو آهي ته اهو هميشه پنهنجي گهيري اندر چڪر
ڪاٽيندو رهندو آهي. ان کان ٿورو به ٻيو نه ٿيندو
آهي. انسان جو به هڪ گهيرو آهي. اهو آهي انسانيت
ان ڪري ضروري آهي ته هو ان حد اندر رهي. ان
حد کان تڏهن ٻاهر نڪري جڏهن ديوتاپڻي ڏانهن
وک وڌائي؛ هيٺ ڪرڻ لاءِ نه. ان ڪري وڌ انسان
کي چيو آهي، "ايشور توکي منش چولو ڏنو آهي،
هيٺ ڪرڻ لاءِ نه، پر مٿي چڙهڻ لاءِ." سج جو ٻيو گڻ
اهو آهي ته هو سمنڊن، نديُن، واهن، ڍنڍن، کوهن،
سڀني مان پاڻي ڪڍندو آهي. پنهنجن ڪرڻن سان
هو هر جڳهه جي پاڻيءَ کي ٻاڦ جو روپ ڏيئي مٿي
چاڙهڻ بعد هو پاڻيءَ کي پاڻ وٽ نٿو رکي. ڌرتيءَ
کي واپس ڏيندو آهي ته جيئن کيت سرسبز ٿين. گل
ڦل ڦٽن، سبزيون پيدا ٿين، ميون سان ڀريل وڻ جهومڻ
لڳن. هر طرف ساوڪ ڇانئجي وڃي. هر طرف نئون
جيون جاڳي. نديون وري ڀرجي وڃن، تلاءَ وري
ڀرجي وڃن، کوهه ۽ ٽانڪيون نمتار ٿي وڃن.

هي انسان! جيڪڏهن تون سورج جي پوڄاري
ڪرڻ چاهين ٿو ته سندس گڻن کي اپناءِ. ايمانداريءَ

تي اچي ٿو ۽ وقت تي وڃي ٿو. اٽڪل ٻه ارب سال ٿي ويا آهن، هڪ ڏينهن ڇا پر هڪ پل لاءِ به هن هڙتال نه ڪئي آهي. هوءَ ڪڏهن به ڪنهن مزدور-سنگهه جو ميمبر نه ٿيو آهي. جي ميمبر ٿي وڃي ۽ ٻڌ چوي نه مونکي ٻه سال ۾ ٻن مهنن جي لاءِ موڪل گهرجي نه سوچيو ته. هن دنيا جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ ان ڪري ٻراچين ڪال ۾ ٻرهمچاري جڏهن گروءَ وٽ پهچندو هو تڏهن گروُ ان کي پهرائين اهو ئي اپديش ڏيندو هو، ”سورج وانگر ڪرم جي رستي تي هل. سورج وانگر چمڪي ڏيکار، سج وانگر گندگيءَ کي ناس ڪر. سج وانگر روشني ڏي. جيئن سج هن سنسار جو ڪاروبار هلائي، ڪرم يوگ جي رستي تي هلي ٿو، تون ان جي پيروي ڪر. جيئن سج روڳ ۽ گندگيءَ کي ناس ڪري هر شيءِ کي شڌ بڻائي ٿو، تيئن تون به پاپين ۽ ڀليل ماڻهن جي رهبري ڪري، کين ٻرڀوءَ جو ڀڳت بڻاءِ.

ڪيترا ماڻهو مونکان پڇندا آهن ته سج جي ٻنيان ڪيئن هلون؟ سج نه ڌرتيءَ کان نو ڪروڙ تيهه لک ميل پري آهي، سج نه ڌ ڌڪندڙ هيليم گئس جو گولو آهي. اتي نه هر پل سوين ائٽم بم ۽ هائيڊروجن بم ڦاٽندا آهن. هر پل ۾ ڪيترا لک ميل ڊگهن چڪرن پيدا ٿيندا آهن. ان جي ٻنيان پنيان، هلڻ جو مطلب

چمڪندو رهندو آهي. ڪمس خبر هوندي آهي ته بادل هميشه نه هوندا. اهي گهٽائون ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور وسڪارو ڪندا بون. آسمان ڪڏهن نه ڪڏهن صاف ٿي ويندو. پوءِ سورج جي پرڪاش سان ڌرتي چمڪڻ لڳندي. اوهان به ائين ڪريو پائي! دنيا ۾ سک ۽ دک ته ايندائي رهندا آهن، ايندا آهن ۽ هليا ويندا آهن. دکن جا بادل ڇانئجي ويندا آهن. هار، وڇوڙو، غريبي، بيماريءَ جا بادل پکڙيا آهن. پر انهن جو انت به ايندو آهي. سورج وانگر هميشه آشاوادي ٿيو. نااميديءَ جي ڇاپي کي به وجهه اچڻ نه ڏيو. اهي ڪشٽ آخر ۾ ضرور دور ٿي ويندا. اهو انڌڪار هميشه نه رهندو. اميدن سان، وشواس سان، سورج وانگر چمڪو.

سورج ۾ ٻيو ڳڻ اهو آهي ته هو هر گندگيءَ جي وجهه اچي پهچندو آهي. جتي گپ آهي، ڪيچڙ آهي، بدبوءِ ڦهلائيندڙ پاڻي آهي، جتي گند آهي، اُهڙي هر جڳهه تي سورج جا ڪرڻا پهچندا آهن. سندس هرهڪ ڪرڻو، هر گندگيءَ کي صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر خود ميرو ڪڏهن به نه ٿو ٿئي. اوهان اُهڙو ڪم ڪريو منهنجون ماتائون! سڄڻو! برائي کان نفرت نه ڪريو. اُن کي دُور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، البت خود برائي ۾ نه ڦاسي پئو.

سان ڌن ڪماءِ. سٺن طريقن سان خوب ڌن ڪماءِ. وڏ لائين نٿو چوي ته ڌن نه ڪمايو. ويد ۾ بلڪل صاف نموني ٻڌايل آهي ته

”يڻن ڌڻين پريٽم“

هي پريو! اهڙي ڪرپا ڪر ته جيئن منهنجو ڌن ۽ سمپتي هميشه وڌندي وڃي.

اپنشد ۾ چيو ويو آهي ته: ”خوب اناج پيدا ڪريو ڌن پيدا ڪريو. ان ۾ن سان اٿئي وڌو ته اسان کي گهڻو ڌنوان ٿيڻو آهي. اناج جا وشال پيدا وار ڪرڻا آهن. ان ۽ ڌن جي نندا نه ڪريو. ٻر سورج وانگر، جو ڌن کي گڏ ڪريو ته ان وانگر اهو ڌن واپس موٽائي ڏيو. انهن کي ڏيئي ڇڏيو، جن کي ان جي ضرورت آهي. جيڪي بيمار آهن، دکي آهن، مسڪين آهن. اوهان وٽ ڌن آهي ته ان مٿان نانگ ٿي ويهي نه وهو. ان کي ديش لاءِ، سماج لاءِ، ٻين ماڻهن لاءِ خرچ ڪريو ان ڌن جو اهڙي نموني اپيوگ ڪريو ته جيئن گهرجائو ماڻهن جي دلين جا سڪل کيت سرسبز ٿين. انهن جي جي خزان، بهار ۾ بدلجي وڃي.

سچ ۾ نيون ڳالهه آهي ته هڙ ڪڏهن به نا اميد نٿو ٿئي. بادل اچن ٿا، گهنگهور گهٽائون ڇانئجن ٿيون انهن جي ڪاري چادر جي پٺيان سورج لڪي ويندو آهي. پر سورج سڀني جي مٿان ٻيا ڪڏهن پيدا ٿاو جي

ڳوٺ ۾ ڪجھ عورتون پاڻي ڀري رهيون هيون. هن پاڻي گھريو ته هڪ ديويءَ تازي پاڻيءَ جو مٽڪو ڪڍيو ۽ کيس پاڻي پيئارڻ لڳي. سورداس پاڻي پيتو. جان اک کڻي ان ديويءَ ڏانهن نهاريائين ته... سندس من ميرو ٿي پيو. ان ديويءَ وري مٽڪو ڀريو ۽ کڻي پنهنجي گھر ڏانهن هلڻ لڳي. مٽڪي کي اندر رکي ڏٺائين ته ٻنيان دروازي وٽ سورداس ويٺو آهي.

ديويءَ پڇيو، ”ٻيو به پاڻي پيئندا ڇا؟“

سورداس چيو، ”نه.“

ديويءَ پڇيو، ”اوهان کي ٻي ڪا شيءِ کپي ڇا؟“

سورداس چيو، ”ها.“

ديويءَ پڇيو، ”ڪهڙي؟“

سورداس وراڻيو، ”هڪ تيز ڇري ٿوريءَ دير جي لاءِ.“

ديوي گھر ويئي. سورداس جي من ۾ ”دواسر سنگرام“ لڳي رهيو هو. يعني نيڪي ۽ بديءَ جي ٻٽ ٿي رهي هئي. جڏهن ديوي ڇري کڻي ٻاهر آئي ته سورداس تيز ڇريءَ کي پنهنجي هٿ ۾ جھلي پهريائين پنهنجي هڪ اک جي پتلي ٻاهر ڪڍي، پوءِ ٻي اک جي. اکيون ٽڪري ويئون. چهرو خونا خون ٿي ويو. سورداس ڇريءَ کي اڳتي وڌائيندي چيو، هي وٺ ديوي جي! اکين ۾ پاپ اچي ويو، ان ڪري مون

اهڙا ته ڪيترا گڻ سڀ ۾ آهن. سڀ جي پٺيان
هلڻ جو اُرٿ اهو آهي ته انهن گڻن کي حاصل ڪريو.
۽ سڀ وانگر ديوتا بڻجو.

اپنشد ۾ هڪ آکاڻي اچي ٿي. ديو، راڪاس ۽
انسان، ٽئي ويا پرجاپتي وٽ. ٽنهي چيو، "اسانجو
فرض ڪهڙو آهي؟ ان باري ۾ اپديش ڏيو." برهما
ٽنهي کي هڪ ئي اکر "د" چيو. ديوتائن ان جو مطلب
ٺيڪ سمجهو ته "د" جي معنيٰ آهي ڏيڻ" دان ڏيڻ
راڪاسن به ٺيڪ سمجهو ته "د" جي معنيٰ آهي ديا
ڪرڻ ۽ انسانن به ان جو اُرٿ ٺيڪ سمجهيو ته "د"
جو مطلب آهي پنهنجن اندرين جو دمن ڪرڻ، انهن
کي پنهنجي وس ۾ رکڻ.

دان، ديا دمن انهن ٽنهي ڳالهين ري انسان هلي
ته ديوتا بڻجي وڃي.

انسان اندرين جو دمن ڪري، انهن کي پنهنجي
وس ۾ رکي، ان جو اُديش ڪهڙو آهي؟ اهو ته اندرين
کي ناس ڪري ڇڏي؟ ڪجهه ماڻهو ائين به ڪندا
آهن. اندرين جو ناس ڪرڻ معنيٰ اندرين جو دمن
ڪرڻ نه آهي. اوهان سورداس جي آکاڻي ته ٻڌي
هوندي هوءِ ڀڳوان ڪرشن جو ڀڳت هو. ڀڳتي سان
ڀريل گيت لکندو هو، انهن کي جڳهه جڳهه ري ڳائيندو
هو، پنهنجي ڪرشڻ ڀڳتيءَ جو پرچار ڪندو هو. هڪ

سان اوهين ڪنهن نرٻل جي سهائتا ڪري سگهو ٿا. ڪنهن ستايل جو بچاءُ ڪري سگهو ٿا. ڪنهن اناٿ جي به مدد ڪري سگهو ٿا. ڪنهن روڳيءَ جي شيوا به ڪري سگهو ٿا. اِهو هٿ نه وڏي ڪم جي شيءِ آهي. ان ڪان سواءِ ڪم نه وٺي هن طرح سڪائي ڇڏڻ ۽ بيڪار ٻڌائڻ ڪهڙو تپ آهي؟ اِهو اِندرين جو دمن ڪيئن ٿيو؟ ڀڳوان ڪرشڻ گيتا ۾ بلڪل ٺيڪ چيو آهي ته تپ ۽ تياڳ سان من ۾ ويراڳ پيدا نه ٿيندو آهي. تياڳ ۽ ويراڳ ٻنهي ۾ گهڻو فرق آهي. تياڳ اهو آهي جنهن ۾ ڪنهن شيءِ کي ڇڏي ڏجي، پوءِ ٻلي ان جي اڇا سان من ٻاڌل ٿيندو هجي. ويراڳ ۾ دلي من کي بدلي ڇڏڻ. ان شيءِ جي موهه کي، ان جي اڇا کان ئي ڇڏي ڏجي.

هڪ ماتا مونکي ٻڌايو، "مان هردوار وڃي هنس سراميجي، اتي اڙد جي دال ڇڏي آئي آهيان."

مون ڪلندي چيو، "ڇڏڻي هئي ته ڪو ڇڏي اچين ها ماتا! ڪروڌ ڇڏي اچي ها يا ماتا ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي اچي ها، ان اڙد جي دال کي ڇڏڻ سان ڇا ٿيو؟"

وري اهو ڪهڙو ڇڏڻ آهي جو ٻاهران ڇڏي ڏيو ۽ من ۾ اڙد جي دال پڪاريندا رهو ته اڙد جي دال ڪيتري سٺي ٿيندي آهي! ڪيتري سوادي ٿيندي

انهن جو اَنت آڻي ڇڏيو.“

سچ پچ، همت ڀريو ڪم! اهو پنهنجن هٿن سان پاڻ کي اَندو ڪري ڇڏڻ ڪا رواجي ڳالهه نه. ڪانهي ٻيو همت ڀريو هوندي به اهو ڪم نيڪ نه هو. ڏوهه من ڪيو، سزا اکين کي ملي؟ اهو انصاف ناهي. انهن اکين سان اسين ماتا کي ڏسون ٿا، ڌيءُ کي ڏسون ٿا. انهن ۾ ڪڏهن به پاپ يا ڀيج ايندو آهي من ۾. ان من کي سزا ڏيڻ جي بدران، ٻي ڏوهي اکين کي ڪيڻ نيڪ نه آهي. اهو اندرين کي ناس ڪرڻ آهي انهن جو دمن ڪرڻ نه. اک نه صرف ساڌن آهي. اها ڪڏهن به بدلجي نٿي، من بدلجي ٿو. من ئي پاپ ڏانهن وٺي وڃي ٿو؛ من ئي ڀيج ڏانهن. من کي بدلي ڇڏيو نه انهن ٿي اکين سان نيڪ ڪم به ٿيندا آهن. جي اوهان من کي نه بدليو؛ اک يا ٻئي انگ کي ناس ڪري ڇڏيو نه اها اندرين کي ناس ڪرڻ جي ڪريا ناهي.

ڪيترا ماڻهو پنهنجا هٿ سڪائي ڇڏيندا آهن، هٿ کي مٽي ڪٽيندا آهن نه پوءِ مٽي ئي رکندا آهن. آهستي آهستي اهو سڪڻ لڳندو آهي. ڪاٺ وانگر سخت ٿي ويندو آهي. بيڪار ٿي ويندو آهي. اهو تپ نه چئبو. ڀڳوان هٿ ان ڪري ڏنو آهي نه ان کي سڪائي ڇڏيون، بيڪار بڻائي ڇڏيون! انهن هٿن

”سيڪڙن کهان ديوان جي، اُتسي ڏيئي ڏين
جيئُن جيئُن ڪر اوُڀر اُٿين،
تيئُن تيئُن نيچي نئَن.“

ديوان جيءَ ڪويءَ جو مطلب سمجهي ورتو ۽ ٻيا
اڪ مٿي ڪٽڻ جي چپائين:

”ڏيئي والا اؤر هئه، اؤ ڏيتا هئه دن رئن،
وهه ڀرم مجهه پر ڪرين، اِس هت نيچي نئَن“

اڙي ٻائي! ڏيڻ وارو نه ٻيو آهي. اهو ڏيڻي ني نه نه داني دان ڪيئن ڪندو؟ هوُ دل کولي ڪري ڏيندو آهي، تون به دل کولي ٻين جي سهائتا ڪر ۽ ان ڳالهه کي نه وسار ته تون جيڪڏهن ڪڏهن سٺي ڪم جي لاءِ، ڪڏهن غريب ۽ دکي جي سهائتا لاءِ، ڪڏهن اناٿ ۽ ودوا کي سهارو ڏيڻ لاءِ، ڪڏهن روڳي ۽ محتاج جي لاءِ، ڪڏهن ٻار جي تعليم لاءِ، ڪڏهن بيڪار کي روزگار لاءِ، جڏهن مان ماڻهن جو ڀلو ٿئي اهڙن ڪرهن لاءِ، مندرن لاءِ، ٺلاڻن لاءِ، ڌرمشالا لاءِ دان ڏين ٿو ته دان وٺڻ واري تي ڪو احسان نٿو ڪرين. دان وٺڻ وارو توتي ڪرپا ٿو ڪري جو هوُ تنهنجي ملڪيت کي نيڪ ڪم ۾ لڳائي ٿو. اهڙيءَ طرح ايمان ڪانسواءِ، ٻين جو ڀلو ڪرڻ لاءِ، ٻين جو ڏک دور ڪرڻ لاءِ، نربل جي سهائتا ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن

آهي! ڪائي ڪيترو آنند ايندو آهي! اهو نه چڱو نه آهي پاڻي! هردوار ۾ ڇڏي آئين ۽ هر گهڙيءَ اُن جا سپنا ڏسندو رهين، اهڙي تياڳ کي نه چئبو آهي، ڏيڻ چڱو چئبو آهي. ڇڏي ڏنو هجي، ڏنو هجي نه من سان ڏنو کپي. اهو آهي دکونائڻو. خوب ڪمايو خوب دان ڪريو، اهو دکونائڻو آهي.

هڪ سيٺ هر روز دان ڪندو هو. صبح جو رپيا، آٽو، پائليون، ڏهڪيون سيڌي جو ٺپو لڳائي ويٺي رهندو هو، ونڻ واري کي ڏسندو نه هو، جيڪو گهرپس اُن کي ڏيندو ويندو هو. هڪ ڪوئيءَ اُن کي ڏٺو، سوچيو، جيڪڏهن ڪو ٻيو ٻيون ڀيرو ونئي ته سيٺ کي خبر ڪيئن پوندي؟ هي ڪڏهن جي منهن ڏانهن نه اک کڻي به نٿو نهاري. ۽ ڪيترا ماڻهو اُئين ڪندا به آهن. گرودوارن ۾ پرساد ورهايو ويندو آهي! هڪ شرارتي ڇوڪري هٿ اڳيان وڌايو، پرساد ورتو هن ۾ لالچ هئس. پرساد وارو هٿ پٺيان ڪري ٻيو هٿ اڳيان ڪيو. پرساد ورهائڻ واري چيو، ”ٻئي هٿن سان پرساد وٺ.“ ڇوڪري جلدي پرساد کي پٺيان رکيو. پرساد خراب ٿي ويو. شايد ڪتو کائي ويو. اُئين نه ڪيترائي ونڻ وارا ايندا آهن.

اِن ڪري اُن ڪوئيءَ پڇيو:

شرط ٿي ته ڀوڄائين اسين کائينداسين ۽ ٻئي ديوتائون. اوهانکي اهو شرط قبول نه هجي ته ٻئي ديوتائن سان اسانجي گيان گوشٽي ۾ مقابلو ڪرايو وڃي. خبر پئجي ويندي ته ڪير ودوان آهي!"

ٻگيه ڪندڙن چيو، "گيان گوشٽ جي ضرورت نه آهي. اسان کي اوهانجو شرط قبول آهي. پر اسانجو به هڪ شرط آهي. ڀوڄن کان اڳ اسين اوهانکي ۽ ديوتائن کي ٻنهي جي ٻانهن سان ڊگهيون لڪڙيون ٻڌي ڇڏينداسين."

ديوتائن چيو، "اسانکي اهو شرط قبول آهي. هلو، ڀوڄن پروسيو وڃي."

هر هڪ ديوتا جي ٻنهي ٻانهن سان لڪڙيون ٻڌيون ويون ته جيئن هو هٿ کي وات تائين آڻي نه سگهن ۽ تڏهن سيني جي سامهون ٿال رکيا ويا. ٿالن ۾ ٻُوريون، حلوو، کير، مالپوڙا، لڏون، جليبيون ۽ طرحين طرحين جون سبزيون رکيون ويون.

ٻگيه ڪندڙن چيو، "هاڻي ڀوڄن شروع ڪريو!"

ديوتا کائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا ته ڏاڍي عجيب ڳالهه ٿي. ٻُوري کڻي وات ۾ وجهن ته وات تائين پهچي ئي نه. وات کولي وات ۾ اڇلن ته ڪڏهن هڪ ڪلهي جي پٺيان وڃي ڪري ته ڪڏهن ٻئي جي. حلوو کڻي وات ڏانهن اڇلن ته ڪڏهن وڃي مٿي تي

دان ڏجي ٿو ته اهو ديوتاپڻو آهي.

ديوتا ۽ دئيت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ايشور پنهنجي ڪي ڏني ٿو. ”ديوتا“ ايشوري ذات کي پڻ جي لاءِ خرچ ڪري ٿو. دئيت اُن کي صرف پنهنجي لاءِ خرچ ڪري ٿو. مهينو پورو ٿيو. پگهار اچي ويئي. هاڻي پوڄائون پيون ٿيون. هيترا رپيا بچن ٿا. هڪ ٽرانزسٽر خريد ڪريون، هڪ فرج وٺون، هڪ ڪولر وٺون، هڪ ٽيليويزن گهر وٺي اچون. سڀ ڪجهه پنهنجي لاءِ ڪريون، اهو ڪم ديوتا جو ناهي.

جيڪو پنهنجي پراڻن جي رکشا جي لاءِ پڻ جا پراڻ وٺي ٿو، اهو دئيت آهي.

هڪ جڳهه تي يگيه ٿي رهيو هو. يگيه پورو ٿيو ته يگيه ڪندڙ ديوتائن ۽ دئيتن پنهنجي کي ڪوٺايو ته پوڄن ڪرڻ اچو. ديوتائن اها نيند قبول ڪئي. دئيتن چيو ”اسين اها نيند قبول نٿا ڪريون.“

يگيه ڪندڙن پڇيو، ”اوهان ناراض ڇو ٿيو؟ هي ته يگيه جو پوڄن آهي ۽ سڀني لاءِ آهي.“

دئيتن چيو، ”اهڙن نيندن ۾ اسانجو اپمان ٿيندو آهي. اسين ديوتائن کان ڪنهن به ڳالهه ۾ گهٽ نه آهيون. پر اوهين پهريائين ديوتائن کي کارايو ٿا. اهي کائن، پوءِ اسان کي وجهايو ٿا. اسانکي اهو اپمان قبول ناهي. اسين پوڄن ڪرڻ اچي سگهون ٿا؛ پر اڳ

لاءِ ڪمائيندا آهن ۽ ايمان ڪندا آهن ته هُو ڪروڙو ڪم ٻيا ڪن، انهن جي ٻاري ۾ ڀڳوان ڪرشڻ چيو آهي ته اهي دئيت آهن. جن ۾ اهنڪار آهي، جن جو ڪروڌ وس ۾ نه آهي. جن جي واڻيءَ ۾ ڪٺورتا آهي ۽ جيڪي اگياني آهن، اهڙن ماڻهن کي ڪرشن ڀڳوان دئيت چيو آهي.

هيءَ جڀ آهي نه! هن ۾ لڪڙي لوهه ڪونهي پر هيءَ ڪيتري نه ڪومل ۽ لچڪدار آهي! ان مان ڪا ڪوڙي ڳالهه نڪري ڪيئن ٿي سگهي؟

”واڻي ائسي بوليئي، مَن ڪا آپا کوءِ،
اورن ڪو سيتل ڪري، آپ ڀي سيتل هوءِ.“

مٺو ڳالهايو! خوب ڪمائي پنهنجي ڪمائيءَ ڪي ٻين جي ڀلائي لاءِ دان ڪري، خرچي ڇڏيو. اسان وٽ ته دان کي هڪ ڀلائي ٻڌايو ويو آهي. پوڄيه پنڊت مدن موهن مالويه هڪ دفعي اهو ڄاڻڻ لاءِ ڪاميٽي مقرر ڪئي ته ڀارت ۾ هندو ڪل ملائي سڄي سال ۾ ڪيترو دان ڪن ٿا. اها ڪاميٽي سڄي ڀارت جي ٻاري ۾ ته پتو لڳائي نه سگهي. پر جيترن حصن ۾ ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ويئي، ان مان پتو پيو ته اُتان جا هندو اٽڪل ٻه ارب رپيا هر سال دان ڪندا آهن. اها ڪاميٽي جيڪڏهن سڄي ڀارت جو ۽ ڀارت کان

لڳي ۽ ڪڏهن اَکين ۾. اهڙيءَ حال ۾ شين جو نه ٿيو. قسمين قسمين جا پڪوان سامهون هئا پر وات ۾ ڪجهه به نه ٿي ويو. ڪافي دير تائين اهو تماشو ٿيندو رهيو. جڏهن ڪافي وقت ٿي ويو ته ڀڳتي ڪندڙن چيو، ”دئيت مهاشيو! هاڻي اٿو. هاڻي ديوتائون ڀوڄن ڪندا.“ ويچارا دئيت ڀڪياڻي اُٿي ڪڙا ٿيا. ڪنهن جي پيٽ ۾ هڪ گرهه به ڀوڄن جو نه ويو.

هاڻي ديوتائن جو وارو آيو. ڀڳتي ڪندڙن اُنهن جي ٻانهن سان به لڪڙيون ٻڌي ڇڏيون تڏهن هڪ ديوتا چيو، ”ڏسو ڀائرو! اڄ ماڻهو هڪ قطار ۾ ويهون ۽ اَڌ اُن جي سامهون واري قطار ۾ ويهن.“

هنن ائين ئي ڪيو. ڀوڄن شروع ٿيو. هر هڪ ديوتا پوري، حلوو، مٺائي يا سبزي کڻي ۽ پنهنجي وات ۾ وجهڻ جي ڪوشش نه ڪري، پنهنجي سامهون ويٺل ديوتا جي وات ۾ وجهي. هن پاسي وارن به ائين ڪيو ته سامهون وارن به ائين ڪيو. ٻنهي قطارن ۾ ويٺل ديوتائن چڱي طرح سان ڀوڄن ڪيو.

اهو آهي ديوتائن جو طريقو! اهي پنهنجو نه ٻين جو پيٽ ڀريندا آهن. ٻين جو پيٽ ڀرڻ سان هنن جو پيٽ به ڀرجي ويندو آهي. ائين ڪندي به ديوتائون ايمان نه ڪندا آهن. جيڪي صرف پنهنجو پيٽ پاليندا آهن، صرف پنهنجي لاءِ سوچيندا آهن، پنهن

جتي دان ڏيڻ وارا اُتي گوڏا کوڙي ويهي رهندا آهن ۽ ٺڏهن مقرر وقت تي فقيرن جون ٽوليون اُنهن سڙڪن تي هلنديون آهن. ماڻهو اُنهن کي پرنام به ڪندا آهن ۽ سر جهڪائي کين ڀوڄن، ڪپڙا، پئسا وغيره به ڏيندا آهن. ڀڪاري دان ۾ بلڪل هرهڪ چيز ڪڻي پنهنجي پنهنجي مندر يا آستان ۾ ويندا آهن. لوڪل ڀاشا ۾ اُنهن کي ”دت“ چيو ويندو آهي. اُتي وڏي ڀڪاريءَ جي سامهون سڀ شيون رکيون وينديون آهن. چانور هڪ طرف، سبزيون وغيره ٻئي طرف، ڦل ٽئين جڳهه تي، ڪپڙا الڳ ۽ روڪ پئسا الڳ رکيا ويندا آهن. پوءِ اُنهن سڀني شين کي، اُنهن ماڻهن جي ضرورت موجب ورهايو ويندو آهي. سڀ کان پهريائين اُن ”دت“ يا آستان ۾ رهندڙ اناٿ وديارٿين جو حصو ڪڍيو ويندو آهي. اُن بعد ٻين ۽ اپنگ ماڻهن جو، اُن کانپوءِ بيڪار ماڻهن جو ۽ پوءِ ڀڪاري عورتن جو جيڪي ڀيک پنڻ نه وينديون آهن. باقي جيڪو حصو بچندو آهي، اُن کي ڀيک وٺندڙ ڀڪارين ۾ ورهايو ويندو آهي، پهرين هڪ دان سان ڪيترا مسئلا حل ٿي ويا.

اسانجي ديش ۾ به وڏا گڻ هئا. ديا ۽ دان. ٻئي هن ديش جا ڳهڻا هئا. هاڻي جنجال ٻڻجي پيا آهن.

سوامي اچيت آنندجيءَ گجرات - ڪاٺياواڙ جي هڪ آکاڻي ٻڌائيندو هو ته ڪهڙيءَ طرح دان جي

ٻاهر رهندڙ هندن جو ٻڌو لڳائي ته شايد اهو انگ ٽن اَرب رپين لاڳين پهچي ها.

اها ڳالهه چاليهه سال اڳ جي آهي، جڏهن ڪٽڪ جو هڪ مڻ چڻن رپئي ۾ ملندو هو. ماڻهن وٽ پئسو گهٽ هو، شيون سستيون هونديون هيون. هاڻي شايد ڪٽڪ چاليهين رپئي مڻ آهي، ان ڪري ٽن کي ڏهن سان ضرب ڪرڻ گهرجي. يعني اڄ هن ديش ۾ ۽ ٻين ديشن ۾ هندو انڪل ٽيهه ارب رپيا هر سال دان ۾ خرچ ڪندا آهن. سوچي ڏسو، اهو جيڪڏهن دان نيڪ ڍنگ ۾ خرچ ڪيو وڃي ته ڪيترو پئسو هن ديش ۾ اچي سگهي ٿو؟ ديش ۾ ڪيتريون نرماڻ-يوجنائون ملي سگهن ٿيون؟ ڪيترا اسڪول، اسپتالون ۽ ڪارخانا کلي سگهن ٿا؟

مان ٿائلينڊ ويس. ڏٺم ته دان جو نيڪ ڍنگ سان اُپيوگ ڪرڻ لاءِ ڇا ڇا ڪيو پيو وڃي. ٿائلينڊ ۾ امير هجي يا غريب، هر هڪ ماڻهو پنهنجي سمرٿيءَ انوسار دان ڏيندو آهي. گهرن ۾ ديويون پره ڦٽيءَ جو ئي اٿنديون آهن. گهر جي صفائي ڪري روٽي ڪنديون آهن. پوءِ گهر جي استري يا پرش، جيڪو به واندو هجي، ڀوڄن جو ٿورو حصو ۽ ڪجهه پئسا کڻي ان روڊ تي پهچي ويندو آهي، جتي دان وٺڻ وارا ڀڪاري ويٺا هوندا آهن، اهڙيون ڪيتريون ئي سڙڪون آهن

ٻڌا ويندا ته جيئن هو مڱڻهڻن کي ماري نه سگهي.

اِها هُئي سيٺ صاحب جي ديا!

”ديا ڌرم ڪا مُول هَي، پاپ مُول اڀمان،
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ ۾ پران“

ڇا تلسيداس اِن ديا جو ورڻن ڪيو آهي، جنهن کان سيٺ صاحب ڪم ورتو؟ پاڙيوارو گهڻو واقف ڪيترن ڀيرا ماڻهن سوچيو، ان کان سٺي نوڪري ٻيا ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ مڪان؛ ٻه ڏينهن ساڻ گڏ مهيني جا ٿي سئو رپيا پگهار. ٿورڙن وقت ڪيترائي عرضيون آيون. اميدوار روبرو آيا. ڪجهه ماڻهو چونڊيا ويا. سيٺ کان پهريون موقعو هڪ نوجوان کي مليو. هو رات جو روئي ڪائي سيٺ جي پلنگ تي ليٽي پيو. هن من ۾ سوچيو، ”هيءَ ته عجيب نوڪري آهي!“ اڃا ٿوري دير مس گذري ته ڪيس مڱڻهڻ چڪ پائڻ لڳا. سندس هٿ پير ٻڌل هئا. ڪجهه وقت تائين هو ڌڪيندو رهيو؛ پنهنجي سر کي ڪنڌيندو رهيو. پر جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو، مڱڻهڻ به وڌڻ لڳا. آخر ۾ تنگ ٿي هو ٻڌل هٿن پيرن سان پلنگ کان هيٺ ٽپو ڏنائين، پوءِ ته رڙيون ڪندو گهر کان ٻاهر ڀڳو ته، ”مونکي اهڙي نوڪري نه کپي. ڏڪار آهي اهڙيءَ نوڪريءَ تي!“

ستياناس ٿي ويئي. ھوءَ لکن جو مالڪ ھو. سندس ملڪيت
جو وارث ڪوبہ نہ ھو. جڏھن مرڻ لڳو تہ ڪيس پنھنجي
ملڪيت جي چنتا ٿي. پلنگ تي پيو ھو، اُٿي نٿي
سگھيو. تڏھن ھڪ منگهڻ ڪيس چڪ پاتو. سيٺ کي
ڏٺائين تہ مان اڃا جيئرو آھيان. اھي منگهڻ منھنجو
خون چوسي موج پيا ڪن. مون ڪانپوءِ انھن منگهڻن
جو ڇا ٿيندو؟ ھي ويچارا ڪنھنجو خون پيئندا؟ ؛
سيٺ جيءَ يڪدم پنھنجي وڪيل کي ڪوٺائي پنھنجي
سڄي ملڪيت جي وصيعت لکائي ڇڏي. ھڪ ٽرسٽ
ٺاھيائين جيڪا سندس گھر جو سنڀال ڪري؛ ھن جي موت
بعد ھر روز ڪنھن ماڻھوءَ جي سمھڻ جو بندوبست
ڪيو وڃي جنھن جو خون، ھن سيٺ جا منگهڻ چڱي
طرح پي سگھن، ٻيو ڳڻ ھن وصيعت ۾ اھو بہ لکايو
تہ جيڪو ماڻھو ھن پلنگ تي سمھي، تنھنجا ھٿ پير
ٻڌا وڃن، متان اھو ڪٿي منگهڻن کي ماري نہ ڇڏي.
ساڻ گڏ ھن سمھڻ واري ماڻھوءَ کي دل گھريو ناڻو
ڏيڻ جي سفارش پڻ ڪئي.

ھاڻي سيٺ صاحب مري ويو. ٽرسٽ جي اشتھار
ڪئي ويئي. ڍنڍورو گھمايو ويو تہ سيٺ صاحب جي
پلنگ تي سمھڻ لاءِ ماڻھوءَ گھرجي. اُن لاءِ بہ وقت پوڄن
۽ ڏہ روپيہ روز جا محنتاڻو ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي
شرط صرف اھو ٻڌايو ويو تہ سمھڻ واري جا ھٿ پير

رهيا هئا. هنن سان ٻڪدر لڪڙه ڪري ڇڏي. هن کي پيٽ ڀري پوڄڻ ڪرايو. ٻه سمهڻ کان اڳ کير نه پيئاريو. رات ٿي ته ٽرسٽ جي ملازمن هن کي سيٺ جي پلنگ تي ليٽائي ڪيس پلنگ سان ٻڌي ڇڏيو ته جيئن هو اٿي پئجي نه وڃي. پهلوان ليٽيو ته ڪيس ننڊ اچڻ لڳي. پيٽ ڀري کاڌو هئائين، ان ڪري ننڊ اچڻ لڳي. پر ان وقت نڪتي سيٺ صاحب جي پاليل مڱهڻن جي فوج. اڃا هڪ ٻن مڱهڻن پهلوان کي چڪ هنيو ته سندس ننڊ ڦٽي پيئي. هڪ ٻن جو چڪ ته هن سهن ڪيو. پر جڏهن چئني طرفن کان مٿانئس حملو ٿيو ته هو گهٻرائجي ويو. خارش اٿڻ لڳس پر نه ته هٿ پيا لڏي سگهن، نه پير، نه ٻنهي ۽ نه چيلهه. هن کي ته پلنگ سان ڦاهو ٻڌو ويو هو. تڏهن هن وٺي واڪا ڪيا، "اڙي، مونکي کوليو، مونکي نه گهرجن اهي پنجاهه رپيا."

هن جون رڙهون ٻڌي ٽرسٽ جا نوڪر ڊوڙي آيا ۽ چيائونس، "ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

پهلوان چيو، "مونکي کوليو پاڻي! مونکي پنجاهه رپين جي ضرورت ڪانهي، اها نوڪري مونکي نه گهرجي."

ٽرسٽ جي نوڪرن چيو، "پر تو انگريمينٽ ڪيو آهي ۽ دستاويز تي صحي ڪئي آهي." ان تي پهلوان

ٻئي ڏينهن ٽي ٽرسٽين کي پتو پيو ته جڏهن جوان
کي پلنگ تي سمهاريو ويو هو، اڌ رات جو ني پڄي
ويو. ٻي رات جو هنن ٻئي هڪ ماڻهوءَ کي موڪليو.
هڪ ڪلاڪ بعد اهو به رڙيون ڪندو ڀڄي ويو، ٽئين
رات جو ٽئين ماڻهوءَ کي موڪليو ويو، اهو به ڀڄي
ويو. ان ڪانپوءِ ڪير به وڃڻ لاءِ تيار نه ٿيو. سڀ
ٽرسٽ چنتا ۾ پئجي ويا ته هاڻي ڇا ڪريون. گهڻي
ويچار ڪانپوءِ اهي ان نتيجي تي پهتا ته ڏه رپيا گهٽ
آهن. هڪ رات جا ٥٠ رپيا ڪري ڇڏيو. نتيجي طور
ٽئين پڌراڻي ڪئي ويئي. سمنڊ جي پلنگ تي سمهڻ
لاءِ ماڻهو گهرجي. سمهڻ واري کي روٽيءَ کان سواءِ
پنجاه رپيا ڏنا ويندا، پر شرط اهو آهي ته ڪيس پلنگ
سان ٻڌو ويندو ته جيئن هو اٿي ڀڄي نه سگهي. هن
ڀيري اڳ وانگر وڌيڪ عرضيون نه آهن. بيڪار ماڻهو
به مڪڻن کان پنهنجو خون چوسائڻ لاءِ تيار نه هئا پر
منديءَ ۾ هڪ ڪسرتي پهلوان هو. سندس سريو جانٺو
۽ پريل هو. سندس هرهڪ عضوو رشت پشت هو.
ان سوچيو ته اهي مڪڻ آخر ڪيترو خون پيئندا؟
پنجاه رپيا گهٽ نه ٿيندا آهن. مان هرروز ويهن يا
ٽيهن رپين جو کير گيهه کائيندس ته ان کان گهڻو وڌيڪ
خون ٺهي ويندو. اهو سوچي هو تيار ٿي ويو. هو
ٽرسٽين وٽ ويو. ٽرسٽ وارا ته اڳ ئي انتظار ڪري

راجا صاحب پهريدارن کي آگيا ڏني ته هن ماڻهوءَ کي ڪوٺي ڇڏيو. ٻئي صبح جو هن جو ڪيس اسان جي سامهون پيش ڪيو وڃي.

صبح جو پهلوان کي پيش ڪيو ويو. پهلوان سڄي وارتا ٻڌائي. گڏو گڏ انهن ٽرسٽين جا نالا به ٻڌايا ويا جن جي آگيا سان هو پلنگ سان ٻڌو ويو هو.

ٽرسٽين جي نالي تي سمن جاري ڪيا ويا. هو آيا. راجا صاحب پڇيو، هي ڪهڙو ظلم پيا ڪريو؟" ٽرسٽين چيو، اسانجو ڪوئي ڏوهه ڪونهي. اوهانجي ڄ ۾ فلاڻو سيٺ مري ويو ته، ان جو ڪوئي وارث ڪونه هو. هن پنهنجي سڄي ملڪيت "مدگهڻ رکشا ڪوش" جي لاءِ دان ۾ ڏيئي ڇڏي. هن وصيت ۾ لکيو ته ان پلنگ تي هر رات ڪنهن ماڻهوءَ کي سمهاريو وڃي!"

اِهو آهي دان جو دُرپيوگ! ديا جو غلط وهنوار! سيٺ صاحب ڳئون رکشا ڪوش نه، ديش رکشا ڪوش نه پر "مدگهڻ رکشا ڪوش" جاري ڪيو. اِها ديا نه چئبي، دان به نه، پنهنجي جو ٻيڙو غرق ڪرڻ آهي.

ديوتا ٿيڻ لاءِ، ديالو ٿيڻ ضروري آهي. دان ڏيڻ به ضروري آهي. پر اِهي ٻئي ڪم سوچي-سمجهي عقل سان ڪرڻ جڳائين.

ديوتا لفظ جنهنجو مول ڌاتوءَ "ديو" مان ٺهيو آهي.

رڙ ڪندي چيو، ”جهنم ۾ پوي اوهان جي انگريمينٽ مونکي پيا منگهڻ ڪاٿين ۽ اوهانکي لڳي آهي قاعدي قانون جي. توهانکي منگهڻن تي دَيا اچي ٿي ۽ مون تي رحم نٿو پوي؟ ڀڳوان جي لااِ تي مونکي ڪولي ڇڏيو! مان پيو مران!“

نوڪرن چيو، ”هاڻي مهاراج جيءُ، اسين توکي ڪولي نٿا سگهون.“

پهلوان هو طاقتور. هن جڏهن ڏٺو ته روئڻ ۽ واڪا ڪرڻ سان ڪم نه هلندو ته هن زور لڳائي پلنگ کي اونڌو ڪري ڇڏيو. پهلوان هيٺ ۽ پلنگ مٿان. پر اجا به پلنگ اُن سان ٻڌل هو. هو پلنگ کي گهليندو ڪمري کان ٻاهر نڪتو، پوءِ رڙيون واڪا ڪندو پڇي ويو. نوڪرن کي همت نه ٿي ته کيس روڪي سگهن ۽ هو پلنگ کي پٺيءَ لي رکي، گهليندي - گهليندي اُن جڳهه تي پهتو جتي ابڙي جي راجا صاحب جو محلات هو. هو محلات جي واجهه پهچي زور زور سان واڪا ڪرڻ لڳو، ”انصاف، مهراج انصاف! مونکي بچايو، مان پيو مران.“ راجا سمجهيو پيو هو. آواز ٻڌي جاڳي پيو، ڇا ڏسي ته هڪ ماڻهو پلنگ پٺيءَ تي ڪٽي بيٺو آهي. هن پڇيو ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ پهلوان چيو، ڪن ماڻهن مونکي ٻڌي ڇڏيو آهي. پلنگ جا منگهڻ مونکي کائين پيا، مان مران ٿو، مونکي ڪولين نٿا.“

”ديوتاپڻو“ ته گهڻو ٻري جي ڳالهه آهي.

انهن ئي ”ديوتا“ لفظ جا ٻيا مطلب آهن. انهن جو هيٺيون بيان ڏنو ڪريان.

ٻه ديوتا ڪير آهي؟ ديوتا ۾ ڪهڙا گڻ ٿيندا آهن؟ اهو سڀ ڪجهه مون ڪيترن ئي طريقن سان ٻڌايا آهن ويد ۾ چيل آهي ته ”جنهن پرم پرش جو آڌر آهي ته! نت، جيڪو پوڄڻ جي لائق آهي، جنهن جي پوڄا سان هي سڄو سنسار پورو آهي، ان پرم پرش کي هميشه ديوتا ۽ سادڪ ۽ رشي حاصل ڪندا آهن.“

ان پرم پرش پرميشور کي پائڻ، ڄاڻڻ ئي انساني جيون جو حقيقي مقصد آهي. ان مقصد جي حاصلات لاءِ ئي اسانکي هيءُ مانش چولو مليو آهي.

”کهڻي کو رسنا رچي، سنئي کو ڏيهه ڪان ڏرنئي کو ڏيهه جت هڻ، سن لو سنت سڄان“

اڙي ڀائي! هيءَ جڀ ڪوڙو ڳالهائڻ، ٻين جي گلا ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، گارهون ڏيڻ ۽ طرحين طرحين جا سواد چکڻ جي لاءِ نه آهي. اها ان ڪري ملي آهي ته ان سان پريو پرماتما جو نالو وٺو. اهي ڪن صرف سنتن جا گيت، ٻين جا جهيڙا، ٻين جي گلا ٻڌڻ لاءِ ڪونهن پر اهي ان ڪري مليا آهن ته انهن سان پريوءَ جو نالو ٻڌو. هي چت، من ان ڪري آهي ته ان سان

ان جي معنيٰ ”راند“ نه آهي. ديوتا ٺڳيڙو آهي نه،
جيون کي راند سمجهي کيڏو. سڀ وقت به ايندو نه
خراب به، سک به ايندو نه ڏک به. جيت به هوندي ته
هار به. سڀ وقت هجي، سک هجي، جيت هجي ته به
ايمان نه ڇڏيو. ايمان ۾ ايشور کي ڀلجي نه وڃو. خراب
وقت اچي، ڏک اچي، هار ٿئي ته ڀڄڻين جي ساگر ۾
ڏک ۾ ٻُڏي نه وڃو. ان ڳالهه کي نه ڀلجو ته ايشور هاڻي
به موجود آهي. هو لڪي ڏسي ٿو. هو شو آهي، شنڪر
آهي، رحيم ۽ ڪريم آهي، هو ممتا سان ڀريل ماتا
آهي. تنهنجو دشمن ناهي.

ديوتا ۾ هڪ ٻيو به گڻ آهي. هو جهيڙو نٿو ڪري
سک ۽ ڏک، مان ۽ اپمان سڀ کان الڳ رهي ٿو، انهن
ڏانهن لاپرواهه رهي ٿو. جيڪي ماڻهو ننڍين ننڍين
ڳالهين تي پيا وڙهندا آهن، هر وقت ڪرني نه ڪرني
جهيڙو مچائي ويٺا هوندا آهن، جيڪڏهن اهي ديوتا
ٺڳڻ چاهين ته اهو نشچت روپ سان غلط آهي.

هتي هري ته، ”منهنجي ڳال ڇا آهي، جنسي
ڏاڻ آهي ڏاڻ!“

پتني چوي، ”منهنجو هتي ڇا آهي، جنسي
راڪاس آهي.“

هاڻي جي وڙهڻ آهي ته ان طرح وڙهندا رهو. پر
ان طرح من کي ڪڏهن به شانتي نه ملندي، سک نه ملندو.

جو درشن نٿو ٿئي ۽ اھو درشن انساني - چولي ۾ ٿي ٿئي، جيڪو گھڙيءَ نٿو ملي. ان سبب کان نفرت نه ڪريو. نه ئي ان جي گلا ڪريو. اھا نه ديوتائن جي نگري آھي. پر جيستائين اھو آھي، تيستائين ان مان فائدو وٺو. وري الائي ڪڏھن ملي، ڪيترن لکن ۽ ڪروڙن جنمن کانپوءِ ملي ھيءَ مانش ديھ.

”دُرلڀ مانش جنم ھءِ، ديھ نه ٻار ٻار،
ترُوَر جيئن پتا جھڙي، بھري لڳي نه ڏار“

وڻ جي ڏاريءَ تي پن ڇڻو آھي: الائي ڪڏھن ڪري پئي اھو! ۽ جي ھڪ ڀيرو ڪريو نه وري نه الي لڳندو. اھي پن نه ڪرندائي رھندا آھن: ڪرڻ جي لاءِ ٿي نه نھيا آھن اھي! ھاڻي ساوا ٿو ٿي ويا آھن. ان ڪري ھاڻي سياڻي.

پريوءَ جي ڌيان کي ڌارڻ ڪريون. ان کي پنهنجي من ۾ وساڻي ڇڏيو. پوءِ اوهان کي سک ملندو، شانتي ملندي؛ پوءِ ملندو اهو مقصد جنهن پهچڻ لاءِ اسانکي هي انساني - سرير روپي هي رٿ مليو آهي. اهو رٿ هميشه نٿو هلي. اڄ، سڀاڻي يا ڪجهه وقت کان پوءِ، آخر ۾ ان کي بيهجي وڃڻو آهي:

"آج ڪ ڪل ڪ پانچ دن، جهنگل هوگا واس
اوپر - اوپر هل ڦرين، ڍور چرينگي گهاس."

ان کان ڪم وٺو پائي! ان جي ايمان ۾ نه پلجي وڃو نه ان جي پڄاڻي اوس ٿيڻي آهي. ان جي حالت ان ماڻهوءَ جيان آهي. جنهن جا وار موت پڪڙي رکيا آهن. جتي به چاهي، اهو کيس روڪي ڇڏيندو. ان کان هڪ انچ، هڪ ملي ميٽر به هو اڳتي نه وڌندو:

ڪبيرا ڪها گرويو ڦري، ڪال گهي ڪر ڪيس
نا جاني ڪهان مارسي، ڪئي گهر ڪئي پرديس

ڪبير ٻئي هنڌ چيو آهي:

پاني ڪا ٻهه ٻلبلا، اس مانس ڪي جات،
ديکت هي ڇپ جائيگا، جيون تارا پربات.

ان ڪري سڀاڻي جي ڳالهه نه ڪريو. اڄ کان ئي شروع ڪريو. اهو جتن ڪريو نه جيئن اهو دپوتا پٽو ملي وڃي، جنهن کي حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ پراڻ- پراتم

(١) اهنسا- ڪنهن کي نه ستائڻ.

(٢) سچ- هميشه سچائي جو رستو اختيار ڪرڻ.

(٣) استيه- جو پنهنجو ناهي، جو محنت سان ڪمايل ناهي، اهو پڻ ڪان نه وٺڻ.

(٤) برهمچرير- پنهنجن اندرين کي وس ۾ رکڻ، سنسار جي پيت ۾ ايشور ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

(٥) اپريگره- وراڳ جي ڀاونا سان تياڳ ڪرڻ. ضرورت کان وڌيڪ گڏ نه ڪرڻ.

٢- هي پنج "نيم" آهن.

(١) شؤچ- پاڻ کي ٻاهران ۽ اندران صاف رکڻ.

(٢) سنتوش- هروقت، هر حالت ۾ جيڪو ڪجهه آهي، اُن کي قبول ڪري سنتوش ڪرڻ.

(٣) تپ- هر حال کي سهن ڪرڻ. پنهنجي ورت کي نه ٽوڙڻ.

(٤) سواڌياءُ- سنا گرنٿ پڙهڻ، سنن ماڻهن جو ستسنگ ڪرڻ، پنهنجو پاڻ کي پڙهڻ- آتم نريکشڻ ڪرڻ (اندر ۾ اوڪ ڏوڪ ڪرڻ)

(٥) ايشور- پرڻيڌان- پنهنجا سڀ ڪرم ايشور کي ارپڻ ڪري ڇڏڻ.

٣- مقرر وقت تائين آنند سان هڪ ئي آسن تي ويهڻ

ڏينهن ٣-

پوڄيه شري آنند سوامي مهراج ٽئين ڏينهن پنهنجي ڪٿا جي شروعات ڪندي چيو، "منهنجون پيارا ماتائون ۽ سڄڻو! ڪالهه مون "پرش سوڪت" جي اُن منتر جو ورڻن ڪيو جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪنهن کي پرڀوءُ درشن ملي ٿو. اهو منتر ٻڌائي ٿو ته اُن پرم-پرش پرميشور کي جيڪو آد جڳاد ڪارڻ آهي، جو سڀني جو پوڄيه آهي، جنهن جي پوڄا سان ئي سنسار پورو آهي، اُهي ماڻهو پائين ٿا، جيڪي ديوتا آهن ساڌيه آهن ۽ رشي آهن.

مون اوهان کي ٻڌايو ته "ديوتا" جو اَرٿ ڇا آهي؟ هاڻي ٻڌايو ته ساڌيه ۽ ساڌنا ڪرڻ واري جو مطلب ڇا آهي؟ ساڌنا جو سڌو سنئون ارٿ آهي يوگ. يوگي ماڻهو پرماتما کي پائيندا آهن. پر ڪيئن پائيندا آهن؟ يم، نيم، آسن، پراڻايام، پرتيهار ڌيان، ڌارڻا ۽ سماڌي، اِهي اَٺ ئي يوگ جا انگ آهن.

هي پنج "يم" آهن.

ميران ٻائيءَ ۽ گهڻيءَ ۾ ڳائيندي رهي:

"چانڊ دئي ڪل جي ڪان، ڪاڪري هڻ ڪوئي
سنتن سنگه ٻيٺ - ٻيٺ لوڪ - لاج کوئي
چري ڪي ليئي ٽوڪ اوڙ ليئهي لوئي
موتي مونگي اُتار بن - مالا پوئي
اسُون جل سينچ - سينچ پريم - بيل ٻوئي
اب تو بيل ڦهل گئي، هوني هو سو هوئي
دوڌ ڪي متنيا ٻڙي پريم سي ٻلوئي
ماکن جب ڪاڍ ليئي، ڇاڇ پيئي ڪوئي
آئي مئن ڀڳتي - ڪاج جگت ديکه موهي
داسي ميران گرڌر پريو تارو اب موهي."

اهو نشو ڪبير کي چڙهيو ۽ پڪاريندو رهيو:

"انکڙيان تو جهائي پڙي پنٿ - پنٿ نهار،
جيڀڙيان تو ڇالا پڙا نام پڪار - پڪار

اهو نشو پيتو روي داس، ۽ جڳهه جڳهه تي اُن جي واڻي گونجڻ لڳي. اُن نشي ۾ مست اُڇلايا اُنهن پرچنڊ گرو صاحبن، جن جي واڻيءَ لکها ماڻهن کي هڪ نئون جيون ڏنو. اُن خمار جي ٻاري ۾ شري گرونانڪ مهراج جن چيو هو:-

رهڻ، ليٽڻ يا ويهڻ آسڻ آهن.

٤- ساهہ جي رفتار کي ٻڌهڻ وس ۾ رکندي ٻڌهڻ لاءِ موجب هلائڻ "پراڻايام" آهن.

٥- اکہ، نڪ، ڪن، جيڀ وغيره انڊرين کي نفس جي رستي تان هٽائي آتمائہ مارگہ ڏي هلائڻ "پرتياهار" آهي.

٦- اهو فيصلو ڪرڻ تہ مان ٻڌهڻ من کي فلاڻي چيز، استتي يا شڪتيءَ ۾ ڌيان لڳائيندس، "ڌيان" آهي.

٧- ان چيز، استتي يا شڪتيءَ کانسواءِ باقي سڀني قسمن جي اُنهن جو سمابت ٿي وڃڻ "سماڌي" آهي.

اهو آهي "اشٽانگہ يوگہ" اٺن انگن وارو يوگہ- مارگہ، جنهن جي سادنا ڪرڻ وارن کي، سادڪ يا سادنا ڪرڻ وارو چوندا آهن. اٺن انگن واري ان يوگہ مارگہ جي سڄي ڳالهہ هن وقت لاءِ چوندس ٻہ اهي اٺ پڻيون آهن؛ جن ۾ آڌياتمڪتا جو شراب تيار ٿئي ٿو. هي اهو شراب آهي جنهن کي گرونانڪ ديو جن "نام خماري" چيو آهي. ڪنهن لاءِ هڪ دفعو ان جو نشو چڙهي وڃي تہ ٻوءِ ڪيس اهڙي نشي جي ضرورت نہ ٿيندي آهي؛ اهو نشو هڪ دفعو چڙهي ويندو آهي تہ پوءِ لهندو ناهي. اهو نشو ٻيئو

آهن. هو اُنهن نشن ڏانهن مائل ٿين ٿا، جيڪي
چڙهن ٿا ۽ ترت ئي لهيو وڃن.

اِنسان کي وڌيڪ ڪمزور، نبل، بي عزتو ۽ دکي
ڪري ڇڏي ويندا آهن. اهو نشو آهي پولڪراد جو،
ڌن جو، شڪتي ۽ سَتا جو، سنتان ۽ پريوار جو.

اُهو وقت به اچي ٿو جڏهن اِنسان اِنهن سڀني کي
ڇڏي راهه رباني ٿيو وڃي. مدشالا رهجي وڃي ٿو،
مادڪتا وڃي اچي ٿي، ۽ اُن جو پيشندڙ هلڻو وڃي
ٿو. اِهي سڀ شيون ڪنهن سان گڏ نٿيون وڃن ۽
ڪيترائي دفعا اُن جي وڃڻ کان اڳ ئي ڪيس ڇڏي
هليون وينديون آهن. اِنهن سان نشو نٿو چڙهي، سک
نٿو ملي. دک جاڳي ٿو. مون اُنهن ڌنوانن کي ڏٺو آهي
جيڪي سڀ ڪجهه هوندي به دکي آهن. انهن
پونجيپتين کي به ڏٺو آهي جن کي ننڊ نه ايندي آهي
انهن سنتان وارن کي ڏٺو آهي جن جي لاءِ سندن
اولاد ئي دک جو ڪارڻ هوندو آهي. اُنهن شڪتي
۽ سَتا وارن کي ڏٺو آهي جن کان وڌيڪ دکي ٻيو
ڪو به ڪونهي. مان ڌن - دولت، ڪٽنب - قبيلي،
طاقت - سَتا ۽ سڀڙ ڪنهن جي به نندا نٿو ڪريان.
مون اڳ به ڪيترا دفعا چيو آهي ۽ اڄ به چوان ٿو ته
اِنسان جو هيءُ سڀڙ ديوانن جي نگري آهي. ان ۾
پرم پياري پريوءَ جا درشن ٿيندا آهن. ان جو ڪٿن

”پنگهه پسُوڙي سراپان، اُتر جايه ٻر پات،
نام خماري ناڪا چڙهي رهي دن رات“

ان نام خماريءَ جو دان ڪرڻ لاءِ هو جهنگلن، پهاڙن، نگرن، شهرن ۽ هزارين ميلن تائين لائين گهمندو رهيو جيئن ڪو مستيءَ ۾ اچي پنهنجي دولت لٽائي ڇڏيندو هجي، وڏ ۾ وڏ ماڻهن ۾ ورهائڻ لاءِ ٻي چئن ٿي ويو هجي.

اهو نشو پيتو مهاشورانويءَ جنهن ڏينهن شو شنڪر ۽ سچي شو جو درشن ڪرڻ لاءِ مول شنڪر گهر جي سک آرام کي، ماتا پتا جي پيار کي ٺوڪر هڻي نربدا نديءَ تي رهندڙ جوڳين وٽ پهچي ان خماريءَ کي وڌ پڪ وڌائي ڇڏيو. لڏهن شڌ چيتن نالو رکائي برهمچاري ورت ڌارڻ ڪيو ۽ پوءِ سنياسي ويس ڌارڻ ڪري سوامي ديانند سرسوتيءَ جي روپ ۾ شهرن، ڳوٺن ۽ هائين سان پربور جهنگلن ۾، برفاني چوٽين تي جوڳين جي ڳولها ۾ نڪتو ۽ نشو پاڻ وڌ پڪ گهاٽو ٿيندو ويو.

ڪيترائي دفعا ديش جي اندر ڪيترن ئي جوڳين سنتن، مهاتمائن، اهو آمرت پريو نشو ماڻهن کي پيئارڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهو آمرت پريو نشو ملي ٿو ڏيو ٿا ساڌڪ يا رشي پڄڻ سان. اهو ڪم ذرا ڏکيو آهي. ان ڪري ماڻهو ان کي ڇڏي ٻين نشن ڏانهن ڊوڙندا

به نٿا ڄاڻن. پر اُن سان گڏ اُن آتما ۽ پرماتما جو ذڪر
به آهي، جنهن کانسواءِ ڪوبه گيان پورن نٿو ٿي
سگهي ۽ جنهن کانسواءِ انسان جو ڪلياڻ نٿو ٿي سگهي
ويد ڀڳوان جي مهانتا اها آهي جو هوءُ سڌن ۽ صاف
اکرن ۾ چوي ٿو ته، ”اُهي ماڻهوءُ گهاٽي اونهين انڌيري
۾ ٻڏن ٿا جي صرف قدرت جي، سرير جي، ڌن دولت
ڪٽنب قبيلي، سٽا ۽ شڪتيءَ جي چنتا ڪن ٿا ۽
جيڪي صرف آڌياتمڪتا جي پٺيان، آتما ۽ پرماتما لاءِ
ڊوڙن ٿا، اُهي ماڻهو ته هون ۽ ئي گهاٽي اونهين انڌڪار
۾ ٻڏل رهن ٿا.

اِن سان گڏ هن وڌيڪ زور ڏيئي چيو آهي:-
ڪجهه ماڻهو چوندا آهن ته قدرت جي اُپاسنا سان ۽
ڪي ماڻهو وري چوندا آهن ته آتما جي اُپاسنا سان
ڪلياڻ ٿيندو آهي. اسان اِها ڳالهه اُنهن کان ٻڌي،
جيڪي پنهنجي پنهنجي مارگ جي ٻاري ۾ هٺ ڪري
ويهندا آهن، پنهنجي ئي رستي تي هلڻ چاهيندا آهن
ٻئي رستي تي نه. حقيقت ۾ ٻئي ڀليل آهن. اُن ماڻهوءَ
جو ئي ڪلياڻ ٿيندو آهي جيڪو قدرت ۽ آتما ٻنهي
کي ڄاڻندو آهي. قدرت جي گيان سان هن جيون کي
سکي بڻائي، موت کي پار ڪندو آهي ۽ آتما جي
گيان کي حاصل ڪري موت کانپوءِ امرت کي حاصل
ڪندو آهي. قدرت جو گيان حقيقت ۾ اَگيان آهي.

ٻه ڪري ٻچاءُ ڪرڻ گهرجي. ضروري ڌن - دؤلت ضروري دنوي سک سهوليتون ميسر ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. انهن ڪرڻ ۾ ڪا برائي ڪونهي. ساڻ گڏ اهو به ڏسڻ گهرجي ته اهو سڀ پاڻي چاجي لاءِ ڪيو ٿو وڃي؟ ڪنهن جي لاءِ؟ انساني بدن ديوتائن جي نگري ضرور آهي، پر ان ديوتا جي به ته چنتا ڪرڻ گهرجي جيڪو ان جي اندر رهي ٿو. جنهن جي ڪري هن سرير جو ملهه ۽ مهتو آهي ۽ جنهن کانسواءِ هيءُ هڪ ڪوڏي به نه لهي.

اڄ جو يگ وگيان جو يگ آهي. ان وسيلي انسان کي سک - سهوليتون ۽ سلامتي ملي ٿي، پر اهو وگيان جو صرف سرير جي ڳالهه سوچي ٿو، آتما جي نه، هڪ اڌورو گيان آهي، ڇو ته آتما کانسواءِ سرير صرف مٽيءَ جو پتر آهي، جيڪو به گيان انساني - جيون جي هڪ پهلوءَ جي ڳالهه سوچي ٿو ۽ ٻئي جي نه، اهو اڻ ۽ اڌورو آهي. پورو گيان آهي ويد ڀڳوان ۾، جتي قدرت ۽ آتما ٻنهي جي لاءِ سوچيو ويو آهي، ٻنهي جي واڌاري جو رستو ٻڌايو ويو آهي.

مون ٻڌايو آهين ته ويدن ڪئي هنڌ ته جنهن وگيان لئي اسين ايمان ٿا ڪريون ان جو آڌار ويد ۾ موجود آهي ان ۾ ومان - ياترا، انترڪش ياترا، اليڪران، پروٽون وغيره جو ذڪر موجود آهي جنهن کي اڄ جا سائنسدان

آهي، جنهن جي ڪري سندس ملهه آهي. سچي ڳالهه
چٽي آهي ويد - جنهن قدرت ۽ آتما - ڀوتڪتاواد ۽
آڌياتمواد، ٻنهي کي ضروري ٻڌايو، ٻنهي جو گيان
انسان جي سامهون رکيو. اڄ جي وگيان گيان جي صرف
هڪ پاسي کي ئي سامهون رکيو. ٻئي ڌانهن ڌيان
ئي نه ڏنو. اهو نه سوچيو ته هڪ پاسي ڌانهن لاپرواهه
رهڻ جو نتيجو صرف گهاٽي ۽ اونهي انڌڪار ۾ ٻڏڻ
۽ دک ۾ ناس ٿي وڃڻ ٿي سگهي ٿو. ٻيو ڪوبه نتيجو
ممڪن ڪونهي. سمپورڻ گيان اهو آهي ته سرشٽي کي
سڃاڻو اٿو ته اُن کي سڃاڻو جيڪو اُن جي اندر ويٺو
آهي ۽ جنهن جي ڪري هن سرشٽي جو ملهه ۽ مهتو آهي.
جيڪڏهن اُن کي نه ڄاڻندي، جيڪڏهن صرف سرشٽي
جي ڄاڻ ۾ لڳل رهندا ته دک کانسواءِ ٻيو ڪوبه
نتيجو نه نڪرندو. اُن ڪري ويد ڀڳوان چيو آهي ته:-
”اُن کي ڄاڻڻ کانپوءِ ئي انسان موت کي پار ڪري
سگهي ٿو.“

وري اهو ٻڌايو آهي ته اُن کي ڄاڻڻ جو ڍنگ
ڪهڙو آهي؟ صاف ۽ سولن لفظن ۾ هن چيو، اُن کي
دئوي سمپدا وارا ڄاڻن ٿا، سادڪ ڄاڻن ٿا، رشي
ڄاڻن ٿا.

اڳئين ڏينهن مون اوهان کي ٻڌايو هو ته، ”ديوتا
ڪير آهي؟“ اُن نسبت ڪجهه ٻيون ڳالهيون ٻڌو!

آتما جو گيان ئي سچو گيان آهي. پر اهي ماڻهو گهڻي ۽ اونهي اَنڌڪار ۾ ٻڏل رهندا آهن جيڪي صرف آتما جي گيان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪجهه ماڻهو چوندا آهن، صرف قدرت جو گيان ئي ضروري آهي، صرف آتما جو گيان ضروري آهي ٻئي ٻڌهجي ٻڌهجي وشواس تي هٿ ڪري اڳتي وڌيا آهن، پر ڪلياڻ ٿيندو آهي انهن جو جيڪي قدرت جي گيان سان موت ڪانهوه امرت کي پراپت ڪن ٿا. اِهوئي رستو آهي، ٻيو ڪو رستو ڪونهين.

اِهو آهي ويد جو سنديش. تن-دولت، ڪٽمب قبيلي، شڪتي - سڀ ۽ سرير جي ويد نندا نٿو ڪري پر ساڻ گڏ چوي ٿو ته، اِها سڀئي قدرت آهي. صرف اُن جي پٺيان ڊوڙڻ سان ڪجهه به نه ٿيندو ۽ آتما جي پٺيان ڊوڙڻ ۽ سرير ڏانهن بي پرواهه رهڻ سان به ڪجهه نه ٿيندو، ڇو جو جڏهن آتما کي تون پائڻ چاهين ٿو، اها ته اُن سرير جي اندرئي آهي، جڏهن ايشور کي تون ڏسڻ چاهين ٿو، اُن جو درشن ته هن سرير جي اندرئي ٿئي ٿو. اِن ڪري مان چوان ٿو ته اڄ جو وگيان اڌورو آهي. اُن قدرت لاءِ سوچيو آهي، آتما لاءِ نه. صرف سرير بابت ويچاريو آهي پر اُن جي اندر رهندڙ شڪتي لاءِ نه، جڏهن جي ڪري هي سرير موجود

اوهانجي آتما اوگڻن جو ڀنڊار ٿيجي پوندي. توهين ديوتا نه پر راڪاس ٿيجي پوندا. ديوتا اهو آهي جيڪو ٻين جا گڻ ۽ پنهنجا اوگڻ ڏسندو آهي. اهو نه جيڪو ٻين جا اوگڻ ۽ پنهنجا گڻ ڏسندو آهي.

مان ڪرپال باغ جي آريه سماج ۾ ڪٿا ڪري رهيو هوس ته هڪ مهاشيه مون وٽ آيو، چيائين، ”اڄ اسان وٽ کير پيئو. مان شام جو کير پيئندو آهيان.“ مون چيو، ”مان نه شام جو کير پيئندو آهيان.“

مون چيو، ”اوهان شام جو کير هتي کڻي اچو.“

هن چيو، ”نه - نه، اسانجي گهر هلو. اوهانجي چرڻن سان اسانجو گهر پوتر ٿي ويندو.“ مان اُن جي گهر ويس اچا ويهس ٿي مس ته لائيٽ بند ٿي وئي. اونده ٿي وئي ته اُن مهاشيه چيو، ”ڏسو سواميجي! هي سوراجيه جا ٿي ڦل آهن! جڏهن کان پنهنجو راڄ مليو آهي، بجلي هرروز بند ٿي وڃي. ڏاڍي بي بندوبستگي آهي. ڪوبه ڪم برابر نٿو ٿئي. هاڻي ٻڌايو ته هن اونده ۾ ڇا ڪريون؟“

مون چيو، ”سوراجيه بابت ڳالهائجو، پهرين ڪا ميڻ بتي ٻاري پنهنجو ڪم هلايو. مونکي صبح جو ٣ بجي اٿڻو پوندو آهي. ان ڪري جلدي سمهڻو پوندو آهي. مونکي جلدي وڃڻو به آهي.“

ان هن ڳالهه کي سمجهيو، پنهنجي ٻچي کي سڏي

گيتا جي سورهين اڌياءَ ۾ ڀڳوان ڪرشن چيو آهي، ”جيڪو هميشه خوش رهي اهو ديوتا آهي.“ سدائين خوش ڪير رهندو آهي؟ اهو نه جيڪو ٻين جا اوگڻ ڏسندو آهي، پر اهو جيڪو ٻين جي گڻن کي ۽ پنهنجن جي اوگڻن کي ڏسندو آهي. ديوتا ۽ دئيت ۾ جي ڪڏهن ڪو فرق نه ڏسبو آهي ته اهو، اهوئي آهي. ديوتا ٻين جا گڻ ۽ پنهنجا اوگڻ ڏسندو آهي. دئيت پنهنجا گڻ ۽ ٻين جا اوگڻ ڏسندو آهي. ڪين هر ماڻهوءَ ۾ عيب نظر ايندا آهن. ڪين اها ڳالهه به خراب معلوم ٿيندي آهي ته آنند سوامي ساڌو هئڻ جي باوجود به ڏيڍ وال ڪپڙي جي ڳڳڙي ٻڌي ٿو. مان مرادآباد ۾ ڪٿا ڪري رهيو هوس. جڏهن ڪٿا پوري ٿي ته هڪ مهاشيه منهنجي لاءِ مٽيءَ جي ڪٽوري ۾ کير کڻي آيو. مان صبح ۽ سانجهيءَ جو کير ضرور پيئندو آهيان. مون اهو کير ورتو ۽ پي ڇڏيو. واجهه پيئل هڪ صاحب چيو، ”ڇا ساڌو ماڻهو کير پيئندا آهن؟“ مون چيو، ”نه، اهي زهر پي جيئرا رهندا آهن.“ ان ماڻهوءَ کي منهنجو کير پيئڻ ئي خراب لڳو ڇو جو هو هر ماڻهوءَ ۾ اوگڻ ڏسڻ لئي هرکيل هئو.

پر انهن ڪم نه هلندو پاڻي! ديوتا بڻجڻ انو نه ٻين جي گڻن کي ڏسو. اوهانجي آتما گڻن جو ڀنڊار بڻجي پوندي. گڻن جي ڀنڊران ٻين جا اوگڻ ڏسندا نه

اِڪ جو تارو توکي نظر نٿو اچي، صرف راڄ جي اِڪ
جي ڪَڪ لاءِ پيو ٿو رئين." مان چئي نٿو سگهان ته
هُوَ منهنجي ڳالهه سمجهي سگهيو يا نه. پر "ديوتا" ۽
"دئيت" جي معنوَتيءَ ۾ اهو فرق آهي ته، ديوتا
پنهنجن اوگڻن کي ڏسندو آهي ۽ اُن کي دُور ڪرڻ
جي ڪوشش ڪندو آهي. دئيت ٻين جا اوگڻ ڏسندو
آهي، ۽ اُن جا روئڻا پيو روئندو آهي. جڏهن انسان ۾
ديوتا جا گڻ جاڳن ٿا ته سندس سڀ چنتائون سماپت
ٿي وڃن ٿيون. پر جيڪڏهن اُن ۾ دئيت جا گڻ پيدا
ٿين ٿا ته ڪيس هڪ ٻئي پٺيان ٻي چنتا وڌندي رهي
ٿي. سندس مَن، بدي ۽ چت ۾ ڪڏهن به خوشي
پيدا نٿي ٿئي. ۽ جيڪڏهن اها خوشي نه اچي ته ماڻهُو
ڀلي ڪيترو ئي ڪوشش ڇو نه ڪري پر سندس من
کي شانتي ڪڏهن به نٿي ملي. چنتا کي دُور ڪرڻ
ئي آتما ۽ پرماتما کي حاصل ڪرڻ جو سڀ کان وڏو
سادن آهي. جڏهن يوگي ياگيه ولڪيه کان پڇيو ويو
ته يوگ ڇاکي ٿو چئجي؟ ته هن چيو، "سيدي چنتائن
جو تياڳ ڪري نشچنت ٿي وڃ، تڏهن ئي تون يوگ
مارگ تي هلي سگهندين. انهن چنتائن کي ڇڏي ئي
انسان يوگ مارگ تي اڳتي وڌي سگهي ٿو. ٻيو
ڪوئي رستو ڪونهي."

هڪ ڏينهن مون اها ڳالهه چئي ته هڪ ڇوڪري

چيائين، "اڙي او ڪڪي جي ماءُ، اِتان ميڻ بتي نه ڪڍي وٺ. سواميجيءَ کي جلدي وڃڻو آهي."

سندس پتنيءَ چيو، "ماچيس ڳولهي وٺان ته ميڻ بتي به ٻاريان ٿي." ماچيس کي ڏاڍو ڳولهيائين پر اُهو نه مليو. ڪافي وقت گذري ويو، پوءِ به اُن جي نالي نشان جو پتو نه پيو. تڏهن هڪ مهاشيه جيڪو اُتي ويٺو هو ۽ سگريٽ پيئندو هو، چيو، "مونکان هيءَ ماچيس وٺي ميڻ بتي ٻاريو." هاڻي ماچيس ته ملي ويو، پر تيلي ٻاري ميڻ بتيءَ جي ڳولها ٿيڻ لڳي. ڪيترن تيلين ٻارڻ کانپوءِ به ميڻ بتي نه ملي. پتني چئي رهي، "هڪڙي ڪٿي رکي ڇڏي آهي." پتي پڻ چوي "تون ميڻ بتي به سنڀالي نٿي رکي سگهين!" سگريٽ پيئندڙ مهاشيه چئي رهيو هو، "مان سگريٽ ڪيئن پيئندس؟" آخر ميڻ بتي ملي، روشني ٿي. مان ڪمري ۾ رهيو هوس ته اُن مهاشيه وري چيو، "ڏسو سواميجي، اِها اٿو راج جي حالت! اڃا تائين بجلي نه آئي آهي."

مون آهستي چيو، "راج لاءِ پيو ٿو رڙا رئين! تون سوراج جي پيو ندا ڪرين، پر تون اِهو چو نٿو ڏسي سگهين ته تنهنجي گهر جو بندوبست ڪهڙو آهي؟ تون ماچيس ٿو ڳولهين ته نٿو لڀي، ميڻ بتي ٿو ڳولهين ته به نٿي ملي؛ هيءَ ڪهڙو بندوبست آهي؟ تنهنجي

فيصلو ڪونہ ٿيو آھي.“

ھن چيو، ”جيڪڏھن ھوُ اڃا ڄاڻين نہ، آءٌ آھي تہ ٿوري دير ڪانپوءِ گھر ڀڄي ويندو.“ مون پڇيو، ”اوھين اھا ڳالھہ ڪيئن ٿا چئو؟“ ھن چيو، ”جڏھن ماڻھوءَ جي ھٿ ڪي ڦاسيءَ جي سزا ملي ھجي ۽ ھوُ بازار ۾ مسڪرائيندو ويندو ھجي تہ اُن جي ھٿ ڪي ڪوئي ڪيئن ڦاسيءَ تي لٽڪائي سگھندو؟“

حقيقت ۾ منھنجو اھو وشواس ھو تہ جيڪڏھن منھنجو ۽ رٽوٻر جو پلو اِن ۾ آھي تہ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ملي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت ڪيس بچائي نٿي سگھي. ۽ جيڪڏھن منھنجو ۽ رٽوٻر جو پلو اِن ڳالھہ ۾ آھي تہ ھوُ مون وٽ اچي تہ پوءِ دنيا جي ڪابہ شڪتي اُن کي ڦاسيءَ جي سزا نٿي ڏيئي سگھي. اِن وشواس جي ڪري مان مسڪرائي رھيو ھوس. ۽ اھا مسڪراھٽ ۽ نشچنتا پيدا ٿيندي آھي ايشور ۾ وشواس جي ڪري جيڪڏھن ايشور ۾ وشواس ناھي تہ پوءِ اھا نشچنتا ۽ مسڪراھٽ ڪڏھن بہ پيدا نٿي ٿئي. منھنجو وشواس اھو ھو تہ جيڪڏھن ڀڳوان جي اِڇا آھي تہ رٽوٻر کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وڃي تہ پوءِ دنيا جي ڪابہ شڪتي ڪيس بچائي نٿي سگھي، پر جيڪڏھن اُن جي اِڇا آھي تہ ڪيس سزا نہ ملي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت ڪيس مون کان جدا نٿي ڪري سگھي. اِن وشواس

مون وٽ آئي، چيائين، "سواميجي، اوهان سنياسي
آهيو. اوهان پنهنجو گهربار ڇڏي ڏنو. اوهان ڇڏي
سگهو ٿا ته چنتا ڇڏي ڏيو، پر اسين گرهستي ماڻهو
چنتائن کي ڪيئن ٿا ڇڏي سگهون؟"

مون کلندي چيو، مان هميشه کان ئي نه سنياسي
نه هوس ڌيءَ؟ ڪو وقت اهڙو به هو جڏهن مان به
تو وانگر گرهستي هوس. ان وقت به مان چنتا نه
ڪندو هوس. گهڻو وقت اڳ جي ڳالهه آهي، منهنجي
پٽ رٽو پر کي پنجاب جي انگريز گورنر کي
قتل ڪرڻ جي سازش جي ڏوهه هيٺ ڦاسيءَ جي سزا
ڏني وئي. رٽو پر نه صرف منهنجو پٽ هو پر مونکي
ڏاڍو پيارو هو. پر ان جي باوجود به منهنجي من ۾
دک نه هو، ڪا چنتا ڪونه هئي. هڪ ڏينهن مان
لاهور جي انارڪلي بازار ۾ مسڪرائيندي وڃي رهيو
هوس ته ڪشمير جي مهاراجا جو گرو مونکي گڏيو. هو ٻن
گهوڙن جي گاڏيءَ ۾ ويٺل هو. مان مسڪرائيندي
وڃي رهيو هوس، هن مونکي ڏٺو ته گاڏي
روڪي ڇڏي ۽ مونکان پڇيو، "رٽو پر پنهنجي گهر
صحي ـ سلامت اچي ويو آهي ڇا؟" مون عجب مان
چيو، "مان هاڻي ئي ته گهران پيو اچان. هيئر تائين
ته هو نه آيو هو. ان کي موت جي سزا ملي آهي. مون
هاءِ ڪورٽ اپيل ڪئي آهي. اڃا تائين اپيل جو

مارڳ ڪهڙو آهي؟

سومناٿ مندر جي ڳالهه ته اوهان ٻڌي هوندي. محمد غزنويءَ جڏهن ان مندر تي حملو ڪيو ته گجرات جي انهن وقت جي حاڪم ان جو مقابلو ڪيو. ٻهر پائين جڏهن مٿانس حملو ٿيو ته هن محمد غزنويءَ کي نوڙا چٻايا. کيس ايترو ته نقصان رسايو جو محمد غزنوي ڇيڪڙ لڳو. ٻئي ڀهن هن وڏيڪ شڪتيءَ وڏيڪ تياريءَ سان حملو ڪيو. مهاراجا ڀيم سندس حملي کي ناڪام ڪري ڇڏيو. هوءَ اهڙيءَ طرح لڙيو جو ڏسڻ وارا عجب ۾ پئجي ويا. لڙائي ۾ هر جڳهه تي هو اڄليءَ جي رفتار سان ٿي پهتو. هن هر جڳهه تي دشمن جي لاءِ موت ڪڙو ڪري ڇڏيو. اوچتو هڪ واقعو ٿيو، جنهن لڙائي جو پاسو پلٽي ڇڏيو. سومناٿ جي مندر ۾ ديوداسيون نچنديون هيون. ان يگ ۾ اهڙوئي رواج هو. ڪيترن ئي مندرن ۾ ديوداسين جو ناچ ٿيندو هو. ڀڳت ماڻهو پنهنجي اولاد کي مندر ۾ ڏئي ڇڏيندا هئا. مندر ۾ سندس پالنا ٿيندي هئي. انهن کي مورتين جي سامهون نچڻ جي ڪلا سيکاري ويندي هئي. سومناٿ جي مندر ۾ به اها ڳالهه ٿيندي هئي. هزارين ديوداسيون اتي صبح ۽ سانجهيءَ ڀڳوان مهاديو جي سامهون نچنديون هيون. انهن ۾ هڪ ديوداسي هئي چولا. هوءَ ايتري ته خوبصورت هئي جو کيس

جي ڪري نئي مان نشچنت هوس، خوش هوس.

اهائي ڳالهه مان اوهانکي ڪرڻ چاهيان ٿو، تہ جيڪڏهن اوهانجي من ۾ ايشور جو وشواس آهي ۽ اها ڳالهه نشچت آهي تہ سڀ ڪجهه ڪرڻ وارو اهو آهي، ۽ جيڪو ڪجهه ڪري ٿو، سو انسان جي ڀلي لاءِ ٿو ڪري تہ چنتا ۽ دک جي ڪاني ڳالهه ڪرڻهي. اوهين ڏٺا آهيو، ديوتا جو ڳڻ اوهان ۾ آڇي وڃو آهي، پر ديوتا جو ڳڻ صرف اهو ناهي تہ هو ايشور ۾ وشواس هجڻ جي ڪري نشچنت ۽ پرسن رهي ٿو پر اهو بہ آهي تہ هو پنهنجي لاءِ نہ پر ٻين جي لاءِ سوچي ٿو. ديش جي لاءِ سوچي ٿو، راشٽر جي لاءِ، سماج جي لاءِ، سڄي انسانيت جي لاءِ سوچي ٿو، صرف پنهنجي لاءِ نٿو سوچي.

”ورڪش ڦلي نہ آپ ڪو، ندي نہ پيئي نير،
پرمارٿ ڪي ڪارني، سنتن ڌارا سرير.“

وڻ پنهنجي لاءِ ميوا پيدا نٿا ڪن. ندي پنهنجي لاءِ پاڻيءَ کي ڀري - ڀري لائين نہ ڪٽي ويندي آهي. سنت پرش سرير ڌارڻ ڪندا آهن ٻين جي فائدي واسطي، نہ پنهنجي فائدي لاءِ.

ان ڳالهه جي لاءِ ڪيترائي مثال موجود آهن، جن مان انسان سمجهي سگهي ٿو تہ سنت ڪلياڻ جو

ڪندي ڏٺو هو.

ٻنهي کان تون منهنجي دل جي راڻي ۽ منهنجي من جي سوامڻ آهين.

پر اِها انهن ٻنهي جي، ۽ هن ديش جي ڪم نصيبي چئجي جو جڏهن اهي ٻئي هن طرح جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا، اهو ”شودرشي“ سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو هو، جيڪو چولا کي پريم ڪندو هو. اِها ڳالهه ٻڌي سندس من ۾ باھ ٻرڻ لڳي. هو چولا کي پريم ڪندو ۽ چولا سندس هٿن مان ڪسڪي وئي! سندس من ۾ هڪ نيچ ۽ خسيس سوارٿ جي ڀاونا پيدا ٿي.

اُتِ رات جي وقت سندس موڪليل هڪ ماڻهو محمد غزنويءَ وٽ پهتو ته هو ٻن ڏينهن جي هار بعد واپس وڃڻ جون تياريون ڪري رهيو هو. هن پنهنجي سئنا کي آگيا ڏني ته تنبو لاهيو، سڀاڻي صبح جو واپس هلنداسين. ان وقت محمد غزنويءَ وٽ شودرشيءَ جو نياپو آڻيندڙ چيو، ”واپس وڃڻ جي ضرورت ناهي. مونکي شودرشيءَ موڪليو آهي. مان اوهانکي ٻڌائي سگهان ٿو ته سومنات جو گپت مارگ ڪهڙو آهي ۽ ان سومنات ۾ گهڙڻ جو ڪهڙو وسيلو آهي؟ اوهان مون سان گڏ هڪڙي ماڻهوءَ کي موڪليو. هڪ پيرو هو گپت مارگ کي ڏسي ته پوءِ اوهانجي سئنا بنا ڪنهن سنگهرش جي سومنات جي قلعي ۾ پهچي سگهي ٿي.

ڏسي سونهن ۽ شرمائيندي هئي. اهتري نہ ڪشش
ڪندڙ هئي جو ڪيس ڏسي جواني بہ مدهوش ٿي
ويندي هئي. اُن چولا جو پريم هو سومناٿ مندر جي
هڪ پنڊت جي جوان پٽ سان، جنهن جو نالو هو
شودرشي. چولا پنهنجي ڀڳوان جي لاءِ نچندي هئي.
شودرشي ڪيس پنهنجي پتني بنائڻ جا سپنا ڏسندو
هو ۽ محمد غزنوي جڏهن سومناٿ مندر تي ٻهرون
۽ ٻيون حملو ڪيو تہ اُها چولا قلعي جي ديوار وٽان
مهاراجا ڀيم کي اڙندو ڏسي رهي هئي. اُن جي همت
۽ بهادريءَ لاءِ سندس من ۾ اٿاهہ شرڌا پيدا ٿي. ٻئي
ڏينهن غزنويءَ جي سينا کي هڪ ڀيرو وري هٽائڻ
کان پوءِ، مهاراجا ڀيم قلعي ۾ واپس آيو تہ اُشا جي
پرڪاش جيان چمڪندڙ چولا اُن جي سامهون بيهي
رهي ۽ چيائين، ”مهاراج! اوهان ڪمال ڪري ڇڏيو.
مان اوهانکي پرڻم ڪريان ٿي. منهنجو هي سرير جنهن
جي گهڻن ئي ماڻهن سارهہ ڪئي آهي، اڄ کان اوهان
جي شيوا ۾ ارپڻ ڪريان ٿي. اڄ کان مان اوهانجي
ٿيس. هي سرير اوهانجو ٿيو.“

مهاراجا ڀيم اُن ئي مثل سندريءَ کي ڏسي وراڻيو
”تون اڄ مونکي پيار ڪرين ٿي، پر مان نہ توکي
تڏهن کان پيار ڪندو آهيان جڏهن مون توکي پهريون
دفعو ڀڳوان سومناٿ جي مورتيءَ جي سامهون ناچ

ڪڏهن پنهنجي ديش ۾ جائي ۽ سان ڌوه ڪري سگهين ٿو، مان توتي وشواس ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان.“

اهڙيءَ طرح شودرشي مري ويو. ان طرح سان هندستان لاءِ لت مار ۽ ناستاني جو هڪ نمونو پيڪ جاڳي اٿيو. اهو ان ڪري جو نياڳي شخص ديش جي لاءِ نه پنهنجي لاءِ سوچيو. هن جي من ۾ نيچ سوارٿ ڀاونا پيدا ٿي. هن سمجهيو ته جڏهن چولا کي هوءَ پيار ڪري ڪري ٿو، اها ڪڏهن ٻئي جي نه هجڻ ڪهي. ان نيچ سوارٿ جي ڪري ان پنهنجي ديش سان ڌوه ڪيو ان جو نتيجو نه صرف هن اڀاڳي ديش کي پر ان اڀاڳي انسان کي جيڪو مليو، اهو اسانجي سامهون آهي. ظاهر آهي ته اهو ديوتائي جو رستو نه پر دئيتپڻي جو رستو هو. ديوتا بڻجڻ سان ڀڳوان جو درشن ٿئي ٿو، ٿيندو آهي پر ساڻ گڏ ديش جي رکشا ۽ ٿيندي آهي ماڻهو ديوتا نه بڻجي ته ڪيئن نه ڀڳوان ملي ٿو ۽ نه ديش جي سلامتي رهي ٿي. ديش ۾ دنيا ٻنهي جو ستياناس ٿئي ٿو.

ديوتا ڪهڙو آهي ۽ ڪير نه آهي؟ ان جي باري ۾ ڪالهه ۾ مون ڪجهه ٻڌايو ڪيو هو. اڄ اها ڳالهه ان ڪري چئي ته جيئن اها ڳالهه وڌيڪ چٽي ٿي سگهي. اوهين سمجهي سگهو ته ”ديوتا“ ڪهڙو آهي؟ ان بعد ويد ڀڳوان ساڌڪ يا ساڌڪ جو بيان ڪري ٿو.

اَن ڪانپوءِ اوهان حملو ڪريو ۽ اوهان جي جيت پڪ ٿيندي ڇو ته قلعي جي اندران ۽ ٻاهران اوهان جي سنگتا موجود هوندي. مهاراج ڀيم جو ته ڪجهه به نه ڪري ويندو.“ محمد غزنويءَ اِن ڳالهہ کي سمجهيو. اِن ماڻهوءَ سان گڏ ڪجهہ ماڻهو موڪليا ويا. جڏهن ڪين گپت رستي جو پتو پيو ته پوءِ پنهنجي سنگتا جو وڏو حصو سومنات جي قلعي ۾ موڪليو ويو. ٽيئين ڏينهن لڙائي لڳي ۽ مهاراج ڀيم هڪ دفعو وري تلوار جو جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيو. پر اهي سڀ جوهر بيڪار ثابت ٿيا، ڇو جو هوُ جڏهن قلعي جي ٻاهران لڙي رهيو هو، اُن وقت محمد غزنويءَ جي سنگتا قلعي جي اندر هئي. مهاراج ڀيم، پنهنجي طرفن کان دشمن جي وچ گهيرجي ويو ۽ لڙندي لڙندي شهيد ٿي ويو.

محمد غزنويءَ جڏهن سومنات جي قلعي ۾ داخل ٿيو ته سامهون شودرشي بيٺو هو. ٻانهون ڦهلائي هن چيو، ”موُن توکي سومنات جي گپت مارگہ کان واقف ڪيو هو. منهنجي ڪري ئي توکي اِها جيت ملي. هاڻي منهنجي ڳالهہ ٻڌ. سومنات جي مندر ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪر. مان تنهنجو دوست ۽ وشواس پاتر آهيان“

محمد غزنويءَ اُن ماڻهوءَ ڏانهن نهاريو. ٿورو وقت سوچيائين ۽ تلوار ڪڍيائين ۽ شودرشيءَ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيائين. رڙ ڪندي چيائين، ”توُن جي

ڀرياڻين لاءِ ڳالهه کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريو ته اوهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي. اوهان ويٺا آهيو دهليءَ ۾، وڃڻ چاهيو ٿا گنگوتري، ته ڀرياڻين پڇو ته گنگوتري ڪٿي آهي؟ اها گنگوتري آهي ميرٺ ڏانهن، ميرٺ کان مظفرنگر، روڙڪي، هردوار ۽ رشيڪيش ٿيو. اتان اترڪاشي ڏانهن وڃو. اترڪاشيءَ کان گنگوتري وڃو. اهو سڀ ڪجهه ڄاڻڻ ڪانسواءِ ٿي جيڪڏهن اوهين دهليءَ کان آگري ڏانهن روانا ٿي وڃو ته پوءِ گنگوتري ڪيئن پهچندا؟ ڀرياڻين ڄاڻ حاصل ڪريو، تڏهن اوهانکي مقصد حاصل ٿيندو، نه ته نه ملندو.

اهو گيان ملندو آهي گروءَ وٽان. ان ڪري اپنشد ۾ چيل آهي ته، "جيڪو ماڻهو پرميشور کي ڄاڻڻ جي اڇا رکي ٿو، ساڌنا جي رستي تي هلڻ جي اڇا رکي ٿو، اهو گروءَ وٽ وڃي." پر وڃي ڪهڙيءَ ريت؟ تن ۽ شڪتيءَ جو ايمان ڪٿي؟ نه، هٿ جوڙي، سر جهڪائي، نهڙو ٿي. پر گروءَ وٽ ڪيئن وڃي؟ جيڪو ويد جو ودوان آهي ۽ برهم کي ڄاڻي ٿو. اهو اهڙي گروءَ وٽ وڃي گيان حاصل ڪري. پر ان سان گڏ اپنشد جي رشي ساڳئي جڳهه تي چيو آهي، "اٿو جاڳو ان کي حاصل ڪريو، جهڪي ڄاڻو ٿا." شايد اهو اوهانکي غلطيءَ پيو لڳي ٿو ته؟ انسان جاڳندو اڄ آهي اٺندو پوءِ آهي، پر اپنشد جو رشي ڀرياڻين

ساڌ، يا ساڌڪ ڪير آهي؟ اهو مون اڄ شروع ۾ ئي ٻڌايو هو ته ”اشٽانگ يوگ“ تي هلڻ وارو ئي ”ساڌڪ“ آهي. ان مارگ تي هلڻ ئي ساڌنا آهي. اهي اٺ ٿنڀون آهن جن ۾ نام خماريءَ جو نشو ٿئي تيار ٿئي ٿو. مهرشي دياننند ڄـ ”رگويدآدي ڀاشيه ڀومڪا“ ۾ لکيو آهي ته ”اشٽانگ يوگ“ جو رستو ئي نيڪ آهي. اشٽانگ يوگ ڇا آهي. اهو مون ٿوري ۾ ٻڌايو. اڄا وڌيڪ به ٻڌائيندس. پر پهرائين اهو سمجهو ته ان ساڌنا جي لاءِ، انهن اٺن ٿنين مان نڪرڻ جي لاءِ ماڻهو ڪيئن تيار ٿئي. تياريءَ جي لاءِ سڀ کان پهرئين چيز آهي گيان. اهو گيان ٻن قسمن جو آهي. هڪ ڀوتڪ ٻيو آڌياتمڪ. هڪ جو واسطو قدرت سان آهي، ٻئي جو آتما ۽ پرماتما سان. ٻئي ضروري آهن. ٻنهي جو گيان پراپت ڪري ئي ماڻهو سچي معنيٰ ۾ گياني ٿيندو آهي. اسانکي اها به ڄاڻ ڪرڻي ته ڪيڏانهن وڃڻو آهي ۽ ڪهڙي رستي تان وڃڻو آهي، تون ڀلي ٻوڙندو رهه، ساهه ڦلهي وڃي، ٺڳون ٺڪي پون، ويندا ڪيڏانهن؟ جهنگل گهاٽو، واٽ انڌيري آڪاس ۾ گهنگهور گهٽائون، همٿ ڪي همٿ ڪرڻ ٿو سجهي. رستي جي خبر ڪانهي، همٿ ۾ ذهنو ڪانهي ۽ وڃون پيا پڇندا ته پوءِ خاڪ پهچندا! اوهان ته هلندڙ ٻيڙي جهان ڪرل ڪرل ڦري الي ٿي رهجي ويندا.

اهڙي گروءَ جي باري ۾ مهاتما ڪبيرداس چيو آهي ته:-

”جات نه پوڇو ساڌ ڪي، پوڇ ليجئي گيان،
مول ڪرو تلوار ڪا، پڙهي رهن دو ميان.“

پر اهڙا گرو آهن ڪٿي؟ ساڌو ڳولهڻ ته تمام سولو آهي ڀائي! پر سچي ارٿ ۾ ساڌوءَ جي ڌرم جو پالن ڪرڻ، سچي ارٿ ۾ گروءَ ڳولهڻ جي پرک لهڻ ته ڏاڍو ڏکيو آهي.

ساڌو ڪهاون ڪٺن هئہ، لمبا پيڙ کجور،
چڙهي تو چاکي پريم رس، گري تو چڪنا چور

ته پوءِ ان گروءَ جي ۽ ساڌوءَ جي پرک ڪهڙي آهي؟

”گرو مِلا تب جانئي، مٽي موهه سنتاپ،
هرش شوڪ وياپي نهين، تب گرو اپني آپ“

اها آهي گروءَ جي پرک! هو ملي ته اوهانجو موهه مٽجي وڃي، چنتائون دور ٿي وڃن. جيڪڏهن ائين نه هجي ها، ته جيڪڏهن گروءَ جي ملڻ کانپوءِ به دک ڀوڳڻ رهجي وڃي ٿو ته پوءِ گروءَ مان ڪهڙو فائدو آهي؟ پر اڄڪلهه ته جڳهه جڳهه تي گرن جا ڍير لڳا پيا آهن. انهن ڪم ٿي بگاڙي رکيو آهي. عجيب-عجيب ڳالهيون ٻڌايون آهن. ڪٿي ڪو گروءَ جي چيلي کي وٺي ڀڄي ويندو آهي. ڪٿي ٺڳي ٺڳي ۽ جهيڙو

چوي ٿو، ”انڌو“ وري چوي ٿو ”جاڳو“ اها وري ڪهڙي ڳالهه چئبي؟ پر رشي ڪڏهن به غلط نه ڳالهائيندا آهن. ان ”جاڳو“ جو ارٿ ننڊ مان جاڳڻ ناهي، پر گيان کان ڪم وٺڻ آهي. رشي چتاءُ ڏئي ٿو ته، گروُ ٻڌائڻ لاءِ نڪتو نه آهين، پهرائين اهو به ڏس ته جنهن کي گروُ ٻڌائڻ چاهين ٿو، اهو گروُ ٻڌائڻ جي جوڳيه آهي؟ هُو ان گيان کي ڄاڻي ٿو، جنهن کي تون حاصل ڪرڻ چاهين ٿو؟

اڄڪلهه گروُ ٻڌائڻ جو رواج تمام گهڻو ٿي پيو آهي. ماڻهوُ هڪ ٻئي جي پٺيان هلڻ لڳندا آهن. اها ڳالهه برابر آهي ته نيڪ رستو سچو گروُ ئي ٻڌائيندو آهي؛ ڏيکاريندو آهي. شري گروُءَ انگد ديو جي مهراج بلڪل سچ چيو هو:

”جي سؤ چندا اڳوهي، سؤرج چڙهي هزار،
ايتي چانڻ هوندي يان، گروُ بن گهور اندار.“

سؤ چند، چمڪندا هجن، هزارين سج جڳمڳائيندا هجن، ڪيترو به پرڪاش ڇو نه هجي، گروُءَ کانسواءِ من جو اندڪار دوُر نه ٿيندو آهي. سچو گروُ ملي وڃي ته سيڪڙي دکن جو ناس ٿي ويندو آهي. اهڙي ستگروءَ جي باري ۾ دادوُ مهراج به چيو آهي:-

”دادوُ اِس سنسار ۾، يي دو رتن امول،
اِڪ سائي اِڪ سنت جن، اِن ڪا تول نه مول“

اِن اُستاديءَ تي اسان کي مارڻو آهي.

اَهڙا ماڻهو گُرُوءَ نه آهن ۽ نه ئي وري گُرُوءَ ٿيڻ جي لائق آهن. سچي گُرُوءَ جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟ اِن جي باري ۾ مان اوهان کي هڪ ٻي راز جي ڳالھ ٻڌايان ٿو. جڏهن ڪي گُرو ڳولڻ چاهين ٿو، اُن وٽ وڃ اُن وٽ ويھ ۽ پوءِ ڏس ته اُتي ويهڻ تي تنهنجي دل ٺري ٿي يا نه؟ هر ماڻهوءَ جي اندر هڪ ڪشش جي شڪتي ٿيندي آهي. هڪ قسم جي بجلي، جيڪا ٻين کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. يوگي ماڻهو اِن ڪشش شڪتيءَ کي تپ ۽ يوگ سادنا سان وڌيڪ مضبوط بڻائي ڇڏيندا آهن. اُنهن جي ويجهو وڃڻ سان ئي، سندن شڪتي وڌيڪ اثر ڪندي آهي. ماڻهو خود ئي يوگ ڏانهن ڇڪجڻ لڳندو آهي. سندس من چاهيندو آهي ته اُن جي ويجهو ويٺو رهي. يوگيءَ جو ويجهو ويهڻ سان من ۾ هڪ عجب قسم جي نشچنتا عجيب پوترتا پيدا ٿيندي آهي.

اِها آهي سچي گُرُوءَ جي ڪسوٽي! جيڪڏهن اُن جي ويجهو ويهڻ تي مَن ٺري ٿو، پوءِ ڀلي اُن جي ويجهو وڃو، نه ته اُتي هليا وڃو. اهو ماڻهو اوهانجو گُرُو نٿو ٿي سگهي.

ٻي جيڪڏهن پورنين ڳالھ اُن مهاپُرش ۾ آهي ته

ڪرائي ڇڏيندا آهن، ڪٿي ڀاءُ کي ڀاءُ جو دشمن بڻائي ڇڏيندا آهن. ڪيترين جڳهين تي ته ڇيلي جا ٻچڙا، رپيا وغيره ڪڍي لاهتا ٿي ويندا آهن. ٻيو وري اهڙا گروُ به آهن، جيڪي استرين سان گڏ نچڻ، خود کي ڀڳوان جي ڪرشن جو اوتار چوڻ، قيمتي وستر پائڻ ۽ مالپڙي کائڻ کي ئي ”اَڌ ٻاٻمواد“ چوندا رهندا آهن اهڙن گروُن مان فائدي ٿيڻ جو ته سوال ئي نٿو اٿي. نقصان ئي ملي ٿو. اهڙا گروُ خود به پاپ جي کڏ ۾ ڪرندا آهن، دشمن کي به ٻوڙي ڇڏيندا آهن. ڪجهه گروُ اهڙا به ٿيندا آهن جيڪي پاپ جي رستي تي نه هلندا آهن، پر انهن وٽ ٻين کي ڏيڻ لاءِ ڪجهه به نه هوندو آهي.

اهڙي گروُءَ وٽ ويو هڪ شش پڇيو، ”گروُ جي ڪبوتر پڪڙڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟“ گروُ جيءَ ڪجهه ڏينهن تائين چپ رهيو، پوءِ ٻڌائين، ”ڏس توکي مان ڪبوتر پڪڙڻ جو طريقو ٻڌايان ٿو. جڏهن وقت ڪبوتر تيز اُس ۾ ويٺو هجي ته ميڻ ڪڍي ان جي ٻنيان وچ. ميڻ سندس مٿي تي رک. اس جي تاءُ تي ضرور ميڻ ڳرندي، سندس اکين ۾ پوندي، اکيون بند ٿي وينديون پوءِ لڪي ڪبوتر پڪڙي وٺ.“

شش پڇيو، ”اهڙي هن طرح پڪڙڻ ۾ ڪهڙي خوبي آهي؟ ڇا نه استادي ڇٽي؟

ڪروڌ ڏاڍي بري بلا آهي. هر پاپ جي جڙ اهو ڪروڌ آهي. ان ڪري ڀڳوان ڪرشن چيو ته، ”ڪروڌ ۽ ڪام ٻئي ساڳئي قسم جا پاپ آهن. جڏهن ڪروڌ کي قابوءَ ۾ نه آندو آهي، اهو ڪام واسنا کي به وس ۾ نٿو ڪري سگهي. فرق صرف ايترو آهي ته ڪروڌ نظر اچي ٿو، پر ڪام واسنا ڏسڻ ۾ نٿي اچي. ان ڪري ڏسو ته انهن مهاشيه کي ڪڏهن به وقت ڪروڌ نه ٿو اچي؟ جي اچي ٿو ته واپس هليا اچو پاڻي! اڻي تڏهن ڪم نه ٿيندو. جي ان کي ڪروڌ نٿو اچي ته سندس ٻيو پڪڙ ۽ چئجانس، ”گروديو مان اوهانجي شرن ۾ آيو آهيان. مونکي منهنجو مقصد ٻڌايو مونکي پنهنجي جيون جي مقصد جو مارگ ٻڌايو.“ اهو ماڻهو اوهانجي گروُ بڻجڻ جي جوڳيه آهي.

مون هيٺئين ڪٿي اوهانکي دادو ديال جو هڪ دوهو ٻڌايو آهيون. مهاتما دادو جڏهن چيو هو:-

”دادوُ دنيا باوري، مڙهيان پوڄڻ اُت،
جو آپ نپڄوُ تي مر گئي، اُن سي مانگي پُوت“

اهو گهڻو اوچو ۽ سچو پرش ۽ مهاتما هو. ”اشٽانگ يوگ“ جي اُن ٿي اڀياس ۾ لڳي، پريوُ - پريم جي رس ۾ ٻڏل هو. هڪ ڏينهن شهر جي واڳهو جهنگ ۾ وڃي ويٺو، اُتي ئي رهي پيو. شهر وارن کي جڏهن ان ڳالهه جي

شانتيءَ سان ويٺي رهو. اهو ڏسو ته اِن مهاشيه جو ٻڌڻ
جي واٽيءَ تي ضابطو آهي يا نه. اها واٽي ڏاڍي
شڪتي شالي ٿيندي آهي. مون جڏهن پهريائين
پهريائين پنهنجي گروءَ کان هٿ ٻڌي سکڻ شروع ڪيو
ته اُن مونکي چتائيندي چيو، ”سڀ کان پهريائين
زبان کي، واٽيءَ کي وس ۾ رک. اها وس ٿي ويئي
ته پوءِ باقي اندرين کي وس ۾ ڪرڻ سولو ٿي پوندو
آهي. اها جيڀ ٻه ڪم ٿي ڪندي آهي.
ڳالهائيندي به آهي؛ سواد به وٺندي آهي. ان ڪري
اوهين ڏسو ته جڏهن مهاشيه کي اوهين گرو ڪرڻ چاهيو
ٿا، ان جي زبان وس ۾ آهي يا نه؟ جيڪڏهن هو
مٺن وارن سموسن، مصالح وارن ڇولن، پالڪ جي
ساڳ جا پڪوڙا، چاٽ-چٽني، ٻڙا، آچار مربي جو
شوقين آهي ته اُن کي ڇڏي ڏيو. هو اوهانجي ڪم
جو ماڻهو ڪونهي. جيڪڏهن هن سوادي کي قبضي
۾ رکيو آهي ته ”رسنا“ يعني جيڀ کي رس-سوادن
ڏانهن مائل ٿيڻ روڪيو آهي ته پوءِ اهو ڏسو ته هو
گهڻو وڏ ته نٿو ڳالهائي؟ ڳار گند کان ته ڪم نٿو وٺي؟
لوري لڪي ڳالهائي ٿو؟ جيڪڏهن ڳالهائڻ جي وشيه
۾ هن جو پنهنجي ڳالهائڻ جو ضابطو آهي ته پوءِ هو
نيڪ ماڻهو ڇٽيو. ان وٽ رهي پئو، ٻه ڏينهن، چار
ڏينهن؛ اهو ڏسو ته ڪيس ڪاوڙ ته نٿي لڳي؟ اهو

لاءِ ڪمائيندا آهن ۽ ايمان ڪندا آهن ته هو ڪو وڏو ڪم پيا ڪن، انهن جي باري ۾ ڀڳوان ڪرشڻ چيو آهي ته اهي دئيت آهن. جن ۾ اهنڪار آهي، جن جو ڪرودڌ وس ۾ نه آهي. جن جي واڻيءَ ۾ ڪٺورتا آهي ۽ جيڪي اگياني آهن، اهڙن ماڻهن کي ڪرشن ڀڳوان دئيت چيو آهي.

هيءَ جڀ آهي نه! هن ۾ لڪڙي لوهه ڪرڻهي پر هيءَ ڪيتري نه ڪرمل ۽ لچڪيدار آهي! ان مان ڪا ڪوڙي ڳالهه نڪري ڪيئن ٿي سگهي؟

”واڻي ائسي بوليئي، مـن کا آپـا کوءِ،
اورن کو سيتل ڪري، آپ ڀي سيتل هوءِ.“

منو ڳالهايو! خوب ڪمائي پنهنجي ڪمائيءَ کي بين جي ڀلائي لاءِ دان ڪري، خرچي ڇڏيو. اسان وٽ ته دان کي هڪ برائي بڻايو ويو آهي. پوجيه پنڊت مدن موهن مالويه هڪ دفعي اهڙو جاچڻ لاءِ ڪاميٽي مقرر ڪئي ته ڀارت ۾ هندو ڪل ملائي سڄي سال ۾ ڪيترو دان ڪن ٿا. اها ڪاميٽي سڄي ڀارت جي باري ۾ ته پتو لڳائي نه سگهي. پر جيترن حصن ۾ جڏهن جاچ ڪئي ويئي، ان مان پتو پيو ته اتان جا هندو انڪل ٻه ارب رپيا هر سال دان ڪندا آهن. اها ڪاميٽي جيڪڏهن سڄي ڀارت جو ۽ ڀارت کان

خبر پيئي تہ ھو جھنگل ۾ وڃي ڪمس گروُ ڪرڻ لڳا. شھر-پوليس جي ڪونوال جڏھن اھا ڳالھہ ٻڌي تہ اُن سوچيو، ”مان بہ دادوءَ وٽ وڃان. اُن کي پنھنجو گروُ ڪريان.“ ھو چڙھيو گھوڙي تي ۽ ھليو جھنگل ڏانھن ھو ڏانھن جھنگل ۾ دادوُ مھراج وڻن کي ڪٽي رستو صاف ڪري رھيو ھو تہ جيئن اينڌڙ-ويندڙ مسافرن کي ڪشت نہ ٿئي، ڪنھن جي پير ۾ ڪنڊو نہ چڀي. ڪونوال اُن کي ڏٺو ھڪ سنھڙو ماڻھو صرف ھڪ ڌوتي پائي وڻن کي ڪٽي رھيو آھي. گھوڙي تي ويٺي ئي ھن چيو، ”اڙي او ڪنگلا ھن جھنگل ۾ دادوُ جي ڪٿي رھندو آھي؟“

دادوُ صاحب تہ وڻ ڪٽيندو رھيو، جواب نہ ڏنائين ھاڻي ڪونوال گار ڏيندي پڇيو، اڙي ٻوڙو آھين ڇا؟ ٻڌائين ڇو نہ تو تہ ڪٿي رھندو آھي؟“

دادوءَ اھا بہ ڪو جواب نہ ڏنو ۽ اھو ڪونوال غصي ۾ اچي گھوڙي تان ھيٺ لٿو. ھن دادوءَ مٿان ڪيترن ئي چابُڪن ۽ چماٽن جو وسڪارو ڪري ڇڏيو، پر تڏھن بہ دادوءَ ڪجھہ نہ چيو. ڪونوال سمجھيو تہ ھي ڪو پاڳل ٿو ڏسجي ھن مان ڪو پتو نہ پوندو. ھو وري گھوڙي تي چڙھيو ۽ اڳتي وڌيو ڪيس ھڪ ماڻھو مليو، اُن کان پڇيائين، ”ھن جھنگل ۾ ڪٿي دادوُ صاحب رھندو آھي. ڇا توکي ڄاڻ آھي

سڄو جهنگل خالي ٿي ويندو.

شير گرجندي چيو، ”ته ڇا ڪريان؟ ڪيئن مري وڃان؟“

جانورن جي سميتيءَ مان هڪ ميمبر چيو، ”نه، مهاراج! اسين اهڙو بندوبست ڪرڻ چاهيون ٿا ته اوهان کي روزاني ڀوڄن لاءِ هڪ جانور به ملي وڃي ۽ جهنگل جي جانورن جو اجايو قتل-عام به نه ٿئي. اسان جو سجهاءُ آهي ته اوهين ڏوڙي-ڏوڙي شڪار ڪرڻ بند ڪريو اسين خود ٿي اوهان وٽ هڪ جانور موڪليندا سين. ان کي پنهنجو ڀوڄن بڻايو. ائين ڪرڻ سان نه صرف اوهانکي سهوليت ٿيندي پر ساڻ گڏ جهنگلن جي ڪيترن جانورن جي جان بچي ويندي.

شينهن چيو، ”مونکي اهو سجهاءُ منظور آهي پر جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن مونکي جانور نه پهتو ته ٻئي ڏينهن جهنگل جي سڀني جانورن کي ٽڪرا-ٽڪرا ڪري ڇڏيندس انهن جو خون پي ويندس هڏيون ڀڃي ڇڏيندس.“

جانورن جي سميتيءَ جي هڪ ٻئي ميمبر چيو، ”نه مهاراج! اهڙي ڀل ڪڏهن به نه ٿيندي.“

ٿي ويو اگريمينٽ. هر روز شينهن وٽ هڪ جانور پهچڻ لڳو. وڃڻ وارو جانور اهو سوچي ويندو هو ته ڪيس مرڻو آهي. ٻين جانورن کي اطمينان جو ٻيو

اهڙي گروهه کان اوهان کي اهو گيان ملندو جنهن
کانسواءِ ساڌنا جي تياري ٿي نه ٿي سگهي، ۽ جنهن
جي ملڻ سان من، ٻڌي ۽ چت- نيٺي نرمل ٿيندا آهن. ڏسو،
جي ٻڌي نرمل ۽ شڌ آهي ته ڇا نه ٿو ٿي سگهي.
اوهان شينهن ۽ ڪرگوش جي ڳالهه ته ٻڌي ئي هوندي.
شير رهندو هو جهنگل ۾ هو هر روز ڪيترن ئي جانورن
کي ماري ڇڏيندو هو. ڪن کي کائيندو هو، ڪن
کي اڇلي ڇڏيندو هو. جهنگل جي جانورن سوچيو،
”ائين ته اسين سڀ جلد ئي ناس ٿي وينداسين. هي
شير صرف بک مارڻ جي لاءِ نٿو ماري ڪيترن کي
ائين ئي ٿو ماري ڇڏي. هڪ ڏينهن هبن جهنگلن
جي جانورن جو سميلن ڪرايو. اُن ۾ اهو فيصلو ٿيو ته
شير سان ته اسين بچي نٿا سگهون. اُن کي سمجهاڻ
گهرجي ۽ سندس لاءِ گهرال ڀوڄن جو بندوبست ڪري
ڏيڻ گهرجي ته جيئن هو صرف ڀوڄن واسطي شڪار
ڪري. بيڪار ۾ ئي نادرشاهه وانگر قتل-عام نه ڪري.
فيصلو ٿي ويو. جانورن جي هڪ سمتي شير سان گڏجي
چيائون، ”شير صاحب اوهين جهنگل جا راجا آهيو.
اسين اوهانجي پرجا آهيون. اسين سمجهون ٿا ته
اوهان کي ڀوڄن گهرجي. اوهين گاهه، ڦل وغيره نه
کائيندا آهيو. پر جهڙيءَ طرح سان اوهين جهنگل جي
جانورن کي ئي اجايو ماريو پيا، ان سان هڪ ڏينهن

هو گرجنا ڪري چوڻ لڳو، ”ٻيو شير؟“ ٻيو شير ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“ مان هن جهنگل جو راجا آهيان. اڄ کان پوءِ هرڪ جانور مون وٽ اچڻ گهرجي.“ مون کيس چيو، ”اسانجو شير مهاراج ان ڳالهه کي ڪڏهن به سهن نه ڪندو.“ هن چيو جهنم ۾ پوي تنهنجو شير مهاراج! ان کي ڇڏ. هن جهنگل مان هليو وڃي. اڄ کان وٺي هتي منهنجو راڄ آهي.“ گهڻي آزي-نيزاري ڪرڻ بعد مون کيس مڃايو ته هو اوهان سان ملي فيصلو ڪري وٺي. هن چيو، ”مان هن وٽ نه ويندس. ان کي هت سڏ ڪري اچ. مان ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندس. پوءِ پاڻ ان کي کائيندس، پوءِ توکي کائيندس.“ ان ڪري وڏي مشڪلات کانپوءِ مان هتي پهتو آهيان. ان ڪري مونکي اچڻ ۾ دير ٿي وئي. هاڻي ٻڌايو ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي؟ اوهان منهنجي دير سان اچڻ جي شڪايت ڪريو ٿا. مونکي ڊپ آهي ته جيڪڏهن اهو ٻيو شير جهنگل ۾ رهيو ته سڀاڻي کان ڪو به جانور اوهان وٽ اچي نه سگهندو. اوهان جي پرڄن کي هو رستي ۾ ئي هڙپ ڪري ويندو. رستي ۾ جيڪو کوهه آهي، هو اتي ئي ويٺو آهي.“

شير جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته لهي باهه ٿي ويو؛ گرجنا ڪندي چيائين، ”ڪٿي آهي اهو شير؟ هل،

هڪ ٻه اُپاءَ ڪونهي. اِنهن ڪري هڪ ڏينهن ڪرگوش
جو ٻه وارو آيو. اهو هو عقلمند. هلڻ ته لڳو پر رستي
تي گهڙي گهڙي اهو پيو سوچي ته پنهنجا پراڻ ڪيئن
بچايان؟ هلندي هلندي هو هڪ اونهي کوه جي ويجهو
پهتو. کوه جي اندر ليئو پائي ڏٺائين ته کيس پنهنجو
پاڇو نظر آيو. هو مرڪڻ لڳو. کيس پراڻ بچائڻ جي
ترڪيب سجهي آئي. ڪافي دير تائين هو کوه جي
ڀر تي ويهي رهيو. آخر آهستي آهستي هليو جڏهن
شير جي غفا اچي وٺي هو ٻوڙڻ لڳو.

شير کيس پريان ڏٺو ته غصي ۾ ٽهي لعل ٿي ويو.
ڏند ڪرٽيندي چيائين، "جهنگل وارن هيتري دير
ڪانپوءِ هي پوڄن موڪليو آهي، صبح کان وٺو آهيان
۽ پوڄن موڪليو آهي منجهند جي وقت ۽ سو به هڪ
ننڍڙو ڪرگوش!"

ڪرگوش سندس ڳالهه ٻڌي. هن نهٺائيءَ سان چيو،
"مان ننڍڙو آهيان مهاراج! اهو منهنجو ڏوهه ته نه آهي
مان صبح کان هن طرف اچي رهيو هوس ته هڪ شير
منهنجو رستو روڪي ڇڏيو ۽ مونکي پڪڙي ورتو
مون کيس چيو، "مان پنهنجي مهاراج وٽ وڃي رهيو
آهيان. اُن کي بک لڳي هوندي. هو مونکي ڪائيندو"
هن چيو "ڪير آهي تنهنجو مهاراج؟" مون جواب
ڏنو، "اهو شير آهي ۽ توکان وڌيڪ ٻلوان آهي."

اسانجي ٻڌڻ ۾ بادشاهه پاڻ وٽ ڏيپ مالا ٺاهيندا هئا. هاڻي ته رواجيءَ ۾ رواجي ماڻهوءَ وٽ شادي هجي ته بازار جي بازار جڳمڳائڻ لڳي ٿي. اهڙيون بتيون ٿيون جڳمڳائين، جيڪي نه ته پاڻيءَ سان وسامن ۽ نه هوا سان.

انسان بجليءَ کي چيو، "پکا هلاءِ!" ۽ جهٽ پٽ پکا هلڻ لڳا. وڏا وڏا سلطان ۽ وزير ٻانهن وٽ ڇت جا پکا هلائيندا هئا ۽ ڪُلين ڪان لوڏائيندا هئا. هاڻي ته رواجي گهرن ۾ به بجليءَ جا پکا هلندا آهن. ڇت جا نه ته ميز جا. ۽ هاڻي ته ٻڌو آهي ته ٻيٽريءَ جا ننڍا ننڍا پکا به ٺهي ويا آهن. جتي گرمي ٿئي، اتي کيسي مان ڪڍو، بٽڻ دٻايو، هوا شروع!

انسان بجليءَ کي وري چيو، "روٽي تيار ڪر!" ۽ ڀوڄن تيار ٿيڻ لڳو.

هن چيو، "برف ٺاهه!" ۽ جڏهن بجلي سان هنر هلندا آهن، ان سان ٿي برف ٺاهڻ لاءِ ريفريجريٽر هلندا آهن.

بمبئي ۾ ڏسو. اتان جا سيٺ ماڻهو ڏاڍا وڏيڪ منارا ٺهيندا آهن. ڏاڪا چڙهي نه سگهندا آهن. لفٽ ۾ چڙهندا آهن. بجلي ٿي کين مٿي وٺي ويندي آهي. مان هانگ ڪانگ ويو هوس. اتي ٻهڄوهه-ٻهڄوهه ۽

مان ھاڻي تو سڌو ڪريانس.“

ڪرگوش ان کي گڏ وٺي کوھ جي ويجھو پھتو. ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسي چيائين، ”لڳي ٿو مھاراج! ھو صرف ڊاڄون ھڻڻ وارو ھو. اوھانکي ڏسي ڪٿي لڪي پيو آھي.“ لڏھن ھن کوھ جي اندر ليئو پائي چيو، ”ھو آھي مھاراج! ھن کوھ جي اندر لڪو پيو آھي.“

شير کوھ جي اندر ليئو پاتو ته کيس پاڻيءَ ۾ پنھنجو ئي پاڇو نظر آيو- ھڪ ٻيو شير!

ھن ٻئي شير کي للڪارڻ لاءِ ھن پوري زور سان گرجنا ڪئي. کوھ جي اندر ھن جو پڙاڏو گونجڻ لڳو. اھو ٻڌي شير مھاراج ڪروڌ ۾ ڀري کوھ ۾ ٽپي پيو. ڪرگوش جي جان ڇٽي ويئي. ان ڪري چيو ويندو آھي ته جنھن کي ٻڌي آھي، ان کي ٻل آھي ماڻھوءَ ۾ ٻڌيءَ جو ٻل آھي. ان ڪري ھو ھاٿين، شينھن ۽ خطرناڪ ۾ جھنگلي جانورن کي نچائيندو آھي. پھاڙن جي ڇاتيءَ کي چيري ڇڏيندو آھي. ندين جو وھڪرو روڪي ڇڏيندو آھي.

ڏسو ته، گيان ۽ ٻڌيءَ سان انسان ڀلائيءَ سان ڪھڙا ڪم ڪري ڏيکاريا آھن!

ماڻھوءَ ڀلائيءَ کي وس ۾ ڪيو ۽ چيو، ”ھٿي ٻنيون جڳمڳائي ڇڏيون! ۽ جتي ڪٿي ٻنيون پيدا ٿي ويون.

پهچي ويا ها ته ڪيئن نه بجلي ٻرڻ کان پوءِ، قدم اڳتي وڌي چڪي آهي. اها روشني ڏئي ٿي ۽ پکاليءَ جو، رانديءَ جو، مزور جو، گهوڙي، ٻاڦ، هوا، پاڻي وغيره جو ڪم ڏئي ٿي.

رٽوبر جڏهن آمريڪا جي ياترا تي ويو تڏهن هن واپس اچي ٻڌايو ته آمريڪا ۽ يورپ ۾ بجليءَ سان ڇا ڇا ٿيندو آهي. هو هڪ عمارت ۾ ويو. ان جا دروازا پنهنجو پاڻ ئي کلي ويا. رٽوبر عجب مان پڇيو، ”هيءَ ڪهڙي ڪرامت آهي؟“ ته سندس سائيءَ کيس ٻڌايو ته ”دروازي ۾ بجليءَ جي هڪ اک لڳل آهي جيئن ئي اها ڏسي ٿي ته دروازي جي ويجهو ڪو ٿي آيو آهي تيئن ئي دروازو کلي وڃي ٿو ۽ ان جي اندر وڃڻ تي دروازو بند ٿي ويندو آهي.“

اڳتي هن ٻڌايو ته، ”هڪ ڏاڪڻ تي هو بيٺو ته اها ڏاڪڻ جي ڏاڪڻ ئي مٿي وڃڻ لڳي. ان سان گڏ ئي ٻئي پاسي جي ڏاڪڻ هيٺ لهي آئي، يعني اوهان ڏاڪڻ تي چڙهو يا صرف بيهي رهو، ڏاڪڻ خود ئي چڙهي ٿي ۽ لهي ٿي.“ آخر ۾ هن اهو ٻڌايو ته، ”هڪ روڊ تي هو بيٺو. ان جي مٿان ڪافي وزن وارو سامان پيو هو. ان کي ڏٺي هو اڳتي هلڻ لڳو ته سائيءَ چيو، ”هي سامان هتي اچي رکي ڇڏ.“ رٽوبر چيو، ”هتي روڊ تي؟“ سائيءَ چيو، ”هي روڊ هلڻي

ٽيهه-ٽيهه ماڙين واريون عمارتون آهن. ڪروڙپتي سيٺيون اُتي رهندا آهن. شايد اِڪڙ ٻِيڪڙ لکاپتي به هجي، باقي سڀ ڪروڙپتي آهن. هو اُنهن اوچين عمارتن ۾ ڏاڪا چڙهي نه ٿا ويندا آهن. بجليءَ جي لفٽ ۾ چڙهي ويندا آهن. هڪ دفعي مان اَهڙي نئين هڪ عمارت ۾ ڪٿا ڪرڻ ويس. شايد ٻارهين ماڙ تي ڪٿا هئي. مان لفٽ ۾ چڙهيس ته عجب مان سوچيان پيو، ”جي بجلي فيل ٿي وڃي ته ڇا ٿيندو هوندو؟ مٿيان مٿي، هيٺيان هيٺ، وچان وچ ۾.“ پر مونکي ٻڌايو ويو ته اتي بجلي ڪڏهن به فيل نه ٿيندي آهي. نه صرف اهو پر انسان بجليءَ کان اَهڙا اَهڙا ڪم ورتا آهن جو ٻڌي ڇرڪ ڀرائجي وڃبو آهي. بجليءَ سان ريل گاڏيون هلنديون آهن. ٽيليفون ڪم ڪن پيا. ڪارؤن اچن وڃن پيؤن. وائرليس هلن پيا، ريڊيو هلن پيا، ٽيليويزن هلن پيا.

هڪ دفعي اڪبر بيربل کان پڇيو، ”اَهڙو ڪهڙو ماڻهو آهي جيڪو پير، راندو، پڻتي (پاٽي پريندڙ) ڪر ٻعدل گڏهه سڀ ڪجهه هجي؟“ بيربل چيو، ”اَهڙو قسم جو ماڻهو برهمڻ آهي. اهو گروُ به آهي، پاٽي به آٽي ٿو، پوڄڻ به ڄاڻي ٿو ۽ ٻارن تي وڃي ته ٻار ا- ڪٽي ٿو.“

پر جيڪڏهن بيربل اڄ جيئرو هجي ها ته عجب ۾

ڳالهه سوچيو ته اسانجو من نوڪيو ۾ آهي جي سنگاپور جي ڳالهه سوچيندا ته اوهان جو من اُتي آهي ۽ وري دهلي جي ڳالهه سوچيندا ته اوهانجو من هن پنجابي باغ آره سماج ڏانهن دهليءَ ۾ آهي. دنيا ۾ آهي ڪا اهڙي شيءِ جو هيتري تيز رفتار سان هلي سگهي؟ پر ان کي به گيان جي ڏور سان ٻڌي سگهجي ٿو.

”من پنڇي تب لڳ اُڏي وشئه-واسنا ماهه
گيان باز ڪي جهپٽ ۾، جب لڳ آيا ناهين“

گيان جو باز جڏهن ڪيس پڪڙي وٺي ٿو، تڏهن اُن جي سڀ پڇ ٻڪ پوري ٿي وڃي ٿي. جڏهن به اهو گهڻي پڇ ٻڪ ڪري تڏهن گيان سان ڪيس سمجهو هن کي سمجهايو ته دنيا هميشه رهڻ واري ڪونهي. هي ته ”جڳت“ آهي. ۽ جڳت جي معنيٰ آهي هلندڙ هميشه بدلجندڙ. هي ته هر روز پيو بدلجي. هر ڪلاڪ هر مدت، هر سيڪنڊ ۾ هن ۾ تبديلي پيئي اچي. هر سيڪنڊ جي ڪروڙوين حصي ۾ به هن ۾ تبديلي پيئي ٿئي. ٻار پيدا ٿئي ٿو، وڏو ٿئي ٿو، اُن جي آواز سان گهر ۾ ٻدا لفظن جو سنگيت گونجڻ لڳي ٿو. سندس مسڪراهٽ سان روشني پيئي ٿئي. هو وڌيڪ وڏو ٿئي ٿو. ٻار ٽڙي ٿو، پڙهڻ لاءِ وڃڻ لڳي ٿو. اڃا به وڏو ٿئي ٿو. نوجوان ٿي ويو آهي. اُن جي اکين ۾

هلندو سامان به هلندو. ٽون بيهندا آن ته ٽون به هلڻ لڳندا آن.“

اهو ٻڌيءَ جي ٻل جو نتيجو آهي! گيان ٻڌيءَ کي پرپٽا ڏني. ٻڌيءَ ٻجليءَ کي اهڙي طرح ٻڌي ڇڏيو جو هوءَ سڀ ڪجهه ٿي وڃي ٿي، سڀ ڪجهه ڪري ٿي.

گيان سان ملي وڃي ٿي ته من، ٻڌي ۽ چت سڀ نيڪ رستي تي هلڻ لڳندا آهن. پوءِ انهن دوارا اهڙيون- اهڙيون ڳالهيون ٿينديون، جن کي ڏسي ماڻهوءَ کي ڏندي آڱريون لڳيون وڃن. من ڏاڍو چنچل آهي- ڏاڍو تيز ۽ گهڻو ٻلوان آهي. هي جوت وارن جي جوت آهي. هي ٻجليءَ کان عربين دفعا وڌيڪ تيز رفتار سان هلندو آهي. هي پرماتما شڪتيءَ کان به وڌيڪ ٻلوان آهي.

ٿورو سوچي ڏسو! اوهان مان ڪيترن ماڻهن لنڊن نيويارڪ، ٽوڪيو ۽ سينگاپور ڏٺو آهي، اهو مان نٿو ڄاڻان پر جن ماڻهن ڏٺو آهي انهن جي لاءِ چوان ٿو. لنڊن جي ڳالهه سوچيو، ٽيمس نديءَ جي پل، لنڊن جو ٽاور- اوهانجو من لنڊن ۾ آهي ۽ ان وقت نيو يارڪ جي ڳالهه سوچيو، ٽائيمس سڪوائر، وڏيون- وڏيون عمارتون، وڏا- وڏا پارڪ، هلندڙ موٽرون ڪارون اوهان جو من نيويارڪ ۾ پهچي ويو ته هاڻي ٽوڪيو جي

ني ”پيڙي“ جهڙي وهندي. اهي ڪارا گهنگرالو وار اڇا ٿي ويندا. انهن اکين ۾ ”موتيابند“ لهي ايندو. هي نه جڳت آهي - هميشه هلندڙ، ناس ٿيندڙ، ٺهندڙ ۽ وري ناس ٿيندڙ آهي.

اوهان اڄ، نئون ڏونل ڪپڙو پاتو. ڪجهه ڏينهن بعد اهو ميرو ٿيڻ لڳي ٿو. اهو ميرو ٿيڻ ۽ ڦاٽڻ ڪپڙي ۾ اُن وقت ئي موجود هو جنهن وقت اوهان پاتو هو. هر شيءِ جو نتيجو، هر شيءِ جو بگڙجڻ ۽ مرڻ شروع کان ئي ان سان لڳل آهي.

هڪ ماڻهو پيدا ٿيو، وڏو ٿيو، سڀ ماڻهو اُن ڏانهن ڏسڻ لڳا. هو سڀني جي لاءِ ڪشش جو سبب آهي. پر هڪ ڏينهن پيو ٿئي ٿو. ڪوئي هن ڏانهن نٿو نهاري ڪو به ڪيس نٿو چاهي. اهو ”نتيجو آهي. اُن ماڻهوءَ جو اهو نتيجو اُن وقت به ساڻس گڏ هو. جنهن وقت هو پيدا ٿيو هو. هنديءَ جي هڪ ڪويءَ ان ڳالهه کي سهڻي رنگ سان چيو آهي:

”ڪاچي ۾ نيڪا لڳي“

نيڪا چٽبو آهي سٺي ڪسي، ڪجهه هجي نه ڏاڍو سٺو لڳندو آهي.

”ڪاچي ۾ نيڪا لڳي، گذري بهت مٺائي،
اِڪ ڦل هِمَ اُئسا سکي، پاڪ گسئي ڪڙوائي“

مستي آهي، ڇوري ۾ ڪشش، ٻانهن ۾ طاقت. اُن کي ڏسڻ لاءِ ماڻهن جون اکيون کڄي وڃن ٿيون. هو ڪيترن ئي ماڻهن جي اُميدن جو سهارو آهي. ڪيترن ئي ماڻهن جي پيار جو مرڪز آهي اهو. هوُ اڃا ته وڏو ٿئي ٿو. شادي ٿئي، ٻار ٿي ويا. هوُ وچولي عمر کي پهتو. ڪجهه ڪمزوري اچڻ لڳي. ڪجهه بيماريون ورائڻ لڳيون ۽ پوءِ هو ڍڳو ٿيڻ لڳي ٿو. بيمار- ڪمزور- نٻل! کٽ تان اُٿي نٿو سگهي، لٺ ڪانسواءِ هلي نٿو سگهي ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو اچي ٿو جو چار ماڻهوُ گڏجي کيس کڻن ٿا ۽ شمشان ۾ ڇڏي اچن ٿا.

اِها آهي اوهان جي دنيا، ان جي بنيان پيا ڏوڙو اِها نه هميشه بدلجندي رهي آهي، بدلجندي رهندي پل پل مرندي، پل پل نئين پيدا ٿيندي آهي.

"دنيا ڪا اِبتدا سي يهي ڪارخانا هئہ،
ڪل ٿا ڪسي ڪا آج ڪسي ڪا زمانا هئہ"

نئين - نويلي سندر ڪنوار گهر ۾ آئي. اُن جي روپ سان سڄو گهر چمڪڻ لڳو. اُن جي اکين جي مستيءَ مان ائين ٿي لڳو گويا سڄو گهر مدهوشيءَ سان ڀرجي ويو هجي. اُن جي چهري مان لڳو ته گويا چنڊ نڪري آيو هجي. پر اهو ته سوچيو ڀائي! هڪ ڏينهن ان چهري تي گهنج پئجي ويندا. انهن ني چمن

ايها واسنا ئي انسان کي جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسائي ٿي.

مان اوهان کي پنهنجو هڪ واقعو ٻڌايان ٿو. دهلي جي ڪن آريه سڄڻن گڏجي ڪري ڪوشش ڪري، سيتارام بازار ۾ هڪ آريه سماج مندر ٺهرايو. ايها ڳالهه گهڻو وقت اڳ جي آهي. مان ان ڏينهن لاهور ۾ رهندو هوس. آريه سماج سيتارام بزار وارن لاهور مان ڪيترن ئي مهاشين کي گهرايو. مونکي به ڪوٺ ڏني. مان ٽڪيٽ وٺي پهتس. مندر جو سماج وارن رونق ڪرائي ته ساڻ گڏ جليبيون به کارايون. جليبيون چٽڪيدار هيون. پڇڻ تي معلوم ٿيو ته دهليءَ ۾ چاندني چوڪ نالي هڪ بازار آهي. اتي گهنٽي والا جو هڪ دڪان آهي. هي جليبيون ان جون آهن. هو شد ديسي گيهه جون جليبيون ٺاهيندو آهي. مون جليبيون ته کاڌيون پر سچ پچ مونکي اهي ايتريون ته سوادي لڳيون جو انهن کي وري کائڻ جي من ۾ تمنا ٿيندي رهي. سوچيم ته ان دڪان تي وڃي اهي جليبيون وٺندس. پر آريه سماج وارن ان ئي رات جو فرنٽيئر ميل جون ٽڪيٽون پڪ ڪرايون هيون. ساڳئي رات لاهور واپس وڃڻو پيو. گهنٽي والي جي دڪان تائين مان نه پهچي سگهيس. رات جو وقت هجي گاڏي پوري رفتار ۾ هئي هلي ۽ منهنجو من مهاراجا ٻوجاپ

اُهڙو وقت آهي ماڻهو. ٻچي واس ٿئي نه ڪوڙو ٻيو لڳندو ماڻهو ۽ اُن مان تنگ ٿي پوندا آهن. گهر وارا چوندا آهن ته ”پوڙهو نه مري ٿو، نه مزو ٿو ڏئي.“ اُهڙي دنيا جي هنيان پاڳل ٿي پيو ڦرين پاڻي! ڌيئرن کي نياڻا ڪڍي ويا، پٽن کي سندن زالون ۽ ٻاقي ٻڍو ٻڍي تن تن گوپال ڪندي رهجي ويا.

اُهڙيءَ طرح پنهنجي من کي سمجهايو. هر هڪ شيءِ جا اوهان کي نظر اچي ٿي، جا موجود آهي، اُن جو نتيجو اُن سان گڏ آهي. اها چيز بدلجڻ واري، بگڙجڻ واري، سمايت ٿيڻ واري آهي. سدائين اُن روپ ۾ نه رهندي. ۽ وري تاپ.

”تاپ“ چوندا آهن ڏک کي. حال سٺو آهي، عاليشان گهر آهي، ڌن دولت آهي. هڪ ۾ ڪافي رپيا آهن پر ڏک آهي ته سڀاڻي الائي ڇا ٿيندو؟ هڪ فيل ٿي وڃي ته؟ مڪان کي باه لڳي وڃي ته؟ ڪو ڪسپ اچي وڃي ته؟ اُهڙا ڪيترائي ڏک آهن. اُهڙي ڏک کان انسان ڏکي رهي ٿو. اُن کي ”تاپ“ ڏک چوندا آهن ۽ ٻيو ٻيءَ اچن ٿا ”سنسڪار يعني واسنا.

اوهان هڪ ڪرم ڪيو. ڪرم شروع ٿيو ۽ سمايت ٿي ويو. پر اُن جو سنسڪار اوهان جي دل تي چنبڙي وڃي ٿو. اهو سنسڪار اوهان کي مجبور ڪري ٿو ته وري ساڳيو ئي ڪرم ڪريو. اُن کي چوندا آهن واسنا.

سواءِ مون سان ٻانوا ٿي ڪٿي. ”ٻانس“ جي معنيٰ آهي ٻوءِ. چنبيليءَ جي گل کي هڪ ڪپڙي ۾ ٻڌي رکو. ٿوري دير کان پوءِ گل کي اڇلي ڇڏيو ڪپڙي کي سنگهو. ان ۾ اسان کي سرهه موجود ملندي، جيتوڻيڪ ان ۾ گل هڪ به ڪونهي. اهائي ”واسنا“ آهي. ڪرم سمايت ٿي وڃي ٿو. باقي ان جو سنسڪار رهجي وڃي ٿو ۽ اها واسنا ئي دک ڏيندي آهي.

ٻيو لطام، ٽاپ؛ سنسڪار، اهي سڀ دک ڏيڻ وارا آهن. جيڪي ماڻهو ”ويڪي“ آهن، سوچين، سمجهن ۽ ڄاڻن ٿا، انهن کي خبر آهي ته اهو سڀ دک ئي دک آهي.

”زانڪ دکيا سڀ سنسار“

”فريدا مئن ڄاڻيا دک مجهڪو، سک سٻائي جگ،
اوچي چڙهڪي ديکان تان، گهر گهر ايهو آگ“

مون سمجهيو ته مان ئي دکي آهيان، باقي سڀ ماڻهو سکي آهن، پر هڪ اوچي جڳهه تي بيهي ڏٺم ته خبر پئي ته گهر گهر ۾ اهائي آگ لڳل آهي. هر انسان دکي آهي.

اها اهڙي ڳالهه آهي جا گيان سان حاصل ٿئي ٿي ان ڪري اپنشد جي رشيءَ چيو، گيان کي حاصل ڪرڻ لاءِ گروءَ وٽ وڃو. اهڙي گروءَ وٽ هلو جاڻي

ڪري ”جليبي جليبي جليبي“ لاهور پهچي ته منهنجو ساڳيو حال هو. سڄو ڏينهن ڪم ۾ منهنجو من نه ٿي لڳو. مان من کي چوان ”ڪم ڪر“ هو چوي ”جليبي ڏي.“ دهليءَ ۾ چاندني چوڪ ۾ گهنٽي والا حلوائي جليبيون ٺاهيندو آهي. ان رات مان وري فرنٽيئر ميل جي ٽڪيٽ وٺي ميل ۾ روانو ٿي ويس. صبح جو دهلي پهتس ۽ دهلي اسٽيشن تان ٽانگهو وٺي سڌو حلوائي جي دڪان تي پهتس دڪان بند هو. اتي ڪافي دير بيٺي رهيس ته دڪان جاڻ کليو. جڏهن چڱي دير تائين دڪان نه کليو ته مون هڪ ماڻهوءَ کان پڇيو، تڏهن خبر پيئي ته ان ڏينهن دڪاندار جي موڪل آهي. مان سوچڻ لڳس ته دڪان کلندو ٿي نه؟ لاچار ٿي نمت آريه سماج مندر ۾ پهتس. سڄو ڏينهن اتي رهيس. سڄي رات جليبيءَ جا سپنا ڏسندو رهيس. صبح ٿيندي ئي وري گهنٽي والي جي دڪان تي پهتس. دڪان اڃا بند هو. پر اندران جليبي ترجڻ جي سگنڌ اچي رهي هئي. آخر دڪان کليو. مون اڌ ڪلو جليبيون ورتيون، کاڌيون تڏهن وڃي من کي شانتي ملي.

اها آهي واسنا!

پوءِ ٽين ڏينهن جليبي کائڻ کانپوءِ مان ٽڪيٽ وٺي دهليءَ کان لاهور ويس. انهن جليبين ٽڪيٽ کان

اِن رستي تان ٻار تي اوهان گڏگوٺريءَ تي پهچندا،
ڪٿهن ٻي جڳهه تي نه پهچندا.

ٻر جيڪڏهن توهان ڪنهن اَهڙي ماڻهوءَ کان رستو پڇو جيڪو ان طرف ڪڏهن نه ويو هجي، جنهن کي ان رستي جي خبر نه هجي، يا جيڪڏهن هو توهان کي دوکو ڏيڻ چاهيندو هجي ته چوندو، دهليءَ کان ڪلڪتي وڃو، ريل رستي يا جهاز ۾. اتان اسٽيمر ۾ وهي رنگون وڃو، اتان ماندڪي تاء گاڏي وينديآهي، ان گاڏيءَ ۾ چڙهي وڃو؛ اتان وري اس ۾ چڙهي ڀامؤ پهچندا. ڀامؤ کان هلندي هلندي آسم پهچي ويندا. اتان پڇي ونجو ته گنگرٽري ڪٿي آهي. نه ڀائي نه! اهڙي گروءَ وٽان ڪجهه ڪين وٺيندا سچي گروءَ وٽان تي سچو گيان حاصل ٿيندو.

گيان کان پوءِ ٻي ضروري ڳالهه آهي شرڌا. هڪ ٻيرو جا ڳالهه سمجهي وٺي، ان جو گيان وٺي ڇڏيوسين ته ان تي چٽان وانگر محڪم رهو، هلو نه. هيڏانهن هوڏانهن نه نهاريو. ٻئي ڪوءَ جي راهه هڪ جي راهه ناهي، شرڌا جو رستو آهي. ويد جو پتو:

”شرڌا آ پهه“ سوداپاڻي آهي. جيڪو اڌياتمڪتا روپي باغ ۾ ساوڪ سبزي چاهيو ٿا، ته ان کي شرڌا روپي جل ڏيڻ گهرجي. شرڌا کان سواءِ اڌياتمڪ ٻوٽو سڪي ويندو، هن کان سواءِ گيان ۽ مددگار نه ٿيندو

ٿو، جيڪو ويد جو ودوان آهي، جيڪو برهم کي سمجهي ٿو. ان کان حاصل ٿيل گيان کي پاڻ کي سمجهاءِ ان ڳالهه کي سمجهڻ ۾ هي سنسار هميشه بدلجندو رهي ٿو. هتي صرف هڪ ئي چيز آهي جا نه بدلجي، اهو ايشور آهي. اهو گيان، جيئن مون اڳ ۾ ئي ٻڌايو ته ان گروءَ وٽان ملي ٿو جيڪو خود ان کي ڄاڻي ٿو. جيڪو خود نٿو ڄاڻي سو ٻين کي ڇا ٻڌائيندو؟

مان گنگوتريءَ ۾ ويندو ئي آهيان. جيڪڏهن ڪوئي پڇي ته گنگوتري وڃڻ جو رستو ڪهڙو آهي ته مان چوندس، ”پهرئين رشيڪيش پهچو، اتان ٽهري نگر جي رستي اتر ڪاشيءَ تائين وڃو، اتر ڪاشي کان ڌرالي تائين پڪو روڊ آهي. اهو ڌرالي ڀارت جو آخري نگر آهي. اتان ٻه فرلانگن تائين هڪ طرف گنگا ندي آهي ۽ ٻئي طرف روڊ آهي. گنگا جي ڪناري تي ڪجهه قدرتي غفائون به آهن. انهن غفائن مان هڪ غفا ۾ ڪنهن وقت مهرشي دياننده ڪيترا مهنا رهي تپسيا ڪئي هئي. ڌرالي کان ٽيرهن ميل پيدل هلڻ کانپوءِ گنگوتري ايندي.

مان اهو سڀ ان ڪري چئو جو ڪيترائي دفعا گنگوتري ويو آهيان، ڪيترن مهنن تائين اتي رهيو آهيان. مان ڄاڻان ٿو ته گنگوتريءَ جو رستو ڪهڙو آهي.

۽ هٿٻڌ روچن ٿا ته ٿي سگهن ٿا جيڪي سڄي ديش
۾ لکها ماڻهن جي حياتي برباد ڪري ڇڏين؟ اُن ئي ڳ
۾ به پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو هوندا. عقلمند اِنسان هوندا.
پر اُنهن جي وديا ۽ بُڌي هي سڀ ڪجهه نه ٿي ڏٺو.
اوهان چئي سگهو ٿا ته، تنهن وقت جو ماڻهو ايترو
پڙهيل ڪونه هو، هاڻي ڪافي اڳتي وڌيو آهي.
هاڻي ڪيس دليل ڪان ڪم وٺڻ گهرجي. ذرا سوچي
ڏسو ته، اسان کي منگل، شڪر، ورهسپت، ڇنڇر،
ارُڻ، ورُڻ ۽ ٻين تارن جي خبر آهي ته انهن ۾ ڇا
آهي؟ ڇا اسان کي خبر آهي ته سورج منڊل جي
ٻاهران ڇا آهي؟ هن برهمانڊ ۾ ڇا آهي. جنهن ۾ اسان
جي سورج منڊل جهڙا ڏهه ارب سورج منڊل آهن؟
۽ هنن برهمانڊن ۾ ڇا آهي جن جو انداز هڪ ڪرب
کان وڌيڪ آهي ۽ جيڪو اسان کي چمڪندڙ موتين
جيان نظر ايندا آهن ۽ جن ۾ هڪ هڪ ۾ اربين سوُرج
منڊل آهن؟ ساڻ گڏ هر سورج منڊل جي پرڪرما
ڪندڙ تارا به آهن! مان هڪ ڪرب برهمانڊن جي
ڳالهه نٿو ڪريان. اها ڳالهه اڄ جا سائنسدان چون ٿا.
سندن ٿي ٻڌائي آهي ته اڄ تائين جيترا ٻون
به ڏوربينون تيار ٿيون آهن اُنهن مان پتو پوي ٿو ته
هن وشال آڪاس ۾ هڪ ڪرب کان به وڌيڪ برهمانڊ
آهن. اِهو هن دنيا جو انت ڪونهي سياڻي جيڪڏهن

ان ۾ ٻٻرن وانگر بيڪار ڪنڊن وارا وڻ ٻوٽا اڀرندا. شڪ وشبهه جا ڪنڊيدار ٻوٽا، رستو رهندو ئي ڪانه!

اڄ ڳالهه ڪنهن سان شردا جي ڳالهه ڪجي ته اهو چوندو، ”شردا، ته اڻ پڙهيل ۽ مورک ماڻهن جي لاءِ آهي. اسين پڙهيل-ڳڙهيل آهيون سوچڻ ويچارڻ جي شڪتي رکون ٿا. اسان وٽ بڌي آهي. اسان سان دليل ڏئي ڳالهايو.“

مان بحث-مباحثي جو ورود نٿو ڪريان. پر هر جڳهه تي بحث نه هلندو آهي. توهانکي ايمان آهي پڙهڻ جو. ايمان آهي بڌي ۽ عقل جو. ذرا سوچي ڏسو ته اهو ايمان ڇا آهي؟

اڄ کان ٽي سال اڳ، ڪو اهڙو پڙهيل-ڳڙهيل ۽ عقلمند ماڻهو چئي ٿي سگهيو ته، اهڙو هوائي جهاز ٺهي سگهي ٿو، جنهن ۾ سوين ماڻهو ويهي پنج سؤ يا اٺ سؤ ميل ڪلاڪ جي رفتار سان اڏامي سگهن. ڇا ڪوئي چئي سگهيو ٿي ته، اهڙا اوزار ٺهي سگهن ٿا جن سان ماڻهو هزارين ميل پري جو آواز ٻڌي سگهي! سوين ميل پري جي گهٽنائن جا نظارا ڏسي سگهي؟ ڇا ڪوئي چئي ٿي سگهيو ته آڪاس ۾ چمڪندڙ بجلي کي داس بڻائي سگهجي ٿو. ان سان روشني، گرمي، سردي ۽ ٻاترا جو بندوبست به ڪري سگهجي ٿو؟ ڇا ڪو ائين چئي ٿي سگهيو ته هن دنيا ۾ اهڙا انتر ۾

جي لاءِ مهاڀارت چوي ٿو، ”اشرڌا ٻي انسان کــي شڪ شبهه ۽ خام خيالن جي ٻن ۾ ڦٽڪائي ٿي. جتان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو ٻيو رستو ڪونهي. ساڻ گڏ مهرشي ويد وياس چوي ٿو تہ، ”شرڌا سان پاپ دُور ٿين ٿا.“ ويد ۾ شرڌا جي لاءِ هڪ سڄو سُوڪت لکيل آهي. اسانجو مهاتما آنند ڀڪشوُ جي ڀڳيہ ڪرائيندو آهــي. ڀڳيہ کان اڳ هوُ ڀڳوان کي ورت کڻڻ لاءِ چوندو آهي. اُن ورت ۾ جيڪي منتر چوائيندو آهي اُهــي يجر ويد مان کنيل آهن جن جو مطلب آهي تـــہ، ”ورت سان دڪشا، ديڪشا سان دڪشڻا، دکشڻا مـان شردا پيدا ٿيندي آهي. ۽ شرڌا سان پرم پتا پرماتما جـــا درشن ٿيندا آهن، جيڪو پرم سچ آهي، سڀ کـــان اوچي سچائي آهي.“ جي شرڌا کا اجائي ڳالهه هجي ها تہ ويد ڀڳوان اُن ٿي اهڙو زور ڇو ڏني ها؟ نـہ، اها اجائي ڳالهه ڪونهي. ڪجهه حاصل ڪرڻو اٿيئي تہ شرڌالوُ ٿي، شرڌا کان ڪم وٺ.

هاڻي آريہ سماج کي ڏسو. هتي گيان گهڻو آهي تہ بحث-مباحثہ بہ گهڻو آهي. ٻر شرڌا ڀا تہ آهيئي نہ، جي آهي تہ نہ جي برابر. اِن ڪري ڏينهون ڏينهون ڪمزوري گهر ڪندي وڃي ٿي. مان پنجابي باغ جي ماڻهن جي ڳالهه نٿو ڪريان. اِهي تہ شرڌا وارا آهن ڪالهہ صبح جو مان اُن وقت هتي آيس جڏهن وقت

اڃا ته وقت ٻڪ شڪتيءَ وارن دورن ۾ نهدٻون نه شايد ڪيترائي ڪرب برهمانڊ نظر ايندا ۽ تڏهن به اَنت نظر نه ايندو. ڇو جو هن سنسار جو اَنت ڪڏهن به نه ٿو ملي.

اهو آهي انسان جي تعليم ۽ ٻڌيءَ جو حقيقي روپ! ايترو سڀ ڄاڻڻ کان پوءِ به اسين هيترن ڳالهين کان اڻڄاڻ رهيا آهيون. اڙي ڀائي، تو دنيا جو انت ئي نه پاتو ته پوءِ اُن جي خلقيندڙ جو انت ڪٿان پائيندين؟ تنهنجي تعليم، تنهنجي ٻڌي ٻئي محدود آهن ۽ ايشور بي حد آهي. بي حد ۾ ڪيئن سمائيندو؟ تون دليلبازيءَ سان اُن کي ڪيئن سمجهي سگهندين؟ هو تنهنجي پهچ کان گهڻو پري آهي. هو تہ شردا سان ملندو. اُن ڪري ويد چئو آهي ته: ”شردا مورکہ ۽ اڻ پڙهيل ماڻهن جي چيز نه آهي پر ڏيوتائن جي، پکيہ ڪندڙن جي، آڪاس سمادي لڳائي گهمندڙ يوگين جي چيز آهي. هو اُن جي اُپاسنا ڪندا آهن ۽ هن جو سهارو وٺندا آهن.“

هاڻي ٻڌايو ته اها شردا مورکن جي چيز آهي يا ودوان جي؟ شردا سان من جو ڪمل ٽڙي پوي ٿو ۽ ايشور پراپت ٿئي ٿو اُن ڪري اسانجي شاسترن ۾ چيل آهي ته، ”سچو گيان شردا واري کي ئي ملندو آهي.“ جيڪو ماڻهو هر پل بحث مباحثو ڪري ٿو اُن

اوهين جاپ ني ٿا ڪندا ته مان ڇا ڪندس؟

هڪ وڏو پٿر آهي، ان کي ڀڃڻو آهي. هٿوڙو کڻ، ان کي هڻ. هڪ پيرو هٿوڙو هڻڻ سان جي پٿر نٿو ڀڃي ته وري هڻو ۽ هڻندا رهو. چنتا نه ڪريو اوهين پنهنجو ڪم جاري رکو پنجاهه دفعا هٿوڙا هڻڻ کان پوءِ به جي پٿر نٿو ڀڃي ته اوهين نه سمجهو ته پٿر ڪڏهن به نه ڀڄندو. ٿڪ ڪانپوءِ وري پوري طاقت سان پنهنجو ڪم ڪندا رهو. سؤ يا ٻه سؤ ڌڪ سان جي پٿر ڀڃي پوي ته اوهين نه سمجهو ته پٿر کي آخرين ڌڪ ٽوڙي ڇڏيو آهي. هن جو ٽٽڻ ته پهرين ڌڪ کان ئي شروع ٿي چڪو هو. ان وقت توکي هن جو ٽٽڻ نظر نه ٿي آيو. هاڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شرڌا ۽ وشواس سان پنهنجي ڪم ۾ لڳا رهو ته اوهان کي ضرور ڪاميابي ملندي.

ڪيترائي ماڻهون چوندا آهن، "سوامي جي، اوهان منتر جو جاپ ڪرڻ لاءِ چيو هو، مان ڪندي ته آهيان پر من لڳي ني ٿو."

ته مان چوندو آهيان، "من نٿو لڳي ته ڇا ٿي پيو اوهين پنهنجي ڪم ۾ لڳل رهو."

حقيقت ائين آهي ته اسين خود ڪم ڪرڻ نه چاهيندا آهيون، پر ان جو ڏوهه من تي مڙهيندا آهيون. ائين ڪرڻ سان ڪم نه هلندو. ان لاءِ شرڌا گهرجي، وشواس گهرجي، تڏهن ئي سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو.

پر...... هي منهنجا ڀڳوان! هاڻي ته ساڍا نو ٿي ويا. چڱو، باقي ڳالهيون سڀاڻي ڪنداسين.

هتي هون ڀڳل ٿي رهيو هو، ڪيترائي ماڻهو هتي حاضر هئا انهن کي ڏسي مونکي خوشي ٿي ته انهن ۾ شرڌا آهي. صبح جو سائين پنجين ٻجي سنان پاڻي ڪري هتي ڀڄي ويا آهن. ڪن ٻين جڳهين تي به مون اهڙي شرڌا ڏٺي آهي.

هولي جي ڏينهن ۾ امرتسر ۾ مهڏبي ڪٿا هلي ٿي. روز صبح جو ڇهين ٻجي ڪٿا شروع ٿيندي هئي ۽ ائين لڳندو هو گويا سڄو ڳوٺ اچي گڏ ٿيو هجي. پر اها شرڌا آهي، سماج ۾ ڪٿي-ڪٿي نظر ايندي آهي. ان جي نه هئڻ سبب آهي، سماج وڃي ٿي ٽوٽي پوندي. ياد رکو، جتي شرڌا آهي، اتي رس آهي، مٺاس آهي. اتي ئي جيون آهي. شرڌا ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿيندو.

اوهان مون کان گنگوتريءَ جو رستو پڇيو، مون اوهانکي ٻڌائي ڇڏيو. اوهين ان رستي تي هلڻ بدران اهو پيا سوچيو ته آنند سواميءَ مونکي جيڪو رستو ٻڌايو، ان رستي اسين گنگوتري پهچنداسين يا نه؟ صرف پيا شڪ شبهو ڪيو. اهڙي وقت جي نه ڪن ائين ڪرڻ سان اوهين ڪڏهن به گنگوتريءَ پهچي نه سگهندا.

مان چوان ٿو ته گائتري منتر جو جاپ ڪريو. ان سان من ۾ پرڪاش ايندو ۽ آتما جو دروازو کلندو پر جي

ممتا ڀريل گود ۾ ڪٽي پيئي آهي اها هر هنڌ براجمان
آهي. سڀني جي اندر به آهي ته ٻاهر به آهي. جنهن
کي ٻيو، برهم، ڀڳوان، شو، برهما، رام رحيم، الله،
خدا، واهگرو وغيره ڪيترن ئي نالن سان اُن کي
سڏيون جنهنجو پنهنجو نالو اوم آهي ان جو ڌيان
ڪري مون سان گڏ چوابو

اوم ڀور ڀوُ سو، تتسوتر ورڻيم، ڀرگو ديو-
سيه ڌي مهي، ڌيو يو نه پرچو ديات

پيجر ويد ايڪويهن ادياء بابت پڙهائي
رهيو هوس. هن سنسار ۾ هر طرف دک ئي دک
نظر اچي ٿو اهو دک وڌندو وڃي ٿو. گهٽ ٿيندو
نظر نه ٿو اچي. آمريڪا اهڙو ڌنوان ملڪ آهي، سائنس
۾ اتي ڪافي اُنتي ڪئي آهي پر اتي به حالت
ساڳئي آهي جو خود آمريڪا واسين جي ڏنل رپورٽ
موجب آمريڪا ۾ هر ڏهن ماڻهن مان هڪ پاڳل
ماڻهو آهي.

آمريڪا جي آدمشماري ٢٢ ڪروڙ آهي. جيڪڏهن
اها رپورٽ ٺيڪ آهي ته ان موجب اتي ٻه ڪروڙ ويهه
لک ماڻهو پاڳل هوندا. ڇا اهي سڀ اسپتالن ۾ ڪونهن
؟ ان رپورٽ ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته آمريڪا ۾
جيترا ماڻهو اسپتالن ۾ علاج هيٺ آهن انهن مان پنجاه

ڏينهن ٣-

ڪٿا شروع ڪرڻ کان اڳ سوامي جن منتر پڙهيو جنهن جو أرٿ آهي:

هي سوامي! تون اسان جي ماءُ آهين ۽ رکيا ڪرڻ وارو پيءُ پڻ.

هزارين طرفن کان اسان تي تنهنجي ڪلياڻ جي بارش وسندي رهي ٿي.

ڪرپا ڪر ته اسان جو من پوتر ٿئي، نيڪ ٻڌي، ۽ تنهنجي ٻڌايل راه تي هلي.

تڏهن چيائون:-

ان کان اڳ هڪ ڳالهه چوان، اوهان سڀ گڏجي مون سان گائتري منتر اهڙيءَ مستيءَ سان اچاريو ته- جيئن ڪروڙين برهمانڊن کي جهوٽ ۽ جيون ڏيندڙ مسڪرائيندڙ ۽ آشيرواد ڏيندڙ ماءُ اسان اڳيان اچي آهي. اها ماءُ جيڪا مهان شڪتي آهي، مهان جوتي آهي جا ذري ۾ ذري ذرڙي اندر موجود آهي. ۽ سڀني برهمانڊن کان به وڏي آهي اها اسان کي پنهنجي

اهو ديش بيمار آهي. ان جو سارو ڪاروبار به بيمار ٿي ويو آهي.

پر ان ڳالهه تي ناز نه ڪريو ته صرف آمريڪا ۽ برطانيه جي اها حالت آهي. اسان جي هن ديش جي به ساڳئي حالت آهي. هتان جي ڪنهن جوان ڇوڪري يا ڇوڪريءَ کان پڇو. ان جي سڀ کان پهرين اڇا اها آهي ته هن ديش کان ٻاهر هليو وڃجي. جيڪو به جوان مونکي مليو آهي ان چيو آهي ”سوامي! مهرباني ڪري مونجو هٿ ڏسو!“ مان جڏهن ان جو هٿ ڏسندو آهيان ته سندس پهريون سوال اهو هوندو آهي ان ۾ ولايت وڃڻ جي ڪا ريکا آهي يا نه؟ هٿ جي ريکائن ۾ ڪجهه ڪونهي. اجايون آهن اهي ڳالهيون. پر سچ اهو آهي مونجا پيارا ته جهڙيءَ طرح آمريڪا برطانيه بيمار آهن اهڙيءَ طرح ڀارتواسي پڻ بيمار آهن. اهي بيمار ان ڪري آهن جو انهن وٽ جهجهو ڌن آهي ۽ اسين بيمار آهيون ان ڪري جو اسان اُلٽو نرڌن آهيون. اسان جي ديش جو هرهڪ نوجوان ڪئناڊا، فرانس، آمريڪا، آسٽريليا وڃڻ جا سپنا لهي ٿو. ڪو انهن نٿو سوچي ته سندس ديش جو به ڪو سندس مٿان فرض آهي جڏهن ۾ هُن جنم ورتو آهي.

پر پنهنجي ديش ۾ ان بيماريءَ جو ڪهڙو علاج

سيڪڙو پاڳل ايترا شاهوڪار، اهڙي ترقيءَ واري
ملڪ ۾ ايترا ماڻهو ان بيماريءَ ۾ مبتلا آهن ته يورپ
ان ڳالهه جي ڪير ٿو هام هڻي سگهي ته اهو ديش
سکي آهي؟ سکي ماڻهو پاڳل ڪونه هوندا آهن انهن
ته؟ ڪروڙين آمريڪا واسي اهڙا به آهن جي ننڊ نه اچڻ
ڪري ننڊ جون گوريون واپرائين ٿا. سکي ماڻهن کي
نه ڪڏهن دوا وٺڻ جي، گهري ننڊ اچڻ گهرجي.
جيڪڏهن ڪروڙين ماڻهن کي دوا وٺڻ کانسواءِ ننڊ نه
ٿي اچي ته ڇٻو اهي به چنتا ۾ ورتل آهن ته يورپ
اهڙي ديش کي سکي ڪير سڏيندو؟

ڪجهه مهينا اڳ مان اوڀر يورپ ۾ هوس. لنڊن ۾
هڪ هفتو ڪٽيا ڪري رهيو هوس. تڏهن لنڊن جي
هڪ روزاني اخبار ”ڊيلي ٽيليگراف“ انگ اکر ڪٽ
ڪرائي. ان جو نتيجو ظاهر ڪندي هن اخبار لکيو
انگلينڊ، اسڪاٽلينڊ ۽ ويلس ۾ پندرهه سيڪڙو نوجوان
۽ جوانڙيون اهي آهن جي دل سان چون ٿا ته اهي ان
ديش ۾ رهڻ لاءِ تيار ناهن. ٻاهر ٻين ديشن
پسند ڪن ٿا. ان رپورٽ تي الان جي ان اخبار
”ڊيلي ٽيليگراف“ سمپادڪ ليک ۾ لکيو هو ته
جڏهن ديش ۾ ۵۰ سيڪڙو جوان جوانڙيون رهڻ جي
اڇا نٿا رکن، جيڪي پنهنجي ديش ۾ سکي ڪرئون
ان کي شڪتيمند ديش ڪير چئي سگهندو؟ سچ پچ

رهيا آهن. مان تو پڇان اهو سڀ اٽري ملڪيت
کهڙي ڪم تو آئي؟ ته ڇا ٢١ ورهيه اڳ جو ڪجهه
ڪائيندو پيئندو يا پهريندو هو. ان ڪان وڌيڪ هو اڄ
ڪائي پيئي يا پهري ٿو؟ ٢١ ورهيه اڳ جن هنڌ تي
سمهندو ڪندو هو انهن ڪان وڌيڪ بسترن تي هو
سمهي ٿو؟ مان اوهان ڪان پڇان ٿو: ان سڀ ڪان ڪ
نه هن ڪروڙن روپين مان ڪهڙو سک ورتو اٿئي؟ مان
ڏن ڪمائڻ جي خلاف ناهيان. ماڻهو کاڌو ڪ حد اندر
کائي ٿو: سمهي ڪ هڪ جڳهه تي ٿو، پهري ڪ حد
اندر ٿو. اگر حد ڪان وڌيڪ ڪائيندو ته اوس بيمار
تي پوندو. وڌيڪ وستر پائيندو ته سرير تي بوجهه
محسوس ڪندو جيڪڏهن هو هڪ ڪان وڌيڪ بسترن
تي سمهڻ چاهيندو ته پاڻ کي بعني پنهنجي
سرير کي ٽڪرن ۾ ورهائي ان ڪانسواءِ هن لاءِ ٻيو
وستر ئي ڪونهي. ٻه ٻه جدا جدا ڪمرن ۾ انهن
عضون کي پلنگن تي ليٽي ٿي سچ اهو آهي ته انسان
جيئن جيئن ڏن ۾ وڌي ٿو تيئن تيئن سندس سک
گهٽجندي وڃي ٿي، نه وڌندي وڃي ٿي. حد ڪان
ٻاهر ڪمايل ڏن سک جو ڪارڻ نه پر دک جو ڪارڻ
بڻجي ٿو.

هن سرير کي صحت بخش رکڻ ئي لازمي آهي پر
توهان اهو ڪڏهن سوچيو آهي ته هي سرير ڇا لاءِ

سمجهيو ويو؟ اهو ئي نه خوب ڌن ڪمائڻ نه سگهي ٿي ويندا سين. سچ ٿو! راون کان، اورنگزيب کان، ڪارون کان وڌيڪ ڌن ڪمائيندا؟ جڏهن اهي سگهي نه نيا نه پوءِ توهان کي ڌن مان ڪهڙو سک ملندو؟ سک پراپت ڪرڻ جو اهو رستو ڪونهي. سک حاصل ڪرڻ جو سڌو ۽ صاف مارگ اهو آهي جو ويد ڀڳوان ٻڌايو آهي، اهو آهي ته ڀڳتي مارگ ۽ آڌياتمڪ واد ٻنهي کي پاڻ سان وٺي هلو. انهن سان اڳتي وڌو. ٻنهي مان ڪنهن به هڪ کي ڇڏي ٻئي جو سهارو وٺندا ته پڪ ئي پڪ دکي ٿيندا. مهرشي ديانند آريه سماج جا نيم ٻڌايا ته انهن نه چيو ته منش کي صرف آڌيا-تمڪ انتي ئي ڪرڻي آهي، پر اهو به چيو ته جسماني آڌياتمڪ ۽ سماجڪ انتي هئڻ ضروري آهي.

اوهان انهن ڌنوانن بابت ٿا پڇو؟ مان ته سيٺي جي گهر ۾ وڃان پيو. سيٺي جون ڳالهيون ٻڌان پيو. مون کان پڇو ته انهن جي حالت ڪهڙي آهي؟ مون نه انهن مان ڪنهن کي به سکي ڪونه ڏٺو آهي. ڌن هنن وٽ آهي ضرور، پر اهو سڀ انهن جي چنتا جو ڪارڻ ٿيو آهي. سک لاءِ ته آهي ئي ڪونه. هڪڙو سيٺ آهي اوهان جي شهر ۾. مان ان جو نالو نٿو وٺان. مونکي ڪنهن ٻڌايو ته اڄ کان ٢١ سال اڳ هن وٽ هڪ ڪروڙ روپيا هئا اڄ هن وٽ ٻه ڪروڙ

اهڙو ماڻهو لڳاتار ٻوڙندو وڃي ٿو ۽ جڏهن کي اهو به معلوم ڪونهي ته وڃڻ ڪيڏانهن آهي اوهان ان کي مورک کان سواءِ ٻيو ڪهڙو لقب ڏيندا؟ اوهان ئي دماغ سان سوچيو ته ڇا اڄ هن سنسار ۾ هر انسان جي اڪثري اها حالت ڪانهي؟؟ ٻڏندو رهي ٿو، ڀڄندو رهي ٿو. سخت جاکوڙ ڪندو رهي ٿو، پگهر وهائيندو رهي ٿو ۽ عجب اهو جو ڪيس اها به سڌ ڪانهي ته آخر وڃڻ ڪيڏانهن آهي؟؟ اها ڊڪ ڊوڙ آخر آهي ڇا لاءِ؟ مون اڳ ۾ ٻڌايو آهي ۽ هاڻي به ٻڌايان ٿو ته وگيان اهو ضرور ٻڌائي ٿو ته سنسار کي ٽيڪ رکڻ جا اپاءَ ڪهڙا آهن پر اهو ڪون ٿو ٻڌائي ته سنسار کي ٽيڪ رکجي ڇا لاءِ؟؟ وگيان اهو ٻڌائي ٿو ته دنيا ڪهڙيءَ ريت ٺهي، پر اهو نٿو ٻڌائي ته دنيا ٺهي ڇا لاءِ؟ ڪنهن جي لاءِ ٺهي؟

انهن ڳالهين جو جواب ٻيو ڪو نه، پر اڌياتم گيان ئي ٻڌائي سگهي ٿو. ان جو جواب هيءَ پدارٿي وگيان (ڀوتڪ وگيان) نه ٻڌائي سگهندو ان آتمڪ گيان پراپت ڪرڻ کانسواءِ سک ۽ ڇوٽڪارو ملڻ محال آهي. اهوئي هڪ رستو آهي اهائي هڪ تقاضا ۽ تمنا آهي ۽ ٻيو ڪجهه به نه.

عيسائي پادري پنهنجي ڌرم جو پرچار ڪن ٿا ۽ ٻين کي عيسائي ڌرم ۾ آڻين ٿا ته اهي ڌرم جو سهارو

ملير آهي ؟

اڄ جي دنيا صرف هن سوال جي ٻاهران ڪاهه لوءِ ۾ ئي مشغول آهي سو به اي واجب رستن سان- جيئن جيئن دوائون وٺن ٿيون ته بيماريون به وڌن ٿيون. ٻر مان سوال ٿيڪ ڪي رکڻ، ان کي سک سڀني ڌڻ جي خلاف ڌاهيان ۽ اهو به ته سوچيو ته هيءَ سڀ آهي ڇا جي لاءِ ؟ اهو به نه سوچيو ته اوهان ڪـي وٽڙو ڪيڏانهن آهي ؟ اوهان جو جنم وٺڻ جو مقصد ڪهڙو آهـي ؟ مون اوهان کي اڳ ۾ ٻڌايو آهي ۽ اڄ وري به ٻڌائڻ ٿو چاهيان.

هڪڙو ماڻهو پنهنجو دڪان هلائي ٿـو. مان ٿـو ڪانئس پڇان ”ادل! تـون دڪان هـلائڻ لاءِ ايتري محنت ڇـا لاءِ پيو ڪرين؟“ تـڏهن هـو چـوي ٿو ”ڌن ڪمائڻ لاءِ“ تڏهن مان ٿـو ڪانئس وري پڇان ”اهو ڌن ڇا لاءِ ٿو ڪمائين؟“ تڏهن جواب ٿو ڏئي ”پيٽ لاءِ ڪمايان ٿو.“

”پيٽ لاءِ ڇو؟“ مون ڪانئس پڇيو

هن جواب ڏنو ”جيئڻ لاءِ کائان ٿو.“

”تون پاڻ کي زنده ڇا لاءِ رکڻ ٿـو چاهين؟“

ان جو جواب هن وٽ ڪوبه ڪونهي.

عجيب ماجرا آهي. جنهن کي وٺي هيءَ سارو مانڊاڻ رچيو وڃي ٿو ان جي ڪين ڪا خبر ڪانهي.

انگريزن جي راڄ جو وروڌ ڪيو. سخت ناراضپو ڏيکاريو. نيٺ اھو راڄ ختم ٿيو. ڪانگريس جو راڄ شروع ٿيو ماڻھن چيو اسان کي ڪانگريس جو راڄ نه گھرجي. ڪانگريس جو راڄ پورو ٿيو. جنسنگھ ميدان ۾ آيو. پر جنسنگھ ۾ ڇا ڪيو آھي؟ ماڻھن جو دک ڪونه گھٽيو آھي. تنھن ھن دک دور ڪرڻ جو علاج ڪھڙو آھي؟ ويد چوي ٿو "ان پرش کي، ان پرم پرش پرميشور کي ڄاڻڻ سان، دک، ڪشٽ، ڪليش، غريبي، بک، نراشا، روڳ ۽ موت جو علاج ٿيو ٿي سگھي.

ان پرماتما کي ڄاڻڻ جو اُپاءُ ڪھڙو آھي؟ اھو اُپاءُ جي لاءِ منتر ۾ ٻڌايو ويو آھي ان ھڪ پرش کي، پرم پتا پرماتما کي جو اننت برھمانڊن واري جڳت کان به اڳي ھو. ان ڪانسواءِ ٻي ڪنھن به پوڄا نه ٿيڻ گھرجي. جنھن کي پراپت ڪن ٿا ۽ ان جو درشن ڪن ٿا اھي ديوتائون، منسوي ۽ رشي مني.

ان منتر ۾ ٽي اکر وڏي معنيٰ رکن ٿا. ديو، جگياسو ۽ **رشي** اھي ٽي مارگ آھن. ٽي ساڌن آھن جن ذريعي ان مھان شڪتيءَ کي ڏسي سگھون ٿا جنھن کي ڪو نه رنگ آھي نه روپ ۽ نه ڪو آڪار ئي آھي.

پلا ٻڌايو جنھن اھو سڀ ڪجھه نه آھي ته پوءِ ان

نه وٺي پر تن دولت جي لالچ ڏيئي ڪري. جڏهن لاءِ مهاتما عيسيٰ چيو هو ”اهو ممڪن آهي ته هڪ هاٿي سئيءَ جي ٻاڪڙي مان نڪري وڃي سگهي ٿو پر اهو ممڪن ناهي ته ڪو ڌنوان سرڳ جي دروازي مان سرڳ ۾ پهچي وڃي“ مهاتما عيسيٰ جو اپديش اهو هو پر عجب اهو جو ان جا پادري ان پئسي جي لالچ ڏيئي ۽ ماڻهن کي عيسائي بڻائين ٿا.

مان اوڙيسا ۾ ويس. ان پاسي ۾ جتي عيسائي پادرين ڪيترن ئي غريب ماڻهن کي عيسائي بڻائي ڇڏيو آهي جتي سوامي برهمانند جي ڪارڻ ڪري رهيا آهن. مان انهن پاڻن سان مليس جيڪي عيسائي بڻجي چڪا آهن. هنن مونکي ٻڌايو ته عيسائي پادري اسان لاءِ اسڪول کولين ٿا اسپتالون کولين ٿا ۽ اسان کي روڪڙا پئسا ڏين ٿا ۽ چيائون ته توهان اسانکي اهي سڀ ڪجهه ڏيو ته اسان ساڳئي ڌرم ۾ واپس اچي سگهون ٿا جڏهن ۾ رام ڪرشن جي پوڄا ٿئي ٿي مَن سان اهي اڄ به هندو آهن. تن جي ڪري هو عيسائي بڻجي ويا آهن. هاڻي ٻڌايو ته اهو ڌرم جو ڪهڙو پرچار چئبو؟ اهو ته جو پرچار آهي ۽ نه ڌرم جو پرچار.

اهڙي هن ديش جي حالت آهي. هن دهليءَ کي آئي ڏسو. جتي اڄ انگريزن جي حڪومت ٿي. ماڻهن

اوهانجي سنسڪرتي. اڄ هڪ ڳالهه ڇڏي ووٽ وٺو ۽ ٻئي ڏينهن اُن جو وروڌ ڪريو. اهو به ان لاءِ ته جيئن ڪرسي ملي؟ ڪرسي قائم رهي؟ اها ڪرسي رهندي ڪيستائين؟ هيءَ اُنهن ڏينهن جي ڳالهه آهي. جڏهن پنجاب ۾ جنسنگهه ۽ اڪالي دل ملي راڄ ڪري رهيا هئا. پر اهو راڄ گهڻو وقت رهيو ڪونه.

سچ اهو آهي ته اڄ هن ديش ۾ ڪا ڀلائي ۽ ڀلائيءَ جي ڀاونا رهي ڪانهي. فقط سوارٿ جي ڀاونا هڪ راڪاس جيان واڪا ڪندي ڊوڙي رهي آهي صرف هڪ اديش وڃي رهيو آهي ته ڌن ڪمايو. پوءِ اهو ڪهڙي به طريقي سان گڏ ٿئي. پهريان نوٽ گڏ ڪريو ۽ پوءِ نوٽ ڏيئي ووٽ وٺو. اڄ جي راڄنيتي صرف چونڊن جي راڄنيتي آهي. ڪي چون ٿا آريه سماج کي به چونڊن ۾ ڀاڱو وٺڻ گهرجي. مان ٿو چوان جنهن ڏينهن آريه سماج ائين ڪندي ان ڏينهن کان ان جي برٻادي ليڪ جي شروعات ٿيندي. اهي چونڊون آهن ڇا؟ ڪوڙا واعدا، شراب جون بوتلون، رشوت جا نوٽ. جيڪڏهن آريه سماج به اهو رستو اختيار ڪيو ته وڌ ۾ وڌ ٽن يا چئن سالن ۾ ان جو انت اچي ويندو. اڄ اها مسلم ليگ ڪٿي آهي جنهن پاڪستان جوڙيو. اڄ اها ڪانگريس ڪٿي آهي جنهن آزاديءَ لاءِ لڙائي لڙي؟ جنسنگهه وارا اُٿيا

ڪي ڏسي ڪيئن سگهبو؟ پڪ ٿي ته هن سرير جي اندر جا آتما ويٺي آهي ان اندرين نيتر سان ئي ان کي ڏسي سگهبو ان جو انڀو ڪري سگهبو.

ديو ان کي چئجي ٿو جيڪو پنهنجي لاءِ نه پر ٻين لاءِ سوچي ٿو ۽ ڪرم ڪري ٿو. جنهن سوارٿ کي ڇڏيو آهي. ان سوارٿ سان نه صرف منش پر راشٽر به ناس ٿي وڃي ٿو. ماڻهو سمجهي ٿو ته هو پاڻ کي سکي بڻائي رهيو آهي پر سچ پچ هو دک جي اوڙاهه ۾ ڪرندو وڃي ٿو پاڻ به ڪري ٿو ديش ۽ جاتيءَ کي به ڪيري ٿو.

پنهنجي ديش جي حالت ڏانهن نظر ڦيرايو اهي ماڻهو جيڪي منتري منڊل ۾ ويٺا آهن اهي اڄ هڪ پارٽيءَ ۾ آهن ڀلي ڏينهن ٻيءَ پارٽيءَ ۾ هلي وڃن ٿا. ٻڌايو اهڙن جي دل ۾ ديش جو به ڪو ڌيان آهي؟ راشٽر جي ڀلائي لاءِ به ڪا سوچ ۽ اون آهي؟ سندن من ۾ صرف ڪرسيءَ جو موهه آهي.“ ڪرسي ملڻ گهرجي پوءِ ڀلي ٻيو ڪجهه رهي يا نه رهي. هتي جنسنگهه وارن کي ڏسو. جيستائين کين ڪرسي نه ملي تيستائين هو چوندا رهيا ته پنجاب دوڀاشي پرديش آهي. جڏهن کين ڪرسي ملي ته هڪ ئي رات ۾ پنجاب هنن لاءِ هڪ ڀاشا ڳالهائيندڙ ٺهجي ويو. ذرا سوچيو اهو آهي اوهان جو سڌانتي ويچار؟ اهو آهي

آھي، ”يوگ اڀياس آدي ساڌن جي دوارا ايشور جي نزديڪ وڃڻ.“

ٻه اوڏانهن وڃڻ کان اڳ تياري ڪرڻ به ضروري آھي. مون اوهان کي ٻڌائي ڪئي آھي ته ان لاءِ گيان هجڻ ضروري آھي. جنهن لاءِ اپنشد جون ڪي وارتائون ٻڌايم، ڪي واقعا ٻه ته اھو گيان ڇو ضروري آھي.

جيڪڏهن گيان ملي ويو، مارگ جو ڏس به ملي ويو ۽ شردا سان دان ان تي ٽِڪو هلي ته حاصل ڪيل گيان به ونرٿ ويندو. ان لاءِ وڌ هيٺين چوي ٿو:

”شردا هجڻ ضروري آھي، جنهن شردا سان اڌيائم (روحاني مارگ) جي مارگ تي هلڻ واري لاءِ هر طرف ساوڪ ٿي ساوڪ آھي. ان لاءِ دک، سک ۽ بدلجي وڃي ٿو. شردا اها شيءِ آھي جنهن سان ساڌڪ کي جيون ملي ٿو.

خالي ان جاڻڻ سان ته ٻلاني ٿي نٿي سگهي. گيان سان گڏ شردا جو هجڻ به ضروري آھي. وياس مني ”يوگ ڀاشيم“ ۾ چوي ٿو ته شردا يوگيءَ جي اهڙيءَ طرح رکيا ڪري ٿي جهڙيءَ طرح ماءُ پنهنجي ٻالڪ جي ڪري ٿي. پر اها شردا آھي ڇا؟ سڌي اَرٿ ۾ شردا معنيٰ جنهن کي اوهان دليلبازيءَ، نڪتہچينيءَ دوارا جاکوڙ ڪري جاڻو ۽ ان تي وشواس

هندو سنسڪرتيءَ جو ٽالو ونئي. پر ڪرسيءَ لئي وهندڙ انهن جي اندر ۾ اها ساڳئي سوارٿي ڀاونا جاڳي اٿي. انهن جو ٻه ساڳيو حال ٿيڻو آهي. دهليءَ جو ڪجهه هو ڪري رهيا آهن اهو ڪنهن کان لڪل ڪونهي. ان ڪري مان چوان ٿو ته آريه سماج کي چوندن ۽ سياست کان دور رهڻ گهرجي. جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته ان کي به ڪو ڦائدو ڪونه. آريه سماج لاءِ مکيه سوال آهي آتم پالمڪتا جو ۽ ٻرپور ڀڳتيءَ جو. ان طرف آريه نيتائن کي ڌيان ڏيڻ گهرجي. مان اهو ٿو چوان ته سرير جي رکيا ڪرڻ، ضرور ڪرڻ. پر ان سان گڏوگڏ اها به چنتا ڪرڻ ته جيڪو ان جي اندر ۾ رهي ٿو ۽ جنهن ڪري ان سرير جو ملهه آهي جنهن کان سواءِ هيءُ سرير مٽيءَ جي هڪ ڍير مثل آهي. ان جي اندر واري کي ڌ سي سگهن ٿا ڏيڻ، ساڌڪ ۽ رشي مني.

ڏيڻ ٻاهه مان پڌاني چڪو آهيان. ساڌڪ جو ورڻن ڪالهه ڪري رهيو هوس: ساڌڪ ڪير آهي؟ ان لاءِ پڌائو ته ٻهرياڻين گيان جي ضرورت آهي. ڪيڏانهن وڃڻو آهي، ڇا ڪرڻو آهي، اهو ڄاڻڻ تمام ضروري آهي ان ڳالهه کي ڄاڻڻ ٻنا انسان وندو ڪيڏانهن؟ ڪندو ڇا؟

مهرشي دياننْد ساڌڪ جي ساراهه ڪندي لکيو

آهي؟ مان ٿو چوان توهان کي اخبار پڙهڻ لاءِ وقت آهي، سنيما ڏسڻ جو وقت ملي ٿو، بس لاءِ ڪيتري دير ڏائين لائين ۾ انتظار ڪرڻ جو وقت ملي ٿو، ته ڇا باقي ڀڄن ڪرڻ لاءِ وقت ڪونهي؟ پر اهي سڀ ڳالهيون تڏن ٿيون سگهن جي ته شرڌا سان ۽ وشواس سان. جيڪڏهن شرڌا ڪانهي ته، صرف گيان ڪجهه نٿو ڪري سگهي.

پر گيان ۽ شرڌا کان پوءِ به هڪ ٻي ڳالهه جي ضرورت آهي. اها آهي تپسيا. تپسيا ڪرڻ بنا ڪوبه ڪم ٿي نٿو سگهي. پر اها تپسيا آهي ڇا؟

ڪجهه مهينا اڳم هردوار ۾ ڪنڀ جو ميلو هو. مان اتي ويو هوس. هڪ سادو مهراج لوهه جي ڪلن تي ليٽيل هو. ماڻهو ڪيس پئسا ڏيئي رهيا هئا. مان به اهو تماشو ڏسڻ لاءِ هڪ ڪنڊ کان بيهي رهيس. ڪيترائي ڪيس پئسا مليا ته سادو مهراج چيو هاڻي ويو تپسيا پوري ٿي وئي.

ماڻهو هليا ويا ته مون ان سادوءَ کان پڇيو ”توهان هي ڪهڙو تپ ڪري رهيا آهيو؟“

هن پيٽ تي هٿ هڻي چيو ”سڀ هن بڇڙي پيٽ لاءِ آهي.“ يعني هن جي پالڻ لاءِ ڪريان پيو. هو لوهي چهنبدار ڪلن تي ليٽي ٿو، ماڻهو اهو تماشو ڏسن ٿا. ڪيس پئسا ڏين ٿا. ۽ هو شخص دل پسند

۽ ڪريو.

ويد چوي ٿو:

ايشور ان جي پرارٿنا نٿو ٻڌي جيڪو ان جو پالن نٿو ڪري. پرڀوءَ جي آڳيا آهي تہ يگيہ ڪريو. پر اسان يگيہ ڪرڻ بلڪل ڇڏي ڏنو آهي. هاڻي ٻڌايو تہ جيڪڏهن اوهان اهو ڄاڻو ٿا تہ ويد ايشور جي واڻي آهي ۽ اهو بہ ڄاڻو ٿا تہ ويد هون - يگيہ ڪرڻ جو آديش ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو تہ جيڪو آدمي هون يگيہ نٿو ڪري تہ ان کي ايشور ڇڏي ٿو ڏئي تہ پوءِ اوهان پنهنجي گهر ۾ هر روز هون ڇو نہ ٿا ڪريو؟

ڪيترائي چون ٿا تہ هون يگيہ ڪرڻ ۾ ڪافي خرچ ٿئي ٿو. مان ٿو پڇا تہ اوهان ٻين ڳالهين لئي خرچ ڪرڻ ٿا ڪريو؟ نائلون جي ساڙهين لئي، لپ اسٽڪن لئي ۽ ڪريم ۽ پائوڊرن لئي. ان خرچ ۾ ڪجهہ ڪفايت ڪري اوهان هون ڪيئن نٿا ڪري سگهو؟

چڱو ٿوري دير لاءِ سمجهو ڪري تہ اوهان هون ڪرڻ لئي خرچ نٿا ڪري سگهو تہ منهنجو اندازو آهي تہ هون يگيہ ڪرڻ لئي هر روز گهٽ ۾ گهٽ ٦ آنن کان ٨ آنن کان وڌيڪ خرچ نہ ايندو. اگر اهو خرچ نٿا ڪري سگهو تہ هتي آريہ سماج مندر ۾ هر روز هون يگيہ ٿئي ٿو تہ پوءِ هتي ڇو نہ ٿا اچو؟

ڪيترا سمجهن ٿا تہ ايترو وقت نہ ٿي ڪڍي

گهمنڊ نه ڪرڻ، ٻين کي پاڻ کان گهٽ نه سمجهڻ.
اها آهي سرءِ جي اپديا.

هاڻي ٻڌايو ان ۾ ڪٿي به آگيا پالڻ جو ذڪر آهي؟ ڪڏهن انهن چيو آهي ته چوڏاري ٻاهه ٻاري ننهڻ اس ۾ وچ ۾ ويهي رهو؟ يا ڏهه سياري جي راتين ۾ ڪڏهن برف واري علائقي ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ پير تي بيهي رهو؟ اهڙو نه ڪجهه به ڪونه لکيل آهي. ۽ اهو به ڪونه لکيل آهي ته لوهه جي ڪن ڇهمبدار ڪلن تي ليٽي پئو، يا وڻن جي ڏارن ۾ پاڻ کي اونڌو لٽڪائي ڇڏيو يا بدن جي ڪنهن انگ کي بيڪار بڻائي ڇڏيو. اهو به ڪونه لکيل آهي ته ٻيا ڪارڻ جي ورت رکي سرير جي طاقت گهٽائي ڪمس نستو بڻائي ڇڏيو.

مونکي هڪ سوامي مليو. هڪ هٿ رسيءَ ڪرڻ لاءِ وچي رهيو هوس. مان به ته بيڪاري آهيان نه، ٻين جو ڏنل کاڌو ورتايان ٿو. ان ڏينهن به ٻکيا وٺڻ لاءِ وڃي رهيو هوس. هن سواميءَ پڇيو "تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" مون چيو "ٻکيا وٺڻ ٿو وڃان، هڪ سيٺ وٽ رسوئي کائڻ." هن چيو ٻڪ نه مون کي به لڳي آهي" تنهنڪري مون هنکي چيو هل مونسان گڏ هل، جتي مان کائيندس اتي تون به." اسين ٻئي ان سيٺ جي گهر پهتاسين. هو خوش ٿيو ته آنند سواميءَ سان گڏ

ڪانو ڪاڻي ٿو. اهو تپ ڪهڙو ٿيو؟ اهو نه پيٽ پالڻ جو ڏنڊو ڇٽيو.

تپ ڇا آهي؟ ان لاءِ مهرشي دياننند "رگويد آدي ڀاشيه ڀومڪا" ۾ چيو آهي "جئن سون کي آڳ ۾ جلائي صاف ڪيو وڃي ٿو اهڙي ٿي آتما ۽ من کي نيڪ ڪمن ۽ سٺن گڻن دواران نرمل ڪرڻ ٿي تپ آهي."

اها آهي تپسيا جي مهما. ان لاءِ "يوگ درشن" ۾ "ڪريا يوگ" جو هڪ روپ ٻڌائيندي سڀني کان اڳ ۾ تپ جو نالو ورتو ويو.

"ڪريا يوگ جو مارگ آهي ته آدمي تپ ڪري سواڌياءِ ڪري ۽ پوءِ سڀ ڪجهه ايشور کي ارپڻ ڪري ڇڏي."

هن ۾ سڀ کان اڳ ۾ تپسيا جو بيان آهي :- ۽ ٻڌائي تپسيا ڪهڙي آهي ان لاءِ ڀڳوان ڪرشن گيتا ۾ چيو آهي :-

"ديوتا، ودوان، برهمڻ، گروءَ ۽ وڏن جي سيوا ڪرڻ ۽ انهن جي آگيا مڃڻ ۾ جو جسماني ڏک پيا ڪشٽ اچي ٿو اهو خوشيءَ سان سهن ڪرڻ ۽ پاڻ کي اندر چاهي ٻاهر نرمل سڀاءَ جو. رکڻ، ڪنهن سان دوکو يا دولاب نه ڪرڻ ۽ ڪاميابيءَ سان جيون گهارڻ، برهمچريه جو پالن ڪرڻ ۽ ڪنهن کي نه ڏکوئڻ. انهن سڀ ڪجهه ڪندي به نمرتا سان هلڻ.

طرح هن پوڄن ڪيو.

صاف آهي ته اهو تپ ناهي. اهو ته ڄاڻي واڻي پاڻ کي ۽ ٻئي کي ٺڳڻ ڪرڻو آهي. ڀڳوان هٿ ڏنا آهن ان لاءِ نه ته انهن کي نڪمو رکو يا پنگلا ٿـــي ويهي رهو پر هٿ ان لاءِ آهن ته انهن کان پورو ڪم وٺو ٻين کي مدد ڪريو ۽ پنهنجي به ڪريو.

توهان پنهنجي هٿ سان ئي ڪاتو نه ڪاتيندا تـــه ٻئي کي ڪيئن مدد ڪندا؟

اهڙا ئي ورت ڪيا وڃن ٿا. اڄ سومر جـــو ورت آهي ۽ اڄ منگل جو ورت آهي ۽ اڄ پورنما جو ورت آهي ۽ اڄ اماس جو. وچ ۾ ٻيا به ورت اچيو وڃن. ڪڏهن اشٽميءَ جو ته ڪڏهن ڇا. مان سوچيندو آهيان ته ماڻهو سومر جو ۽ منگل جو ورت رکندا پر ٻڌر جو يا وسپت يا شڪر ۽ ڇنڇر يـــا آرتوار جو ورت نـــه وارېندا آهن. انهن ڏينهن، اوهان جـــي کهڙي ٻاري ماري آهي، انهن اوهانجو گناه ڪهو آهي؟ هفتي جا سڀ ڏينهن ورت رکو ته جلد ديش جي اناج جو مسئلو حل ٿي وڃي. پر اهي ورت آهن ڪٿي؟ پنجاه پئسن يا هڪ رپئي جو ڪاتو نه ڪاتو پر ڏهين رپئي جا وٽامن کائڻ شروع ڪيا اٿو. رسوئي مان جيترا پئسا بچايا ويا ان کان ڏهوڻا ڊاڪٽرن کي ڏنا ويا. پر ائين هجي ته به ٺهيو. ماڻهو ڪيترن عجيب قسمن جا ورت

هڪ ٻيو ٻه ساڌو آيو آهي. هٿ ڏاڙي هن وڍهڻ لاءِ آسن وڇايو. ٿالهين ۾ ڪاڌو ٻوڇي ڪٽي آيو. مون ڀڳوان جو سمرڻ ڪري ڪاڌو کائڻ شروع ڪيو ۽ ان مهاتما کي چيو ته ”اوهان ٻه کائڻ شروع ڪيو؟“ تڏهن اهو مون ڏانهن ۽ هيڏانهن هو ڏانهن نهارڻ لڳو ٻوڄن کــي هن هٿ ڪونه لڳايو. مـــون عجب کائيندي ڪيس چيو ”اوهان رسوئي ڇونه ٿا ورتايو؟ ۽ اوهان ڇٽي رهيا هئا ته ٻڪ لڳي آهي.“ هن آهستي چيو ”مان پنهنجي هٿ سان ڪونه کائيندو آهيان اهو منهنجو ورت آهي جيڪڏهن ڪو ٻيو کارائيندو آهي ته کائيندو آهيان.“ مون مشڪندي ڪيس چيو ”اهو ڪهڙو ورت يا تپسيا آهي؟“ اوهان پنهنجي هٿ سان ٻيا سڀ ڪم ڪريو ٿا پر ان سان ڪاڌو نٿا کائو؟“ هن وراڻيو ”اهڙوئي تپ آهي اهو. مان اهڙو پڻ ڪري ڇڏيو آهي.“ عجيب ورت ۽ تپ آهي اهو؟ هاڻي ڇا ڪري؟ مان تــه رسوئي ڪري رهيو هوس. جنهن سڄڻ وٽ مان رسوئي کائي رهيو هـــوس هن ٻــه کلندي چيو ”اوهان چنتا نه ڪريو هن مهراج کي مان ئي ٿو کارايان ۽ اهو سڄڻ هن کي گرهه ٻڌي سبزي ســان کارائي رهيو هو. وچ وچ ۾ سوامي ۽ چيو هئي تــه ٻاٽي اــه ٻهار. هاڻي فلاڻي سبزي کاراءِ، هاڻي مٺائــي کاراءِ. هاڻي ٿورو آچار کاراءِ، هاڻي ٿورو ميوو کاراءِ“ اهڙي

ماءُ چيو، ”ها پٽ مون کي اهي مليا ۽ اهي سڀ گرم پڪوڙا کائي ڇڏيا جن ۾ ڏاڙهون جي ڪڻ ۽ پيل هئي ڏاڍا لذيذ هئا.“

ڇوڪرين پٽ عجب مان ڪيس چيو، ”امان مون توکي ميوي جو ٽوڪرو موڪليو هو.“

ماءُ چيو، ”اهي تازا ڦل ۽ کائي ڇڏيم. انهن مان ٽي چار ڦل بچيا هوندا.“

انهن پٽن مان وڏو پٽ اهو ٻڌي ڪنڌ ٺي مٿي چڙهي ويو ۽ وڏي واڪي آڙي ٻاڙي وارن کي چوڻ لڳو ته هان پنهنجن ٻارن کي سنڀاليو. اسانجي ماءُ ورت رکيو آهي. اها سڀ ڪجهه کائي ٿي وڃي. (هال ۾ ويٺل سڀ اچي کل ۾ ڇٽڪيا ۽ سوامي ۽ کلڻ لڳو)

هاڻي ٻڌايو ڇا اهو ۽ ڪو ورت آهي؟ يا ته ايترو گهڻو کائو جو بيمار ٿي پئو يا ايترو گهٽ کائو ته ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پوي. اهو ورت نه چئبو اهو تپ نه چئبو ۽ ياد رکو تپ ڪرڻ کان سواءِ دنيا ۾ ڪجهه ۽ ٿي نٿو سگهي.

دنيا ۾ ڪجهه ۽ ڪرڻو آهي، تپ ٿي ان جو بنيادي ساڌن آهي. ڪا ناري ماءُ نٿي ٿجي سگهي جيستاءِ هن اڻ نو مهنا تپ نه ڪيو آهي ڪشٽ نه ڀوڳيو آهي. تپ کانسواءِ ڪجهه ٿيڻو ناهي تپ ڪرڻ سان ٿي

رکن ٿا.

هڪ ٻئي مائيءَ جي ڳالهه ٿو ٻڌايان. پر اها مائي هن پنجابي باغ جي نه هئي. ڪنهن ٻئي هنڌ جي هئي. هن ٻئيءَ ورت رکيو هو. کيس چار آگياڪاري پٽ هئا. چئني پٽن سوچيو ته، امان ورت رکيو آهي سو ٻه ٻيائي ۾ رکيو اٿس کيس ڪجهه کاڌو نه، ضرور گهرجي. انهن پٽن مان هڪڙي ماءُ لاءِ ڏهه ڊزن ڪيلا موڪلي ڏنا. ٻئي پٽ ڏهه سير کير موڪلي ڏنو، ٽئين ڪرنگهه جي اٽي مان ٺهيل گرم ڀڪوڙا موڪلي ڏنا ۽ چوٿين ميوي جو ٽوڪرو موڪلي ڏنو ته، ماءُ ڪجهه کائيندي ۽ ڪجهه ٻين کي ورهائي ڏيندي. سانجهيءَ جو چارئي پٽ پنهنجن دڪانن تان گهر آيا. پهرين پٽ ماءُ کان پڇيو، ”امان مون تو لاءِ ڏهه ڊزن ڪيلا موڪليا هئا، توکي مليا يا نه؟

ماءُ چيو، ”مونکي مليا. ڪيلا ڏاڍا لذيذ هئا مون اهي سڀ کائي ڇڏيا.

ٻئي پٽ پڇيس. ”مون تو لاءِ ڏهه سير ڪڙهيل مٺو کير موڪليو هو اهو توکي مليو يا نه؟“

ماءُ چيو؛ ”مونکي کير مليو ۽ اهو مون سمورو پي ڇڏيو.“

ٽئين پٽ ماءُ کان پڇيو، ”مان توکي گرم ڀڪوڙا ٽرائي موڪليا هئا اهي الاجي توکي مليا يا نه؟“

پوءِ محل ڪٿان ٿي سگهندو پر جهوپڙي به نه ٿي سگهندي؟

هڪ عجيب بلا اچي وئي آهي. مان هن بلا کي بٽڻ بلا چوندو آهيان. بٽڻ دٻائڻ سان پرڪاش ٿئي ٿو. بٽڻ دٻائڻ سان پنکو هوا ڪري ٿو. بٽڻ دٻائڻ سان گرمي ٿئي ٿي. بٽڻ دٻائڻ سان لفٽ مٿي وڃي هلي ٿي يا هيٺ لاهي هلي ٿي. لڳي ائين ٿو ته بٽڻ دٻائڻ سان ٻار به پيدا ٿي پوندا.

اهو سڀ ڪجهه ڀلي بٽڻ دٻائڻ سان ٿئي پر ايشور بٽڻ دٻائڻ سان نه ملندو. پرماتما کي پائڻو آهي ته تپ جي مارگ تي هلڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو ڪونهي.

تپ جو مطلب آهي - "سهن ڪرڻ" جنهن ڪٽنب ۾ سهن ڪرڻ جو سهارو ڪونهي اتي هرروز جهيڳڙا ۽ ڪل ڪل ٿيندي رهندي. اڄ پيءُ پٽ جو جهيڳڙو سيان ڀاءُ ڀاءُ سان جهيڳڙو، ڪڏهن پتي پتنيءَ جو جهيڳڙو. هر هڪ ائين ٿو چاهي ته ٻيو ان جي ڳالهه سهي پر ٻيو ڪو به ڪنهن جي ڳالهه نٿو سهي. ان ڪري اتي جهيڳڙي جي آڳ ٻرندي ٿي رهي ٿي.

(ان وچ ۾ اتي واٽي پنگت مان هڪ ٻالڪا اٿي ڪري سواميءَ وٽ آئي. ٻن سالن جي هوندي سندس وار سنواريل هئا. مشڪندڙ منهن هوس سواميءَ اڳيان اچي ويٺي. لڳي پيو ڪيس سواميءَ جي ڪٿا ٻڌڻ ٿي

سيڪڙهه نٿي ٿو.

رگ ويد ۾ چيل آهي، "اِن وشواس ۾ هڪ مهان شڪتي آهي جنهن کي تپ ڪرڻ سان ڪري جاڳي ۽ ٿو سگهجي. اوهان تپ جي مارگ جا راهي پڻ ٿي هن اِن نِراڪار مهان شڪتيءَ جو درشن ڪري سگهندا ۽ اڻ ٿو سک ۽ آنند پراپت ٿي ٿو جنهن کي سنسار جي ڪا به ٻولي پنهنجن شبدن ۾ بيان ڪري سگهي. اسين چاهيون ٿا ته سڀ تپ ڪرڻ جي پرينءَ درشن ٿي وڃي. پرنتو اهو درشن انهن ڪيئن ٿيندو؟ سڀ تپ ڪرڻ جي. ڪنهن سنساري پراڻيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ به تپ ڪرڻو پوي ٿو. مجموعه جيان پريت جون ئي پيڙاءَ مشڪلاتون سهن ڪرڻيون پون ٿيون. شڪنتلا جيان ساليءَ جا سال درد جون ٺوڪرون کائڻيون پون ٿيون. سسئيءَ جيان پنهونءَ جي ڏولها ۾ ٿل واري جي پرواهه نه ڪري اِن هنيان ڏوڙڻو پوي ٿو ۽ اهو ڏتو ڏسڻو پوي ته پيرن ۾ ڪيترين لڦون ۽ ڇالا پيا آهن يا ڪي قسي ڦٽ به ٿيا آهن. ۽ اسين چاهيون ٿا ته اِن پرم پرتم جو، اِن مهان شڪتيءَ جو درشن سڀ ڪنهن تپ ڪرڻ جي ٿي وڃي. جنهن کان وڌيڪ نه سندر ۽ نه وڌيڪ طاقتور هن سنسار ۾ ٻيو به ڪو آهي اوهان لهو ٿا سڀئا محلن جا ۽ هٿ تي رکي واهو ۽ تڪليف وٺي جهوپڙيءَ لاءِ به سوون ڏڌ نه ڪريو ته

پٺيءَ هليو ويندو هو ۽ وري ڪري انهن ۾ چوندو هو دياننند ناستڪ آهي! عيسائي آهي اسان جي ڌرم جي ستياناس ڪرڻ وارو آهي. اهو ساڌو هر روز ائين ڪندو هو. مهرشي سڀ ڪجهه ٻڌندو هو ۽ مشڪي ٽاري ڇڏيندو هو.

ڪيس ڪڏهن جواب ڪو نه ڏيندو هو. هڪ ڏهاڙي مهرشيءَ کي هڪ ڀڳت چيو ”اوهان آگيا ڏيو ته ان گار گند ڪڍندڙ ساڌوءَ کي سڌو ڪري ڇڏيان.“

مهرشيءَ چيو ”ڪيس ڪجهه به ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي. هو خود ئي ٺيڪ ٿي ويندو.“ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪنهن شردالوءَ مهرشيءَ کي ميوي جو ٽوڪرو موڪليو. مهرشيءَ ٽوڪريءَ مان ٽارا ۽ سٺا ڦل چونڊي ٻئي ٽوڪري ۾ وجهي ان ساڌوءَ ڏانهن موڪلي ڏنا جيڪو ساڌو هر روز کين گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو ۽ گار گند ڪڍندو هو.

ميوي جو ٽوڪرو کڻي ويندڙ آدميءَ ان ساڌوءَ کي وڃي چيو ”هي ڦل سوامي دياننند اوهان لاءِ ڏنا آهن.“ ساڌوءَ دياننند جو نالو ٻڌندي ئي سواميءَ کي ٻه ٽي گاريون ڪڍيون ۽ چيو ”ڪهڙي دشٽ جو تو نالو ورتو صبح صبح جو. خبر ناهي ته اڄ روٽي نصيب ٿيندي يا نه. هتان هليو وڃ. تون غلطيءَ وچان هت آيو آهين. مان ته کيس هر روز گاريون

آهي. ۽ نه ٻين کي. سوامي ۽ مشڪندي کيس چيو،
''ويهي رهه. گڏي الي ويهي رهه'' ڪنهن آواز نه ڏني
چيو ''هيءَ ڪنهن جي ڌيءُ آهي؟'' سوامي ۽ مشڪندي
چيو، ''منهنجي ڌيڙي آهي. هي ٻار منهنجا ئي لـه
آهن. ٻراٻو هت ڪير آهي؟ ۽ ان ٻالڪا کي ٻڍو ٻر وهاري
مون ڪٿا جاري رکي)

ٽپ جو اهو به مطلب آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ڪڙي ڳالهه به چئي آهي ته اها به سهن ڪريو. پاڻ ان کي ڪڙو نه ٻوليو. اٿين ٽئي جو ڪڙي شبد چوڻ سان اڳلي جو من وڌ ڏک ڏکي ٿئي.

اها آهي واڻيءَ ٽپ. ڳالهايو اهڙو جيئن ٻئي کي ڏک نه لڳي ۽ پاڻ ٻئي جي ان ۾ اهتري سماڃل هجي اهڙو ٻوليو. سچ به اهڙو نه چئو جو ٻئي جي من کي ڏکي ڪري يا ان جي من ۾ ڪروڌ جاڳي.

''ايسي باڻي بوليئي، من ڪا آپا کوءِ،
اورن کو شيتل ڪري، آپ ڀي شيتل هوءِ''

اهو آهي ٽپ. ان جي شڪتي اپار آهي. مهرشي دياننده فرقا آباد ۾ ٺرسيل هئا، گنگا جي ڪنارن تي هڪ ڪٽيا ۾. الي پيا به ڪي ساڌو آس پاس ۾ رهيل هئا. جن ۾ هڪ ساڌو به هو جو هر روز ٻڍايس جو مهرشيءَ جي ڪٽيا جي اڳيان بيهي سواميءَ کي گار گند ڪندو

ٻيا لوڳ جي آسڻ ٻڻ سفر ڪندي، پهاڙن جي اوچائيءَ
تي چڙهڻ لاءِ پختو نه ٿيو آهي، جنهن ڳهر نه وهايو
آهي ان جو سرير ڪنهن ڪ روڳ ۽ بيماريءَ جو گهر
بڻجي ويندو.

ان لاءِ مان هڪ مذاق ڀري ڳالهه ٿو ٻڌايان. پراڻي
ڳالهه آهي. آريه سماج جو پرسد ودوان پنڊت آريه
مني هو. هو چانهه گهڻي پيئندو هو. ڪڏهن اڌرڪ
جي چانهه ته ڪڏهن سنڍ (سونٺ) جي چانهه ته
ڪڏهن تلسيءَ جي پن جي، ته ڪڏهن رواجي چانهه
سا به گرم گرم ۽ ٿهڪندڙ. ڪنهن ڪانئس پڇيو
”پنڊتجي! اوهان ايتري چانهه ڪيئن ٿا پيئو؟“
پنڊت وراڻيو ”ويد جي آگيا آهي ته سرير کي
تپايو. ان ڪري آءٌ گرم چانهه پيئندو آهيان. هي
اها نه رهي مذاق جي ڳالهه. ايتري چانهه پيئڻ اه
ٺيڪ ناهي. چانهه پيئڻ سان ڪو سرير تپندو ڪونهي.
پاڻ سرير خراب ٿئي ٿو: سرير جو تپ اهو آهي جنهن
لاءِ ڀڳوان ڪرشن گيتا ۾ چيو آهي:
”من جو تپ سهن ڪرڻ جي شڪتيءَ ۾ آهي.“
واڻي يعني ٻاڻيءَ جو تپ مٺي ٻولڻ ۾ آهي.“
گيان، شرڌا ۽ تپ اهي ٽيئي چيزون هجن ته ماڻهو
”ساتڪ يعني ساتڪا (ستن) ڪرڻ وارو بڻجي ٿو. ان
جفاڪشيءَ ۽ جاکوڙ کان پوءِ ئي اهو ان پرم پرتم جو

ڏيندو آهيان ۽ اهو ڪون ڪي ميوا ڪيئن موڪليندو ۽
هن ڪڏهن پڻ لاءِ توکي ميوا ڏنا هوندا؟“
اهو ماڻهو ٽوڪرو کڻي واپس مهرشيءَ وٽ آيو.
هن سادوءَ جي سموري ڳالهه کين ٻڌائي. مهرشيءَ
ڪاوڙي چيو، ”نه اهي ڦل ان سادوءَ لاءِ آهن. کيس
چئج ته تون هر روز ايتري تڪليف وٺين ٿو هت اچين
ٿو هي ميوا وٺ انهن جو رس ڪڍي پي ته جيئن
تنهنجي شڪتي وڌي.“
اهو ماڻهو ان سادوءَ وٽ کيس مهرشيءَ جي
ڳالهه ٻڌائي. سادو اهو ٽوڪرو پاڻ وٽ رکي سواميءَ
وٽ ڊوڙي آيو ۽ سواميءَ جي چرنن ۾ وڃي ڪريو.
مون توهانکي انسان سمجهيو پر اوهان سچ پچ ديوتا
آهيو. اهو آهي سهن شڪتيءَ جو ڦل. جن ڪي ٿورن
۾ سهن شڪتي آهي اهي ڪڏهن به دک ۽ ڪروڌ جي
اڳ ۾ نٿي جلي. تڪرار ۽ دشمني اتي جنم نه ٿي وٺي.
جيڪي ڪشٽ وٺڻ کان گهٻرائين ٿا، سک دک ۽ لاڀ
هاڃي، ٻنهي کي هڪ سمان سمجهي پنهنجي منزل
مقصد ڏانهن وڌندا وڃن ٿا اهي اوس ڪاميابي حاصل
ڪن ٿا.
اهو ياد رکو ته تپ ڪرڻ ٻڌا هيءُ سريو ا—
لمد رستو نه ٿو رهي.
جڏهن تپ نه ڪيو ٻڌل سريو کي ڪسرت ڪرڻ

راجائن مهاراجائن کي ٻليءَ جي ڪا سهوليت نه هئي. اُها اڄ غريب جي گهر ۾ موجود آهي. مغل جيڪي سرد علائقن مان ڀارت جهڙي گرم ملڪ ۾ آيا تن کي دهليءَ ۽ آگري جي گرمي سخت ستائيندي هئي. ٿڌي پاڻيءَ جي پيئڻ جي تمنا ٿيندي هئي. اهي ڪشمير ۽ افغانستان کان برف گهرائيندا هئا. انهن جا وڏا قافلا ايندا هئا. رستي ۾ ڪافي برف ڳري ويندي هئي. مغل ان برف سان پاڻي ٿڌو ڪندا هئا. جنهن کي هو "برفاءُ" چوندا هئا. پر هر روز نه ڪين برف ملندي ڪانه هئي. ڪڏهن سموري برف رجي ويندي هئي. بادشاهن جو ان تي ڪافي خرچ اچي ويندو هو. غريب نه ان ٿڌي پاڻي پيئڻ جي ڪلپنا به نه ڪري سگهندو هو. پر اڄ اوهان جي گهر ۾ اوهان جا نوڪر چاڪر به برف جو پاڻي جيترو وڻين اوترو پيئن ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ان ترقيءَ سان جسماني سک سهنج حاصل ضرور ٿيا آهن پر آتمڪ ۽ مانسڪ سک ان مان ڪونه مليا آهن. اندر ۾ نه شانتي آهي ۽ نه سنتوش آهي. پر وگيان جي ترقيءَ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي.

ان وگيان جي ٿيل اُنتيءَ کي ڌيان ۾ رکي ڪيٽي سيٺ مون وٽ اچن ٿا ۽ چون ٿا "سوامي! اسان کي اهڙو اُپاءُ ٻڌايو ته جيئن ٻهڙ د ٻاڻ سان بلب روشني

درشن پراپت ڪري سگهي ٿو.

پر اڄ ڪوبه اهڙي ساڌنا ڪرڻ نٿو چاهي. اڄ هر ڪنهن جي صرف اها اڇا آهي ته ٻٽڻ دٻائڻ سان ڀڳوان جو درشن ٿي وڃي ۽ چون ٿا ته هن وگيان جي يگ ۾ رهي آنند سوامي جهوني ڳالهه ٻڌائڻ ٿو چاهي جا هلڻ واري ڪانهي. جيٽ هوائي جهازن ۽ راڪيٽن جي يگ ۾ جيڪڏهن پيل گاڏين هلائڻ جي پنڌرائي ڪندا ته اها ڳالهه ڪير مڃيندو؟

ڪي سڄڻ اهڙا به مون وٽ اچن ٿا جي ايشور جو درشن ڪرڻ چاهين ٿا. ان سان گڏ اهو به چاهين ٿا ته ان لاءِ ڪو ترت وسيلو به ٻڌايو وڃي. ٻڌو مترو! مون وٽ اهڙو اپاءُ ڪونهي. مان مڃان ٿو ته وگيان بيشڪ ترقي ڪئي آهي. مان اهو به مڃان ٿو ته اڄ اهڙيون شيون اسان اڳيان سائنس پيش ڪيون آهن. جي سؤ به سؤ ورهيه اڳ اهي سپني ۾ به نه هيون. تيز رفتار سان هلندڙ ڪار، جهاز، راڪيٽ ضرور حيرت ۾ وجهندڙ آهن. جي راڪيٽ چندرما، منگل، شڪر ۽ ٻيا ٻين گرهن ڏانهن چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن ۽ ٻيا ڪوشش ۾ لڳل آهن.

اهڙا ڪيئي چمتڪار اڄ جي يگ جي ايجاد آهن. ٽيليويزن تان سوين ميل دور جون گهٽنائون گهر ويٺي ڏسي سگهون ٿا. اڄ کان ٽي چار سؤ ورهيه اڳ وڏن

انگريز چيو ”هنن کي گوريون ڏنيون هيون. ڌيان ۾ ويهڻ کان اڳ اهي کائيندا آهيون ۽ پوءِ ڌيان ۾ ويهندا آهيون.“

اڳ هڪ گوري کائڻ سان ڌيان اچي ويندو هو ۽ هاڻي ٻه ٻه ۽ ٽي ٽي گوريون کائڻيون پون ٿيون ته به ننڊ ڪانه ٿي اچي. منهنجي چوڻ تي انهن مونکي اهي ننڊ جون گوريون ڏيکاريون. مون اهي سڱهيون ۽ اهو ڄاڻي تعجب لڳو ته اهي ڀنگ، چرس ۽ ڌاتوري مان ٺهيل هيون. انهن جي نشي مان جو خمار چڙهندو آهي ان کي هو ڌيان جو لڳڻ پيا سمجهن. ان نشي ۽ زهر جو اثر سندن سرير تي ٿيندي ڏسڪو هو ۽ وڌيڪ گوريون وٺڻ جي ڇڪ وڌي رهي هئي ۽ سندن جيري جي ڪم ڪرڻ جي شڪتي گهٽجي وئي هئي ۽ رت گهٽ پئي ٿيو. ان جي ڪري نه ئي کين ننڊ برابر نٿي آئي.

مون کين چيو ”اگر اهي گوريون اچا وڌيڪ ماترا ۾ وٺندا ته نه صرف ننڊ ختم ٿي ويندي پر اوهان جو ته جلد خاتمو اچي ويندو. هن ۾ زهر آهي. اهو اوهان جو ڌيان نه آهي، چڙهيل گورين جو نشو آهي. اوهانجي چينتا وڃي ٿي گم ٿيندي.“

پر مون اهو ضرور محسوس ڪيو ته هرڪو ايشور درشن، چمتڪاري ۽ آنند پائڻ جي اڇا مَنش ۾ اصل

ڏٺي ٿو. اهڙو ڪو ٻڪڙو اپاءُ ٻهرو جي درشن ڪرڻ جو ٻڌايو.

پر اهڙا جلدبازي ڪرڻ وارا آدمي اڄ ٻي ته ڪو ٿا پيدا ٿيا آهن. وگيان جي هن ٻگ، ڪان به اچي هيڏا انهن کي سنتوش ڏيارڻ لاءِ ڪن ڌرم جي دڪانداري ڪندڙن پاکنڊين چيو "توهان فلاڻي نديءَ ۾ سنان ڪندا ته اوهان کي مڪتي ملي ويندي. فلاڻو تيرٿ ڪري ايندا ته اوهان جا جنم جنم جا پاپ معاف ٿي ويندا. فلاڻي مندر ۾ هڪ دفعو وڃي پوڄا پاٺ ڪري ايندا. ته توهان کي دنيا جا سڀ سک پراپت ٿيندا. فلاڻو ڏينهن جيڪڏهن ورت رکندا ۽ ساري رات جاڳرتو ڪندا ته ڀڳوان جو درشن ٿي ويندو."

اهڙيون ڳالهيون مون سفر ڪندي يورپ ۾ ٻڌيون. هڪ انگريز سڄڻ ۽ سندس ڌرم پتني مون وٽ آيا، چيائون "اسان ساڌنا ڪريون ٿا، ڌيان لڳايون ٿا پر ڏسون ڏينهن اسانجي ندب ختم ٿيندي ٻيئي وڃي. ڪو اپاءُ ٻڌايو ته جيئن ندب اچي."

مون ڪانئس پڇيو "اوهان ڌيان ڪيئن لڳائيندا آهيو؟"

تنهن ڏيو چيو "هٿ مان هڪ يوگي گرو آيو هو. جيئن ان ٻڌايو تيئن اسين ڌيان لڳائيندا آهيون."

مون ڪانئس پڇيو "هن اوهان کي ڇا ٻڌايو؟"

سگهندا ته هن انساني جسم جي باري ۾ سڀ ڄاڻو ٿا؟"

هن چيو "سڀ ڪجهه ڄاڻڻ جي هام ڪير هڻندو؟ ٿورو ڪجهه ڄاڻندي ۽ اڃا گهڻو ڪجهه باقي رهيل آهي جنهن کي اسان نٿا ڄاڻي سگهون."

مون چيو، ايترن سالن کان پوءِ به، اوهان جي سرير جو درشن اهو نئي ڪيو آهي؟ هن سرير مان ڪروڙين دفعا وڌيڪ سوکيم ۽ اڻين برهمانڊن کي هلائڻ وارو جيڪو سرجڻهار پريو آهي ان کي اوهان ٻن هفتن اندر ڏسڻ چاهيو ٿا. اهو ڪيئن ٿي سگهندو؟"

هڪ ٻيو سچ آهيو. اهو انجنير آهي هن ان علم ڄاڻڻ ۾ چاليهه ورهيه لڳايا آهن آتما ۽ ايشور جو درشن صرف ٻنهن ڏينهن ۾ ڪرڻ چاهي ٿو هڪ ٻيو سچ آهو جو ناسيارو ۽ ڪيل آهي. هن قانون جو گيان ڪيترن ئي سالن جي عرصي کان پوءِ پرايت ڪيو آهي ۽ ڀڳوان جو درشن ڪرڻ هڪ مهني ۾ ٻيو چاهي.

اهوتو ني هڪ ٻيو سچ آيو جو هڪ سرڪاري عهدي تي آهي جنهن چيو ٻجلي جي بٽڻ دٻائڻ سان روشني ٿي وڃي ٿي سومن جي بٽڻ دٻائڻ سان ڀڳوان جو درشن ڇو نه ٿو ٿئي؟"

مون ان کي چيو "ٿي سگهي ٿو پانڙا. پر اوهانکي کي خبر آهي ته بجليءَ جي بٽڻ دٻائڻ سان پرڪاش ڪيئن ٿو ٿئي؟

ڪان رهي آهي. اهڙا ماڻهو ڀي رهيا آهن جي مذهب جي ان اڇا جو اجوڳو فائدو وٺي انهن کي غلط راهه تي وٺي وڃن ٿا. پر مون جيئن اوهان کي ٻڌايو ته اهو سولو اپاءُ ۽ ٻڌڻ ڌيان جو جهٽ پٽ اپاءُ هن ڀڳتي مارگ ۾، هن پريو درشن ۾ ڏٺا هلن. هيءُ پريو مارگ ته گيان، شرڌا ۽ تپسيا ڪرڻ جو مارگ آهي. سون کي وري وري ڀاهه ۾ وجهڻ بدا اها چاهنا رکو ته ان جي ميراڻ ختم ٿي ويندي ۽ سون چمڪندڙ ٺهي ويندو ائين ٿيڻ ناممڪن آهي.

هڪ سڄڻ مون وٽ آيو. هو ڊاڪٽر آهي. هن چيو "مان ٻن هفتن جي موڪل وٺي رهيو آهيان. ڪو اهڙو اپاءُ ٻڌايو ته جيئن انهن ٻن هفتن ۾ آتم درشن ٿي وڃي. ڀلي پريو درشن ٿي وڃي. ان کان پوءِ وري وڃي ڪم ۾ مشغول ٿيان ۽ پوءِ وقت نه ملندو."

مون چيو "ڊاڪٽر صاحب! اوهان ڊاڪٽري ڊگري هٿ ڪرڻ لاءِ چار پنج ورهيه لڳايا. ان کان اڳ ٻارهن ورهيه اوهان پڙهندا رهيا ته ڊاڪٽري سکيا سمجهي سگهان. لڳ ڀڳ سورهن سترهن ورهيه اوهان ڊاڪٽر ٿيڻ ۾ خرچ ڪيا. ان کان پوءِ ته ڪيترن سالن کان پريڪٽس ڪري رهيا آهيو. ڪيترائي آپريشن اوهان ڪيا آهن، مردن کي جيئرو ڪاڙيو آهي. هزارن جو علاج ڪيو آهي. اهو ٻڌائي

تيار ڪيو وڃي ٿو ۽ ٿنڀن ۽ تارن معرفت گهرن ۾ بجلي پهچائي وڃي ٿي. شهر ۾ ان لاءِ هڪ وڏو ٽرانسميٽر اسٽيشن ٺاهي وڃي ٿي. جتان اها بجلي اوهان جي گهرن کي روشن ڪري ٿي. جيڪڏهن پاور هائوس مان ڇڪيل تارون ٺيڪ آهن، اوهان جي گهرن جون تارون ٺيڪ آهن ۽ بلب برابر آهن ته پوءِ اوهان کي بٽڻ دٻائڻ سان پرڪاش ضرور ملندو. پر انهن مان هڪ ۾ به خرابي آهي ته اوهان هزار بٽڻ دٻايو ته به روشني نه ايندي. جيڪڏهن بٽڻ دٻائڻ سان روشني نٿي ٿئي ته ان پٺيان هزارين انسانن جو هٿ (تپ) ڪم ڪري ٿو.

اٽڪل هڪ سؤ ورهين جي لاڳيتي ڪوشش ڪم ڪري ٿي هڪ شاهي رٿا ڪم ڪري ٿي. ان پر ٻڌ ڪانپوءِ ٿي لٺ پنهنجو اجلو پرڪاش جي روپ ۾ گهر گهر ۾ ڏئي ٿو. اوهان تپ ڪرڻ نٿا چاهيو. مهنت اوهان کان پڇي ڪانه ٿي ڪا پوجا اوهان وٽ آهي ڪانه ۽ چاهيو ٿا ته بٽڻ دٻائڻ سان پرڀو درشن روپي پرڪاش ٿي وڃي. اهو ڪيتري قدر ممڪن آهي. اڻٿرو سک اوهان چاهيو ٿا. آڌار آنند ماڻڻ چاهيو ٿا پر ان پرماتما جو درشن لاءِ تپ ڪرڻ جي ٿي وڃي جو ائين ٺيڪ مثال آهي. ويد چوي ٿو:

"هي ۽ مهان شڪتي هن دنيا ۾ آهي ان کان وڏي شڪتي ڪانهي. جنهن کي تپسيا ڪرڻ سان

اڄ کان هڪ سؤ ورهيه اڳ هڪ دفعو نه پر سؤ دفعا به اوهان ان ڳالهه کي دٻايو ها ته روشني ڪانه ٿئي ها. ١٨٥٢ع ۾ آمريڪا جي بينجامن فرئنڪلن هڪ لغڙ اڏائي ثابت ڪيو ته بادلن ۾ جا چيز چمڪي ٿي ۽ گجگوڙ ڪري ٿي اها بجلي آهي. جون جو مهينو هو. ڏهنگهور گهٽائون آسمان ۾ پرجي آيون ۽ بادلن ۾ بجلي چمڪي پئي. ان جا وڏا آواز پيا ٿين. بينجامن هڪ وڏو لغڙ اڏايو ۽ ان سان گڏ ڌاڳي جي هڪ سنهي تار ٻڌي. تار مٿان ريشمي ڪپڙو ويڙهي ڇڏيائين. تار جو هڪ ڇيڙو لغڙ سان ٻڌي ڇڏيائين ۽ ٻيو ڇيڙو ڏوريءَ تي ڇڏيائين. ان سان گڏ هڪ لوهه جي چاٻي لڳائي ڇڏي. لغڙ بادلن سان گسيو ۽ انهن ۾ جيئن ئي وڄ جي ليڪ چمڪي ان وقت تار جي هيٺين ڇيڙي تي لڳل لوهه جي چاٻيءَ مان چڻنگ نڪتي. بينجامن هڪ ٻڌرائي ڪئي ته جا چيز بادلن ۾ چمڪي ٿي اها ڏوريءَ تي به بجلي آهي. ان ڪانپوءِ ڏوريءَ جي ان بجليءَ کي جدا جدا شين جي گسائيءَ سان ڪيترا تجربا ڪيا ويا ان کان اڳ ۾ به تجربا ٿي رهيا هئا پر هاڻي انهن تجربن ۾ وڌيڪ تيزي آئي. ڪيترو سال اها ڪوشش لڳاتار جاري رهي ۽ تارن معرفت هڪ هنڌان ٻئي هنڌ بجلي پهچائي وڃي ۽ روشني پيدا ڪئي. جا بجلي اڄ هزارن ڪمن ۾ ڪم اچي ٿي. شروع ۾ هڪ بجلي گهر

هن ڪپڙا لاٿا، ٻئو ڪوڙاڻو سنياسي ٿي ويو. "شڪ چيتن" مان ديانند ٿيجي ويو ۽ روانو ٿيو هماليه طرف. اتي ٻه اَلي ٻهتو جتي جبل جي چوٽيون آڪاش سان ڳالهيون ٿي ڪيون. جتان صديون پراڻيون نديون، رڳيل برف سان وهنديون رهن ٿيون. جتي جهنگل ۾ شير ٻيا ٿا گهمن ۽ اجگر رهن ٿا. هاٿي رهن ٿا. اتي الکنندا ۽ وهي ٿي جنهن ۾ برف جا ٽڪرا ٽلوارن جيان اڀا ۽ تکا ٻيٺا آهن. جنهن نديءَ ۾ گهڙڻ سان سارو بدن ڇهبدار ٽڪرن سان لڳندي شرير رتو رت ٿي سگهي ٿو. ان نديءَ جي ڪناري تي هڪ غفا ۾ ديانند جو رهڻ لڳا، سو به ٻنا ڪپڙي جي. صرف ٻوچ-ٻتر جي هڪ قميص پهري. نه روٽي نه ڪپڙا. سخت ٿڌ هئي هڪ غفا ۾ جنهن کي ڪو دروازو نه ڪرنه هو. نديءَ ۾ اهي ٽنگون رتو رت ٿي پيون ۽ اهڙي ڀيڀتاڪ وايومنڊل ۾ ديانند جي ڀڳوان کي ياد ڪرڻ ۾ مست هئا.

ٻلا هت دهليءَ جو رهندڙ هن ڪشٽ ۽ تپ جو ڪيئن اندازو ڪري سگهندو؟

مان ويو هوس ڪيلاش جي ياترا تي. تو بيگالي ساڌو ٻه ٽون سان ساڻ هئا. ڪيڪنيا اسانجو گائيڊ (رستو ڏيکاريندڙ) هو، تبت ۾ بهتاسين لئه اتي ڪيترائي ٽڪيون وهندڙ نديون هيون. ڪن ندين

نيٺ سمجهائي سگهجي ٿو.

اها آهي تپ جي مهما. مول شنڪر ٻالڪ کي ٻه تير لڳا هوا. شوراتري جي اڌ رات ٺڪارا جي اندر، ونراڳ وٺي نڪري پيو سفر تي. وطن ڇڏي ويو، پيار ڇڏي ويو سارو پريوار ڇڏي ويو وڃي نرمدا جي ڪنڌي تي پهتو. جتي ڪيترائي يوگي رهندا هئا. هو هڪ هڪ وٽ ويو کين وينتي ڪياءِ مونکي پريو درشن ڪرايو. ڪنهن به طرح پريو درشن ڪرايو. يوگين چيو "برهمچاري بڻجڻو پوندو، مول شنڪر چيو" برهمچاري ٿيندس. يوگين چيو "اهي ريشمي ڪپڙا لاهڻا پوندا. مول شنڪر چيو "لاهيندس."

"اهي سون جون منڊيون، واليون به لاهڻيون پونديون. مول شنڪر سڀ لاهي چيو مون اهي سڀ ڇڏي ڏنا.

هاڻي مول شنڪر جي بدران "شڌ چيتن" برهمچاري رکجي ويو.

وقت گذريو، پريو درشن نه ٿيو ته هن شڌ چيتن يوگين کي شڪايت ڪئي. هن چيو "ان طرح پريو درشن ڪرڻ نٿيندو. توکي اهي ڪپڙا به لاهڻا پوندا صرف هڪ ڪفني پائڻي پوندي. سنياسي بڻجڻو پوندو. هماليه جي جهنگلن ۾ تپ ڪرڻو پوندو.

شڌ چيتن چيو "مونکي منظور آهي"

ڪيترو نه گهڻو تپ ڪيو هو مهرشي دياننڊ! تنهن ان تپ ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه حاصل به نه ٿو ٿئي.

"تلاش يار ۾ جو ٺوڪرين کايا نهين ڪرتي،
ڪڀي وو منزل مقصود ڪو پايا نهين ڪرتي"

ٺوڪرون کائڻيون پون ٿيون سچو، تپ جي ڀٺيءَ ۾ تپڻو پوي ٿو. تڏهن ڪان پوءِ ئي ملي ٿو پريتم پيارو تڏهن منزل ملي ٿي. تڏهن ئي سچو آنند ملي ٿو. جنهن کان وڌيڪ ٻيو آنند ڪو نهي.

مون اوهان کي ٽي ڳالهيون ٻڌايون.

١- گيان وان ٿيو.

٢- شرڌاوان ٿيو.

٣- تپسوي ٿيو.

چوٿين ڳالهه آهي وچاروان ٿيو. اهي چار ئي ٻاهر جون ڳالهيون آهن. اندر جيون ڳالهيون سوءِ ٻڌائيندس. ڌيان ڪيئن ڪرڻو آهي؟ من کي ڪيئن وس ۾ ڪرڻو آهي؟ سماڌي ڪيئن لڳائڻي آهي. ان جو ورڻن پوءِ ڪندس. هاڻي اوهان چوٿين ڳالهه "ويچار ڪرڻ" جي ٻڌو.

هڪ سچا ان ڀڳيءَ جي ڳالهه ٻڌائي رهيو هو ته جيڪا ڪجهه جي وڏي ٻڍي ڪنهن ڏسي گهٻرائجي وئي هئي ته اهڙي وڏي ٻڍي مان ڪيئن پوٽيون ناهڻيون ٿينديون؟ اهڙي هڪ سچي ڳالهه ٻڌاءِ ۾

متان ٻليون ٿهيل هيون. هن ۾ پاڻي گهٽ هو. پر اتي هڪ ندي هئي جنهن ۾ پاڻي ايترو تہ تيز هو جڻڪ هزارين گهوڙا ڊوڙندا ٿا وڃن. ان ۾ برف جا ٽڪر بہ تيز رفتار ۾ ڊوڙندا پيا وڃن. ان نديءَ متان ڪا پل ڪانہ هئي. مون گائيڊ کان پڇيو "هيءَ ندي ڪيئن پار ڪبي؟"

هن چيو "پاڻيءَ ۾ لهي پيادل هلي ڪري هن پر هلڻو پوندو. ٻيو ڪو رستو ڪونهي."

"پر هن جو وهڪرو تمام تيز آهي ۽ ان ڪانسواءِ برف جا تمام ڇهبدار ٽڪرا وهندا ٿا وڃن." هن چيو "تہ پوءِ اوهان نديءَ جي هن پر ئي ٽڪي وڃي رهو. اسان ڪئلاش تان ٿي موٽون پوءِ توهانکي واپس وٺي هلبو."

"پر مان تہ ڪئلاش ڏسڻ آيو آهيان" مون سيٺي کي چيو "تہ پوءِ هيٺ لهو هن پاڻيءَ ۾. ٽڪون رکو مع ٽين تہ ٽيڪ ڏيڻ. ٻيو ڪو اپاءُ ڪونهي."

نيٺ لهڻو پيو نديءَ ۾. پاڻي گوڏن کان هڪ فوٽ مٿرو مٿي هو. برف جا ٽڪرا پيرن ۽ ٽنگن ۾ ڇهي رهيا هئا جيئن ڪي ڪو بدن تي سوئيا ۽ چوڙن وهائي رهيو هجي. ان وقت مون سمجهيو تہ الڪندا ۾ مهرشي دڌيانند جي ڪهڙي حالت ٿيندي هوندي."

نئي وائي هئي. وٽن آهو ڪيئن ڇڳيءَ طرح اڀاسيو ۽ هن جي بيمار ٿيڻ بابت پڇيو.“ سمترا جي سهيلي وند کي ان ڏينهن واري حقيقت ٻڌائي جڏهن ڪجهه جو قافلو سندس ڳوٺ وٽان لنگهيو هو مون ساڻس چرچي ۾ چيو هو ته ”اها ڪجهه سندس سهري گهرائي آهي جا ڪيئن وڃي شاديءَ کان پوءِ ڪٽڻي پوندي.“ تڏهن سمترا اهو ٻڌي گهٻرائجي وئي ۽ چيو ”او اهڙي ڪجهه هوءَ ڪيئن ڪٽيندي؟“ ۽ پوءِ ڪيئن بخار اچي ويو.

وند چيو ”مون سمجهيو، سمترا جي سهيليءَ کي پاسيرو وٺي وڃي چيو ”تنهنجي ساهيڙيءَ جو بخار سياڻي تاءِ لهي ويندو. پر ان جي لاءِ توکي هڪ ڪم ڪرڻو پوندو.

سهيليءَ پڇيو ”اهو ڪهڙو ڪم آهي؟“

وند چيو ”مان سياڻي نديءَ جي هن پار وڃي ڪاهه، ڪهڙو ڪڏ ڪري وڃي ٻاهه ڏيندس. تون شام جو تنهنجي سهيليءَ کي ڪڏ جي ڇت تي وٺي وڃج. نديءَ جي هن پار جڏهن اها باهه مان ٻيهت نڪري ته اها ڪيئن ڏيکارج ۽ ڪيئن چئج ته اها باهه ان ڪجهه جي ٻاهر کي لڳي آهي جا تنهنجي سهري ڪٽڻ لاءِ گهرائي هئي. ۽ پوءِ پڪ ئي پڪ سمترا ٺيڪ ٿي ويندي.“

ٻئي ڏينهن وند ته سچ پچ ائين ڪيو. سمترا کي

ٿئي.

چناب نديءَ جي ڪناري تي هڪ ڳوٺڙو هو ان ۾ هڪ جوان ڇوڪري هئي. جنهن جو نالو سمترا هو. هن جو مڱڻو چناب جي هن پار هڪ ڳوٺ ۾ ٿيو. هڪ سيٺ جي پٽ سان شاديءَ ٿيڻ ۾ ڪجهه مهينا پيا هئا ته سمترا جي ڳوٺ مان هڪ هڪ اٺن جو قافلو اچي لنگهيو. اٺن تي ڪپهه جا ڀريل ٻورا رکيل هئا. سمترا انهن اٺن کي ڏسي پنهنجي هڪ سهيليءَ کان پڇيو ”ايتري ڪپهه ڪيڏانهن وڃي رهي آهي؟“ سندس سهيليءَ مذاق مان چيس ”اڙي اها ته تنهنجي سهري گهراڻي آهي. جڏهن تنهنجي شادي ٿيندي ته پوءِ اتي توکي اها ساري ڪپهه ڪتڻي پوندي.“ جڏهن سمترا اها ڳالهه ٻڌي ته سندس منهن جو رنگ ئي لهي ويس. سندس منهن پيلو ٿي ويو. هن کان دانهن نڪري وئي ته مان ايتري ڪپهه ڪيئن ڪتيندس؟ ”کيس بخار ٿي پيو. علاج ڪيو ويو پر بخار ڪونه لٿو. سندس بک گهٽجي وئي. سرير نٻل ٿي ويو جڏهن دوا ڪو اثر نه ڪيو ته سندس مائٽ مونجهاري ۾ اچي ويا.

آخر ڪنهن چيو ”فلاڻي ڳوٺ ۾ هڪ طبيب آهي ان کي ڏيکاريو ته ٺيڪ ٿي ويندي.“

شاديءَ جا ڏينهن ويجها پئي پوندا ويا. باقي هڪ مهينو وڃي رهيو هو. سمترا هڪ ڏينهن جو ٻيڙو

آهي جو پنجابي ٻاغ ۾ سئنيما ڪونهي.

مان هڪ دفعي رنال گانڌيءَ ۾ وڃي رهيو هوس منهنجي پرسان هڪ سڄڻ ويٺو هو هن وٽ هڪ مخزن هئي. مون ان ۾ پڙهيو ته هن ديش ۾ سايا سٺ هزار سئنيمائون آهن. جن ۾ هر سال ٧ ڪروڙ ماڻهو سئنيما ڏسن ٿا. انهن سئنيما گهرن ۾ لڳ ڀڳ هرروز ٽي چار دفعا فلم ڏيکاري وڃي ٿي. هاڻي ٻڌايو ته اسان جا سنا ويچار ڪيئن ٺهبا. آريه سماج جو ستسنگ هفتي ۾ هڪ دفعو ٿئي ٿو. جنهن ۾ ماڻهن کي اچڻ لاءِ چوڻو پوي ٿو. سئنيما ۾ هرروز شو ٿين ٿا چار چار ۽ انهي ٽڪيٽ وٺڻ وارن جون قطارون لڳل هونديون آهن. هڪ طرف اهي سئنيمائون ۽ ٻئي طرف نفسي وڪاري خيال پيدا ڪندڙ قصا ۽ ڪهاڻيون. خراب قصا پڙهي ٻالڪ بگڙيو وڃن ٿا. انسان ٺهڻ ۽ بگڙجڻ ٿو سنگت سان. ماءُ به سئنيما ڏسي ۽ پيءُ به سئنيما ڏسي ٿو ته پوءِ اوهان ٻار کي سئنيما ڏسڻ کان ڪيئن روڪي سگهندا. نتيجو اهو ٿو نڪري جو ٻار گهرن ۾ به اهي واهيات گيت پيا ڳائن وڃن.

”اس سامني والي کڙکي ۾ اڪ چاند ڪا ٽڪڙا رهتا ...“

مان سئنيما ڏسڻ خلاف ناهيان. سئنيما آهي ريڊيو آهي، ٽيليويزن آهي. اهي پرچار جا سنا ۽ سڦل ساڌن

سهيليءَ اها ڳالهه ٻڌڪاري ۽ چيو ”اها ڳالهه ان ڪپهه
جي ڍيرڪي لڳي آهي جا ڪپهه تنهنجي سهري گهرائي
هئي تنهنجي ڪتڻ جي لاءِ. اها جلي رک ٿي وئي
هاڻي توکي ڪپهه ڪتڻي نه پوندي.“

سمترا چيو ”سچ“ ۽ سندس ٻخار به وڌندو رهيو.
سندس منهن ۾ اها مسڪراهٽ موٽي آئي جا اڳ ۾ هئي.
۽ سرير ۾ ٿورن ڏينهن ۾ ساڳئي رنگت اچي وئي.
اها آهي ويچار جي شڪتي. هڪ ويچار سمترا
کي اهڙو بيمار ڪري ڇڏيو جو ڪمتري به علاج ڪرڻ
سان ٻخار نه پئي لٿو. ٻئي ويچار کيس اهڙو ٺيڪ ڪري
ڇڏيو جو کيس دوا ڪرڻ جي به ضرورت نه پيئي.

ويچار شڪتي ٻلوان آهي. جنهن ديش کي ڪماليت
ٿي پهچائڻو آهي ته ازخود ان قوم جي ويچار ڌارا به
اوچ ٻڻجي وڃي ٿي. ان ديش ۾ شڌ ويچار ڌارا اڀرن
ٿي وڃي ٿي. ان جي ابتڙ جنهن ديش کــي هيٺ
ڪيرائڻو آهي ته اتي ويچار ڌارا به نيچ ٿي وڃي ٿي.
ويد چيو آهي:

”هي ڀڳوان! منهنجي من کي شڀ سنڪلپ وارو ۽
سٺن ويچارن وارو بڻاءِ.

ويچارن کي پورو ٻڻائڻ لاءِ وسيلا تمام ٿورا آهن پر
پرائي ۽ بگڙيل راهه طرف وڃڻ لاءِ وسيلا وڌيڪ آهن.
ان بگڙجڻ جو وڏو ساڌن آهي سنگهما. اها سٺي ڳالهه

ان ڪري ٿي پيٽ ۾ سور ٿو پوي. پادريءَ وڌيڪ درد محسوس ڪندي چوڻ لڳو اڄ انهن ڏندن وچي آنڊن کي ورتو آهي ۽ ڏهن پيٽ جو سور وڌيل آهي سوچيندي سندس پيٽ جو سور اڳ کان به وڌي ويو. سندس پتنيءَ ان جي حالت ڏٺي ته گهٻرائجي ڪانئس پڇيو ”چو ڇا ٿيو آهي؟“

پادريءَ چيو ”اهو نه پڇ ته ڇا ٿيو آهي؟“ مان ته اڄهو مرڻ وارو آهيان رات جو واٽ ۾ پاڻ نقلي ڏند الاجي ڪيئن لهي پيٽ ۾ هليا ويا آهن. اهي منهنجن آنڊن کي پيا ٽا ڪاٽين. مان ٿوري دير جو مهمان آهيان.“

سندس پتني گهٻرائجي ڳوٺ جي ڊاڪٽر کي گهرايو ڊاڪٽر آيو ۽ پادريءَ کي ڏٺائين. هن ساري ڪهاڻي ٻڌي ۽ ڊاڪٽر دڪ وچان چيو ”هيءَ ڳالهه منهنجي وس کان ٻاهر آهي رواجي روڳ هجي ته اهو مئگنيشيا ڏيئي ڪڍي ڇڏي ها پر هتي ته ٻٽيهه ڏند آهن. اهو آپريشن جو ڪيس آهي ۽ هن کي شهر جي وڏيءَ اسپتال ۾ کڻي وڃو. اتي آپريشن ٿيندو.“

هاڻي پادريءَ کي هاڻ اڌ بيهوشي ورتي ويئي ۽ درد به وڌي ويس.

ڳوٺ وارن پادريءَ کي پر واري اسپتال ۾ پهچايو. اسپتال ۾ ڊاڪٽر پادريءَ کي سڃاڻندو هو. ڪانئس پڇيو ”چو ڇا ٿيو آهي پادري صاحب!“

آهن. ٻه ٻه چار ٺيڪ ڳالهيون جو ٺيڪ ٺهرجي. ڪا سٺي فلم آهي، چريتر اوچو ٻڌائڻ لاءِ، يا سماج جا مسئلا اوهان اڳيان رکڻ لاءِ؛ ان جو اُپاءُ ٻڌائڻ واري آهي ته پوءِ اهڙين فلمن ڏسڻ ۾ هرج ڪونهي. پر اهڙيون فلمون آهن ڪيتريون؟ اڪثر فلمون ٺهن ٿيون ماڻهن جي منورنجن لاءِ. خيالن کي اُٿلو ڪرڻ لاءِ. سامني والي کڙڪي ۾ چاند کا ٽڪڙا رهتا هئه اهو آهي منورنجن. ٻڌايو ان جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ هڪ سموري جاتيءَ جا وچار بگاڙيا وڃن ٿا. ان جو نتيجو بروني نڪرندو.

مان هڪ پادريءَ جي ڳالهه ٻڌائيندو آهيان، اوهان به ٻڌو. اهو پادري آمريڪا ۾ هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو. ڪيس نقلي ڏند پيل هئا. هڪ رات ڏند لاهي ميز تي رکي وڃي سمهيو. پر اهو ڪانئس پلجي ويو ته رات مون ڏند لاٿا هئا الاهي نه. صبح جو اُٿيو ته سندس پيٽ ۾ سور ٿي پيو. هن چيو ته ڊاڪٽر وٽ وڃجي ته ٺيڪ. ڊاڪٽر ڏانهن وڃڻ وقت ميز تي رکيل نقلي ڏند پائڻ لاءِ ويو ته الي ڏٺائين ڏند آهن ئي ڪونه. گهڻو ئي ياد ڪيائين ته رات مون ڏند لاٿا هئا الاهي نه. ڪيس ڪجهه ياد نه آيو ۽ ڏند به ڪونه مليس؛ نيٺ ان نتيجي تي پهتو ته ڏند مون لاٿا ئي ڪونهن. خبر ناهي رات جو ڪهڙي وقت اهي پيٽ ۾ هليا ويا. شايد

لکيل هو "اوهان جي ڏندن جو سيٽ ٻئي ڪٽي وڌي هئي اهي ڏند گهر جي چوٿين ڪمري ۾ مليا آهن"

ڊاڪٽر ٽهڪ ڏيندي چيو "ڏندن جو سيٽ چوٿين ڪمري ۾ پيو آهي ۽ توهان انهن جي لاءِ پيٽ چيرائڻ جي تياري ڪري رهيا آهيو."

پادري اٿي ويهي رهيو "ڊاڪٽر مان ته جيئن هن آپريشن ٽيبل تي ليٽيو آهيان ته پيٽ جو درد ئي گهٽجي ويو آهي. لڳي ٿو ته سور رهيو ئي ڪونه آهي."

اهو آهي وهم جو ڪرشمو، وهم جو اثر.

آمريڪا جي هڪ ٻي به وارتا آهي. نيويارڪ ۾ منووگيان (سائڪالاجي) جي ڪن ودوانن ڪو سدانت ٺاهي تيار ڪيو ته وهم سان آدمي مري به سگهي ٿو. ان لاءِ ڦاسيءَ جي رسي، بجليءَ جي ڪرسي، تلوار، گولي يا زهر جي ضرورت ڪانهي صرف وهم ڪرڻ سان ئي ان جو موت اچي سگهي ٿو. ان سدانت جي پوري پرک ڪرڻ لاءِ اهي جيل جي وڏي آفيسر سان مليا. ۽ ڪيس چيائون "اوهان وٽ ڪو اهڙو قيدي آهي جنهن کي ڦاسيءَ جي سزا ملي هجي ۽ سندس سڀ اپيلون رد ڪيون ويون هجن ۽ جلد ان کي ڦاسي ملڻ واري هجي."

آفيسر کين چيو "اهڙو هڪ قيدي آهي. اسان اڄ ئي ڪيس بجليءَ جي ڪرسيءَ تي ويهارڻ وارا آهيون"

پادري ڪيس ساري حقيقت کان واقف ڪيو. ۽ اهو به چيو ته نقلي ڏندن جا ڪوپا اندر هلي ويا آهن. ۽ آنڊن کي چيرن پيا. ڊاڪٽر چيو ”اوهان ڪهڙيون نه ٻارن جهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو. ڏندن جو سيٽ اندر پيٽ ۾ ويو ڪيئن؟ اوهان جو ڳلو مڇ جو ڳلو آهي يا مانگر مڇ جو.“

پادريءَ چيو ”مون کي سور پيو ٿئي ۽ اوهانکي مذاق پيو سجهي. سچ چيو اٿن:

”جس تن لاگي سو تن جاني
ڪو ڄاڻي پرپيڙ پرائي.“

ڊاڪٽر ڏٺو هي پادري ائين وسواس ڪندو ڪرڻ. ڊاڪٽر چيو ”چڱو پاڻي هن کي آپريشن ٽيبل تي وٺي هلو هن جو آپريشن ٿيندو. ان لاءِ اوزار تيار ڪريو ۽ ڪلوروفارم ۽ سنگهائڻ لاءِ تيار رکو.

اهو سڀ ٿي ويو. پادريءَ کي آپريشن ٽيبل تي ليٽايو ويو. ڪيس اڃا ڪلوروفارم ڪونه ڏنو ويو هو ته دروازي تي ڪنهن جي ٻاهران ٺڪ ٺڪ ٿي. ڊاڪٽر دروازو ٿورو کوليو ۽ پڇيو ”ڇا آهي؟“

ٻاهر ٽپال ماڻهوءَ ڪيس هٿ ۾ تار ڏني.“

ڊاڪٽر تار پڙهي ۽ مشڪندي اها تار پادريءَ کي پڙهڻ لاءِ سندس جي هٿ ۾ ڏني. پادريءَ اها تار پڙهي. اها تار سندس ٻنديءَ جي هئي. تار ۾

ٻڌي ٿا ڇڏيون جيئن لون ڇري ٻاري نه ڪري سگهن."

قيدي ڇا ٻڌي ڪري سگهيو. ان کي مرڻو ته هيو ئي ڀلا ڪشت جي مري ته نيڪ آهي.

وڏيارنين قيدي جي اکين تي پٽي ٻڌي ۽ ڪرسي سان ڪيس ٻڌو ۽ هڪ برتڻ ۾ پاڻي گرم ڪيو ۽ ٻارڻ سان رٻڙ جي نلي لڳائي ڇڏي- ڇري سان سندس پير جي نس ڪانه ڪپي وڌي صرف قيدي کي چيائون ته هاڻي نس ڪپيون ٿا ۽ ڇري مٿان ڇري سندس پير تي رکي ۽ گرم پاڻي جي نلڪي پير سان گڏ لڳائي ڇڏي ۽ ان ان نلڪي سان گرم پاڻي سندس پير سان ڇهندو هيٺ وهندو رهيو ۽ قيدي کي ٻڌايائون ته خون وهڻ شروع ٿيو آهي. جيل جي آفيسر کي چيائون جڏهن هي خون وهڻ بند ٿي ويندو تڏهن خود ۽ خود هن جو موت اچي ويندو. پاڻي وهندو رهيو. ٻه ٽيڙ ڏارا ڪان ٻوءِ آهستي آهستي ۽ ٻچاڙي جو ڦڙو ڦڙو پاڻي ٽي ڪري ۽ جڏهن ٻوئين ڦڙي ڪانپوءِ ڪا گهڙي گذري ني ته، ان قيدي جو هڪدم لڙڪي ويو. جيل جي آفيسر ۽ ڊاڪٽر ان قيدي کي لپاسي ڏٺو ته سندس دل ٻيهجي وئي هئي ۽ اهو قيدي مري ويو هو.

صرف ويچار جي اثر ڪري اهو قيدي مري ويو.

وارڊن چيو ”ان قيديءَ کي اسان جي حوالي ڪريو اسان ڪيس جيل جي اندر ۽ اوهان جي سامهون هڪ تجربو ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان جو ويچار آهي ته ان ماڻهوءَ کي صرف ويچار جي اثر هيٺ سندس موت آڻڻ چاهيون ٿا. جيڪڏهن اسان جو تجربو سڦل نه ويو ته پوءِ ڀلي ڪيس قاعدي سر ڦاسي ڏياري سگهو ٿا. آفيسر چيو ٺيڪ. اوهان ڀلي تجربو ڪري ڏسو پر ويچار ڪرڻ سان ڪڏهن آدمي مئو نه ڪرانهي“ وارڊن چيو ”اوهان صرف ڏسو.“

ان قيديءَ کي هڪ ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو ۽ ڪيس هڪ وارڊيءَ ڪيس هڪ تيز ڇري ڏيکاري چيو ”ڏس! توکي موت جي سزا ته ملي چڪي آهي تنهنجو موت اهو ڪي آهي. پر اسان ان لاءِ هڪ اهڙو اپاءُ ڳولهي ڪڍيو آهي جو توکي ذرو به تڪليف نه اچي ۽ تون چپ چاپ پنهنجا پران ڇڏي وڃ. اسان هن ڇريءَ سان تنهنجي پير جي نس ڪپينداسين جنهن مان تنهنجي سرير جو گرم رت نڪرڻ لڳندو. جڏهن سارو خون نڪري ويندو ته تون بنا ڪشت جي ساهه ڇڏيندين. هن ڇريءَ سان نس ڪپڻ وقت ٿورو ٿورو سور ٿيندو. ٻيو توکي ڪو به ڪشت نه ٿيندو پر تون اکين سان اهو نه ڏس ته اسين تنهنجي نس ڪيئن ٿا ڪپيون. ان لاءِ تنهنجين اکين تي پٽي

ان ويچار کي بدلائي ڇڏيو ته حالت ۽ بدلجي وئي پر حقيقت حقيقت ئي رهي. صرف ويچار ۾ ڦيري اچڻ سان ڌرتي آسمان جو فرق پئجي ويو.

هيءَ دنيا ويچار تي هلي ٿي. سٺا ويچار آهن ته دنيا نيڪ نظر اچي ٿي. برا ويچار آهن ته دنيا بري نظر اچي ٿي. اڄ جي دنيا بگڙي ڇاجي ڪري آهي؟ ساگر اهوئي آهي، نديون اهي ئي آهن، پهاڙ، جهنگل ميدان، بيابان ساڳيا آهن. سج چنڊ اهي ئي آهن. ڌرتي آسمان اهي ئي آهن. پوءِ بدلجي باقي ڪهڙو ويو آهي؟ ڪهڙي تبديلي اچي وئي آهي؟ فقط ويچار ڌارا بگڙي وئي آهي. ان ويچار ڌارا کي بگاڙڻ جي شروعات ڪئي دارون، جنهن ٻڌائي ڪئي ته مڙس پنهنجي ڪرم سان ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ نه جڻيو آهي. پر جانور مان ماڻهو ٺهيو آهي. ان ويچار ڌارا کي بگاڙڻ جو وڌيڪ ڪم ڪيو ڊاڪٽر پاولون. جنهن چيو ته مڙس جانور مان ئي ٺهيو آهي ۽ اهو اڄ به حيوان آهي. مڙس ۽ حيوان ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. ۽ ان کي وڌيڪ بگاڙڻ وارو هئو فرائڊ. جنهن چيو ته ڪام-واسنا ئي ساري سنسار جو آڌار آهي. ڪام واسنا سان ساري دنيا هلي ٿي. ڪام واسنا نه رهي ته ڪجهه به نه رهندو. ڪام واسنا ئي سڀ کان مٿي آهي. ڪام واسنا ئي سڀ کان مهان آهي.

اهڙين ڪيترين ئي ڳالهين هر هڪ جي جيون ۾
ٿين پيئون. شام جو وقت آهي. اوندهه ٿي وئي آهي
اوهان هڪ نوڙي ڏسو ٿا اوهان کي ڀرم ٿئي ٿو ته
اهو ٻ ورنگ آهي ان وقت اوهان جي حالت ڪهڙي
ٿي ويندي آهي. من ۾ ڪيترو ڀپ هوندو آهي پر
دل جي ڌڪ ڌڪ ڪيتري نه تکي ٿي ويندي آهي
پر جڏهن روشني ڪري ڏسندا آهيو ته اهو نانگ نه
پر نوڙي هئي پر اوهان جي خيالات ٺيڪ ٿي ويندي
آهي ۽ طبيعت به ٺيڪ ٿي ويندي آهي نه ته اها
گهٻراهٽ هوندي آهي ۽ نه اها تکي دل جي ڌڪ
ڌڪ نه اهو ڀپ رهندو آهي. شيءِ اها آهي پر ويچار
بدلجڻ سان سڀ ڪجهه بدلجي وڃي ٿو.

اڌ رات جو جاڳي اٿيا. ٿي سگهي ٿو پيشاب ڪرڻ
جو خيال ٿيو هجي. اوندهه ۾ اوهان کي ائين ٿو لڳي
ته ڪو ماڻهو بيٺو آهي سمجهو ٿا ته ڪو چور بيٺو
آهي. ذهن ڪان ڇرڪي ٿاءِ اوهان جو سڄو ڀپ ۾
ڀرجي وڃي ٿو نڙي سڪي وڃي ٿي پر جڏهن بتي
ٻاري ڏسو ته جنهن کي اوهان چور سمجهي رهيا هئا
اهو ڪليءَ تي ٽنگيل ڪپڙو آهي ۽ ان وقت ئي
اوهان جي حالت بدلجي وڃي ٿي. مانسڪ حالت
بدلجي وڃي ٿي خون جي وهڪ جي حالت ۾ فيرو
اچي وڃي ٿو. هڪ ويچار اهڙي حالت پيدا ڪئي

ڇڏيا. ھيءُ ان ڀرسان ٿيو جڏھن ڪي دنيا جي سڀني کان خطرناڪ ۽ تباھي آڻيندڙ ھٿيار ڇڙن ٿا.

پر اسانجي ديش ۾ ڇا ٿيو؟

ھتي ھڪ اھو خيال پيدا ٿيو تہ ھندو ۽ مسلمان ٻہ الڳ الڳ جاتيون آھن. ھندن لاءِ الڳ ديش گھرجي ۽ مسلمانن لاءِ الڳ. ان ويچار آخر ۾ ديش جو ورھاڱو آندو. ورھاڱي جي ڪري لکين ٻچا ساڍا ڏھ لک ماڻھو مري ويا. ڏيڍ ڪروڙ بي گھر ٿيا شرڻارٿي ٿي ويا.

ھاڻي ٻڌايو ائين ٻہ وڌيا ويچار؟

وري وري ڌرمن تي نہ، ويچارن جي شڪتيءَ کي پرکڻ، ان جي طاقت کي سمجھو. ديش کي بچائڻو آھي، انسانيت کي بچائڻو آھي تہ ھن غلط ويچار ڌارا کي بدلايو. جنڪا ھر ھنڌ پيدا ٿي آھي. ھتي سارو ديشڪ آريہ پرتينڌي سڀا جو منتري ويٺو آھي انڪي ۽ اوھان سڀني کي چوان ٿو تہ جنڪڏھن ويد جو پرچار نہ ٿيو تہ ھيءُ ديش نہ بچندو ۽ نہ انسانيت. ۽ ان جي جوابداري آريہ سماج جي نيتائن تي ٿيندي. اھو وقت ھو جڏھن آريہ سماج اپديشڪ تيار ڪندي ھئي، پرچارڪ تيار ڪندي ھئي مان گروڪل ڪانگڙي جي ساليانی اتسو ۾ ويندو ھوس تہ ڪيترن ئي آريہ ساڌن جا درشن ٿيندا ھئا. گذريل سال اھو اتسو ٿيو

يورپ کي ان ويچار ڌارا کي گهاڙيو. ۽ هتي اسان جي ديش ۾ عام مارگ تي هلڻ وارن، چوٽ چاهي، ذات پات ۽ ٻين ڳالهين جي پرچار ڪندڙن ويچار بگاڙي ڇڏيا.

مغرب ۾ هو ۽ مشرق ۾ هتي جي پاڻ کي جڳت گرو ڌرم گورو؛ فيلسوف ۽ ودوان چورائيندا هئا. سڀئي ملي ڪري هن دنيا کي تباهيءَ جي ڪناري تي آندو. سچي دنيا جي ويچار ڌارا ٻولا کي ڇڏي اڄ کان سؤ ورهيه اڳ ۾ پوني ۾ مهرشي ديانند وياکيان ڏيندي چيو ”ويد جي آڌار تي مان هوائي جهاز ٺاهي سگهان ٿو“ پاڻ ڪري ان وقت هوائي جهاز تيار ڪرڻ هئا. ڪي ماڻهو ان جا سپنا لهي رهيا هئا پر ڪنهن کي وشواس ڪري هو ته اهو سپنو ساڪار ٿي ويندو.

ان وقت رشي ديانند جتي چيو هو ته مان ويد جي آڌار تي جهاز ٺاهي سگهان ٿو ۽ اهو به چيو هو ته اها هڪ معمولي ڳالهه ليکبي. مان ماڻهن جي ويچار ڌارا بدلائڻ چاهيان ٿو. ويچار ڌارا بدلجي ويئي ته برباديءَ ڏانهن وڌندڙ قدم رڪجي ويندا. اها آهي ويچار جي مهانتا. هڪ ٻيو ويچار پيدا ٿو ٿئي ته تباهي ۾ جاڳي ٿي اٿي. مان جپان ويو هوس. هر دشا ڏسم جتي دنيا جو پهريون انٽم ام ڪيرايو ويو هو. هڪ ئي ۾ هڪ ئي پل ۾ سڀايا ٿي لک ماڻهو تباهه ڪري

”ته پوءِ اهي اوهان سان گڏ مندر ۾ ڇو نه ٿا اچن؟“

”اهي ان ڪري نٿا اچن جو شام ٿيندي ئي اهي نائيٽ ڪلب ۾ هليا ويندا آهن.“

اها حالت آهي غلط ويچار ڌارا جي ڪري. ٻيءَ پنهنجن ٻارن جي ويچار ڌارا کي بدلائڻ جي ڪوشش نه ڪئي. سنئين خيالات کين نه ڏني. پيءُ مندر ٺهرائيندو رهي ٿو ۽ ٻار نائيٽ ڪلبن ۾ گهمندا ڦرندا رهن ٿا. اها ڳالهه نه مان آريه سماج جي اڳواڻن کي سارو ديشڪ آريه پرتندي سڀا ۽ ٻين آريه پرتندي سڀائن جي اڌڪارين کي چوڻ چاهيان ٿو اوهان جيڪي وڏا وڏا مندر جوڙايو ٿا اهي ٺهرايو ڀلي پر جيڪڏهن ماڻهن جي ويچار ڌارا نه بدلي ۽ اوهان جا ڇوڪرا ڇوڪريون نائيٽ ڪلبن ۾ ويندا رهيا ته ياد رکجو اهي اوهان جا مندر به هڪ ڏينهن نائيٽ ڪلبون بڻجي ويندا. هڪ غلط ويچار ڌارا دنيا ۾ ڦهلجي رهي آهي. هي سرير ئي سڀ ڪجهه رهجي ويو آهي ۽ هن سرير جي اندر پرماتما آتما ڪجهه به آهي. سرير کي کارايو پيئاريو، سرير کي سينگاريو سجايو، انهن کي سئنيما گهرن، ٿيٽرن، نائيٽ ڪلبن ۽ ناچ گهرن ۾ وٺي وڃو. ان سرير جي لاءِ سڀ ڪجهه ئي رهيو آهي جيڪو ان سرير جو اصلوڪو مالڪ آهي اهو ويچارو پياسو ويٺو آهي جنهنڪ ان کي ڪا هستي آهي ئي

ني ڪونه. هن سال مان ويهه نه مهيني تي ٻه جهڙ ساڌو ويٺا هئا. هڪ مان ۽ ٻيو سمپورڻاننڊ. مان ٻڇان ٿو ته ان طرح ويد جو پرچار ڪيئن ٿيندو؟ اُپديشڪ ودياليه توهان کوليو ڪونه ٿا ۽ نه پرچارڪ ودياليه کوليو ٿا. ماڻهن کي وانپرستي ۽ سنياسي ٿيڻ جي پريرڻا ڏيو ڪونه ٿا. ان لاءِ آريه سماج وٽ اُپديشڪ پرچارڪ ۽ ساڌو گهٽبا وڃن ٿا. پوءِ پرڏيه ڪير ڪندو ويد جو پرچار؟ مان نراشاوادي نه آهيان. آشاوادي آهيان. پر جا حقيقت اکين نظر اچي ٿي ان کي ڪيئن ٽالي ڇڏيان؟

مان هانگ ڪانگ ۾ هرس انسي ڪيترن شرڌالو ڀڳتن لکين رپيا لڳائي لڪشمي نارائڻ جو مندر ٺهرايو آهي. مان ان ۾ ويس - سنو مندر آهي. تمام سندر آهي. هر روز سانجهيءَ جو گهڻي ٿي ماڻهو اتي گڏ ٿيندا آهن. ڪيرتن ٿيندو آهي، ڀڄن پاٺ ٿيندو آهي، اپديش ٿيندو آهي. پر مونکي اچرج لڳو ته اتي جيترا به ماڻهو ايندا آهن اهي سڀ ٻڍا هوندا آهن نوجوان هڪ به نه. ان مندر جو هڪ ٽرسٽ به آهي. ان جو پرڌان آهي هڪ سنڌي پرش جيٺانند. مون کانئس پڇيو ”ڇو ڇا اوهان هت ۽ ڏکڻ سڀ پاسي روانا ڪري ڇڏيا آهن؟“ هن ورائيو ”نه سائين، اهي سڀ هتي ني آهن.“

ڏينهن ٥-

منهنجا سڄڻو سڀ ملي هڪ دفعي وڏي چاهه ۽ اتساهه سان گائتري منتر جو پاٺ ڪريو. سڀني منتر جو اُچارڻ ڪيو. گائتري منتر پڙهڻ کان پوءِ هنن چيو:

اڄ پنجون ڏينهن آهي. اڄ ويد جي اپنشدن آڌار جي انهن منترن جي وياکيا مان اوهان اڳيان پيش ڪريان ٿو.

"هن دنيا ۾ جيترا به روڳ، ڪليش، ڏک، درد، مصيبتون، هار ۽ غريبيءَ مان پيدا ٿيندڙ ڏک آهن، تن مان ڇٽڻ لاءِ هڪ ئي رستو آهي.

ان کي جاڻڻ جو پار برهم آهي، پرميشور آهي. پرم شڪتي آهي. ڪلياڻڪاري آهي، ۽ پرم آنند آهي. ان کي جاڻڻ بنا انهن سڀني ڏکن، ڪشٽن، ڪليشن، مصيبتن کان ڇوٽڪارو ملڻ جي ٻي ڪا راهه ڪانهي."

پر ان پرڀوءَ کي جاڻون ڪيئن ۽ ڏسون ڪيئن ۽ جنهن کي نه رنگ آهي نه روپ نه سروپ آهي نه آڪار. اهو به معلوم ڪرڻ ته هو آهي ڪٿي؟ وڏا وڏا

ڪانه. ڪو ملهه ۽ درجو آهي نه ڪو. ان ويچار ڌارا
کي بدلائيو ٿو ويو ته :

"نه تم هي رهوگي نه ساٿي تمهاري
جو ڊوبي گي ڪشتي تو ڊوبي گي ساري"

هاڻي نه هو ٿيا ٿافي ٻئي نه ٻڌهن.

اصل کان ھلندي ٿي رھي آھي. ڪڏھن ديوتائون جيت پائين ٿا ته ڪڏھن راڪشس. اڄڪلھ راڪشسن جو راڄ آھي. اساڻي ديش لئي به انھن جو ئي راڄ آھي. ڪير آھن اھي راڪشس؟ اھي ته ڪير به ڏسي سگھي ٿو.

ٿورا ڏينھن اڳ مدراس ۾ ڪٿا ڪري رھيو ھوس ته ڏٺم. شھر ۾ ھنڌ ھنڌ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پڙھائيءَ کي پلجي ڪري جتي ڪٿي ھندي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتبھ ملي ٿيو ان مٿان ڏامر ھڻي مٽائي پيا ڇڏين. ڪارو روغن پيا ھڻن ۽ اتر ڀارت ۾ اتر پرديش ۾ ڪي نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون انگريزيءَ ۾ لکيل بورڊ ڪٿي ڏامر ھڻي ڪارو ڪري رھيا ھئا. ڪٿي ميل جي پٿر تي انگريزيءَ ۾ لکيل آھي ته ان کي به ڪارو ڪري پيا ڇڏين. اھا ديوتائن جي ڳالھ ته ڪانه ڇٽي. اھا راڪشسن جي ئي ڇٽي. ٻئي اھا دکن ڀارت ۾ ھجي يا اتر ڀارت ۾. لڳي ائين پيو ته ھيءَ ديش پاڳلن جو ئي وارو آھي. ڪڏھن ھت ٣٣ ڪروڙ ديوتائون رھندا ھئا ۽ ھاڻي ھيءَ ھڪ شاھي پاڳل خانو معلوم ٿئي ٿو. جتي ننڍين ننڍين ڳالھين تي وڏا جھيڙا ٿيندا رھن ٿا. ڀلا ٻولي به ڪا لڙڻ جي شيءِ آھي؟ ويد ڀڳوان شروع ۾ ئي چيو ته ڀاشا وڙھڻ جھيڙڻ جي شيءِ ناھي.

سنت مهاتمائون ۽ ان کي ڳولهيندي لکجي پيا ته.
ٻوءِ هنڪي ڪٿي ڏسون ۽ ڪيئن ڄاڻون؟

ان لاءِ ٻڌو ويد جي ان اڌياءِ جي ٽانئين منتر ۾ ان جو اپاءُ ٻڌايل آهي ته ٻرهمءَ کي ٽن ٻرهڪارن جا ماڻهو ڏسن ٿا. جدهن ماڻهوءَ منجهه ٽي گڻ آهن اهو ٻرهمءَ کي ڏسي سگهي ٿو. ٻرهمءَ کي هو ٻئي يا ستين آسمان تي يا چوڏهين آڪاش تي نه ٻو هتي ڏسي سگهي ٿو. هن انساني سرير اندر ئي ٻرهم ساهرن نظر اچي ٿو. اهي انسان آهن "ديو، سادو ۽ رشي" ڀڳوان جو درشن ڪرڻ چاهين ٿو ته ديو ٻڻج. پاڻ وٽ پوتر شڪتي گڏ ڪر ۽ نه اي ايمانيءَ واري راڪشسي دولت گڏ ڪر. ڏيڻ وارو ٻڻج، وڌوان ٻڻج، سواڌياءِ ڪرڻ وارو ٻڻج. سرهشت ڳرنٿن کي پڙهڻ وارو ٻڻج. ستسنگ ۽ سواڌياءِ سان پاڻ کي ستيه مارگ جو پانڌي ٻڻج. جيڪي جهيڙا ۽ جهيڙا جهٽا ڪن ٿا اهي ديوتا نه راڪشس آهن. ديوتائون ڪڏهن به وڙهندا ڪونه آهن. اهي ڪڏهن به ٻئي جو برو نٿا چاهين. اڄ جيڪڏهن دنيا ۾ ايڏا وڏا جهيڙا ٿيندا اچن ٿا. لباهي آٿيندڙ جي نماري نظر اچي ٿي ۽ جڳهه جڳهه نفرت ۽ ساڙ جون جيئرون نڪرندڙ نظر اچن ٿيون ته. ڇا لاءِ؟ ان ڪري جو ديوتائون هارائي ويٺا آهن. اسر ورتي راڪشس جيتي ويٺا آهن. هيءَ دانو - ديوتا جي ٻڌ

ياد رکو، دنيا ۾ سدائين ويچار جو ئي راڄ چالو آهي
توب، ائٽم بم، ٽئنڪ، بندوق، مشين گن جو راڄ
ڪڏهن نه هلندو. جهڙو ويچار هوندو اهڙي ئي دنيا
بڻجي ويندي.

مونکي ياد ٿو اچي ته لاهور ۾ اهو وقت هو جڏهن
چانهه جو هڪ به دڪان ڪونه هو. مان رهندو هوس
پنهنجي گهر ۾. هڪ ڏينهن مان پنهنجي ڀاءُ سان
آريه سماج جي اتسو تي لاهور آيو هوس تڏهن پهريون
دفعو چانهه جو نالو ٻڌو. انارڪلي بازار ۾ هڪ ماڻهو
ميز مٿان هڪ اسٽو ۽ پرسان گراموفون رکي ويٺو هو.
اسٽو تي چانهه تيار ڪري رهيو هو ۽ گراموفون تي
رڪارڊ وڄي رهيو هو.

"پي لو مفت ڪي پيالي هم
پهر شڪتي ديني والي هم."

مان به اتي بيهي رهيس. اهو ماڻهو چانهه ٺاهي
ماڻهن کي مفت ۾ پياري رهيو آهي ۽ اهو به چوندو
پيو وڃي.

"گرمي ۾ گرم چانهه ٺنڊڪ پهچاتي هم"

مون به هڪ پيالي پيتي، هڪ پيڪ پيتم. ان کان
پوءِ وري نه چانهه پيتي. پر ان پرچار جو جيڪو اثر
ٿيو اهو سڀني اڳيان آهي. اڄ هر ڪنهن هنڌ چانهه آهي
۽ هر وقت چانهه آهي. صبح جو پيئو، منجهند جو پيئو

اٿرويد جي ٻارهين ڪانڊ جي پهرين سوڪت کي ڀونِ يا پرٿوي سوڪت. تمام سندر سوڪت آهي اهو. ان جي پنجيتاليهين منتر ۾ لکيل آهي:

"هيءَ جا پرٿوي آهي، هيءَ جو توهانجو ديش آهي ان ۾ ڪيترن ئي ٻولين جي ڳالهائڻ وارا آهن. ڪيترن ئي ڌرمن کي مڃڻ وارا آهن. سڀني کي هن ڌرتيءَ پاڻ وٽ رکيو آهي.

تڏهن اهي ماڻهو رهن ڪيئن؟ ڇا ان طرح جيئن مدراس جا يا اتر پرديش جا رهواسي ڪري رهيا آهن؟

اوهان ائين رهو جيئن هڪ گهر ۾ سڀ ڀائر رهندا آهن ان طرح رهو.

پر اڄ ويد جي ڳالهه ڪير ٿو ٻڌي؟ ويد جي ڳالهه ٻڌن ٿا ديوتائون ۽ اڄ جتي ڪٿي انهن راڪشسن جو ئي بول بالا آهي. سڄي هيءَ تباهيءَ جي تياري آهي. هن برباديءَ کان بچڻو آهي ته اوهان ديوتا بڻجو. پوءِ ساڌڪ بڻجو ان کان پوءِ رشي بڻجو منهنجا سڀڻو. ساڌڪ ڪير آهي؟ ان بابت مون اوهانکي ڳالهه ٻڌايو هو، گيانوان، شرڌاوان ۽ وچاروان جو منش آهي ۽ جيڪو يوگ جي ساڌنن سان ايشور کي پراپت ڪرڻ جو يتن ڪري ٿو اهو ئي ساڌڪ آهي. گيان ڇا آهي؟ شرڌا ڇا آهي؟ اهو ٻڌائي چڪو آهيان. وچار جي شڪتيءَ بابت ڳالهه ٻڌايو آهي.

مان ٿو چوان ته اسين ئي جوابدار آهيون. جي ٻار کي ڌارمڪ سڌين ٿا. ڌرم جي نالي سي حقيقت ۾ اهڙا اهڙا ڍونگ ۽ پاکنڊ ٿي رهيا آهن ته جي آدمي سچي ڌرم کي ڄاڻن ٿا ان جي دلين ۾ ڌرم لاءِ نفرت نه، پر نراشا ضرور پيدا ٿئي ٿي. عجيب تماشو آهي جتي ٻين کي اپديش ڏنو وڃي ٿو ته مايا ڇڏبالدي آهي، هي ڌن دولت سڀ بنڌن جا ڪارڻ آهن انجو تياڳ ڪريو ۽ مهنت مهراج پنهنجي لاءِ وڏا وڏا مٺ جوڙائين ٿا ۽ ٻين کي چون ٿا هي سڀ فاني آهي ان جو ڪو خيال نه ڪريو ۽ پاڻ بادام جا حلوا کائين ٿا. بادام جا شربت ۽ ٺاڌليون پيا پيئن. شڌ گيهه جا ٿهل مالپوڙا هضم ڪيو ٿا وڃن. ان طرح ڌرم جو پرچار ڪيئن ٿيندو؟ هن وقت مان به سادو آهيان. سادن جي لاءِ مان به ڪجهه چوان اهو ٺيڪ ناهي. پر ان ڳالهه کان ڪير انڪار ڪري سگهندو ته گيڙوءَ رنگا ڪپڙا پائي ڪيترائي انين اجوڳ ۽ انرٿ ڪندا رهن ٿا. جن کي ڏسي انسان جي دل روئي ٿي. هڪ دفعي مان دهليءَ ۾ هوس. رٽبير مون سان گڏجڻ آيو ته هو اداس ٿي لڳو مون کانئس پڇيو "اداس ڇو آهين؟"

هن چيو "هڪ سادوءَ جي خلاف شاهدي ڏيڻي آيو آهيان. جو ڪجهه مون چيو سچ چيو هو، پر اهو سمجهه ۾ نٿو اچي ته سادوءَ جي خلاف شاهدي ڏيڻ

شام جو پيئو. اڄ ماڻهن کي چانهه پيئڻ بدران آرام ڪرڻي
اوهان شهرواسي ته ڪوپ پليٽ ۾ چانهه پيئو ٿا ۽ پر
ڳوٺن ۾ رهندڙ ٻرو ڪٽورو ڀري چانهه پيئن ٿا.

هڪ پيالي مان هنن کي سنتوش ڪونه ايندو آهي
مان هڪ دفعي امريڪا جي پاڙا لي ويو هوس ته
مون اُتي پرڏيهين پاڙن لي لکيل ڏٺو "گرمين ۾ گرم
چانهه ٺڌڪ پهچائي ٿي." مون ڪلي چيو ته هتي ٺڌڪ
جي ضرورت ڪٿهن کي آهي؟ اڙي هتي ته لکڻ
ڪهڙو هو ته "سردي ۾ گرم چانهه گرمي پهچائي ٿي."
پر انهن اشتهار لکندڙن جي مرضي آهي.

پر ڏهه ٽوٺ سال ۾ ٿي چانهه جو پرچار ڪٿان جو
ڪٿي پهچي ويو. اهو ته هرڪو ڏسي سگهي ٿو. اهو
هڪ وپار ڏٺل هو ماڻهن کي ڪو توب ڪانه هلائي
وئي هئي نه بندوق چوڙي وئي هئي. اڄ اهو پرچار
ڪروڙهان ماڻهن جي جيون ۾ سمانجي ويو آهي. چانهه
بدران انهن کان ڪو ڪم نٿو ٿئي. چانهه جا اٺ هزار
فارم آهن اسان جي ديش ۾. سنتيهه ڪروڙ اڻانوي
لک ڪلو چانهه هن ديش ۾ ماڻهو واپرائين ٿا. اهڙو
ڪم ڪري ڏيکاري ٿو پرچار.

اڄ ڪٿهن وپار جو پرچار لي رهيو آهي؟ ته هي
ڌرم-ڪرم سڀ ڍونگ ۽ پاکنڊ آهن. پر ان وپار
جي لاءِ جوابدار ڪير آهي؟

اوهان ڪٽي لڳائي رکيو آهي. ۽ ان جو لاش مليو ته ان جي خون جو مقدمو توهان تي هلندو."

ساڌو مهراج کي ڌمڪي ڏيڻ جو اثر اهو نڪتو جو اها استري ساڳئي رات پنهنجي گهر ڀڄي وئي. ساڌو مهراج گرفتار ڪيو ويو. ان تي ٻه ٻيا به ڪيس هليا. رگهبير کي شاهديءَ لاءِ گهرايو ويو ته جو ڪجهه انکي معلوم هو اهو هن اچي ٻڌايو.

هون رگهبير کي چيو "ان ۾ اداس ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. تو نيڪ ڪم ڪيو آهي ۽ نه برو."

پر ڌرم جي نالي ۾ اهڙا ڪڌا ڪم ڪن ۽ پاڻ کي ساڌو، مهاتما ۽ ڌرم پرچارڪ سڏائيندڙ اهڙا پاپ جا رستا اختيار ڪن. پڄن ته هڪ ٻيا ٻه ڪلاڪ ڪن ۽ وهنوار ڪن اهڙو جنهن سان سماج جي هاڃي ٿئي، ديش جي هاڃي ٿئي ته ٻيو عام ۾ ڌرم جي لاءِ ڌڪار نه جاڳندو ته ٻيو ڇا ٿيندو. اهڙن ماڻهن کي ڏسي ڪنهن چيو آهي.

"خدا کي بندون کو ديکھ کر هي خدا،
سي منکر هوئي هين دنيا،
که ايسي بندي هين جس خدا کي،
وه اچها خدا نهين هين."

اسان ايشور کي به بدنام ڪريون ٿا ۽ چئو ٻيا ڌرم ڪرم سڀ ڍونگ آهي، اهڙو الٽو ويچار هر جڳهه ڦهليل

ٺيڪ ھو يا نه؟"

مون ڪانئس ڳالهه پڇي ته ھن ٻڌايو ڪجهه سال ڪان ھڪ ساڌو دهليءَ ۾ دايو ڪري ويٺو ھو. آهستي آهستي ھن پنھنجي لاءِ ھڪ مڪان جوڙايو ۽ اھو ا- سيٺي جي پئسن مان. ھو چوندو اٿين رھيو تہ اھو مڪان آشرم لاءِ ٺھرايو وڃي ٿو. مڪان جي رجسٽري ڪرائي ڇڏي پنھنجي پٽ جي نالي تي. ان ڏينھن ۾ ھڪ پڙھيل جوان استري پنھنجي گھران گم ٿي وئي. اھا استري ھن ساڌو مھراج وٽ لڪيڙھه جو ڪم ڪندي ھئي. سندس پتي ان کي ڳولھڻ لاءِ ساڌوءَ وٽ آيو. تہ ڪيس ساڌوءَ چيو "توھان ھن کي ڪم ڪونہ ڪرڻ ڏيندا ھئا ان ڪري دکي ٿي ھن ڪٿي وڃي آتم ھتيا ڪئي ھوندي." ان ڏينھن الھيءَ استريءَ جو لکيل خط سندس پتيءَ کي مليو جنھن ۾ لکيل ھو تہ مان جمنا ۾ ٻڏي پنھنجو انت آندو آھي."

پتي روئندو رٽبير وٽ آيو. رٽبير ان سان گڏ جي ساڌو مھراج وٽ ويو- ساڌوءَ جنھن نموني ساڻن ڳالھ ڪئي تہ رٽبير کي شڪ جاڳيو تہ ان استريءَ جي آتم ھتيا ڪرڻ وارو خط جڙاؤ آھي ۽ آتم ھتيا جي ڳالھہ ا ڪوڙي آھي. رٽبير کيس غصي مان چيو "جيڪڏھن شام تائين اھا استري پنھنجي گھر نہ پھتي تہ مان دهليءَ جي راج ڪاروبارن کي لکندس تہ ان استريءَ کي

مون انهن کي چيو ته منهنجين اکين اڳيان اونده ڇانئجي ويئي. واءُ ڪڙو ٿي ويو. نڙي گهٽجڻ لڳي. مون جلدي ان کي ڇڏي پاڻي پيتو. ڏٺا ساڌ ڪديم - ٽيڪ ٽيس ته ناني کان پڇيم ”بابا اوهان ڇا لا پيتو؟ اها ته ڏاڍي خراب شيءِ آهي.“

هن چيو ”ڀائو خراب آهي پر مان ڇا ڪريان عادت پئجي ويئي آهي.“

ڇو ڪرا ۽ ڇو ڪريون خراب ڇو نٿا ٿين؟ ٻاران منهنجي ماءُ پيءُ جي ڪري. ڇاڪاڻ انهن جو ماءُ پيءُ سداچاري آهن ۽ اهي منهنجي ٻارن اڳيان سٺا مثال رکن ته پڪ ئي پڪ سندن ٻار به سٺا ٿي ٿيندا. ٻار ڪڏهن به سٺو يا خراب نه هوندو آهي. اسان ئي ان کي سٺو ٻڻائي سگهون ٿا اسان ئي ان کي بگاڙي سگهون ٿا. ان ڪري اسان جي وڏن سنسڪار جو طريقو جاري ڪيو ته جيئن عام کي سٺا ويچار ملندا رهن.

ويچار جي شڪتيءَ بابت اسانجي وڏن چيو آهي:

هي سنسار ڇا آهي؟ جنم. جوڀن، ٻڍاپو ۽ موت. اهو چڪر ڦيرو نيڪ وارو ڪرڻهي - وڏي بيماري آهي اها. پر اهو ڪيترو به وڏو ڇو نه هجي انلاءِ هڪ سٺي دوا آهي ”سرشٽ ويچار“ ڪهڙا سٺا ويچار؟ اهو سوچيو ته مان ڪير آهيان؟ هيءُ سنسار ڪنهنجو آهي؟ اهڙيءَ طرح شڀ سنڪلپ، سٺن ويچارن سان

آهي. سوال آهي ته ان کي بدلائجي ڪيئن؟ منهنجي پرارٿنا آهي ته ان لاءِ محنت ڪرڻي پوندي. انهن ماڻهن کي پنهنجو ڪار، وهنوار ۽ بدلائڻو پوندو جي ڌرم کي مڃڻ وارا آهن. اهڙو آچرڻ، اهڙو وهنواري جيون هلائڻو پوندو جنهن مان ٻين کي سک ملي. شانتي ملي. سڀ ڀاڻ ۾ ملي جلي رهن ۽ برابري ڏي جهڳڙا نه ٿين. انهن جو ڀلو ٿئي ۽ نه برائي. ماڻهن ۾ ليائڪ جي پارٿنا اچي. لالچ ۽ سوارٿ مٽجي وڃن.

ياد رکو جيڪڏهن ماءُ پيءُ جو آچرڻ سٺو آهي ته سنتان جو آچرڻ به سٺو ٿيندو.

جيڪڏهن پيءُ سگريٽ پيئي ٿو، ماءُ جوا کيڏي ٿي ته ٻار کي ان سمجهائڻ مان ڇا ورندو ته تون سگريٽ نه پيءُ يا جوا نه کيڏ.

جيڪڏهن ماءُ جو آچرڻ سٺو آهي ۽ ٻار جي بگڙجڻ جو انديشو آهي ته اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته ٻار جي سنگت ڪهڙي آهي، جهڙي سنگت هوندي اهڙو هو به ٿيندو. سٺي سنگت جو اثر سٺو ٿئي ٿو ۽ بري جو برو. مون پنهنجي ڳالهه اوهان کي ٻڌائي. منهنجو نانو حقو ڇڪيندو هو. ڪيترا دفعا هن مون کي حقي ڀرڻ لاءِ چيو هو. مون حقو ڀري ڪيس ڏنو. هن چيو "ان کي تازو ڪري ڏي." يعني ان کي تازي ڪرڻ لاءِ ان جي نڙي وات ۾ رکي ساهه اندر ڇڪيو ويندو آهي.

وري اندر اچي ٿو تڏهن ماءُ ڪروڌ ۾ ٻئي جي چاهي ماڻ، ٻرندڙ ڪاٺي کڻي ان ڪتي کي هڻي ٿي. اهو پڇي وڃي ٿو ۽ وري اندر نٿو اچي. اهو آهي ٻري ويچار کي ٻري هٽائڻ جو اپاءُ. جيڪڏهن ٻرو ويچار آيو ته ان وقت چئو "هٽ هتان. تون پاپ آهين مان پاپي ناهيان. هل هتان."

اٿروويد ۾ نيڪ اهڙو هڪ منتر آهي جنهن جو ارٿ هن ريت آهي:

"ٻري هٽي وڃ من جا پاپ! اڄ ڪوڙا ويچار تون هٽي انهن اندر ٿو گهڙي اچين؟ هٽ هتان مون کي تنهنجي طلب ڪانهي. توکي چنبڙجڻو آهي ته وڃي جهنگل ۾ وڻن سان چنبڙ. مان پنهنجي من جي گهر کي صاف ڪرڻ ۾ لڳل آهيان."

اهو آهي آتم نردش (Auto Suggestion) ان جي دواران پنهنجو پاڻ کي سمجهائڻ جو اپاءُ.

پر اڄوڪي سميه ۾ ڪير ٿو انهن ڪوڙن ويچارن کان بچڻ چاهي. ماڻهو پئسا ڏيئي ٿا ڪوڙا ويچار خريد ڪن. اگر مون اوهان کي ٻڌايو آهي ته اسان جي ديش ۾ هر سال ٧٧ ڪروڙ ماڻهو سئنيما ڏسن ٿا. هڪ ماڻهو جيڪڏهن هڪ دفعو به سئنيما ڏسڻ ۾ ٻه روپيه سراسري خرچ ڪري ته به ١٥٤ ڪروڙ روپيا اهڙن اشد ويچارن خريد ڪرڻ ۾ خرچ ٿين ٿا. هڪ ارب چار ڪروڙ

سنسار جو اهو روڳ هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو. اڄ وگيان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته وچار صرف لفظ نه، منش جي دماغ مان، لکت مان، واڻيءَ مان اُڪرڻ واريون نوس لهرون آهن. اهي لهرون پڻ سان وڃي ٽڪرائجن ٿيون. هلچل پيدا ڪن ٿيون. اسانجي شاسترن اهو به چيو آهي ته لهرن ۾ رجي ڳڻ جو لالاڻگ، تامسيءَ جو ڪارو رنگ ۽ ساتوڪيءَ جو سفيد رنگ هوندو آهي. پوءِ انهن جي پاڻ ۾ ملڻ سان ٻيا ڪيترائي رنگ پيدا ٿين ٿا. نيرو، پيلو، واڱڻائي، آسماني وغيره.

جيڪڏهن اسان ان پرڪشم پياري جو درشن ڪرڻ چاهيون ٿا جو اندر ۾ وسئو آهي ته، ان کان سواءِ ٻيو ڪو اپاءُ ڪونهي ته پهريان وچارن کي شد ڪريون. وچار سان وچار بڻجي ٿو ۽ آچار سان وهنوار. وهنوار جو ڦل ملي ٿو.

پر ڪير آهي جو چاهي ٿو ته سندس راهه ۾ ڪونه اشد وچار اچن؟ ڪير به نٿو چاهي ته؟ تڏهن به اچي وڃن ٿا ڪوڙا وچار. ان لاءِ گهٻرائڻو ناهي. اسان جي وڏن انهن کي پري هٽائي ڇڏڻ جو اپاءُ به ٻڌايو آهي ماءُ وٽي آهي رنڌڻي ۾ رسوئي تيار ڪري رهي آهي. ڪتو رنڌڻي ۾ گهڙي آيو، ماءُ هنکي هڪالي ڪڍي ٿي. ڪتو وري اچي ٿو ماءُ وڌيڪ غصي ٿي چوي ٿي ”هٽ، نڪر هتان——“ ڪتو تڏهن اس

برف نٿي برف نظر ايندي آهي ذهن ۾ هو الـــي
رهندا آهن. مان گڏگڏ ٿيءَ لئي وڏو هوس ان سان
مليس. مون کيس ٻڌايو ته مان دنيا جو سڌار ڪرڻ
چاهيان ٿو ته هن چيو ”تنهنجي دنيا ڪهڙي؟ دنيا
اوڙاهه طرف وڌي رهي آهي. وڃڻ ڏينس ان کي.
تون ان کي روڪي نه سگهندين. تو امرت پيتو آهي
۽ هاڻي آرام سان هتي ويهي آنند ماڻ. هيءَ دنيا ته
پهاڙ جي اڀاهين چوٽي تان هيٺ گسڪي وهندڙ نـال
جيان آهي گسڪي هيٺ وڃي رهيو آهي پال. هاڻي
اوهين ڪڏي ۾ موٽڻ کان انڪار ڪري رکيو.“

سوامي رامانند جو ويچار هو ته (١٩٧٥ کان اڳـير)
هن دنيا کي ۽ پاڻ کي آرام نه ملندو ڪير ٿو چاهي
ته هن عرصي اندر ڪجهه ان ۾ واڌارو ۽ اچي سگهي
ٿـو.

ان مهان ساڌوءَ جي سکيا کي ٻڌائي مان هيٺ
هليو آيس هن دنيا ۾. جڳهه جڳهه گهمان ٿو ستن اتن
ڏينهن کان وڌيڪ ڪٿي ترسان ڪونه. ديش جي
ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويو آهيان ڳوٺ ڳوٺ ۾ ويو آهيان.
ديش کان ٻاهر ڪيترن ديشن ۾ ويو آهيان. ٻه ڪيترا
دفعا اهو ويچار آيو آهي ته مان اهي چڪر ڇو هڻي
رهيو آهيان؟ ڪو ٻڌي نٿي ڪونه ٿو. جيڪي ٻڌن
ٿا اهي ۽ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي

روس ۾ مان هر سال هڪ نئين ڳالهه ٿي سگهي ٿــي. ٻن سالن ۾ ڀاڪــرا جهڙو شاهي بند تيار ٿي سگهي ٿو. هر سال ڪيترائي نهرون کوٽجي سگهن ٿيون اهو نــه ڪير وڃي ته سوين ڪاليج کولي سگهجن ٿــا جن ۾ لکين نون شاگردن کي هنري ٽيڪنيڪل تعليم وغيره ڏئي سگهجي ٿي. سوين نيون اسپتالون ٺهي سگهن ٿيون جن ڪيترن ئي ماڻهن کي جيئڻ ۽ تندرستي ٿي سگهي ٿي. هزارين ودوانن ۽ انسانن جــو جيئڻ سکيو ٿي سگهي ٿو ۽ انسان آهيون جو اهي رٿيا انهن دفن ڪري ٿا ڇڏيون ٻين ويچارن خرچ پٺيان.

مان جڏهن اهڙيون ڳالهيون چوان ٿو ته ڪيترائي نوجوان من ئي من ۾ چوندا ته هي ٻڍو ساڌو پاڳل ٿيو آهي. هن کي ڪهڙي خبر ته سئنيما ڏسڻ ۾ ڪيترو نه مزو آهي پر مان ته چوان شراب نه پيئو اهي چوندا ته هن ڪڏهن به ڏٺو آهي؟ مان چوان ٿو ڪڏهن به نه. نه اهي چون ٿا ته پوءِ ٻين کي ڇو ٿا روڪيو ته شراب نه پيئو؟

اها آهي اڄ ڪلهه جي دنيا.

دنيا ڄاڻي ٻجهي زهر پيئي ٿي

سوامي رامانند تمام ٻرڌ اوسٿا ۾ آهن. اهي گنگوتري ۾ هڪ ڪٽڙن جي رهن ٿا. هڪ غار جي اندر انــي گرمي نه آهي ڪو نه ٿاڌ سخت ٿڌ آهي. سياري ۾ انهي

آهي سڄڻو. سنتوش ملڻ مشڪل آهي.

هڪ سڄڻ چيو ”سواءِ اوهان ڪهڙين ٻراٽيون ڳالهيون ڪريو ٿا هيءُ وگيان جو يگ آهي اڄ هن ويد کي ڪير ٻڌندو.

مون ڪانئس پڇيو ”ڇو نه ويد کي ٻڌندا.“

هن چيو ”اوهان چئو ٿا ته هن دنيا کي ٺهي اٽڪل ٻه ارب سال ٿيا آهن ۽ اهو به چئو ٿا ته ويد جو گيان سرشٽيءَ جي ٺهڻ سان ٿي ٿيو. تڏهن ٻڌايو ته ٻه ارب سال پراڻو گيان اڄ ڪيترو ڪارگر ٿيندو؟

”ته ڇا سڀ پراڻيون شيون بيڪار ٿجي وڃن ٿيون؟ ته ڇا اهي ڪمائتيون نئيون ٿجن؟

هن چيو ”سڀ پراڻيون شيون ڪڏهن ڪم جون نه ٿيون رهن. مشينون، موٽرون، مڪان، ڪپڙا سڀ شيون نڪميون ٿي وڃن ٿيون.

مون چيو ”توهان برابر ٿا چئو. ڀلا ٻڌاءِ هيءُ سج پراڻو آهي يا نه؟ ٻڌاءِ ڪيترو پراڻو آهي؟ ٻن ارٻن سالن کان به اڳ. ۽ تڏهن به روشني ڏئي ٿو ۽ گرمي پڻ ڏئي ٿو. کيتن ۾ اناج پچائي ٿو. باغن ۾ ميوا پچائي ٿو. ڌرتيءَ تي هر جيو کي جان بخشي ٿو. تندرست رکي ٿو جيڪڏهن ٻن ارب سالن کان به اڳ جو سج ڪم ڏئي ٿو، ۽ ان کان سواءِ لڏهجو هڪ ڪم به نه هلي ته ٻڌاءِ ويد ڇو نه ڪم ڏيئي سگهندو؟

ٿا ڇڏين. پوءِ ڇا لاءِ ٿو اها ڪوشش ڪرين؟ ڇو ته واپس هليو وڃان گنگوتريءَ تي ۽ ان آنند ۾ مگن ٿي وڃان جنهن کان وڌيڪ ڪو آنند آهي ئي ڪونه. پر تنهن وچار اچي ٿو ته مهرشي دياننْد به ائين ئي ڪيو هو. گهور تپسيا کان پوءِ انهن کي سچي شو جو درشن ٿي ويو، کين موڪش جو اڌڪار ملي ويو اهو سڀ ڪجهه ڪندي به هو آرام سان نه ويٺا. اتر ۾ هماليه جي چوٽين تان هيٺ لهي دنيا ۾ آيا. جڳهه جڳهه گهمڻ لڳا. زهر جو پيالو پي ڪري به دنيا جو ڪلياڻ ڪندا رهيا. گاريون کاڌائون، پٿر کاڌائون تنهن به پريم جي مارگ تان نه هٽيا.

مان من ئي من ۾ چوندو آهيان مون کي به ان ئي راهه جو راهي بڻجڻو آهي. ڪو بڻجي يا نه بڻجي. مان بڻائيندو رهندس.

"رسمِ الفت جس طرح هو گا نباهينگي ضرور
تم همين چاهو نه چاهو، هم چاهينگي ضرور"

سچو! اسان نه بڻائيندا رهنداسين. اڄ نه ته سڀاڻي ضرور بڻندا، سڀان نه ته ٻئي ڏينهن نه ته سالن ڪانپوءِ نه ته به ٻئي جنم ۾ ضرور بڻندا.

مان مهاتما سان چوان ٿو ته جيستائين وند جي وچار ڌارا جو پرچار نه ٿيندو تيستائين شانتي ملڻ محال

آهي. جڏهن ٽڪر ٽڪر ٿيل ديش کـــي ملائي هڪ
مهان ديش بڻائي ڇڏيو. ان کان اڳ ۾ جڏهن ريل گاڏيون
نه هيون، موٽرون لاريون ۽ هوائي جهاز نه هئا. صرف
ستن سالن ۾ هارايل يارهن ديش کي سنسار جو سڀني
کان مهان ۽ طاقتور ديش بڻائي ڇڏيو. ايران کان اراڪان
تائين هي ديش ڦهليل هــو. جي يوناني ساري ڏکڻ
يورپ ۽ اولهه ايشيا تي ڇانيل هئا، جن ڀارت ۾ اچي
مهاراج پورس کي جهڪايو هو، انهن کي مهاتما چاڻڪيه
اهڙي شڪست ڏيئي ڇڏي جو وري ڪڏهن به انهن
هن ديش ڏي لالچي نگاهه وجهڻ جي همت نه ڪئي.
سليوڪس نه فقط پنهنجي ڌيءُ سمراٽ چندر گپت
کي ڏني پر پاڻ ايران ۽ افغانستان وارو پاڱو به ڏيئي
ڇڏيو. ان مهاتما چاڻڪيه کي سوتر لکيا آهن. انهن
سڀني مان پهريان سوتر ۾ چوڻيا جنهن جو ارٿ آهي ته
”سک جو آڌار ڌرم آهي. ڌرم بنا سک ڪڏهن
ملڻو نه آهي. ڌرم جو آڌار ڌن آهي. ڌن نه هوندو
ته ڌرم جي پالنا ڪندا ڪيئن؟ دان ڪٿان ڏيندا؟
يگيه ڪيئن ڪندا؟ ٻين کـــي مدد ڪيئن ڪري
سگهندا؟ ڌن جو آڌار راڄيه آهي ۽ راڄيه جو آڌار
اندرين کي وس ۾ ڪرڻو آهي. اهوئي يوگ مارگ
آهي. اڄ کي سچ چوڻيا نه مهرشي ديانند ”ستيارٿ
پرڪاش“ جي ڇهين سملاس ۾ راجنيتي جو ورڻن ڪيو

صرف سج ئي چنڊ هيءَ ڌرتي، هيءُ جبل، هيءُ پاڻي، هيءَ هوا اهي سڀئي ٻه ارب سالن جون پراڻيون شيون آهن. انهن مان ڪنهن هڪ کان سواءِ ٻئي گذر ٿيڻ محال آهي سڄڻ. اڄ جيڪو دک ۽ ڪليش آهي، اشانتي آهي ان کي دور ڪرڻ جو هڪ ئي اپاءُ آهي اهو آهي ويد جو پرچار - ڌرم جي مارڳ تي هلڻ.

ڌرم ڇا آهي؟ جو ڌارڻ ڪيو وڃي جو جنهن لئي آچرڻ ڪيو وڃي. ان جو نالو آهي ڌرم.

هڪ سڄڻ مونکي چيو "مان به ڌرم جي پوري ڳالهه مڃان ٿو.

اهو سڄڻ مسلمان هو. هوُ روزاني "ميلاپ" اخبار ۾ لکپڙه ڪندو هو،

مون کانئس پڇيو "تون ڇا مڃين ٿو؟"

هن چيو "قرآن شريف ۾ لکيل آهي - نماز نه پڙهو ان ڪري مان نماز ڪرڻ پڙهندو آهيان.

مون کيس چيو "ڀلا آدمي، قرآن شريف ۾ اهو لکيل آهي نه "نماز نه پڙهو؟ ڇا تون اهي ۾ ئي نه آهين؟"

هن چيو "ڌرم مون پوران ڳالهه مڃي آهي ۽ ٻي ڳالهه ڪا ٻيو مڃي. مان ڪنهنکي روڪيان ٿو روڪي ٿو!"

"ٻه اهو ڌرم جي مارڳ تي هلڻ نه چئبو."

پارس جو مهان سياستدان مهاتما چاڻڪيه ٿي گذريو

اهو به ٻڌائيندا هوا ته ڌرتي چپٽيل آهي ۽ اهو به ٻڌائيندا هئا ته سرشٽيءَ کي ايشور ڇهن ڏينهن ۾ جوڙيو هو ۽ ستين ڏينهن آرام ڪيو. ان وقت جيڪي چوندا هئا ته سورج ڌرتيءَ جي چوڌاري نٿو ڦري پر ڌرتي ان جي چوڌاري ڦري ٿي، ۽ جيڪي چوندا هئا ته ڌرتي گول آهي انهن کي ”آدمي يا ڌرم جا دشمن“ چئي جيئري جلايو ويندو هو. هاڻي وگيان جو اڀرو اڳتي وڌڻ کان پوءِ يورپ وارا اهڙين ڳالهين کي ڪين مڃيندا. پر ڪي مڃين يا نه مڃين سنتوش نه، ليکو ڪونهي. هڪ اشانتي پيدا ٿي رهي آهي. ساري يورپ ۾ ساري آمريڪا ۾ ماڻهو پڇن ٿا ته منزل ڪٿي آهي ۽ مقصد ڪٿي آهي؟ انهن جي مت ۾ ڀوڳ سکڻ جي اڇا آهي. پر اسان جي ملڪ مان جيڪي سچڻ الي پڇن ٿا اهي صرف يوگ آسڻ سيکاري واپس هليا اچن ٿا. مان جڏهن الي واس نه ڪين ٻڌايم ته صرف آسڻ يوگ نه آهي اها ٻڌي ڪسرت جو هڪ طريقو آهي. جسم تندرست ۽ پلوان رهڻ گهرجي پر يوگ ڪا ٻي چيز آهي. اهو ڇا آهي؟ سا ڪنهن کي ويندو آهي. اهو صرف ويد ۾ ئي ٻڌايو ويو آهي. ڪنهن ٻئي ڌرم گرنٿ ۾ ان جو بيان ڏنل نه آهي.

۽ جڏهن مون ڪيس ٻڌايو:

”نه اٺ چڪر آهن ان نگريءَ جا ۽ نَو دروازا

آهي. انڪري آريه سماج کي راجنيتيءَ ۾ ڀاڱو وٺڻ
گهرجي. اڄ ڀلا آدمي اهو به نه ڏسو ته ان پوڄيه
مهرشيءَ ڪهڙي راجنيتيءَ جو ذڪر ڪيو آهي؟ مهرشي
چوندا "جڏهن آدميءَ پنهنجين اندرين کي وس ۾ ڪيو
آهي، فتح پاتي آهي، جو يوگ جي يم - نيم جو پالن
ڪري ٿو، يوگ جي مارگ تي هلي يوگ ساڌن ڪندي
جڏهن ٻاهرين ۽ اندرين گيان حاصل ڪيو آهي اهو
راجيه جي ڀلائي ۽ راڄ جي صلاح ڏيڻ لاءِ پارليامينٽ
(سڀا) ۾ وڃي.

اها آهي راجنيتيءَ جي ڳالهه جيڪا مهرشيءَ چئي.
اها ڪو ٻڌائي ها چئي ڪونه ٿو. صرف پنهنجي
سوارٿ جي ڳالهه ٻڌائي ٿو. "نماز نه پڙهو، نه ٻڌائي
ٿو پر اهو ٿو ٻڌائي ته اها ڪڏهن نه پڙهو."

ياد رکو آريه سماج هڪ آندولن ناهي هڪ مشن
(Mission) آهي ان مشن جو ڪم آهي ويد جو پرچار
ڪرڻ. اڄ يورپ ڦري ڪي رهيو آهي. وشيه يعني جسماني
سک عيش ۾ ڪافي اڳتي نڪري ويو آهي هاڻي ان
مان بيزار ٿي پيو آهي. بائيبل ۽ اهڙن ٻين گرنٿن مان
شانتي نه ملندي. چاڪاڻ ته انهن ۾ اهي ڳالهيون لکيل
آهن جن کي اڄ جي وگيان اسٽيه ثابت ڪيو آهي.
ڪو وقت هو جڏهن عيسائي ڌرم پرچارڪ عام ڪري
ٻڌائيندا هئا ته ڌرتيءَ جي چوڌاري سوُرج ڦري ٿو.

ترجمو انگريزيءَ ۾ ڪري نه ڇڏيو آهي. ڪن هيڪڙن ٻيڪڙن سڄڻ اُن لاءِ ٿوري ڪوشش ڪئي ضرور آهي. پر اهو تمام وڏو ڪم آهي. آريه سماج کي هڪ سنسٿا جي روپ ۾ ڪم ڪرڻ کپندو هو آريه سماج جي شروعٽي سيانن کي اهو ڪم هٿ ۾ کڻڻ کپندو هو. پر هڪ سؤ ورهين ۾ ڪنهن به اهو ڪم نه ڪيو آهي.

بائيبل جو انواد دنيا جي سڀني ٻولين ۾ ٿيل آهي.

رٽبير آمريڪا ويو ۽ اُتان واپس اچي هن هڪ ڳالهه ٻڌائي. فلاڊيلفيا هڪ وڏو شهر آهي آمريڪا ۾. ان شهر ۾ آمريڪا وارن آزادي وٺڻ جو اعلان ڪيو هو. انهيءَ شهر ۾ رٽبير هڪ آمريڪن سڄڻ وٽ پُڇڻ ڪرڻ لاءِ ويو ته ان رٽبير کي پنهنجي شخصي پستڪاليه ڏيکاريندي چيو ”هن پستڪاليه ۾ صرف بائيبل جا ڪتاب آهن. هر هڪ بائيبل جدا جدا ٻولين ۾ انواد ٿيل آهي.“ هن شخص رٽبير کي ٻڌايو ته هو هر سال هڪ ڀاشا ۾ بائيبل جو ترجمو ڪرائيندو آهي. اهي ڇپائيندو آهي ۽ هڪ ڪاپي پاڻ وٽ پستڪاليه ۾ رکندو آهي. باقي ڪاپيون بنا قيمت جي ورهايون وينديون آهن. هن رٽبير کي اهو به ٻڌايو ته ڀارت جي ڀنن ڀنن ٻولين ۾ بائيبل جو انواد ٿي چڪو آهي جن مان اسان جي ديش ۾ شايد هڪ پستڪ ڇپيو بنا لکيو نه ويو هجي. پشتوءَ ۾، ملتاني ٻوليءَ ۾، ڊوگري

آهن. هر هڪ دروازي تي ديوتا پهرو ڏئي ٿو. اها
اَپورتا نگري آهي مدش جو سرڳ. ان جي اندر سون
جيان چمڪندڙ هڪ خزانو آهي.
جنهن اندر انمت جوت ۾ وڪڙهيل اهو سرڳ —
رهندو آهي.“

ان سرڳ کي ماڻڻ کان پوءِ مدش کي اهڙو ته آنند
ملندو آهي جهڙو هن دنيا ۾ ڪنهن به دنيا ۾ ڪٿي
آهي ئي ڪونه. ان کان وڌيڪ ڀيو آنند آهي ئي
ڪونه. جنهنکي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه به باقي
حاصل ڪرڻ لاءِ نٿو رهي. سمورو دک مٽجي وڃي ٿو
چنتائون ختم ٿي وڃن ٿيون، اشانتي مٽجي وڃي ٿي
ائين معلوم ٿيندو آهي ته سونهن ميل ڌوڙي ملندڙ
نديءَ جو پاڻي انمت ساگر ۾ ملي شانت ٿي ويندو آهي.

اهو سڀ ڪجهه مون انهن کي ٻڌايو. پوءِ ڳالهيون
ٿي ٻڌايون. پنهنجي ٿئل قتل انگريزيءَ ۾ ڪين ٻڌايم
ته پشارت ڀوگ ڇا آهي؟ ويد ڇا آهي؟

اهو ويد ڇا ٿو ٻڌائي؟ ته پوءِ ڪيترائي ماڻهو مون
وٽ آيا ۽ چيائون ”ويد انگريزيءَ ۾ لکيل ملن ٿا.“
”ان جو مان ڪين ڪهڙو جواب ڏيان؟“

اهو ڪم آهي آريه سماج جو. جنهن لاءِ نعرا لڳايا
ويا ته ”ساري دنيا کي آريه بڻايو. ٻر هڪ سؤ سال
ٿيا آهن آريه سماج جي استاپنا ٿئي ۽ اڄ تائين ويد جو

لاءِ پڇڻ ضروري ڳالهه اها آهي ته هو پريمي هجي. سندس دل ۾ پريم جو اٿاهه ساگر پيل هجي. اهو پريم ڇو ضروري آهي؟ ان لاءِ ته جيستائين ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي ماڻهوءَ سان، آدرش سان، سڌانت سان پيار نه آهي تيستائين ان جي لاءِ يتن ڪرڻ ۾ اهو اُمنگ نه ڏيکاريندو، جيستائين ان شيءِ پائڻ لاءِ وڌيڪ چاهه نه ڏيکاريندو تيستائين ان پريم شڪتيءَ جو درشن نه پائي سگهندو. مجنونءَ پريم ڪيو هو. ماڻهو کيس پاڳل چوندا رهيا. شهر مان کيس ڪڍي ڇڏيائون. هو رڻ پٽ جي گرم واريءَ تي گهمندو ڦرندو رهيو. اٽي به جيڪي کيس ڏسندا هئا ته ان کي پٿر هڻندا هئا، انهيءَ باوجود به هو ليلا کي ڀلائي نه سگهيو. ڪن ماڻهن کي مٿس ترس آيو. اهو ويچار به آيو ته هن ديوانيءَ کي ڪجهه ڏيڻ سان پڪوان راضي ٿيندو. ڪنهن هن کي ڦاٽل ڪپڙا لهرائي نوان ڪپڙا پهرايا. مجنونءَ ٿورو وقت اهي ڪپڙا پاتا - پوءِ ليلا ليلا چوندو اهي ڪپڙا ڦاڙيندو اتان اڳتي هليو ويو. اهو ڏسي ڪيترا پاڻ کي مجنون مجنون چوڻ لڳا. ماڻهن کين ڪپڙا ڏنا، ڪاڏو ڏنو؛ ليلا جو نالو وٺي ٿلها متارا ٿيڻ لڳا. ڪنهن ليلا کي چيو ”ليلا! تنهنجو مجنون ته خوب کائي پيئي ٿو؛ سٺا ڪپڙا پهري ٿو. بدن ۾ چڱو سگهو متارو ٿي ويو آهي. ليلا چيو ”ائين ٿي نٿو سگهي. توهان ڪنهن ٻئي کي ڏٺو

ٻوليءَ ۾، ۽ ملياڙي ٻوليءَ ۾، ھرياڻوي ، مارواڙي ۾ اھڙين ڪيترن ئي ٻولين ۾ بائيبل انواد ڪيل آھن.

ھاڻي ٻڌايو اسان ويد جو انگريزيءَ ۾ ٻہ انواد نہ ڪري سگھيا آھيون تہ ٻيءَ ويد پرچار جي سنبنڌ ۾ اسان جي ھنئين ھام ڪيتري درست آھي؟

مان مدراس ۾ ھوس اتي ڪيترائي ماڻھو مليا، چيائون "اسان ويد پڙھڻ چاھيون ٿا پر اھو تامل ٻوليءَ ۾ ھجي تہ ئي پڙھي سگھنداسين. تامل ٻولي ۾ ويد ھجي نہ اسان کي موڪليو.

دنيا جي سڀني سمنڊن پار وڃي عيسائن بائيبل جو انواد اسان جي ديس جي ھر ٻوليءَ ۾ ڪري ڇڏيو آھي. ۽ اسان پنھنجي ديش جي مکيہ ٻولين ۾ بہ ويد جو انواد نہ ڪري سگھيا آھيون. ۽ آريہ سماج ھندي جي ڪوھ ۾ ڪري غوطا کائي رھيو آھي. مترو! ان سان ھنديءَ جو پرچار ئي ٿيندو ۽ ويد جو پرچار ڪونہ ٿيندو. ۽ ويد جي پرچار ڪرڻ بنا اعلا وچار ڌارا پيدا ٿيندي ڪانہ جا دنيا کي ھلائي سگھي. منش کي سچو سک نہ ڏئي سگھي ۽ شانتي نہ ڏئي سگھي.

وچار جي شڪتي مھان آھي. ان ڪري ساڌڪ جي لاءِ ضروري آھي تہ ھو جتي گيانوان، شرڌالو، ۽ انسري آھي اتي سد وچارن نہ ھجي. ساڌڪ جي

واپس موٽي ويو ته کيس هڪ ڏٻرو ڪمزور آدمي مليو ۽ کانئس پڇيو "تون ڪير آهين؟"

هن شخص اکيون مٿي ڪري چيو "مان، پر تون ڪير آهين؟" ليلا وٽان آيل شخص چيو "مونکي ليلا موڪليو آهي مجنوءَ وٽ."

اهو ڪمزور ضعيف آدمي اٿي ويهي رهيو ۽ ٻاڳلن چيو "پيغام آندو اٿئي پرين جو؟ ليلا توکي ڇا چيو آهي؟"

آدمي چيو "هن چيو آهي ته مجنو کان سندس رت جو هڪ پيالو ڀرائي کڻي اچ. کيس اهو رت گهربل آهي."

مجنوءَ پير ۾ پيل لڪر ڪپ کڻي پنهنجي ٻانهن مان خون ڪڍڻ لڳو. تڏهن آيل شخص کيس روڪي چيو "نه نه مان توکان صرف امتحان وٺڻ لاءِ ٿي چيو."

اها آهي پريم جي پرک. جو پريم ڪري ٿو اهو پنهنجي لاءِ نٿو سوچي. پريتم جي پيٽ ۾ کيس هرڪا شيءِ معمولي نظر اچي ٿي. اهو نه ڏسي ٿو ڏينهن نه رات. وڏي ۾ وڏي مصيبت به کيس راند مثل لڳي ٿي. تلسيداس به نه پيار ڪيو هو. رتناولي سان انجو وواهه ٿيو هو. پنهنجي پتنيءَ سان هو ٻاڳلن جيان پيار ڪرڻ لڳو. سندس پتني پيڪي وئي ته تلسيداس لاءِ اڪيلو رهڻ مشڪل ٿي پيو. اونداهي رات ۾ هڪ

هوندو. هن آدميءَ چيو ”نه هو ٻاڻ لاءِ ڇري ٿو نه،
مان مجنون آهيان. مان ڪنهن ڪير پياري آهر آهيان.

ليلا چيو ”جڏهن ڪي ڪير ٻهاري آهر آهين ان ڪي
وڃي چئه نه ليلا تنهنجو خون ٿي گهري. هي اٿي
پيالو ان ۾ سندس رت آڻي ڏي ٻو نه سڀان جهڪڙن
هو سڀ ٻاڇ رت ڪڍڻ لاءِ تيار ٿي وڃي نه ڪيس
روڪجان.“

اهو آدمي پيالو کڻي هڪ ڇڳي ٿلهي متاري مجنوءَ
ڏانهن ويو. پڇيائينس ”تون مجنون آهين؟“

هن چيو ”ها مان مجنون آهيان.“

هن آدمي چيو ”ليلا تنهنجو رت ٿي گهري هن
پيالي ۾.“

ان ٿلهي متاري مجنوءَ جي منهن جو رنگ ٿي
اڏامي ويو. هن ٿڪي مشڪ منهن لي آٽيندي چيو
”اڙي اهو مجنون مان ناهيان مان ته لوڪي مذاق ڪري
رهيو هوس. اهو مجنون ته ٻئي ڪوٽ ۾ واري جهنگل
۾ رهي ٿو.

اهو شخص ان جهنگل ۾ پهتو. اتي ان ڪيس هڪ
ڇگر متارو شخص مليو ”هن چيو مان مجنون آهيان.“
۾ جڏهن پيالي ۾ رت گهرڻ لاءِ چيو ويو نه هن
چيو اڙي ته اهو مجنون ته فلاڻي جهنگل ۾ رهي ٿو.
اهو شخص جڏهن موٽندي هڪ جهنگل مان لنگهندو

آهي پر هر موقعي کان گهڻو ڏچڻدو آهي.

رنداوليءَ چيو، "اهڙو پيار اوهان جو جيڪر ڀڳوان سان هجي ها ته بيڙو پار ٿي وڃي ها."

تلسيداس چڙ کري ويو ۽ چيو، "اهو وري ڇا؟"

رنداوليءَ چيو، "اهڙو پيار ڀڳوان سان هجي ها ته توهانجو بيڙو پار ٿي وڃي ها."

تلسيداس وري به کيس چيو، "رنداوليءَ اها ڳالهه وري به دهراءِ."

رنداوليءَ اها ڳالهه وري دهرائي. تڏهن تلسيداس هٿ جوڙي چيو "اڄ کان وٺي تون منهنجي گرو. تون منهنجي ماتا آهين. اڄ کان مان ڀڳوان رام کي پيار ڪندس."

هن جو پيار اهڙو وڌيو ۽ هڪ ڏهاڙي مندران ۾ پهتو. اتي ڀڳوان ڪرشن جي مورتي ڏسي هن مشڪي چيو:-

"ڪر مرلي ڪٽ ڪاڇني ڀلي بڻي هو ناٿ
تلسي مستڪ تب نوي جب ڌنش باڻ لو هاٿ"

پيار ڪرڻ واري کي ڪا به ڳالهه ڪانه سجهندي آهي. جڏهنڪي هو پيار ڪري ٿو ان لاءِ هو سڀ ڪجهه قربان ڪري ٿو. پنهنجو پاڻ ان کي ارپڻ ڪري ٿو ڇڏي. ان آتم - ارپڻا جي ڳالهه ڳاهري مٿو ۾ چئي

پوءِ وهندڙ ندي پار ڪري رتناوليءَ وٽ پهتو. هڪ رسيءَ کي پڪڙي رتناوليءَ جي ڪمري ۾ پهتو. رتناولي حيرت مان ڪانئس پڇيو "اوهان هتي هن وقت ۾ هن اونداهي رات ۾."

تڏهن تلسيداس چيو "توکان سواءِ رهي نه سگهيس انڪري هليو آيس."

رتناوليءَ پڇيو "پر هيءَ پهتا ڪيئن؟" ندي ڍوڪي پئي وهي. ٻيڙي به ڪانهي. ۽ هن ڪمري ۾ هن دريءَ کان ڪيئن آيا؟"

تلسيداس ٻڌايو "نديءَ ۾ هڪ مڙدو لڙهندو پئي آيو ان کي پڪڙي ترندو آيس نديءَ جي هن پار ۽ تو دريءَ ٻاهران نوڙي لٽڪائي ڇڏي آهي انکي پڪڙي تو وٽ آيس.

رتناولي چيو "ڏسان ته اها لٽڪندڙ نوڙي ڪٿي آهي؟ مون ته ڪا نوڙي ٻاهر ٽنگي ڪونه آهي. پر ڏٺو ويو ته اها نوڙي نه پر هڪ ڪارو نانگ لٽڪي رهيو هو. نديءَ جي ڪناري وڃي ڏٺائين ته جنهن مڙدي تي هو ندي پار ڪري آيو هو اهو مڙدو هو.

واپس اچي رتناوليءَ پتيءَ کي چيو "هي اوهان ڇا ڪيو؟ اگر اوهان کي ڪارو نانگ ڏنگي وڃي ها ته؟

تلسيداس چيو "پرڀو جا مصيبت کي نه ڏسندو

۽ همت سان ڏيڻ جي ڳالهه ته ڏور رهي، تون نه لوڀ جي پيري ۾ مٿي تان هيٺ نٿو لاهين پوءِ هن کوهه مان ٻاهر نڪرندين ڪيئن؟ هڪ ماڻهو کوهه ۾ ڪري پيو. هو وڏو لالچي هو. هو وٺڻ ئي سکيو هو نه ڏيڻ. ڪن هن کي کوهه ۾ ڪريل ڏٺو ۽ چيو، ”تون پنهنجو هٿ ڏي ته توکي ٻاهر ڪڍون.“

هو چوندو رهيو ته هٿ ٻاهر ڪڍي ٿي ڪونه پيو هڪ سياڻو انسان لانگهائو ٿيو هن پڇيو ”ماجرا ڪهڙي آهي؟“

ڪنهن چيو ”هڪ شخص کوهه ۾ ڪري پيو آهي. اسان ڪيس چئون ٿا ته هٿ ڏي ته توکي ڇڪي ٻاهر ڪڍون. پر هٿ ڏئي ڪونه ٿو.“

ان سياڻي ان شخص کي کوهه ۾ ڪريل ڏسي ڪري چيو ”توهان هڪ طرف ٿيو ته مان ٿو هن کي ٻاهر ڪڍان.“

هن کوهه ۾ پنهنجو هٿ هيٺ ڪري چيو ”منهنجو هٿ وٺ.“ کوهه ۾ ڪريل ان شخص جلد سندس هٿ پڪڙيو ۽ پوءِ ٻاهر ڪڍيو.

پوءِ سياڻي آدميءَ چيو ”هي شخص لوڀي آهي. هيءُ وٺڻ ئي سکيو آهي. اوهان ڏيو ڪرڻ؟ اوهان ڪانئس هٿ مٿي ڪرڻ لاءِ گهري رهيا هئا هن ساري حياتي ڪجهه ڪنهن کي ڏنو ڪونه ته پوءِ اوهانکي

وڃي آهي.

"ڏيو ڏيو نه، پرچو ڏيات"

آدميءَ کي قل ملندو آهي، ڪرم سان ڪرم ٿيندو آهي، ويچار سان ويچار پيدا ٿيندو آهي پنڌيءَ سان. ان ڪري گاهڪ کي پڙهندي پڪت چوي ٿو، "پريُو! منهنجي هن پنڌيءَ کي جيئن توهان چاهيو تيئن آهڙو ني اتساهت ڪر. جهڙن مارگن تي وٺي هلڻ چاهين ان مارگن تي وٺي هل. مونکي پنهنجي ڪابه اڇا ڪانهي ڪجهه به، مونکي سوچڻو ڪونهي. مون پنهنجو پاڻ کي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي تون جيئن جيئن چاهين تيئن ڪر.

"مون پاڻ کي تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو،
هاڻي گهٽ وڌ جو حساب تون ڄاڻ."

اهو آهي پريم. هي واپاري سودو ڪونهي. پنهنجو سڀ ڪجهه ارپي ڇڏڻو آهي. تن من ڌن سڀ ڪجهه.

"پريم نه باڙي اپجي، پريم نه هاٽ بڪاءِ،
سر هي اسڪا مول هئه، سر ديوي لي جاءِ."

اسين چاهيون ٿا ته ڏيون ڪجهه نه ۽ ملي وڃي سڀ ڪجهه. پنداءِ ائين ڪڏهن ٿيو آهي؟ مهاتما ته چوندا:

"جو توهي پريم ڪرن ڪا چاهه،
سر ڌر تلي، گلي موري آءِ."

ڪيترائي راڄائُون ان راوڻ جو نالو ٻڌي ڪنبندا هئا. هن ڪيترائون ئي لالچُون سيتا کي ڏنيون. پر سيتا کيس هڪ ئي روڪڙو جواب ڏنو ته ”سيتا جي لاءِ رام کان سواءِ دنيا ۾ سڀ پرش پتا، پٽ ۽ ڀائر سمان آهن. رام کان سواءِ سيتا جي لاءِ ٻيو ڪوئي ڪونهي.

جيل جا ڪشٽ قبول ڪيا سيتا ته جيئن سندس پيار بي داغ رهي پوتر رهي. ڪلنڪ نه لڳي سندس. اهو هو سچو پيار.

۽ پريم ديواني ميران به ته چيو هو:

”جا ڪي سر مور مڪٽ ميرو پتي سوئي،
اب تو بات ڦهل گئي، هوني هو سو هوئي.“

زهر جي پيالي هن کي ڪري ته پيارو. زهر پيالي نانگ ۾ هن جو ڪجهه نه بگاڙيو ۽ نه ماڻهن جي طعني ٽوڪي يا ڪنهن مهڻي ۾ هن کي ڪرشن پريم کان نه روڪيو.

اَهڙا ڪيترائي مثال آهن پر اڄ ڪالهه پيار ڪنهن ٻئي قسم جو آهي. ڀڳوان بچائي ان پيار کان. ڪجهه پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪرن جا ناز نخرا ڪجهه پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪرين جا نخرا. رشتي ناتي ۾ ٿوري ٿي ڪننائي آئي ته نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون چوڻ لڳا آهن ”ته اسان پنهنجو رشتو ناتو پنهنجو پاڻ ئي جوڙيندا سين. وڏن کي وچ ۾ آڻڻ جو ڪو ضرور ڪونهي“ ۽ اهـي

ٻنهجو هٿ نه ڏيندو ڪٿان؟

اهڙا آهن اڄ جا ٻراهي. ڏيڻ ڪجهه نه، صرف وٺڻ ئي وٺڻ.

**”پريتم درشن تب ملي جو شيش دکشنا دي
لوڀي شيش نه دي سگي، نام پريم ڪا لي.“**

انهن درشن ڏيندو ڪٿان، ان کي ٻاهر نه ڇڏيو. ٻاهر جي معني تياڳ. جنهن لاءِ پيار آهي ان لاءِ سڀ ڪجهه تياڳي ڇڏ. سيتا کي ڀڳوان رام لاءِ ٻاهر هو. ان لاءِ هن راجمحل جو سک ڇڏي ڏنو. بنواسڻي ٿي ڪري جهنگل، ٻن گهمندي رهي. جهنگل ۾ نانگ بلائون. جهنگلي جانور، لڳندڙ طوفان، اونداهيون راتيون، ٿڌڻ اس، گرمي مطلب ته ڏکن ڪشٽن جي هن پرواهه نه ڪئي. اڄ ڪالهه جي ٻار ڪرڻ واري هجي ته چوي ”الو مسٽر! بنواس توکي مليو آهي مون کي ڪونه. تون جهنگل ۾ ڇو نه وڃين، موج اڏاءِ ۽ مان گهر ۾ آرام ڪندس.“

۾ سيتا جو ڪجهه ڪيو اهو ته اتهاس جي ورقن ۾ لکيل آهي. راوڻ وٺي ويو ۽ کيس ٻانڌي رکيو. هڪ طرف بنواسي رام، جنهن کي رات جو سمهڻ جو ٽڪاڻو ڪونه. ڏينهن جو کائڻ لاءِ پورو ڏاڍو نه. جهنگل جا ڦل، ڪندمول گاڏ ڪري ته کائي نه. ملي نه اپواس رکي. ٻئي طرف سون جي لنڪا جو سوامي راوڻ.

ستيارٿ پرڪاش ۾ مهرشي دياننده جڳهه جڳهه تي پريم ڀڳتيءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

نارد جن هنن کي "انيه ڀڳتي" چيو آهي.

يوگ درشن ان کي "ايشور پرڻڌان" چيو آهي.

نالو ڪهڙو به هجي، مطلب اهو آهي ته ايشور کي اگر پراپت ڪرڻو آهي ته پهرين ان سان پريم ڪريو. اهڙي پيار پريم کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ مٺي نه لڳي اهڙي مستي هجي ان پريو پريم ۾. ڪيترائي سچ مولڪي چوندا آهن "سوامي! اسان ڌيان ۾ ته ويهندا آهيون پر من لڳي نٿي ڪرڻ ٿو. هيڏانهن هوڏانهن ڀڄو ڀٽڪي."

ڀائرو! من ڀڄندو نه رهندو ته ٻيو ڇا ڪندو؟ جڏهن پريم سان ڌيان لڳي ٿو، جڏهن جي ڪري ٻي ڪا ڳالهه مٺي نٿي لڳي، سڄي نٿي، جا توهان وٽ آهي ڪانه؛ دوش ڏيو ٿا من تي. اهو من ته جڙ آهي ان جو ڪهڙو قصور. ان کي وس ۾ ڪرڻو آهي ته پريم لاءِ پريم پيدا ڪريو.

"من پنڇي تب لگ اُڙي، وشيه واسنا ماهن،
پريم باز کي جهپٽ ۾، جب لگ آيا ناهين."

من ۾ پريم آهي ته من فقط پرڀوءَ ڏانهن نهاري ٿو. هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ ٿو وڃي. اهڙي پريم کي من

رشتا ناتا ڪهڙيءَ طرح جا ٿين ٿا؟

ڇوڪرا ”گرل فرينڊ“ ناهي گهمن ٿا ۽ ڇوڪريون ”بواءِ فرينڊ“ ناهي گهمن ٿيون. هڪ نئين ٻار ڪيمرانئي فرينڊس. ۽ پوءِ:

”جس جگهه پر جا لگي وهي ڪنارا هو گيا“

جتي ڳالهه پڪي ٿي وئي اتي ٿي شادي ٿي وئي. ان شاديءَ جو نالو هنن رکيو آهي ”لو ميريج“ مان چوان ٿو جنهنکان پوءِ شادي ٿي وڃي ۽ شاديءَ جي پهرين پريم ڪيو وڃي، اهو پريم نه ڪام واسنا آهي. ڪام واسنا سوارٿ جو ٻيو نالو آهي. جنهن پريم جو مقصد ئي سوارٿ آهي، ان کي پريم ڪير چوندو؟ پريم لاءِ تياڳ جي آڌار تي بنياد آهي ۽ نه سوارٿ جي بنياد تي. اهڙيون شاديون ٿين ٿيون، ڪڏهن ڪامياب وڃن ٿيون ڪڏهن نه. اهڙي هڪ ڳالهه هڪ سچي مونکي ٻڌائي. شاديءَ کان ڪجهه مهينا پوءِ پتيءَ جو منهن هڪ طرف ته پتنيءَ جو منهن ٻئي طرف.

پتني ڪروڌ ۾ سڙي چيو، ”اهي ڏينهن توکي ياد آهن جڏهن ديوانن جيان منهنجي پٺيان پيو ڦرندو هئين ۽ چوندو هئين ته پاڳل ٿي ويو آهيان.“ پتيءَ وڏيڪ ڪاوڙجي چيو ”تنهنڪري ئي چوندو هوس. پاڳل نه ٿيان ها ته توسان شادي ڇو ڪريان ها؟

اهو پريم نه ڪورو سوارٿ آهي.

مونکان وٺي وڃ. رب ڪيڻ جو واپار لاهي ڇڏ ۽ پنهنجي گهر واپس وڃ."

حڪيم چيو "مون ٻڌو هو ته مجنون بهادر آهي هو جهنگلن ۽ رڻن ۾ پيو گهمي ڦري. هو نانگن ۽ شينهن کان نه ڊڄندو هو ۽ اڄ هن ڇوريءَ کي ڏسي ڊڄي ويو آهي."

مجنونءَ چيو "ٻڌ، مان نه ڇوريءَ کان ڊڄان ٿو نه رب ڪيڻ کان. ليلا جيڪڏهن هون گهر ڪري ته ان جي لاءِ هڪ ڦڙو به ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. سارو رب ان جي ملڪيت آهي. منهنجي جانيءَ ۾، دل ۾، رڳ رڳ ۾ وسيل آهي ليلا. مونکي ڊپ آهي ته جڏهن تون ڇوري وهائيندين ته متان ان کي اها ڇوري لڳي نه وڃي. ڪيس ڪشت نه ٿئي.

اهو آهي پريم.

اڪبر بادشاهه هڪ دفعي شڪار تي ويو. ان وٽ ڪيترائي وزير هئا، درباري، ڪارڪن ۽ نوڪر چاڪر هئا. ڪڏهن هو اڪيلو به شڪار تي ويندو هو. هو اڪيلو شڪار تي ويو. جهنگل ۾ ڀٽڪيو- نماز جو وقت آيو ته گهوڙي تان هيٺ لٿو. گهوڙو وڻ سان ٻڌو. نماز پڙهڻ لاءِ هن هيٺ ڪپڙو وڇايو ۽ نماز پڙهڻ لڳو. مسلمانن کان اها ڳالهه سکڻ گهرجي. نماز جو وقت ٿيڻ تي هو ان وقت ڪهڙي به ڪم ۾ ڇونه مشغول

۾ جاڳرت ڪريو. پوءِ ڏسو ته من لڳي ٿو يا نه. پريم آهي ڪونه؟ ويھجي ويا ڌيان ۾. تڏهن من ويچارو ان ڪانسواءِ ٻيو ڇا ڪندو جنسان اوهانجو پريم آهي. انهن ڏانهن ڀڄندو رهندو. پريم ڪانسواءِ ڌيان ڪونه لڳندو آهي جيڪڏهن پريم آهي ته ڌيان آپان هوندو ڪونه. اها انهن شرڌا، انهن پريم پيدا ٿيندو ته بيڙو پار ٿي ويندو.

”جيئون تريا ٻيهر بسي،
اُور سرت رهي پي مانهين،
ائسي نر جڳ ۾ رهي،
اوار پرڀُو ڪو وسري ناهين.“

هاڻي مجذوب جي ڳالهه مون اوهان کي ٻڌائي، هڪ دفعي هو سخت بيمار ٿي پيو، حڪيم آيو ۽ ڪيس ڏٺو ۽ چيائين هن مان ڪجهه خون ڪڍڻو پوندو ۽ سندس هڪ نس کي چيهه ڏيڻو پوندو.

مجذوب جا ٻئي هٿ ٻڌا ويا حڪيم ڇري تيز ڪئي. مجذوب چيو ”استاد اهو ڇا ٿو ڪرين؟

حڪيم چيو ”تنهنجو ڪجهه رت ٻاهر ڪڍڻو آهي هن ڇري سان و چيهه ڏئي ڪڍندس. ته پوءِ اوهان ٺيڪ ٿي ويندا.“

مجذوب چيو ”استاد! توکي ٻه روپيا وٺڻا آهن ته

اڪبر چيس "مان هت نماز پڙهي رهيو هوس تون هتان اچي نماز واري ڪپڙي تي گندا پير رکي لتاڙي اچي وڌي وئينءَ؟"

"اوهان نماز پڙهي رهيا هئا؟"

"نماز نه پڙهي رهيو هوس؟" اڪبر غصي مان چيو.

ڇوڪريءَ چيو "پر شهنشاهه!"

"نر راچي سوجهي نهين، تم ڪس لکيو سجان
قران پڙهت بوري ڀئي، نهين راچيو رحمان"

اڙي مان ته پنهنجي پتيءَ جي پيار ۾ ديواني ٿي رهي هئس. ان پيار جي ڪري مونکي پنهنجي نماز واري ڪپڙي جي ڪا سڌ نه رهي. تون خدا کي ياد ڪري رهيو هئين ته پوءِ تو مونکي ڪيئن ڏٺو؟ قرآن شريف تو پڙهيو آهي ونڪ، پر رحمان جي لاءِ پڪو پيار نه پيدا ٿيو آهي تنهنجي من ۾؟

پيار اهڙو جو، پريتم کان سواءِ ٻي ڪا به ڳالهه مني نه لڳي ۽ اهو پيار ئي پريت هڪ هند چوي ٿو:

پريو جهي، تم چندن هم پاٽي،
جاڪي انگ انگ باسي سماني،
پريو جي، تم گهن بن هم مورا،
جيسي چتت چند چڪورا،

ھجن ٿا ھن ۽ سڀ ڪم ڇڏي پھرين نماز پڙھڻ ويھي رھندا. ۽ ھندو؟ نه سڀني جو وقت آھي ھنن وٽ نه پوڄا ڪرڻ جو. سڀني جو وقت ٿيو نه اھي ميٽنگ شروع ڪندا ۽ ڪلب ڏانھن ھليا ويندا. پنھنجي ڳالھين لاءِ ڪين وقت آھي، پر ڀڳوان جي پوڄا ڪرڻ لاءِ ڪراھي· ھير ان کي ڇڏيو.

اڪبر وٽس ھو نماز ۾ ته ھن ھڪ نوجوان شادي ڪيل ڳوٺاڻي ڇوڪري ٻئي پاسي کان ٿيئي آئي. ھوءَ پر واري ڳوٺ ۾ رھندي ھئي. سندس پتي ڪيمت ۾ ڪم ڪرڻ ويو ھو. ڪيس ڏاڍي ٿي وئي ھئي گھر موٽڻ ۾. پتني ان جو انتظار ڪري رھي ھئي. جڏھن ڪافي دير ٿي وئي ۽ ھو نه آيو ته گھبرائجي گھر کان نڪتي ۽ نڪرو نڪرو اچي وڌي. سندس نگاھ پتيءَ جي ڪوج ۾ ھئي. ھن اڪبر بادشاھ کي ڪو نه ڏٺو ۽ ان نماز واري ھڪڙي کي به ڪو نه ڏٺو ۽ ان ڪپڙي تان پير ڏيندي اچي وڌي وئي. اڪبر کي غصو لڳو، پيھد آيو پر ھو نماز پڙھي رھيو ھو ان ڪري ھو ان وقت چپ رھيو. ٿوري دير کان پوءِ اھا ڪمواڻ پھنجي پتيءَ سان گڏ ان لانگھائون ٿي. اڪبر نماز پڙھي پوري ڪئي ھئي. ۽ کيس ڌمڪائيندي چيو

”تو ھيءَ ڇا ڪيو؟“

نوجوان ڇوڪريءَ پڇيو: ”ڇا ڪيو ھو مون؟“

اھڙي پرڀات جي لاءِ ڪبير اُھو ھيٺين چيو آھي:
ان ڪري سچو، پرڀوءَ جو درشن پاڻُ آھي تہ

اکڙيان تو جھائي پڙي، پنٿ نھار نھار،
جيڀڙيان تو ڇالا پڙا، نام پڪار پڪار.

پرڀوءَ سان پريم ڪريو. پريمي ٿيو.

اھو بہ ضروري آھي تہ سداءِ چت کي پرسن رکو. ڪلمکہ رھو، خوش مزاج رھو. سداءِ روئندا رھندا نہ رھو. ھڪ ڀيري ماتا مون وٽ آئي، چياءِ ”ٻي ڪا چنتا ڪانھي پر اھا چنتا ضرور آھي تہ پرڀوءَ جو درشن ڪونہ ٿو ٿئي.“

مون کيس کلي چيو، ”اھو بہ عجيب تماشو آھي تہ توکي جھوري لڳي آھي. ماتا جي اھا چنتا بہ تون ڇڏي ڏي. تنھنجو ڪم آھي يتن ڪرڻ ڦل ڏيڻ ان پرڀوءَ جي ھٿن ۾ آھي. ھوُ درشن اوس ڏيندو! ڪڏھن ڏيندو؟ ھيءَ اھائي چنتا آھي. يتن ڪندي رھج. ھڪ ڏھاڙي درشن بہ ٿيي ويندو. ٻاھرين اکين سان تہ پر اندرين نيترن سان.

ٻڌو، اھا ڳالھہ تہ درشن ٿيندو يا نہ، ان جي فڪر نہ ڪريو. اھو مان نٿو چوان، ڀڳوان ڪرشن چوي ٿو تہ:

”يوگہ جي مارگ تي ھلندا ھلو. ڦل جي اِڇا

پرڀوجي، تم ديپڪ: هم باتي،
جاڪي جوت جلي دن راتي،
پرڀوجي، تم موتي هم ڌاڳا،
جئسي سوني ملا سهاڳا،
پرڀوجي، تم سوامي هم داسا،
ائسي ڀڳت ڪري ”رئوداسا“

هي شبد رئوداس جو آهي. اها ممڪن آهي ته پرڀوءَ ۾ من ڪيئن نه لڳندو؟ اهڙي حالت ۾ هر طرف پرڀوُ پرڀوءَ ئي نظر اچي ٿو.

دادوُ مهراج غلط ڪونه چيو آهي:

”آگيا اپرنپار ڪي، بسي امبر ڀرتار
هري پيتامبر پهري ڪر، ڌرتي ڪري سينگار
وسوڌا سب ڦولي ڦلي، پرٿوي اننت اپار
گگن گرج جل ڌل ڀري، ”دادو“ جئه جئڪار“

برسات اچي وئي. آڪاش ۾ بادلن گجگوڙ ڪئي سخت برسات پوڻ لڳي. چوطرف ساوڪ ئي ساوڪ ڦهلجي وئي؛ پرڀوُ ڀڳت کي ائين لڳو ته بادل جو پاڻي هيٺ آيو، ڌرتي جل مئي ٿي وئي. ان ڪري ڌرتيءَ سرسبز سينگار ڪيو. چوطرف جئه جئه ڪار ٿيڻ لڳي.

مورک ٻڌڻو آهي ته پاپي روءِ، جي گياني ٻڌڻو آهي ته پرشارٿ ڪر ۽ اهو روڻ بند ڪر. چت کي پرسن رکه ۽ ڪلمڪه ٽاري ۽ پنهنجي فرض ادائي ڪندو رهه.

ياد رکو، کلڻ ۽ ٽهڪ ڏيڻ سان دماغ جون باريڪ مان باريڪ نسون به کلي پون ٿيون. اهي نسون وارن کان به سنهيون آهن. انهن کي کولڻ سان دماغ ۽ بدن کي صحت ملي رکڻ جو ٻيو ڪو اپاءُ ڪونهي انڪري مهرشي وياس چيو آهي:-

”جو پرسن آهي، ان جو من ايڪاگر ٿيندو آهي. جنهن جو من ايڪاگر هوندو آهي اهو سماڌيءَ جي اوسٿا به حاصل ڪري سگهندو آهي.

پر جيڪو ناخوش آهي پرسن چت ناهي ۽ جنهن کي دک، دوش، ڳڻتي فڪرات وغيره آهن اهو پرڀوءَ جو ڌيان ڪٿان ڪري سگهندو؟ اهو ڌيان نه ڪري سگهندو ته ان اپار آنند کي ڪٿي حاصل ڪري سگهندو ان لاءِ دادو مهراج چيو آهي.

” پريم لهر کي پالڪي، آتم ٻڌي آئي،
دادو کيلي پيئن سون، پهه سکه کهيا نه جائي“

ارٿ: ”پرڀوءَ جو جهولو آهي. آتما کيلي ٿي پنهنجي پريتم امر پرش پرميشور سان - انهن جو سکه ان کي

چڙي ڏيو. اسڪولن ۾ سڪلتنا ٻنهي کي برابر سمجهي
اڳتي وڌو، اهو ٻنهي جو برابر سمجهڻ ئي بوگ آهي."
هڪ ٻيو سچڻ مليو. جيڪو ديش جي ئي ڳڻتيءَ
۾ فڪرمند آهي. هن چيو، ڏسو سوامي، ٻڌايو هن
ديش جو ڇا ٿيندو؟ هر طرف اشانتي، قانون جو ڀڃگ
رشوتخوري، ملاوٽ، خود غرضي، هنسا، نفرت..."
مون چيو، "ديش جي حالت سڌارڻ لاءِ چنتا جي
نه پر پرشارٿ جي ضرورت آهي. هنن لڙڪن جي نه
ڪرم ڪرڻ جي ضرورت آهي. لڙهندڙ ڪم آهي
پرشارٿ ڪرڻ. سچيءَ دل سان سخت محنت سان
پرشارٿ ڪريو ۽ هن چنتا کي ڇڏيو ته الاجي هن
ديش جو ڇا ٿيندو يا نه ٿيندو! هتي سک، دک، برو،
ڀلو سداءِ رهيا آهن ۽ پوءِ به رهڻا آهن.

"يا خون پسينا ڪرڪي بها،
يا تان ڪي چادر سوتا جا.
يهه داو تو چلتي جائيگي،
تو هستا ره يا روتا جا."

اهي ڳالهيون هار جيت، ملڻ جدائي، دک سک،
وغيره اصل کان رهيا آهن ۽ رهندا ايندا.

ديهه ڌري ڪا ڏنڊ هئي، سب ڪاهو ڪو هوئي،
گياني ڀڳتي گيان ڪر، مورک ڀڳتي روئي

ٿي ونئي ٿو ڏٺو؟ ساڙهيءَ لاءِ مرجھائل رھي ٿي.
نه نه نه بلڪل خوش آھي."

ھن چيو "ھيءَ اھڙين ئي ڳالھين ڪندي رھي ٿي، ھيءَ اھڙي ئي آھي."

ھر ڏانھن ٽٽيءَ جو مٿهن رنل ھيڏانھن ٽٽيءَ جو. جتي اھڙو رسامو يا ضد آھي اتي دک جو واس رھي ٿو جتي پرسنتا آھي اھو گھر سرڳ سمان آھي.

نه صرف اھڙو ڳٽيءَ ۾ سڙيو ۽ ڳوندو وڃي ٿو؛ صحت ننڊي وڃي ٿي. جنھن جي من ۾ چنتا آھي وير ڀاو يا بغض آھي ۽ دشمنيءَ جي ڀاونا آھي اھو اندر ئي اندر جلي خالي ھڏائون پڃرو ٺھيو وڃي ٿو. سڀ انھن جو نيڪ رھي ٿو جيڪي خوش مزاج رھن ٿا ۽ سداء ٽھڪ ڏيندا رھن ٿا، کلندا رھن ٿا. انساني سرير ۾ ٻاھتر ڪروڙ ٻاھتر لک، ڏھه ھزار ٻه سوءِ ھڪ ناڙيون آھن. يوگي پرش يوگ دواران انھن جي ڳڻپ ڪئي آھي. ڪي ايتريون ويڪريون ۽ سنھڙ آھن جن اندران وڏو ماڻس جو لڪڙو نڪري وڃي ۽ ڪي ايتريون ته باريڪ آھن جن مان وار به نه لنگھي سگھي. ھن جسم کي تندرست رکڻو آھي ته ان لاءِ ضروري آھي انھن سڀني ناڙين کي ھر روز صاف رکو. پر اھي صاف ڪندا ڪيئن؟ انھن کي صاف رکڻ لاءِ ھڪ ئي اپاءُ آھي ته بي ڌڙڪ کلو ۽ ٽھڪ ڏيندا رھو. اھو

ملي ٿو ۽ آنند ملي ٿو جنهنجو ورنن ڪرڻ مشڪل آهي.“

مهرشي ياگيه ولڪيه چيو آهي:-

”نه جيڪو سدا ٻاغ ٻهار رهي ٿو يعني رضا تي راضي رهي ٿو يعني خوش مزاج رهي ٿو. جنهن سڀني چنتائن جو تياڳ ڪري ڇڏيو آهي. اهو چنتائن ڪان آجو رهيل انسان جي وس ۾ يوگي آهي. ڪيس يوگ جون سڌيون پراپت ٿين ٿيون.“

مان هڪ گهر ۾ ويس. ٻلڪل سندر گهر هو. گهر ۾ پتي پتني هئا. پتي آفيس ۾ ڏينهن جو رڌل. پتني ٻنهي گهر ۾ خوش. شام ٿي ته پتنيءَ جو منهن لٿل فڪرائتو سان ڀريل، سندس ٻهڪيل چهرو ملول نظر اچڻ لڳو. مونکي عجب لڳو مون ڪانئس پڇيو ”ڏيءُ توکي ڇا ٿي ويو؟ هاڻي ئي تون ٻلڪل خوش ٿي نظر آئين؟“

هن چيو ”هن جي (پتيءَ جو) اچڻ جو وقت ٿيو آهي.“

مون ڪيس چيو ”تون ته پاڻ خوش ٿيءُ ته جو هو اچڻ وارو آهي.“

هن چيو ”هو مون کي اداس ۽ دکي ڏسندا تـه سٺي ۽ اوچي ساڙهي آڻي ڏيندا.“

مون کي کل اچي ٿي وئي. پتي مهراج آيو ته مون ڪيس چيو ”ڪيئن متر، هن کي سٺي ساڙهي جا چاهي

جنهن مان ڪجهه نيٺو نه آهي.

ڪي سڄڻ مونکي چوندا آهن "سوامي توهان نه
دنيا کان ٻاهر هليا ويا آهيو! دنيا ۾ نه ڇڏيا آهي ني.

مان کين چوندو آهيان "مان دنيا کان ڪڏهن ڳالهه
۾ ٻاهر هليو ويو آهيان؟ ڪڏڪوڙي ٻوات هن دنيا ۾
ڪرنهي! اهو جهل دعليءَ کان هوندو ني چار سؤ ميل
ٻري. دنيا کان اهو ڇا ۾ ٻاهر ڇڏيو.

چون ٿا نه "توهان سنياسي آهيو ۽ اسين گرهستي
ٻر منهنجي ماءُ، منهنجا پاءُ، منهنجا ٻالڪو! مان
ر ڪجهه چوان ٿو اهو گرهستي ني نه آهي. نه اوهان
رهست ۾ رهي ٻرسن رهو. حسد، ڪيني، وٺو ٻاو ۽
شمني وغيره دويشن کان دور رهندا نه توهان جو
يون سڪي اٺجي ٻوندو.

ياد رکو! گرهست آشرم اهو آشرم آهي جنهن ۾
م قدم تي امتحان آهي. گرهستيءَ لاءِ ضروري آهي
هو ٻنهنجي لاءِ به ڪماڻي، ڪٽنب لاءِ به ڪمائي ۽
ماج لاءِ به، ديش لاءِ به ۽ انهن لاءِ به جيڪي دکي
ن، محتاج آهن، انهن کي آهن مطلب سڀني لاءِ. انهن
ٻنهنجي تندرستيءَ تي به خاص ڌيان ڏيڻو آهي ۽
ن جي صحت جو به. ٻنهنجي رکيا به ڪرڻي آهي ۽
ن جي به. ان لاءِ ان مٿان دک اچن ٿا، سک اچن ٿا
ارٻون اچن ٿيون. ان لاءِ ني مشڪلاتون اچن ٿيون

آھي ڀروسن رکڻ ۾ کلڻ مان فائدو. نہ پوءِ کلي وقت گذاريو نہ. ٺهڪ ڏيندا رهو.

کي سڄڻ چوندا آهن تہ تمام زور سان کلڻ سڀيتا جي خلاف آهي. اها تميز اسان کي انگريز سرڪاري ورثو آهي تہ سڀيا ليا ميٺنگ ۾ زور سان نہ کلو. ٻر سڄڻو مان نہ ان کي سڀيتا ڪرنہ چوندو آهيان. مان انکي ٻاڳلپڻ چوان ٿو. جيڪڏهن اوهان ان کي سڀيتا چئو ٿا تہ سڀيا سماج ۾ واهي کليل دل سان کلڻو ناهي تہ ٻوءِ سنان جي هوڻي ۾ وڃي ٺهڪ ڏيو ۽ خوب کلو. يا جهنگل ۾ اڪيلو وڃي وڏا ٺهڪ ڏيو. ٻر کلو ضرور. خوش مزاج رهندا يا کلندا رهندا تہ اوهان جي ٻڌي ۾ تيز ٿيندي ۽ ڀرپور درشن ۾ بہ سولائي ٿيندي.

”جو شخص کلمک رهي ٿو ان جا سڀ ڏک ڀدهجو ٻاڻ ختم ٿي وڃن ٿا. ۽ انهن جي ٻڌي جلد ايڪاگرتا پراپت ڪري ٿي.“

اھو آھي ڀروسن رکڻ مان فائدو ۽ لاڀ ٻر چنتا ڪرڻ مان ڪو فائدو ڪونهي.

”چنتا جو جهڙي ٻخار چڙهي ٿو ان جي ٻک بہ ختم ٿي وڃي ٿي، ننڊ حرام ٿي وڃي ٿي، طاقت کلي وڃي ٿي.“

هاڻي ٻڌايو کلڻ سٺو يا چنتا ڪرڻ؟

کلڻ ئي سٺو آهي. چنتائون ڪرڻ ڇڏي ڏيو.

وشواس پيدا ڪريو. ايشور جو ڪجهه ڪري ٿو اهو توهانجي ڀلي لاءِ ئي ڪري ٿو. هو ممتا ڀري ماءُ به آهي. جيئن ماءُ ٻار جو ڀلو ئي چاهي. ٻالڪ کي سنان ڪرائي ٿي، ان کي صاف سٿرو رکي ٿي، سينگاري ٿي، کارائي پيئاري ٿي ۽ چاهيءَ سان لڳائي لوليون ڏئي ٿي. پيار ڪري ٿي، چمي ٿي. پر جي ٻالڪ ڪڏهن خراب رستي تي هليو وڃي ٿو ته انکي چماٽ به چکائي ٿي. اگر ٻالڪ مٽيءَ ۾ ميرو گدلو ٿي پيو آهي ته ان کي اوجل به ڪري ٿي. اهو سڀ ڪجهه ماءُ ٻالڪ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح پريو پرماتما، جو جڳت جي ماءُ به آهي اها به ساڳي سار سنڀال لهي ٿو. سڀني جو ڪلياڻ ڪري ٿو. اوهان من ۾ اهو به وشواس پيدا ڪريو ته اميري آهي يا غريبي، بيماري آهي يا تندرستي، جيت آهي يا هار مان ملي يا اپمان انهن سڀني جي باوجود اوهان پرسن چت رهو کلمک رهو. اهي سڀ اوهان جي ڀلي خاطر آهن. هڪ دفعو اهڙو وشواس من ۾ پيدا ڪري ڏسو. ته پوءِ خبر پوندي ته جيون ۾ ڪيترو نه آنند ۽ مستي آهي.

”ساري دنيا سي هاٿ ڌو ڪر ديکو،
جو ڪجهه رها سها هم کو ڪر ديکو.

انهن مان ڪا ٿي ٻئي ٻوءِ سان ملندڙ آهي. اهو سدا ر
سڀ ڪجهه ڪندي به ٻئي ٻوءِ کي پاڻجو ناهي. انهن
بيشمار ٻرڪيائن سان اگر اهو گرهستي پيار ٻو
چاهي ٿو نه ان لاءِ لازمي آهي نه هر ڪانڪي ٻيه
ٻرسن رکي. ڪلمڪ رکي.

ڪيترا ڇون ٿا نه خوش رهڻ ڪير نٿو چاهي؟
ڪير چاهيندو نه چنتائون ڪيس وڪوڙيو رهن؟ ٻر
ڪرهون چنتائون اچن وڃن ٿيون.

مان ڇوان ٿو نه چنتائون اچيو وڃن ٿيون. ٻر اهـ
اچي ڪري واپس هلڻون وڃن اهڙو آپاءِ پڌايا اوهـ
ڪي؟ اوهان پڌايو هن وقت هتي اگر ڪراچي نـ
ڪٿي اچي ويهندو؟ جتي جڳهه خالي هوندي ا
هيءَ آريه سماج جو مذهب ٻڌرو پرال آهي ۽ ٻاڏي ر
نه پرجي وڃي نه ڪين ماڻهوءَ لاءِ ڪا جڳهه خالي
هوندي. مجبور ٿي ان کي ٻاهر وڃي الي ٻيهڻو
ٿا واپس وڃڻ ٻوندو. اهو حال من جي مذهب
آهي. ان ۾ جڳهه خالي هوندي لاهن چنتا اندر
ايندي. ان ڪري ان کي پرال رکو، ٻر اهو ڪهـ
شيءِ سان ڀري رکندا؟ ايشور وشواس سان
جيڪڏهن ايشور شواس ۽ ايشور ٻوڌ من ۾
هوندا ۽ چنتا ايندي ۽ جڳهه خالي نه ڏسي ٻاهر
لاچار ٿي واپس موٽي هلي ويندي. توهان من ۾

ڳالهه پڙاڻي. هن پنهنجو جيون ڊي-اي-وي. ڪاليج
کي ارپي ڇڏيو هو. سندس ماءُ پيءُ ڏنوان ڪرڻ هئا.
هو غريبي حالت ۾ پڙهيا. ابتدا کان هو هوشيار ۽ ر
پڙهڻ لاءِ ويندا هئا. گرميءَ جي ڏينهن ۾ اگهاڙا پيرسان
وهندڙ ٻرساتي ندي سڪي ويندي هئي ۽ ان جي
واري ڀاهه جيان تپي ويندي هئي. هر روز ٻنهي اس
۾ ڪين اها پار ڪرڻي پوندي هئي. پيرن ۾ ڪيس ڇالا
پئجي ويندا هئا. اهڙيءَ طرح هو پڙهندا رهيا. وڏا
ٿيا ته هو لاهور ۾ اچي پڙهڻ لڳا. پڙهي لکي وڏي
نوڪري ڪري سگهن ها. گهڻو ڌن ڪمائي سگهن
ها. پر هُن ائين ڪجهه نه ڪيو. پنهنجو جيون آريه-
سماج کي، ڊي-اي-وي ڪاليج کي دان ڪري
ڇڏيو. ان جو وڏو ڀاءُ شري ملڪراج پلا هيءَ حالت
ڏسي ڪين پنجاه روپيا هر مهيني ڏيڻ لڳا. انهن
پنجاه روپين مان مهاتما ۽ سندس سارو ڪٽنب گذارو
ڪندا هئا. پر گهر ۾ هڪڏهن ڪڏهن مزي اڻي مزي
ڳالهه ٿي ويندي هئي. اهڙو ئي ڪجهه ان جي گهر
۾ ٿيو. ان ڪري لالا ملڪراج ڪين پنجاه روپيا ڏيڻ
بند ڪري ڇڏيا. هاڻي مهاتما هنسراج ڇا ڪري؟
ڪين پاڻ وٽ ڪا پونجي هئي ڪانه. ڪيسي ۾ صرف
ڇهه آنا هئا ۽ گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه به نه. شاهه عالمي
دروازي (لاهور) اندر هڪ ماڻهو پگڙا وڪڻندو هو.

کيا عرض کرون اس ٻ کيا لذت ھئہ،
اک بار کسي کي ھو کر ديکھو."

اڙي! ان ٻرڙو جو ٻلاند پکڙ ٻو نہ سهين، هي آڳ پو ساگر آهي. جڏهن ٻ طوفان لڳن ٿا، لهرون اٿن ٿيون، ڪن ٻون ٿا، ٻ ان ٻشور ٻ وشراش جو جهاز ٻ نہ آهي. چڙهي پٺو ان وشواس جي جهاز ۾ اهي طوفان، ڪين جا چڪر، لهرون ٻـوانتر روپ ضرور اختيار ڪندا ٻر اهي اوهان کي انهن ڪان ڪو ڪشت يا دقت نہ ڏيندي. اهي سڀ مصيبتون اچن ٻون ۽ ڪن ٻ هليون ويندٻون ۽ تو هان اڳتي وڌندا ويندا. ان ڪري من ٻ مٺي مسڪراهٽ آڻي چئو ٿي، ڀڳوان مون سان مددگار آهي:- ۽ سوامي چوڻ لڳا:

" انسان کي ازم اؤر همت سي،
جب دؤر ڪنارا هوتا هئہ،
طوفان ٻ ٽوٽي ڪشتي کا،
ڀڳوان سهارا هوتا هئہ."

ٻتن جاري رکو، ٻسيدو وهـاٻو ۽ محنت ڪريو، ٻرشارٿ جي مارگہ لي لوسيا جي ٻاونا سان اڳتي وڌو ٻوء ان جو ڦل ڇا ملندو يا نہ ملندو اهو سڀ ان ٻرماتما تي ڇڏيو. نہ ٻوءِ چنتا سامهون نہ ايندي.

مهاتما هنسراج هڪ دفعي ٻنهنجي جيون جي هڪ

طرف گهر ۾ هيءَ حالت هئي. مهاتما موکي ٻڌايو ته هڪ ڏهاڙي مان گهٻرائجي ويس سوچيو هو ته مون سڀ ڪجهه مڻ کي شانت ڪرڻ لاءِ ڪيو هو. پر اها مصيبت اٿجي پيئي.

گهٻراهٽ جي حالت ۾ هو پنهنجي ننڍڙي ڪمري ۾ ٽڪڙو لڪڙو گهمڻ لڳو. ڪمري ۾ هڪ پاسي ڪاٺ جو ننڍڙو ڪٻٽ رکيو هو. ان ۾ مهاتما جا ڪتاب رکيا هئا سو هڪ ڪتاب کڻيم اهو اکين ني کوليم. سڀ کان اڳم جنهن تي نظر پيئي اهو پڙهيم. ڪتاب هو ڀڳوت گيتا جو. شبد هئا:

"कर्मण्येवाधिकारस्ते मा फलेषु कदाचन"

ارٿ: ڪرم ڪرڻ ۾ تنهنجو اڌڪار آهي. ان جي ڦل جي سنٻنڌ ۾ تنهنجو ڪو اڌڪار نه آهي.“

هنن ٿورن شبدن کي پڙهندي ئي مهاتما کي ائين محسوس ٿيو ته سندس من جو سارو ٻوجهه لهي ويو آهي.“ انڌيري ۾ پرڪاش جو ترورو پيدا ٿيو آهي. چوڌاري شانتي ڦهلجي وئي آهي.

اهڙيءَ طرح ساڌن جي دوران پنهنجو پاڻ کي ڏاهيو. اهي سڀ مون ٻاهر جون ڳالهيون ڇيون. هاڻي اندر وٺي ٿو هلان اوهان کي. جتي سنتي وسنو آهي. جتي ٻرڀوءَ جو درشن ٿيندو آهي. ڀڳت ڪبير چيو آهي:-

ان وقت ويو. انهن ڇهن آنن جا ڇٽا وٺي آيو. ٽي ڏينهن سڀئي ڪتب ٻيڙا کائي وقت گذاريو. چوٿين ڏينهن ٻيڙا به ختم ٿي ويا.

انهن ڏينهن ۾ هڪ ٻي به ڳالهه ٿي جو مهاتما هنسراج جو هر طرف کان ورود ٿي رهيو هو. مٿس گاريون پئجي رهيون هيون. سڀ مذهب وارا سندس خلاف ڀاشڻ ٿي ڏيا. اخبارن ۾ سندس خلاف ليک پئي لکيا.

ياد رکو جيڪي سچا آريه سماج جو ڪاريه ڪن ٿا تن کي گاريون ضرور کائڻيون پون ٿيون.

مون آريه سماج جو ڪم شروع ڪيو ته مهاتما مون کي هڪ ڏينهن پاڻ وٽ گهرائي چيو ”ڏس تون نوجوان آهين. آريه سماج جو ڪم تون تيز ڪري ڇڏيو آهي. تو کي هڪ ڳالهه ٻڌائي ڇڏيان ٿو تون روٽي گهر جي کاءُ ۽ گاريون کاءُ ٻاهر جون. ۽ ڪم ڪندو رهه آريه سماج جو.“

اهو هو سندن مليل اپديش. مان اهو اپديش پنهنجي جهول ۾ خوشيءَ سان جهليو. مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته انهن گارين کائڻ ۾ اهو مزو آهي. آتم وشواس ۽ ايشور جو مزو جو مان پنهنجي فرض ادائي ڪري رهيو آهيان. گاريون ملن ته ڀلي ملن. ڏکيائون اچن ته ڀلي اچن.

پر ان وقت هڪ طرف ٻاهريان گاريون گلوچ پئي

آهي ته مٿس جيون ڇا آهي؟ ڇا لاءِ آهي؟ هن ديهه جو مهتو ڪهڙو آهي؟

اوهان جي هن دهليءَ ۾ ٻيڪنٺ ديا ٻائي رهندي هئي. اڄ ڪان ٽي سؤ سال اڳ هن ڌيان جو آنند ماڻيو هو.

"ٻن رسنا، ٻن مال ڪر، انتر سمرن هويه،
'ديا' ديا گرديو ڪي، ورلا جاڻي ڪويه،
هرديه ڪمل ۾ سرت ڌر، اجپ جپي جو ڪويه،
وهل گيان ٻرگٽي تهان، ڪل مکه ڌالي ڪويه،
جهان ڪال اُر جوال نهين، شيت، آسن نه ٻيهه،
'ديا' ديکه نج ڌام ڪو، ٻايو پيڊ گمڀير."

ٻي ڪو روپ انوپ لکي، ڪوٽ ڀانوُ اجيار،
'ديا' سڪل دکه مٽ گيو، ٻرگٽ ڀيو سکه سار،
ٻن دامي اجهار اٿي، ٻن گهن ٻرت ڦهار،
مگن ڀيو منوا تهان، ديا نهار نهار.

جپ نٽي هلي، هٿ ۾ مالها نٽي ڦري ٿي ڌهن ا- جاپ جاري آهي. هردهه ڪمل ۾ ڌيان لڳائي جو جاپ جپيو ٿو وڃي، جنهن مان انهد گيان جاڳي ٿو، سڀ ٻراٻرن، سڀ ٻاپ نشٽ ٿي وڃن ٿا. جتي ڪال استر ٿي وڃي ٿو، جتي آگ ڪانهي، گرمي ڪانهي، سردي

”من مٿرا دل دوارڪا، ڪايا ڪاشي جان،
ڏسوان دوارا ديهرا، تا ۾ جوت پڇان،
ڪبير دنيا ديهري، شيش جهڪا دن جاءِ،
پردي پٿر، هري بسي، تا سي لو لي لاءِ.“

پر اها جوت جاڳندي ڪيئن؟ ڪيئن ڏسي سگهجي؟ اٺ منزلون پار ڪرڻ کانپوءِ. اهي اٺ منزلون آهن: يم، نيم، آسن، پراڻايام، پرتياهار، ڌيان، ڌارڻا ۽ سمادي.

ڪيترا سچا مون وٽ اچن ٿا. چون ٿا
”سوامي، ڌيان لڳائڻ سيکاريو.“

مان کين ڪلي چوندو آهيان. منهنجا مٿرو هيءَ نه ستين منزل آهي. ڪڏهن ستينءَ منزل لاءِ ڪيئن پهچندا؟ پهريان ٻي، ٽين، چوٿين، پنجين، ڇهين. هڪ هڪ ڪري سڀ منزلون پار ڪريو ته پوءِ آساني ٿي ويندي. جيڪڏهن ڇلانگ لڳائڻي آهي ته ڇلانگ لڳايو. ممڪن آهي ستين منزل تي پهچي وڃو.“

ڪجهه ڏينهن اڳ ڊيرادون ويو هوس. هر سال اتي يوگ جو شور (ڪئمپ) لڳندو آهي. پرڀات جو ٽين ٻجي ماڻهن کي يوگ ابياس ڪرايو ويندو آهي. يم-نيم ٻڌايا ويندا آهن. آسن لڳائڻ سيکاريو ويندو آهي. ڌيان اوستا ۾ پهچڻ کان پوءِ ٿي معلوم نه هوندو

مٿين ڪا ٻي ڀاسي. آڳيا چڪر آهي مٿي ۾، ٻنهي ڀرُون
جي وچ ۾. ٻرهم چڪر آهي تارون جي مٿان، مغز جي
چوٽي تي مٿي واري هڏيءَ جي هيٺان.

ٻنهي وارن مڌش جي سڀڪا ۾ اهي ٽي خاص آستان ناهيا
آهن، جتي چت جي شڪتيءَ کي ٽڪائي سگهجي
ٿو. اهي ورتيون جڏهن ٽڪجي وڃن ٿيون. ڪمال
ٿيڻ لڳي ٿو.

سائنسدان چون ٿا ته ايڪڙ جيتري زمين ۾ لڳل
گاهه ۾ ان جي هڪ هڪ ڀن ۾ ايتري ٻجلي آهي
جيڪڏهن ان کي گڏ ڪيو وڃي جنهن مان هڪ وڏي
انجڻ ۾ ٻسٽن تي شڪتي گڏ ڪري آندي وڃي ته
دنيا جون موٽرون ان هڪ انجڻ سان هلي سگهن ٿيون.
ايتري ٻجلي آهي صرف هڪ ايڪڙ زمين تي پيدا
ٿيل گاهه ۾. ٻيو اها ٻجلي چاهڪاڻ ته ڀن ڀن ۾ ورهائي
پيئي آهي ان ڪري ڪنهن ڪم نٿي اچي.

اهڙيءَ طرح چت جون ورتيون به ٽڪڙيون رهن ته
ٻيءَ اجايو آهي. اهي سڀ هڪ جڳهه تي گڏ ٿي وڃن
ته چمتڪار ٿيڻ لڳي.

هيءَ دل، هيءُ آڳيا چڪر، هيءُ ٻرهم رنڌر ٽنهي
مان ڪنهن به هڪ جڳهه تي انهن ورتين کي گڏ ڪري
ٽڪايو. ان لاءِ هڪ سولو اُپاءُ آهي ته ڪنهن چمڪندڙ
شيءِ جو جهڙوڪ سج، چنڊ، ٻجليءَ جي بلب، اس

ڪانهي اهو آهي اسانجو پنهنجو ڌام (نگر) ان جو ڀيد
ٻڌائي سگهي ٿو بيان ڪرڻ وارو. اِتي پريم جو پورو
سندر روپ اهڙو تہ جلوه دار نظر اچي ٿو جيئن هڪ
ئي وقت ڪروڙين سُورج روشن ٿيا آهن. ان وقت
سڀ ڏک دُور ٿي وڃن ٿا. سک جو ساگر ٺلهجي پوي
ٿو. اِتي بجلي نہ پر ان جهڙو تجلو ڦهليل آهي.
جنهنجو هڪو انت ڪونهي. بادل ڪونهن پر محسوس
ائين پيو ٿئي تہ وڏڙ سيتل بارش جون سنهيون
ڦڙيون وسي رهيون آهن. تڏهن من مگن ٿي وڃي
ٿو ۽ ڏسندو رهي ٿو اها مهان جوت جنهن کان وڌيڪ
ٻي ڪا بہ سندر وستو ڪانهي.
اها حالت ٿئي ٿي ڌيان ۾ اچڻ بعد.
ان لاءِ چيو ويو آهي تہ:
”هن سنسار ۾ آگ جيان جلندڙ مڻش، تراس تہ ٿيو
توهان جي ڏکن ڪشٽن جي دوا آهي انهو علاج آهي.
هٿ ۾ اهو چشمو موجود آهي جو ان گرميءَ کي شانت
ڪري ٿو ڇڏي. جو امرت جيان مٺو ۽ سيتل آهي.
اها دنيا جي سڀني ڏکن جي هڪ ٽڪ دوا آهي.
پرم ساڌن آهي، يوگ آهي.
اوهان جي سرير اندر ٽي آستان آهن (۱) هرديہ
(۲) آگيا چڪر (۳) برهم رندر. ٽنهي مان ڪنهن ۾
هڪ جڳهہ تي ڌيان لڳايو. هرديہ آهي سڀني جي

ڪري ڀرهم رنڌر ۾ ڀٽڪل نظر اچي ٿو.

اهو سڀ ڪجهه، مون اوهانکي مٿين ۾ ٻڌائي ڇڏيو پر ان جي اڀياس ڪرڻ ۾. گهٽ ۾ ڏهه سال لڳي ٿو. ڪڏهن ان کان به وڌيڪ.

ڪي ان ٽن مهنن کان پوءِ چون ٿا "سوامي اڃا تائين ڪجهه، نيو ڪونهي هيترا مهنا ٿي ويا آهن. ڏهه سال ڪير انتظار ڪندو؟"

مون ڪين چيو "جيڪڏهن انتظار نٿا ڪري سگهو ته پوءِ ڇڏي ڏيو ان ڳالهه کي. وڃو وڃي دڪان هلايو. لوڻ، تيل، هيڊ، اٽو ۽ دال وڪڻو.

اڙي توهان سال ڏهه جي ٿا ڳالهه ڪريو ان لاءِ ڪئي جنم گذري ويندا آهن ان مقصد کي پهچڻ لاءِ ان لاءِ جيون ۾. ڏٺو پوي ته اهو سستو سودو آهي، منهنجا سڄڻو.

"سر ڏنئان جي پريو ملي،
تان وي سستا جان."

پر سر ڏني ڪير ٿو؟

پريم پريم سڀ ڪوئي ڪهي،
پريم نه جاني ڪوءِ،
جا مارگ صاحب ملي،
پريم ڪهاوي سوءِ.

مان ڪنهن ٻه هڪ جو ڌيان ڪريو. اکيون بند ڪري ان کي اندر جي اکين سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪريو. پوءِ اوم جو ڌيان ڪريو. اهو ڪهڙيءَ طرح؟ ڪلپنا ڪري - هردي، آڳيا چڪر، برهم رندر ۾ اوم لکو، اهو مٽجي وڃي ته وري لکو. وري مٽجي وڃي ته وري لکو وري لکو. هر روز وڌيڪ ٽيهه منٽ ائين ڪندا رهو. ڪجهه ڏينهن، هفتن يا مهينن کان پوءِ ڌيان جي ڪلپنا سان لکيل اوم ڪرڻ مٽندو. تڏهن آتما جي اک سان لڳاتار ٽڪٽڪي لڳائي ان کي ڏسو ۽ ڏسندا رهو. ٿڪاوٽ محسوس ڪريو ته ٿوري دير کان پوءِ وري ڏسو. وري ڏسو ۽ وري ڏسو.

تڏهن اهو وقت ايندو جڏهن ان مان جوتي نڪرندي نظر ايندي. پهريان اها جوت ڌنڌلي هوندي. نيري پيلي، ساوي مطلب ڪيترن ئي رنگن جي هوندي. ڪڏهن جهڪي ڪڏهن تيز. ان کي لڳاتار ڏسندا رهو. ٽڪٽڪي لڳائي ڏسندا رهو.

وقت ايندو جڏهن اهو پرڪاش بلڪل سفيد چمڪي اٿندو ۽ تمام تيز ٿي پوندو. جڻ بيشمار سورج گڏ ئي هڪ وقت چمڪي رهيا آهن. ان کي ڏسندا رهو. ابياس کي بلڪل نه ڇڏيو.

هڪ ڏينهن جڏهن اهو پرڪاش اوهانجي دل مان نڪري ڪنٺ جي رستي ٿيندو آڳيا چڪر کي پار

ڏينهن ٦-

(ڪٿا شروع ڪرڻ کان اڳ گايتري منتر جو جاپ ڳڏجي ڪيو وڃي.)

ارٿ: (هي پرڀو! تون جو هن ڌرتيءَ تي ۽ هن جي چوڌاري ڦهليل پولار ۾ جهڙوڪ چنڊ، سورج ۽ نکشترن کان پري هن اننت آڪاش ۾ سواءِ هر جڳهه تون حاضران حضور آهين. جنهن جي پاري ۾ نه وگياني ۽ نه منش ڄاڻ رکن ٿا. هي پرڀو! تون سڀ ڪجهه پيدا ڪرڻ وارو، سڀني کي پالڻ وارو آهين. هي سوامي! تون ماضي، حال ۽ مستقبل ٽنهي زمانن ۾ موجود آهين تون سورج جهڙو پرڪاش روپ آهين، تون هر منش کي ڪلياڻ جي راه تي هلائڻ وارو آهين، تون هر جوت ۾ جوتي سروپ هر حالت ۾ سهارو آهين. تون هر وستوءَ ۾ موجود آهين. مان پيار ڪريان ٿو ۽ تنهنجو مان ڌيان ڪريان ٿو. تون منهنجيءَ من پڌيءَ کي جنهن طرف چاهين ان طرف وٺي وڃين سگهين ٿو. مونکي اڃا ڪاڻ ڪانهي. جتي تون وٺي هلڻ چاهين

ڀلي اڳهي ٻره ڪي،
ڀاڃي ڀريم ڀاس،
ڪهي ڪبهر تب خانيي،
ڀريو مان ڪي آس.”

ڀڄ ۾ اهو سڀ ڪجهه ڪريو ڏٺهن اهو ٻوڙ ٻر ڪاش ملندو. ڪڏهن ان طرح جيئن جڳدو (ڪڙ ڪبيتو) چمڪندو آهي؛ وري ٻند ٿي وڃندو آهي؛ وري چمڪندو آهي. ڪڏهن وچ جي چمڪ جيان ڪڏهن روشني نه ڪڏهن اونده. ڪڏهن ٻجلي جي سهڻين ٻرندڙ ٻٻن وانگر. اهو وقت ٻ ڏٺري ڏٺري اچي ٿو جڏهن اهڙا جوت مڪمل ٿيڻ لڳندي. چڱو سڄو سوا ڏه ٿيا آهن ٻاقي ٿي ڏٺهن.

اوم شم.

وقت جي لاءِ سک، جو ڪارڻ ٿئي وڃن ٿيون. مـــال ملڪيت، راڄ ڪاروهار، ٻوٻار، مان مرتبو شان شوڪت ۽ سڀ ڪجهه پرم پرش جو درشن ڏي وڃي، مدش ان کي پراپت ڪري ته ٻوءِ اهو سڀ ڪجهه ۽ نئو رهي هڪ پرم آنند، پرم شانتي اچي ٿي جيڪا هن هفتن مهين، پا سالن لاءِ نه پر هميشه لاءِ ملي ٿي.

ڪٺو اُپنيشد جي رشيءَ جي لفظن ۾ چيل آهـــي جنهنجو مطلب آهي:-

"جيڪو ناس ٿيندڙن ۾ ناس نه ٿيندڙ آهي ٻئي اجرامر آهي جو جڙ دنيا ۾ هڪ چيتن لتو آهي، جيڪو انيڪ ۾ ايڪ آهـــي جنهنجي ڪارڻ سڀ ڪامنائون پورن ٿين ٿيون. ان آتما جي اندر ويٺل پرم پرش کي ڌيرجوان تپسوي، شرڌالوءَ ۽ وشواسي ئـــي ڪيندڙ ٿي ڏسي سگهن ٿا. انهن جي لاءِ امر شانتي ۽ پرآنند سداءِ لاءِ موجود آهي ۽ نه ٻين لاءِ"

"جيڪو سوکيم کان به سوکيم آهي، مهان کان بـــ وڌيڪ مهان آهي، اُن آتما جي اَنـــدر غفا ۾ لکي ويٺل مهاديو کي اهو ٿي ڏسي سگهي ٿو جيڪو آتم گيانِي آهـــي جنهنتي پرڀوءَ جي ڪرپا آهـــي جنهن سيني چنتائن کي تياڳيو آهي. هن منتر ۾ چنتا کـــي ڇڏڻ ۽ چت کي پرسن رکڻ جو بيان آهي. جنهن ٻابت مون ڪافي ڪجهه ٻڌايو هو ته پرڀوءَ کي پائڻو آهي ته

اٿي هل. مون پنهنجو پاڻ لوڪن تي ارپڻ ڪري ڇڏيو آهي. مان پنهنجو نٿي آهيان لوڪانسواءِ منهنجو ٻيو ڪوبه ڪونهي.

منهنجون پياريون مائرون ۽ ڀينرون!

هن ڪٿا جو اڄ پورو ڏينهن آهي. ٻئي وٽ جي ايڪويهين اڌ پاءُ جو اٺون منتر ڇوري ٿو ته هن سنسار جا ڏک، ڪشٽ، شوڪ، ڪليش، غريبي، اگيان، شڪست، اپمان، بيماري، اشانتي، چنتا ۽ وري وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسڻ ۽ جنم وٺڻ، ڦاسڻ جنم وٺڻ...... ان سڀني جو هڪ ئي علاج آهي- ڀرپور درشن ڀرپور جو گيان ۽ ڀرپور کي پائڻ.

ان کي حاصل ڪرڻ معمولي موت جي چڪر کان آجو ٿيڻ بعد مڪت ٿيڻ. ٻيو ڪو به مارگ ڪونهي. حقيقت اها آهي ”ڀرشمو آيميشد“ جي رشيءَ ٺيڪ چيو آهي جنهن جو ارٿ آهي

”ڪلي ٻڌ ٿيون هرديه جون ڳنڍيون، ٽٽي پون ٿا شڪ شبها، ۽ سماپت ٿي وڃن ٿا سڀئي ڪرم. جڏهن ان ڀرم پرش جا درشن ٿين ٿا“ ڪوبه ڏک باقي نٿو رهي. ڪابه ڪمزوري يا ڪا به ڪمي نٿي رهي. هاڻ، اهي شيون به ته جيڪي اسان سڀ جو ڪارڻ سمجهون ٿا جي شب ڪرم مان ملن ٿيون، سو جيڪي ڪجهه

وڃي؛ جنهن کان من سمجهي ٿو. جيڪو اک کان ڏٺو نٿو وڃي؛ جنهن کي اک ڏسي ٿي. جيڪو ڪن کان ٻڌو نٿو وڃي جنهن کان ڪن ٻڌن ٿا. جيڪو پراڻ ساڻ انڀو نٿو ڪيو وڃي جنهن کان پراڻ هلن ٿا. اهو آهي پرم برهم پرميشور. پر اهو نه، جنهن کي دنيا سمجهي ويٺي آهي.

لڌو هن ڪيئن پاتون ان پرم پرش پرميشور کي؟ ڪٿي ڳولهيون ان کي - ڪينو اپنشد ۾ چيل آهي ته

”اهي جيڪي اسانجي سرير جا انگ عضوا آهن، يعني هٿ، ڪن، نڪ، اکيون وغيره انهن کان وڏيڪ اهي ڪامنائون آهن جنهنجي ڪارڻ اندريون سڀ ڪار ۾ ڪن ٿيون. پر انهن ڪامنائن کان، وشيه واسنائن کان وڌو من آهي. ڇاڪاڻ ته اهو انهن مٿان ضابطو رکي سگهي ٿو. ان من کان وڌي ٻڌي آهي. اها من کي وس ۾ ڪري سگهي ٿي. ان ٻڌيءَ کان وڌي آتما آهي جا سڀني کان وڌي آهي، شڪتيشالي آهي. پر ان آتما کان پري اها شڪتي آهي. اها موجود ضرور آهي پر ظاهر نٿي ٿئي. ان مليل شڪتيءَ کان پري اهو پرش آهي اهو پرميشور آهي جنهن کان ڪوبه وڌو ڪونهي. جنهن کان پري ڪجهه به ڪونهي، جا لامحدود آهي، جا پرم گتي آهي.“

ان پورڻ پريم پرميشور جي درشن جي ڳالهه مون

گيانوان، شرڌالو، نمري پڇو پرواهي پڇو ۽ ڪلمڪ،
پر اهو نه ٻڌو نه ان کي ڄاڻڻ، درشن پسڻ ۽ ان
کي پراپت ڪرڻ سان سڀ ڪجهه ٿئي ٿو پر ان کي
حاصل ڪيئن ڪريون؟ اهو سوال آهي.

ڪنوپنشد ۾ رشي چوي ٿو:-

پڇو. پر ان پڇڻ ڪانپوءِ به سوال ٿو اٿي ته اُن پريوءَ
کي پايون ڪيئن؟ ڏسون ڪيئن؟

ڪنوپنشد ۾ رشي فرمائين ٿا ته:-

”اتي نه سج جي روشني ٿي پهچي، نه هن چنڊ
۽ تارن جي نه. هن بجليءَ جي به چمڪ نٿي پهچي. اتي
پوءِ هي اگني ڪٿان پهچندي؟ اُن جي خود روشنيءَ
سان اتي سڀ ڪجهه روشن آهي. هو خود جوتي سروپ
آهن پنهنجي پرڪاش ڪري اتي سڀ ڪجهه
روشن آهي.“

تڏهن ڇا ڪريون؟ جتي ڪا به روشني پهچي نٿي
ته پوءِ درشن ڪيئن ڪريون؟ ان ڪنوپنشد ۾ رشي
ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. چون ٿا

”اتي نه اک ٿي پهچي، نه واڻي ٿي پهچي نه من
پهچي. اتي ڇا آهي ڇا ناهي.“

ان کي وڌيڪ چٽو صاف ڪندي چون ٿا:-

”نه جو ڪجهه واڻيءَ سان چئي نٿو وڃي ۽ جن
ڪان واڻي چئي وڃي ٿي، جنهن من سان سمجهيو

ٻڌي جو ميلاپ ٿئي ٿو. ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون، پريمي ۽ پريتم، الي لي ٻڌاءِ اڪيلا آهي ڇاڪاڻ ته پريمي اڪيلائي ۾ گڏيا آهن. هر طرف آنند جو ساگر، جوت ئي جوت، مٺ رتا جو سمندر آتما کي ائين ٿو لڳي ته ڪٿي جنهن ڪان وڇڙيل پيار اُن کي مليو آهي. اڄ ته نصيب ڦيرو آهي. بهار جي رت آئي آهي، جو ڪڏهن به ختم ٿيڻ واري موسم ڪانهي. ڪڏهن هڪ ڀاونا پيدا ٿئي ٿي ته منهنجو پريتم ڪيڏانهن هليو ته نه ويندو!

اڄي پرماتما ته هر جاءِ موجود آهي، اهو ڪيڏانهن اچي ڪري ٿو ڪيڏانهن وڃي ڪري ٿو. اها ڪريءِ جي ڪوري ڪلپنا آهي! سامويد جي شروع ۾ به ته لکيل آهي ته

”هي منهنجا سندرتا جا ساگر پريتم! اڄ مونڏانهن اچ. منهنجي پرم کي سوڪار ڪر. تون ڪٿي ويندو ڪيڏانهن؟ اهو ته گهٽ واسي آهي. هر جاءِ موجود آهي جزي جزي ۾ موجود آهي. پر ويد به ته ڪرڻ جي ڪري پرماتما جي واڻي آهي- ان ڪري ان ۾ ”آنو“ جو ورد آهي ساڳئي طرح :-

”آئي وه اور جهانڪڪر هي،
لوٽ کر جاني لڳي،

اوهان کي ڪالهه ٻڌائي رهيو هوس. انهن ورهين جي اڀڪريهن اتي ٻاءِ جو نانُون مندر چوري ٿو. ان کي ديو، ساڌڪ ۽ رشي مڃي ٿي نسي سگهن ٿا. ان جي بيان ڪرڻ کان پوءِ مون اوهان کي ٻڌو ـــ درشن ٻاهر ٻڌايو هو ته پريو درشن کو ٻاهر نه پر هن جسم اندر ٿئي ٿو.

”ڪوئي دوڙي دوارڪا، ڪوئي ڪاشي جاهين، ڪوئي مٿرا کو چلي، صاحب گهٽ هي ماڻهين.“

جيڪڏهن گهٽ گهٽ واسي آهي ان جو درشن ٿئي ٿو ته ماڻس سراسر پر. هن پر اهڙا ٿي هند آهن جتي اٺن سان ڪڏ ڏيهان لڳائڻ سان ڏسو ڪڏ ڏيهان لڳائڻ سان گهٽ ۾ گهٽ ٻه سال يا ان کان وڌيڪ وقت ۾ هڪ تجلو پيدا ٿئي ٿو. اهو اهڙو تيز نظر اچي ٿو، جهڙين ڪروڙين سُورج هڪ ئي وقت روشن نظر اچن.

پر اهو پرڪاش پرندو ڪرڻهي، گرمي نه ڪندو آهي پر اهو سيتلتا بخشيندو آهي. وچڙ ڪومل آهي ان ۾. هڪ اپار آنند آهي ان ۾. جيئن پريتم جي پيار جو ساگر چوڏاري ڇلندي پيو هجي ۽ پريمي کي ڇڪڙي ويو هجي.

ان وقت برهم رنڌر جي اندر هيڏانهن آتم منڊل هوڏانهن برهم منڊل، هيڏانهن آتما هوڏانهن برهم.

اھا ڳالھہ مان نٿو چوان ويد بہ چون ٿا تہ اُن جو درشن بہ ٿئي ٿو. ان سان ڳالھہ ٻولھہ بہ ٿئي ٿي. رگويد جو ھڪ تمام سندر منتر آھي جنھنجو ارٿ آھي:-

"او منھنجا پريتم! منھنجا پرم پتا پرميشور! ڪڏھن اھو وقت ايندو، ڪڏھن اھا شڀ گھڙي ايندي جڏھن مان توسان گڏجي ڳالھيون ڪندس؟"

منتر ۾ شبد آھي "ڳالھيون ڪندس" جيڪڏھن ايشور سان ڳالھہ ٻولھہ نٿي سگھي تہ ويد ۾ اھڙو شبد ھجي جو لکي ان منتر جو مطلب ھن ريت آھي:-

"ھي منھنجا پريتم، منھنجا پريو. ڪڏھن ايندي اھا گھڙي؟ جڏھن مان تنھنجو شڀ درشن ڪندس؟ جڏھن تون منھنجي ڀيٽ کي، منھنجي پيار ڀري پوڄا کي سويڪار ڪندين؟ جڏھن مان تنھنجي ھردي ۾ ويٺل تنھنجو متر ٿي ويندس؛ تنھنجي آتما سان توسان گڏ ڳالھيون ڪندس."

چار اڇائون آھن ڀڳت جي من ۾ (۱) پريو درشن ٿئي (۲) پريو ڀيٽ کي قبول ڪري (۳) پريوء سان ملاقات ٿئي (۴) پريوء سان ڳالھہ ٻولھہ ٿئي.

ھاڻي ڀلا ڪير ٿو چوي تہ ان پريوء جو درشن نہ ٿيندو؟ ان سان ڳالھہ ٻولھہ نہ ٿيندي؟ اھو سڀ ڪجھہ ٿئي ٿو سچ. ميلاپ ٿئي ٿو، درشن بہ ٿئي ٿو.

مٺي ڪها دامن پڪڙ،
ڪيون لوٽ ڪر جاني لڳي؟
مٺن ڪهي سي جوهتي ٿي بات
شب اڳمن ڪي،
ڦر ڪيون چلي هو پريتم،
شوڀا ٻڙهائو سدن ڪي“

پر لڏهن:-

”دامن جهٽڪ ڪر چل دئي وه
اور يون ڪهتي هئي،
ٻٺون ڪهان تيري سدن م،
غير هٺن ٻٺي هئي“

اهو غير، يعني ٻيو ڪير آهي؟ اهنڪار، نفرت، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار. اڙي! انهن جو ميڙ سدا پٺيان لڳو رهي ٿو. پوءِ ڀلا سو پريتم ايندو ته انهن هوندي هو ويهندو ڪٿي؟ توسان ڇا ڳالهائيندو ان ڪري ڪيو انهن ڏارڻ کي، پنهنجو اندر آتما شد ڪريو. لڏهن ڀڳوان جو درشن ٿيندو ۽ ان سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي. ڪيترا مولڪي چون ٿا ”سوامي! ڀڳوان نه نرآڪار آهي، ان جو درشن ڪيئن ٿي سگهندو؟ ان کي نه جيڀ آهي نه ڪن ساڻ ڳالهه ٻولهه ٿيندي ڪيئن؟

رکندڙ آهي. ”اشٽانگڪ يوگ.“

ماڻهو چون ٿا: اهو مارگ ڏاڍو ڪٺن آهي. مان مڃان ٿو ته اهو مارگ ڏکيو آهي. جيتري وڏي ڊگري حاصل ڪرڻي هوندي آهي ان لاءِ اوتري ئي وڏي پرڪيا هوندي آهي. پهرين، ٻئي يا ٽئين درجي جي پرڪيا سولي آهي. جن کي پاس ڪري گهڻو ڪجهه نه لاڀ ڪونه ٿيندو آهي. پر ڏهين ۽ هائر سيڪنڊري جي پرڪيا ڪٺن آهي. ان ۾ وديارٿيءَ کي ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ آڌار ملندو آهي. ايم. اي. جي پرڪيا ان کان به ڪٺن آهي. پر ان کي پاس ڪرڻ بعد وديارٿي پنهنجي وشيه جو ڄاڻو ته چوائي ٿو سگهي. ان وشيه ۾ ماسٽر يا ڊاڪٽر بڻجڻو آهي ته پاڻ وڌيڪ ڏکيو امتحان ڏيڻو پوندو آهي. اها ته دنيا جي ريت آهي. جيتري سٺي شيءِ وٺندا ان لاءِ قيمت به وڌيڪ ڏيڻي پوي ٿي. چوندا آهن سستو روئي بار بار مهانگو روئي ايڪ بار. جيڪڏهن ان نشان تائين پهچڻو آهي جتي ڀڳوان جو درشن ٿيڻو آهي، سڀ دک، ڪشٽ، ڪليش، ڪمزوريون ختم ٿي وڃن ٿيون ته پوءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪو اپاءُ ڪونهي ته ”اشٽانگڪ يوگ“ واري مارگ تي هلون. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ هر روز پنهنجي چت جي ورتين کي روڪي ڌيان لڳايون. سڄڻو! هن سرير کي هر روز ڪاڌو ڏيون ٿا پر آتما کي

ٻه اهو سڀ ڪجهه ٿئي، تو ساڌنا سان، ڪٺن تپسيا ڪانپوءِ. ان وقت جڏهن آتما اندر پيٺل سڀ پاپ، ناس ٿي وڃن ٿا سڀئي وڪارن جو انت ٿي وڃي ٿو ۽ ٿڪي ٻيو ملڪ جي ۽ ٻيو درشن جي ٻول لاءِ پيدا ٿئي ٿي.

اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ٿئي ٿو؟ ساڌنا ڪرڻ وارو يا ساڌنا ڪرائڻ وارو ڪيئن ان پدوي کي حاصل ڪري سگهي ٿو. ان لاءِ مهرشي پاتنجل ”رڳ ويد آدي ڀاشيه ڀوميڪا“ ۾ چون ٿا:-

”جڏهن جڏهن منش ايشور جي اپاسنا ڪرڻ چاهين، تڏهن تڏهن پنهنجي اڇا موجب ايڪانت جڳهه ٿي ويهي پنهنجي من کي شد ۽ آتما کي ايڪاگر ڪن ۽ مطلب سڀني ۾ ويڙهيڪ ۽ نياءُ ڪاري پرماتما طرف پنهنجي پاڻ ان جو چنتن ڪن.

ان ۾ پنهنجي آتما کي جوڙي ڇڏن. پوءِ ان جي استتي، پرارٿنا ۽ اپاسنا وار وار ڪري ان ۾ پنهنجي آتما کي ان ۾ پوريءَ طرح لڳائي ڇڏن. ان جو اپاءُ پتنجلي منيءَ جي ٺاهيل يوگ شاستر ۽ انهن سوترن جي ويد وياس مني جا ڪيل ڀاشين جي آڌار تي لکن ٿا.

اهو اپاءُ آهي: يم، نيم، آسن، پراڻايام، پرتياهار، ڌيان، ڌارڻا، سماڌي. انهن اٺن استنين تي آڌار

ماڻهو ڀڳتيءَ جي ڀاونا لاءِ ايندا رهيا آهن. ڪيترائي رشي ۽ مهاتمائون سالن جا سال وٽهي ڀڳوان جو سمرڻ ڪندا رهن ٿا. انهن جي وچارن مان پيدا ٿيندڙ لهرون ان آستان جي جزي جزي ۾ اثر پيدا ڪري ڇڏيو آهي. اڄ اهي رشي ڪونه آهن، مهاتمائون ڪونهه آهن. ڪيترائي ڀڳت اچي آيا ۽ هليا ويا پر ان ليوت آستان ۾ پهچنديئي اوهان جي من ۾ ڀڳتي ۽ پرڀو پرڀو جي ڀاونا جاڳي اٿي ٿي. سو هر آستان کي پنهنجو پنهنجو پرڀاو آهي. جيئن ته چيل آهي :-

"پربت جي گفا ۾ جتي ٻن ندين جو سنگم ٿئي ٿو ان آستان ۾ ساڌڪ پهچي ته ان جي بُڌيءَ ۾ ساتوڪ ڀاونا، ڀڳتي ڀاونا پيدا ٿيڻ لڳندي آهي."

ڏسو ساڌوءَ جو پهريون ۾ ساتوڪ هئڻ گهرجي، پهرين جي ڳالهه ان ڪري چوان ٿو ساڌو بڻجڻ سولو نه آهي. پٿر جو ٽڪرو ننڍو هوندو آهي ان ۾ ڪا وڏائي يا ايمان نه هوندو آهي.

ڪبير کان ڪنهن پڇيو "ڪبير جي! ساڌو ڪيڪر ٿجي يا روڙو؟"

ڪبير وراڻيو،

"روڙا ڀيا تو ڪيا ڀيا، پنٿي ڪو دکه دي"

روڙو ڪٽرو ۾ چوڻ ننڍو هجي ۽ ڪنهن جي پير

چا ٿا ڏيو؟ سڀ جو ڀوڄن آهي اَن، ٻاڻي ۽ آتما جو ڀوڄن آهي ڌيان.

ڌيان ئي هن آتما جو آهار آهي. ان جو ڀوڄن آهي جڏهن چت جي ورتين کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪري منش ڌيان لڳائي ٿو ته هڪ مهان جوتي روشن ٿئي ٿي. ان جوت سان ئي آتما کي شڪتي ملي ٿي. جيئن ”پاور هائوس“ ۾ ”پلگ“ لڳائڻ سان ساري شهر ۾ ٻتيون وڃي ٿيون. ان جوت مان ئي آتما کي پنهنجي ڪلياڻ جو مارگ ملي ٿو. اُن مان ڪيس پريو درشن ملي ٿو. پر اهو سڀ ڪجهه ايڪانت ۾ ٿئي ٿو. جيڪڏهن اوهان چوندا ته شراب خاني جي شور ڪل ۾ ڌيان لڳايان ته اهو نه ٿي سگهندو. شانتيڪي ماحول جي پڻ ضرورت آهي. اوهان ڪنهن مندر ۾ ويندا يا ڪنهن ٻئي پوتر آستان تي ويندا الي ٻيا ڪنهن ڪارڻ جي اوهان جي دل ٺرندي ته ان جڳهه تي ڪجهه گهڙيون وهي ڀڳوان جو سمرڻ ڪريو. جڳهه جڳهه جو من تي وڏو اثر پوندو آهي. شمشان ڀوميءَ ۾ وڃڻ سان هر هڪ جي دل ۾ ويراڳ جو ڀاو پيدا ٿيندو آهي. ڇو ته اتي موت جو ڌيان ايندو آهي جنهن کي انسان رواجي زندگيءَ ۾ ڀلائي ڇڏيندو آهي. ڪنهن تيرٿ آستان تي ويندا ته سڀاويڪ من ۾ ازخود سٺا پوتر خيال دل ۾ اچڻ لڳندا آهن. ڇاڪاڻ ته اوهان کان اڳ لکين

پولهائيندي مطلب هو ڪار، ۽ ڪنهن جهڙي نه ٻاڻ مارڻو پوندو آهي. اوهان پڇندا ”آنند سوامي، توهان ته جيڏا نه آهيو“ ۽ مان اوهان کي ڪيئن ٻڌايان ته مان مٿل آهيان ۽ ڪاٿي رهيو آهيان ۽ ڪي رهيو آهيان، مٿل هوندي به هلي رهيو آهيان ڳالهائي رهيو آهيان. ڪن ڪن ۾ پنهنجي من کي، اڇائن کي، ارادن کي، ايمان موه، ممتا، ڪروڌ، اهنڪار کي مارڻو پوي ٿو. ان ڪري مان چوان ٿو ته مون ساڌوءَ جو ويس ڌارڻ ڪيو آهي ته انهن آستانن کي ڏسڻ لاءِ نڪري پيو آهيان جتي منهنجي گرو سوامي دياننڊ گهور تپسيا ڪئي هئي. رشي ڪيش کان پوءِ براهمڻ ڪيدارناٿ جي رستي ۾ ملاچٽي هڪ جڳهه آهي ان کان به دوريءَ تي سوامي دياننڊ سوامي گنگاگري جي پرسان رهي تپ، يوگ ساڌن ڪندا رهيا آهن. مان انهيءَ ملاچٽي ڏانهن روانو ٿيس، پوءِ ان گهور گهاٽي جهنگل ۾ مان لنگهڻو پيو جتي منجهند جي وقت به انڌارو ڪٽي رستو پار ڪري اڳتي وڌڻو پيو انتري ته الي اونداهي آهي. رات ٿيندي ئي الي هڪ ڪليل جڳهه تي ساهه پاري سمهي پيس. ٻئي ڏينهن اٿيس ۽ اتان اڳتي روانو ٿيس تمام گهڻو پوءِ هڪ ساڌو مليو، مون کانس پڇيو ”ڪيئن باباجي، اوهان کي خبر آهي سوامي گنگاگريءَ جو آستان ڪٿي آهي؟“

هيڻان اچي نه، ان کي دک ڏيئي سگهي ٿو. ان ڪري ڪبير چيو

”روڙا ٿيا تو ڪيا ٿيا، پنٿي ڪو دک دي،
ساڌو ائيسا چاهيئي جيون پيندي کي کيه“

ساڌو اهڙو ٿئي جيئن ڌوڙ ٿئي جيان. تڏهن ڪبير وڌيڪ چيو :-

”کيه ٿيا تو ڪيا ٿيا، اُڏ اُڏ لاڳي انگ،
ساڌو ائسا چاهيئي جئسي نير اپ لنگ.“

ساڌو اهڙو هئڻ گهرجي جهڙو نرمل جل. ٻئي کي پوترتا ڏئي دک نه ڏئي پاڻ لاءِ نه جيئي پر ٻئي جي لاءِ جيئي.

”ادر سماتا ان لي، تن هي سماتا چير،
اڌڪ نهين سنگره ڪري، تاڪا نام فقير.“

جيتري بک آهي اوترو ڀوڄن، جنهن سان تن ٻ ڍڪجي اوترو ڪپڙو. ان کان وڌيڪ وٺڻ ۽ ٻڌڻ جي لاءِ ڪٺو ڪري رکڻ ساڌوءَ لاءِ صحي ناهي. ساڌوءَ کي ڪهڙيءَ حالت مان لنگهڻو پوي ٿو اهو به ڏسڻو آهي.

”ڍڪ ڍڪ اؤکي گهاٽيا، چڙن چڙن مردا هوءِ.“

واري ڪار هوندي آهي ساڌوءَ سان. ڪيترن اپائن سان ساڌوءَ کي ٻڌڻ پاڻ کي مارڻو پوي ٿو. ڪانئيندي ٻيئندي سمهندي جاڳندي - ڳالهائيندي

ساڌو ٻابا ڪلي چيو "سمهندا وري ڪٿي؟ هتي پلنگ يا بسترا رکيا آهن ڇا؟ هتي ڌرتيءَ تي ئي سمهندا هئا. مٿي هيٺان پٿر جو وهاڻو رکي. پوءِ پٽ جي (ڪوپين) پائيندا هئا. ڪو بسترو وهاڻو هتن وٽ هو ڪونه. پاڻ لاءِ ڪو ڪپڙو ڪونه هون."

اهڙو تپ ڪيو هو سوامي جن؛ ان لاءِ ته پريو درشن پراپت ڪريان.

"تلاش يار م جو ٺوڪرين ڪايا نهين ڪرتي ڪڀي وو منزل مقصود ڪو پايا نهين ڪرتي"

مون اها شاهي پٽ جي ڇپ ڏسي چيو "بابا جي ٻيون ڳالهيون پوءِ پهريان هن ڇپ تي ويهڻ جو آنند وٺان."

ان ڇپ جي پرسان ويس. آسن لڳائي ويهي رهيس سوچيم ان تي ٿورو وقت ٽپي ويهندس. پر ويٺس اَڌ پان سڳاپر ته پوءِ اٿي وسرو ئي رهيس. وقت جي ڪا سڌ ڪانه رهي. ٻاهرا جو نيل ٽڪ پلجي ويس. آس پاس جو جهنگ پلجي ويس. اڪ ڪلي ته اونداهي وڌي چڪي هئي.

اهو آهي آستان آستان جو پرڀاو. ان لاءِ مهرشي لکيو آهي "اُتر ڪاشي ڌيانين لاءِ ڌيان لڳائڻ جو اتم آستان آهي."

ساڌوءَ ٻڌايو ”اوهان اُن بابت پڇي ڇا ڪندا؟“

مون چيو ”اُن جي ڀرسان ڪنهن وقت سوامي دياننْد رهندا هئا. مان اُنهن کان پڇڻ چاهيان ٿو تہ سوامي دياننْد ڪهڙي جڳهہ تي ويهي سماڌي لڳائيندا هئا؟

هن چيو ”اها ڳالهہ بلڪل ٺيڪ آهي. سوامي گنگاگري تہ سرير ڇڏي ويا آهن. اهي منهنجا گرو هئا. مون کي اُنهن ٻڌايو هو تہ سوامي دياننْد هتي رهندا هئا. هنن مونکي اها بہ جڳهہ ڏيکاري جتي سوامي دياننْد سماڌي لڳائيندا هئا.“

مون ساڌوءَ کان پڇيو ”اوهان هن وقت ڪٿي رهو ٿا؟“

هن چيو ”هتان ويجهو ئي منهنجي ڪٽيا آهي.“

”تہ پوءِ هلون اوڏانهن ۽ باقي اتي ڳالهہ ٻولهہ ڪجي.“

ڪٽيا ۾ پهچي مون کانئس پڇيو ”سوامي دياننْد ڪٿي رهندا هئا؟“

ساڌوءَ ٻڌايو ”هتي رهندا هئا، هن ڪٽيا ۾.“

”سوامي جن ڏينهن ۾ ڪٿي ويهندا هئا؟“

ساڌوءَ ٻڌايو ”هوءَ سامهون جيڪا وڏي پٿر جي چپ آهي اُن مٿان ويهي ڌيان لڳائيندا هئا.“

”سوامي جن سمهندا ڪٿي هئا؟“

ڪرن. شايد هتي پنجابي باغ ۾ ڪٿا ڪرڻ لاءِ اوٺو هو ان ڪري اتي گڏگولڙيءَ تي ٻراڻ ڪوله نڪتا.

سائين ٽن ڏينهن کان پوءِ اسان ان ڍنڍ جي ڪناري جنهن کي "گوري ڪنڊ" چون ٿا ۽ جنهنجي باري ۾ مشهور آهي ته اتي ماتا پاروتي اشنان ڪندي هئي ڏسبو ته اتي چوڌاري برف ئي برف جو راڄ آهي. ان ڍنڍ جو پاڻي جميل، هوا به تيز ۽ سرد، نس نس کي ڪانبارينديز. اتي سنان ڪرڻ جو سوال اٿيو مون پنهنجن سائين کي چيو، "اچو ته سنان ڪريون."

"نه سوامي توهان پهرين سنان ڪريو."

"توهان سڀ جوان آهيو ۽ مان ٻڍو آهيان."

"اوهان سنان ڪريو ۽ پوءِ اسين سنان ڪنداسين"

"چڱو مان ئي ٿو اڳ ۾ سنان ڪريان. پر توهان پنجاب جي ڀڳت جيان سنان نه ڪندا."

هنن چيو، "ڀڳت سنان ڪيئن ڪيو هو؟"

مون کين ٻڌايو پنجاب ۾ ڳوٺ کان ٻاهر جوهڙ (تلاءُ) هوندا آهن، جنهن ۾ سنان ڪندا آهن. سردين جا ڏينهن هئا. پنجاب ۾ ته سخت ٿڌ هوندي آهي. جنهن ۾ ڍور ڍور ڪانبارجي ويندا آهن. اهڙي وقت هڪ ڀڳت ان جوهڙ تي سنان ڪرڻ آيو. ڪپڙا لاٿائين ته کيس ٿڌ لڳي. ڀڳت سوچيو پهرين هٿن کي پاڻيءَ ۾ وجهي ڏسان جيڪڏهن وڌيڪ ٿڌو نه آهي ته پوءِ

دهليءَ يا ڪلڪتي جو نالو هندن نه لکيو. الور ڪاشيءَ جو نالو هندن ڇو لکيو؟ ان لاءِ ته اتي هزارين، لکين مهاتمائن سال جا سال تپسيا ڪئي آهي. تن جي تپ پاورائن جو اثر اڄ به اتي موجود آهي. انهن جي تپ وچارن جون لهرون اڄ به اتي اڇلون ڏين ٿيون.

جڏهن مون ڪئلاش پربت جي پاترا ڪئي ته ٻه بنگالي سادو مون سان گڏ هئا. ٽيون هڪ مدراسي ۽ پارهون مان هوس. اهي سڀ نوجوان هئا. مان عمر ۾ ڪائن وڏو هوس. ارڙهن هزار فوٽ اتاهين ڪئلاش پربت تي چڙهاسين ته معلوم ٿيو ته ڪئلاش جي پاترا تڏهن پوري ليکبي جڏهن ان جي چوڌاري پرڪرما ڏجي. ان جي پرڪرما ڏيڻ لاءِ نڪتاسين. سادن تن ڏينهن ۾ پرڪرما پوري ٿي. رستي ۾ ترسڻ لاءِ ڪو مڪان نه آهي ڪوئي. ڪئلاش پربت تي نسي ترسڻو پوندو آهي- اتي هر طرف برف ۽ پٿر جون ڪارنن ٽڪرن ۽ ڏهرگهاٽ ڪنڊڙ برفاني هوائون. سمهڻ لاءِ سنئين سڌي جڳهه ملڻ به اتي مشڪل آهي. نڪجي ليٽبو ته اتاهين جڳهه حسي ڪري سمهڻ مشڪل پيو ٿئي مجبورن اتي واهي وقت گذارڻو پوي ٿو. ٿورو ليٽڻ ٿورو ويهڻ. اتي ساهه پيو گهٽجي مون پراڻن کي پئي چيو "نه منهنجا پراڻ (سواس) نڪرو جلد اجايو هڙار نه ڪريو." پر اهي تنگ ڪندا ٿي رهيا نڪتا

وٽس ته اهي ياد ڪندي به، ڪا پرارٿنا يا دعا نه آئي. ان کي ڌيان ۾ چوندو وٺس.

اوم اوم اوم

اهو آهي آستان کي پنهنجو پرڀاءُ. ان پرم پرش پرڀو پريتم کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ڌيان ئي نه رهيو اٿس، هڪ ئي ڌيان، هڪ ئي پرارٿنا.

”هي ڳوبند: تم هي ميري گرو، تم هي ميري گيان، تم هي ميري ڌن، تم هي ميرا ڌيان، تم هي ميري پوڄا، تم هي ميري جاتي تم هي ميري شڪل، تم هي ميري سنتوش، تم هي ميري مڪتي، تم هي ميري موڪش. ”دادو“ هردي هر ٻسي، دوجا ناهي اور، ڪهيو ڪهان پر راکيي، نهين اور ڪي ٺور.

اهڙيءَ طرح ڌيان لڳو. ڪيترو آنند هو ان ۾. اهو ڪير ٻڌائي!

”ڪهيا ڪڇ نهين بات هئي، انڀو آتم سکهه، سندر آوي ڪهت نه، نکسن ناهين مکهه.“

پر اهو سڀ ڇو ٿيو؟ ان آستان جي پرڀاو ڪري؟ آستان جو وڏو اثر ٿئي ٿو انسان تي.

رٽيرو جڏهن پنجاب جي گورنر تي گولي هلائڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ٿيو ته پوليس وارن ڪيس هٿيرا

سلام ڪريان. خبرداريءَ سان ڀڳت پنهنجو پير هيٺ وڌائو. پير سمورو هيٺ نه لاٿو صرف پب وارو ڀاڱو. پاٽي هو تڏو هڪدم پير کي ٻاهر ڇڪي ورتو. ڪوڙا پاڻي ڇپائين نه:

”پب سلام تو سڀ سلام“ اٿـي ٻيا ڀڳت به جيڪي سلام ڪرڻ آيا هئا ته انهن هن کان پڇيو،

”ڇا اوهان سلام نه ڪندا؟“

هن ڀڳت ڪينس هٿ لائي چيو، ”تو سلام نه اسان سلام“ يعني توکي هٿ لائڻ سان اسان جو سلام به ٿي ويو.

سو مون پنهنجن ساٿين کي ڪلهي چيو، ”مٿان اوهان به ڪٿي مونکي هٿ لڳائي ڇڏيو، توهان سلام ڪيو معنيٰ اسان سلام ڪيو.“

پر اها نه ڪلڻ جـي ڳالهه هئي. مون ڪپڙا لاٿا. ڪونڊر سان برف جو هڪ ٽڪر ڪٽيو. هيٺ وهندڙ پاڻيءَ مان ڪرمنڊل ڀريو؛ پنهنجي مٿان وڌو نه سارو سر ٻار جمي برف ٿي ويو. لڳي انين پيو نه جڻ آهي ئي ڪونه.. جلدي ڪمبل ويڙهي ويهي رهيس. ڪيلاش پهچڻ کان اڳ ڪيترن ئـي پرارٿنائون ڪرڻ لاءِ سوچيون هيم نه ديش جي لاءِ هيءَ پرارٿنا ڪندس. جاتيءَ لاءِ هيءَ پرارٿنا ڪندس، آريه سماج لاءِ هيءَ پرارٿنا ڪندس. پر اتي ڪمبل ويڙهي ڏيان ڀرو ويهڻي

رابرٽ چيو، ”اداس ڪونه ٿيو آهيان. مون هڪ ڀيانڪ سپنو لڌو آهي ماتا صاحب جي باري ۾ ان ڪري دل مايوس آهي. اهو ئي ٿو سوچيان ته هن کي ڪو ڏک نه ستائي.“

بخشيءَ پڇيو، ”اوهان ڪهڙو خوفناڪ خواب ڏٺو؟“

رابرٽ کيس ٻڌايو، ”سپنو خوفناڪ هو. ان ۾ ڏٺم ته ڳوٺ جو هڪ مڪان آهي. ان جون ڀتيون ڪچيون آهن. هڪ پاسي هڪ ڪمرا آهن ۽ انهن اڳيان هڪ پڌر آهي، ڪمرن جي ٻاهران هڪ مٽيءَ جو ٺهيل ٿلهو اڱڻ واري پٽ ۾ هڪ ٺهيل دروازو. تڏهن ڏٺم ته مان پنهنجي هٿ ۾ ڇرو کڻي اڱڻ واري دروازي مان اندر گهڙيو آهيان ۽ اڱڻ ۾ ٻهڪي ويو آهيان. ان کان پوءِ هڪ ڪمري ۾ گهڙيو آهيان جتي منهنجي ماءُ پنهنجن وارن کي ڦڻي ڏئي رهي آهي. کيس وارن کي ڇڪي ٿلهي تي وٺي آيو آهيان. هوءَ دانهون ڪوڪون ڪري رهي آهي ۽ مان ڇري سان کيس سيني تي وار مٿان وار ڪري رهيو آهيان. چوڌاري خون جي ندي وهي ٿي. تڏهن اچانڪ منهنجي ننڊ کلي پئي ۽ ان کان پوءِ ننڊ اصل ڪانه آئي.“

بخشي چيو، ”اهو نه وچتر سپنو آهـي ۽ ٻلڪل سچو آهي.“

رابرٽ عجب مان چيو، ”ڀلا اهو سچو ڪيئن آهي؟“

ڏينهن لاهور جي شاهي قلعي ۾ رکيو. پوءِ لاهور
بورسٽل جيل ۾ موڪلي ڏنو. اتي کيس هڪ ڪمري
۾ بندي ڪيو ويو. ٻاهر لوهي سيخن واري دروازي
کي ڪلف لڳايو ويو.

رتنبير شاهي قلعي ۾ ٻه ڏينهن هو. جيل ۾ پهچي
به کلندو رهيو. رات جو ڪاٺو ڪائي مٽيءَ جي ٿلهي
تي سمهي پيو، جنهنکي قيديءَ جو پلنگ چوندا هئا.
پر اڌ رات جو هن هڪ ڀيانڪ سپنو لڌو ۽ جاڳي پيو
جاڳڻ بعد هن سمجهيو اهو ته سپنو نه هو. پر سپني
منجهس هڪ اهڙي چنتا پيدا ڪري جو باقي رات
جا ڪلاڪ کيس ننڊ ڪانه آئي. پرڀاتي لهندي ئي
جيل جو هڪ داروغو بخشي لالچند، رتنبير کان حال
احوال وٺڻ لاءِ پهتو. ”ڪيئن ياني رات ننڊ ٺيڪ آئي؟“

رتنبير کيس ٻڌايو؛ ”رات جي پهرئين پهر ۾ سٺي
گهڙي ننڊ اچي ويئي پر اڌ رات کانپوءِ مونکي ننڊ
ڪانه آئي. اوهان منهنجي گهر ٽيليفون ڪري ٻڌايو ته
منهنجي ماتا جو ڪهڙو احوال آهي؟ اها ڪٿي بيمار
ته نه ٿي پيئي آهي؟“

بخشي لالچند چيو، ”اوهانکي پنهنجي ماتا جي
باري ۾ چنتا ڪيئن وٺي ويئي؟ ڪالهه جڏهن اوهان
جي گهر ٽيليفون ڪيو هو ته ان وقت سڀ خوش راضي
هئا. رات ئي رات ۾ اوهان اداس ڇو ٿي پيا؟“

ان جا وائبريشن اڃا به هن ڪوٺڙيءَ ۾ موجود آهن. هنن ڀتين ۾، ڇت ۾، فرش ۾. هر هنڌ. ان جي وائبريشن ڪري ئي مون اهڙو سپنو ڏٺو.

ٻئي ڏينهن مان ونجهيو سان جيل ۾ ملڻ ويس ته هن اها ڳالهه ٻڌائي. مون چيو، ”تو ٺيڪ سمجهو آهي. اهو سڀ هن جڳهه جو پرڀاءُ آهي، جنهن توکي اهڙو سپنو آيو آهي.“ ان ڏينهن جيل وارن ونجهيو جي ڪوٺي بدلائي ڇڏي ۽ ڪيس پوءِ اهڙو سپنو ڪونه آيو.

اهو آهي جڳهه جڳهه جو پرڀاءُ! سٺي آستان تي ويندا ۽ اتي ويهندا ته دل تي به سٺو اثر پوندو. بري آستان تي ويندا ته من تي برو اثر پوندو.

اوهان ۾ جيڪي مٺڙا هن سهڻي باغ ۾ رهن ٿا سي خوش نصيب آهن. هتان جو ماحول دهليءَ جي ٻين هنڌن کان وڌيڪ ٺيڪ آهي. ان ڪري مون سوچيو ته هت ٻين ڳالهين جي پيٽ ۾ ٻوڙ. – ڌيان جون ٿي ڳالهيون ٻڌائيندس. ٻڌو مٺڙو، ڌيان لڳندو آهي سرديءَ ۾. مٿي جي گرميءَ ۾ ته نه لڳندو آهي هر هر ٻگهڙ ٻيو ٿو وڃي. اوهان آسن لڳائي ويهي ٿا رهو ٿا ڌيان ڪٿان لڳندو؟ ان ڪري مون سوچيو ته ڪڏهن سياري جي مند ۾ هت اچي سچ پچ ڌيان لڳائڻ جو طريقو ڪري ڏيکاريان. ٻه جي ان وچ ۾ هيءَ سڀ ٻڌيو وڃي ته، ٻئي جنم ۾ اچي ٻڌائيندس.

لالچند چيو، ”توکان اڳ هت هڪ قيدي رهندو هو. ڪالهه ان کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي. ان کي هاڻي ٻئي جيل ۾ موڪليو ويو آهي. اهو ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ اهڙي ئي مڪان ۾ رهندو هو. جهڙو تو سپني ۾ ڏٺو، ٺيڪ پنهنجي ماءُ کي قتل ڪيو هو جهڙو تو سپنو ڏٺو. هن ۽ ماءُ کي وارن کان ڇڪي اڱڻ جي ٿلهي تاءِ وٺي آيو هو؛ سندس ڇاتيءَ تي ۽ ساڄئي ٻموڙي وار ٺهيان وار ڪيا هئا. سندس ماءُ جون دانهون ڪيڪون ٻڌي آڙي پاڙي جا ماڻهو اچي اتي گڏ ٿيا هئا. هن اتان ڀڄي وڃڻ ٿي چاهيو پر ڀڄي نه سگهيو. ڪيس هليو. ڪالهه ان کي ڦاسيءَ جي سزا ملي آهي. پر توهان هن کي ڏٺو ڪونهي، ڪا ڳالهه ٻولهه ڪئي ڪانهي، سندس گناهه جي ڪهاڻي ڪنهن ٻڌي آهي، تڏهن ۽ اوهانکي اهڙو ڀيانڪ سپنو آيو ڪيئن؟“

ڊيبير هڪ ڊگهو ساهه ڀريندي چيو، ”هاڻي منهنجي گهر ٽيليفون ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. مون سمجهيو ته جنهن ماءُ کي مون مرندي ڏٺو اها منهنجي نه پر اها قيديءَ جي ماءُ هئي. خبر ناهي هو ڪيترا مهنا هن ڪوٺيءَ ۾ رهيو. خبر ناهي هن پنهنجي گناهه بابت ڪيترا دفعا سوچيو هوندو. ڪيس سندس ماءُ جي خون وارو چتر ڪيترا دفعا سامهون آيو هوندو؟

نه ٿي وڃي نه ته سنئون نٿي ته به ٺيڪ.

”راضي هئڻ هم اسيءَ ۾،
جس ۾ تيري رضا هئي،
يهان يون ڀي واهه واهه هئي،
اور وون ڀي واهه واهه هئي.“

مان جهڙو گهر مون ڏٺو اهڙا ٿيا نه . گهر آهن. جن مان ڪي مقرر ڪري ڇڏيو. ڪمرا نه هجن ته ڪي ڪنڊون مقرر ڪريو. جتي ويهي هر روز ڌيان ڪريو.

هڪ سڄڻ مون وٽ آيو. چيائين، ”سوامي! هاڻي نه ڌيان گيان جي ڳالهه ٻڌي ڪانه ٿي. گهر ڇڏيان نه پوءِ ڌيان ڪندس.“

مون کيس چيو، ”ڀلا! توکان گهر ڇڏي به ڌيان ڪرڻ ٿيندو. جو گهر ۾ ڌيان نٿو لڳائي سگهي اهو ٻاهر وڃي ڇا ڌيان لڳائيندو؟ گهر ۾ سک پيدا ڪريو. شانتي جو واءُ منڊل پيدا ڪريو گهر ۾. گهر ۾ ويهي ڌيان لڳايو. بار بار ڪوشش ڪرڻ سان ڌيان ضرور لڳندو منهنجا سڄڻو.“

هڪ سڄڻ مون وٽ آيو، ڏاڍو دکي ٿي ڏٺو.

مون کانئس پڇيو، ”دکي ٿيڻ جو ڪارڻ ڪهڙو؟“

هن چيو ”چت نٿو لڳي.“

”چت ڇو نٿو لڳي؟“

مون ڪو ارادو ڪيو آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن اوهان کي ڌيان لڳائڻ جو طريقو ڪري ڏيکاريندس. هن جي ڌيان جي لاءِ سڀ کان پهرين ضروري ڳالهه آهي ايڪانت ۾ اڀياس جي.

ڪيترا سڄڻ مونکي چون ٿا، ”سوامي، اوهان آهيو سنياسي گهر ٻار اوهان کي ڪونهي. جهنگل ۾ هليا وڃو يا پهاڙ تي. ڪيلاش تي هليا وڃو يا گنگوتريءَ تي. پر اسين ته آهيون گرهستي، گهر ۾ ٻيا به آهن. گوڙ شور به آهي، ٻارن جو رڙيون ڪرڻ ۽ روئڻ به آهي ٿي. اسانکي ايڪانت آسٿان ڪٿي ملندو؟“ پر اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي. مان هن پنجابي باغ کي ڏٺو آهي. جتي تمام سندر ڪمرا ڪوٺيون آهن. منجهن ڪيترائي صاف سٿرا ڪمرا آهن جن مان ڪي به ڌيان لڳائڻ لاءِ رکي ڇڏيو.

اڄ مان هڪ سڄڻ جي گهر ويس. سندس گهر گرهستي آهي، سندو بنگلو هو ان کي. ستسنگ جي لاءِ الڳ سنو حال ٺهيل آهي. مان اهو ڏٺو ته ان سڄڻ کي چيو ”تمام سندر جڳهه آهي، منهنجي دل چاهي ٿي ته هن وٽ جيڪر ڪٿا ڪريان. هاڻي ته نه پر ڪڏهن سياري جي ڏينهن ۾ آيس ته هن گهر ۾ يوگ سيکارڻ جو ڪئمپ (شور) لڳائيندس.“

ڪير ٿو ڄاڻي اها منهنجي اڇا پوري ٿئي ٿي يا

مون ساڻس پيار سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. نيٺ هن سمجهه ورتڻ جو ڪارڻ ٻڌايو ته کيس پنهنجي پنئيءَ جي ياد ستايو هو.

مون کيس چيو، ”اڙي واه! تون بيشڪ ساڌو آهين توکي پنئيءَ جي ياد ستايو آهي؟ ان کي ياد ڪرڻو هيو ته پوءِ کيس ڇڏي ڇا لاءِ آئين؟“

هن چيو، ”هڪ ڏهاڙي ٻنهي جو ٻاڻ ۾ جهڳڙو ٿي پيو، مان ڪروڌ ۾ اچي گهر ڇڏي هليو آيس. هاڻي ويٺو سوچيان ٿو ته جهڳڙو ڇو ڪيم ۽ ان ڪري رئان ويٺو.“

سو انهن جهڳڙو ڪري گهر نه ڇڏي وڃو. انهن ڪندا ته ڌيان ڪيئن لڳندو. ڌيان لڳائڻو آهي ته پهريان گهر ۾ رهڻ جي تياري ڪرڻو. هر روز گهر اندر ڪٿي ايڪانت شانت جڳهه تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ ويهي ناريو چنتن ۽ آتم چنتن ڪرڻو. گهر جي ٻين ڀاتين کي به پاڻ سان گڏ ويهارڻو. پنهنجي گهر جي ماحول کي شڌ بڻائڻو. ڪو هڪ ڪمرو ان لاءِ مقرر ڪرڻو. يا ڪٿي ڪمري جو هڪ ننڍو حصو ان لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو. اتي ويهو سڀئي گهر جا ڀاتي. جيڪي چوندا ته ڪمرو ڪٿان آڻيون؟ مان انهن کان پڇان ٿو ته توهانجي گهر ۾ ڪاڌي کائڻ لاءِ ڪمرو آهي يا نه؟ ان ڪمري کي ڇا چوندا........؟“

”منهنجي پتني ٻوڙي چنڊال آهي. سدا ڳجندي ۽ غصي ٿيندي رهندي آهي.“

”ٻڌايو اهڙي ماڻهوءَ جو چت ڪيئن لڳندو؟ ڪيترن کي اهڙيون پتنيون مليو وڃن، پوتنيون ۽ ڏائڻون جهڙيون. ڪيترين ديوين کي وري اهڙا پتي به ملن ٿا. جن لاءِ چيا چئجي. ايشور ڪائين بچائي. پر ٻڌو منهنجا مترو. جيڪڏهن وڏي جهيڙو ڪري گهر ڇڏي هليا ويندا تڏهن اتي ڌيان نه لڳندو. مان هڪ دفعي رشي ڪيش ۾ هوس. اتي سوامي رام تيرٿ جي ياد ۾ ”رام آشرم“ ٺهيل آهي. اتي تمام سندر پستڪاليه ٺهيل آهي. مونکي هڪ پستڪ جي ضرورت هئي ان لاءِ مان اتي ويس. رستي ۾ ڏٺم هڪ سنت ويٺي رنو. مان وڃي وڃي سندس رنو جو ڪارڻ پڇيو.“

هن چيو، ”ڪجهه نه اٿين ني.“

”نه ٿيو روئين ڇو ٿو؟“

”اٿين ني روئڻ اچي ويو.“

مون چيو، ”ضرور ڪو ڪارڻ هوندو؟“

”نه ڪو به ڪارڻ ڪونهي.“

مان سندس ٻر ۾ ويهي رهيس. روئڻ وارن جي ٻرسان مان ويهي رهندو آهيان. جيستائين سندس روئڻ بند نه ٿئي تيستائين اٿان ئي ڪونه. ٻر ۾ ويهي

آهي. اُتي گائتري منتر جو تمام سندر ڪيرتن ٿيندو آهي. مان به ان مندر ۾ ويس. ڪيرتن ٻڌو ۽ اُنهن لڳو جيئن ڪو سماڌيءَ ۾ لڳي ويو هجي. ڏاڍو آنند آيو. مون سان گڏ هڪ سڄڻ هو هن اهو ڪيرتن ٽيپ رڪارڊ ڪيو. دهليءَ ۾ اچي اهو ٻڌو. ڏهرادون جي ”وهڪ ساڌن آشرم“ ۾ به ٻڌو. ان طرح هڪڙي مان ڏسو ته گهر جو ماحول شڌ ٿيئي ٿو يا نه. اوهان جا ٻار ”ٻول راڌا، ٻول، سنگم هوگا ڪي نهين“ جي بيت ۾ گائتري منتر ۽ ٻيو - ڀڄن ڳائڻ شروع ڪري ڇڏيندا اوهان جي پتنيءَ جو سڀاءُ مٺڙي ٿي ويندو. اوهان جي گهر ۾ مندر جيون جي شروعات ٿي ويندي. نه، اتي ڪو جهيڙو ٿيندو يا جهڳڙو. منهنجا سڄڻ منهنجون ماتائون اوهان هر روز هڪ ڪلاڪ گهٽ ۾ گهٽ ضرور ويهي ڌيان لڳائي. ٻيو نه ته هڪ ڪلاڪ ٻه چار ٻرڻ جي هڪ آسڻ تي ويهڻ ضرور سکي ويندا. آسڻ تي ويهڻ جو ابياس ٻڪر ٿي ويندو ته پوءِ ڌيان لڳائڻ سولو ٿي پوندو.

اوهان ڪي خبر آهي ته آسڻ جو پڪو ابياس ڪنهن کي هوندو آهي؟ ڪير ڪلاڪ ڏيڍ ٻه ڪلاڪ ساهيءَ پلٿي ماري آسڻ ۾ ويهي سگهندو آهي؟؟ اهو مدش جنهن ٻنهنجي اندر مان رجو گڻ ۽ تمو گڻ تمام گهٽائي ڇڏيا آهن. ڳاڙها مرچ کائيندا، ڪريلا کائيندا، ماڻهن

(وچئين مان هڪ ٻالڪ چيو ڊائيننگ روم)

سواميءَ چيو، ”ڊائيننگ روم آهي يا نه، ڊرائنگ روم آهي يا نه؟ ويهڻ جو، اٿڻ جو، ٻارن جي پڙهڻ جو، ڪاڏي ڪائڻ جو، ايترا ڪمرا آهن يا نه؟ ڀيا ته ڪمرا به نه هوندا؟“

(وچئين مان هڪ ٻالڪ چيو ”باٿ روم“)

سواميءَ به کلي چيو، ”باٿ روم، بيڊ روم، هيءَ روم، هو روم. ايترا ڪمرا اوهان وٽ آهن. جڏهن ڀڳوان کي پائڻ لاءِ هي جنم ورتو آهي ان جي لاءِ روم ڪٿي؟ هر گهر ۾ ڀڳوان لاءِ هڪ روم به ٺهرايو! ان کي سنئين مورتين سان سينگاريو؛ اُن ۾ اگربتيون ٻاريو ۽ جهنڊن سڳنڌ سان ڪمرو پرجي وڃي.

ان ۾ ڌوپ ٻاريو. ان کي صاف ستهرو رکو، اتي ويهه رکو، ڀيا سنا گرنٿ رکو. گيهه جو هڪ ڏيئو اتي ٻاريو جو ڏينهن رات ٻرندو رهي. ٻه پاسا جو، سانجهيءَ جو يا مديهه جو، مطلب جڏهن به وقت ملي ته ان ڪمري اندر وڃو. اتي ڪڏهن ٻه ٻه پڇن ڪريو. اوم جو ڪيرتن ڪريو. وڏي چاهه ۽ اُتساهه سان گايتري منتر جو اُچارڻ ڪريو. پاڻ نه ڪري سگهو ته ڪنهن ساٿي گاڏڪ ڪان ڪيرتن ڪرايو ۽ اهو ٽيپ رڪارڊ ڪريو. اهو ٽيپ رڪارڊ هرروز ٻڌو.

مان راجڪوٽ ويو هوس. ٻڌم ته اتي گايتري مندر

ڪو ڇڙي نه اهڙو ڪاڌو ڪاڻ جنهن ۾ لوڻ اصل پيل نه هجي نه اهو ڪاڌو ڪيئن کائيندس؟ هاڻي نه مان پڪيا وٺي کائيندو آهيان. جهڙو ڪوئي ڏي اهو ئي کائندو آهيان. صرف اهو ڏسندو آهيان ان ۾ ٻي چيز تـــ پيل ڪانهي.

ان ڪري مان چوان ٿو ته توهان جيستائين گهر آهيو، ساڌن ڪريو. ڀڄن ڪريو. هر روز گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ ڪنهن شانت، ٻوٽو، ايڪانت واري هنڌ تـــي ويهي پنهنجي من کي ايڪاگر ڪريو. آتم چنتن ۽ پرڀو چنتن ڪرڻ جي لاءِ ڌيان لڳايو. پوءِ جڏهن گهر ڇڏڻ جـو وقت ايندو ته ڌيان لڳائڻ ۾ ڪو ڪشٽ ڪو نه ٿيندو.

ٿورا ڏينهن اڳ يوگ سکيا جـــي (ڪئمپ) شورو لڳي ته مون ڪين چيو ”صرف هتي اچي سکڻ ڌيان لڳائڻ لاءِ ويهڻ جيڪي ڪلاڪ لـــاءِ هڪ هنڌ پلٿي ماري آسن لڳائي پنا چرڻ پرڻ جـــي ويهي سگهن سيئي چيو ”اها ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي“

پـــر مون ڏٺو مٽئن ڪانپوءِ ڏنو نه ڪو سڄڻ ٿڪو. پيو سڏي ڪري نه ڪو ٻانهن پيو ڇوري. ڪو ڪنگهيو ٿئي نه کنگهي اوٻاسي ٿئي آئي. ان جـــو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ گهر ۾ جو ڪيس اڀياس ڪرڻ کپندو هو اهو هن ڪونه ڪيو هو. اڀياس سان، تپ سان ۽ مڪدس سان گهٽائي ڪجهه ٿئي ٿو.

جي ڏال ۾ گهڻو گيهه ۽ مصالح وجهي کائيندا، چٽڻيون آچار خوب کائيندا يا مصالح دار ڀاڄيون کائيندا ته به ڌيان لڳندو ته آسن لڳائي سگهندا. ٻيون به اهڙيون ڪيتريون ئي شيون آهن جي نه کائڻ گهرجن.

(اتي هڪ ٻالڪ چيو "رس گلا")

سواميءَ ڪليءَ چيو "ها. ٻيون اهڙيون شيون نه، کائو جي سرير ۾ اليهما پيدا ڪن ٿيون، جن جو سرير تي وڏو اثر ٿيي ٿو ۽ من تي به اثر ٿئي ٿو. جهڙو اَن کائيندا اهڙو من ٿيندو.

کهڙو اَن کائو ۽ کهڙو نه، اهو سڀ ڪجهه گهر ۾ رهي ڪري سگهندا ۽ نه گهر ڇڏي ڪري.

مون جڏهن هٿ ٻوڪي سڪڻ شروع ڪيو ته مونکي گروءَ چيو "نمڪ کائڻ ڇڏي ڏي."

مون چيو "لوڻ کائڻ ڇڏي ڏيندس. نه مٺو کاڌو کائيندس."

گروءَ چيو "نه مٺو کاڌو به نه کائڻو آهي. نه لوڻ جي، نه کنڊ جي کائڻو آهي. ٻه سال سانده ائين ڪرڻو پوندو"

مون ائين ڪيو. ٻيو اهڙو کاڌو گهر کان ٻاهر نه ڪونه ملندو. گهر ۾ رهي اهڙو کاڌو ملي سگهي ٿو مان اَن وقت پنهنجي گهر ۾ هوس اَن ڪري اهو ورت پورو ڪري سگهيس. هاڻي گهر ڇڏڻ کانپوءِ

”سوامي ايترو وقت آهي ڪٿي؟ وقت ملي ٿي ٿورو
ته پوءِ اهڙو پيار ٿيندو ڪٿان؟

ڪمال آهي مترو! ڪڏهن اوهانکي مدي جو انداز
ٿي پوي ته ان لاءِ وقت ملي ويندو، سنڌيما ڏسڻ
لاءِ وقت آهي، ڪلب وڃڻ لاءِ وقت آهي، اس جي
لاءِ انتظار ڪرڻ جو وقت آهي، اجايو سجايو گپ شپ
هڻڻ لاءِ وقت آهي، دنيا ڀر جي راجنيتيءَ تي بحث
ڪرڻ جو وقت آهي، ٻين اجاين ڳالهين لاءِ وقت آهي
پر اصلي ڪم جي لاءِ وقت ڪونهي جنهن جي لاءِ هن
دنيا ۾ آيا آهيو. مان ائين ڪونه ٿو چوان ته ڌن نه
ڪمايو، سنڌيما نه ڏسو يا گهر ٻار جو ڌيان نه رکو،
ديش ودديش جي حالت تي غور نه ڪريو، اهو ڀلي
ڪريو پر ٻڌو اهو سڀ ڪجهه رهڻ وارو ڪونهي. ڇڏڻ
ڏينهن جو چڪر آهي. هيءَ ريل گاڏي آهي توهان
ٽن ٽائر ۾ مسافري ڪريو يا ٻن ٽائر جي دٻي ۾ مسافري
ڪريو. ڪهڙي ۽ دٻي ۾ مسافري ڪريو يا ايئر ڪنڊيشنڊ
جي دٻي ۾ مسافري ڪريو. جڏهن توهان جي لهڻ
واري اسٽيشن ايندي ته توهان جلد اٿي لهي هلي
ويندا. گاڏيءَ ڏانهن مڙي نهاريندا به ڪونه، گاڏي
اڳتي هلي ويندي. اها توهان سان گڏ گهر ڪونه
هلندي. اوڏانهن توهانکي ان ڪانسواءِ وڃڻو پوندو.

توهان جي دهليءَ ۾ لال قلعو آهي نه! ڪڏهن

"ڪرت ڪرت اڀياس تين، جڙمت هوت سڄان،
رسري آوت-جاوت تين، سل پئي پڙي نشان"

هاڻي ته هنڌ هنڌ نلڪا لڳي ويا آهن. جن ۾ ڪڏهن پاڻي اچي ٿو ته ڪڏهن ڪونه ٿو اچي. نه اچي ته اُن کي هٿ جوڙيو مٿو نيڪيو ته ڪڏهن ته اُن ۾ پاڻي ڪونه اچي. پر هيءَ ڳالهه کوهن جي آهي. کوهن جي ٻنهي لئي پٿر جون سرون هڻيون ويندڙيون آهن. بالٽي يا گھاگھر نوڙيءَ سان ٻڌي ماڻهو کوهه مان پاڻي ڪڍندا آهن. نوڙي جا وري هيٺ ويندي پٿر جي سر تي گسڻ سان نشان ٿي ويندا آهن. سو اڀياس ڪرڻ بنا ڪجهه ٿيڻو ناهي. هڪدم گھر ڇڏي نڪري پيا ته اُن مان ڪجهه ورڻو نه آهي. اُن ڪري گھر ڇڏيو يا نه، پر اهو اڀياس گھر ۾ ضرور ڪريو. گھٽ ۾ گھٽ هڪ ڪلاڪ ڏينهن جيترو ڪري سگھو.

انين ته ڪيو ته لوهانڪي رشي ڪيش جي سمع وانگر رٽيو هوندو. اُتي ڪڏهن پتني ياد ايندي ته ڪڏهن ٻار. ڪڏهن ڏنڊو ياد ايندو ته ڪڏهن مال اسباب.

پر جڏهن مان چوان ٿو ته هر روز هڪ ڪلاڪ يا ڏيڍ وقت ڌيان ۾ لڳايو، ان الما ڪي پوڄن ڏيو جنهنکي توهان وساري ويٺا آهيو. ڪٿي سڄڻ ڇرائتا

نه ٻچو نه هڪ ڏاڙهي هئي سڀ ٻار؛ ان سان واسطو
رکندڙ مال اسباب به ختم ٿي ويو آهي. ڪجهه به
رهيو ناهي.

”ڪبير نوبت آپڻي، دن دس ليو بجائي،
يھ پور پٽن يھ گلي، ڦر نهين ديکن آئي.“

اهو سڀ ڪجهه ٿوري وقت لاءِ آهي. نه هي شهر هوندو، نه گهٽيون هونديون، نه بازار هوندي نه محل ماڙيون، سڀ لڪهجي لاءِ نه هئڻ جي برابر ٿي ويندا. تون انهن کي ٻرو نسندي به ڪونه. اهو سڀ ڪجهه اڳي رهجي ويندو. اڄ واري مٽي، پٿر ڪاٺي جيڪي محل ماڙيون اڏي رهيو آهين؛ ڪنهن وانگر مٽيءَ مان ڪٿي نمونا جوڙي ٻڌائن پيو، ”ڪهڙا نه وڻندڙ ۽ دلڪش نمونا آهن اهي.“

ٻيو:—

ماٽي ڪهي ڪنڀار سي، تو ڪيا روندي موهه
اڪ دن ائسا ائيگا، مئن روندونگي توهه

گهر، مڪان ڀلي ٺهرايو، ڀيا ڪم به ڀلي ڪرايو پر اهو نه وساريو ته هو سڀ ڪجهه ساڻ هلڻ وارا ناهن. هتان جو ڪجهه به ٻاڻ سان هلڻ وارو ڪونهي. مال ملڪيت، سڳي ساٿي، ڪٽنب ڪبيلو ڪو به ساڻ هلڻ وارو ڪونهي.

شاهه جهان ان کي جڙايو هو. دهليءَ جو نالو رکيو هو "شاهه جهان آباد" اڄ اهو شاهه جهان ڪٿي آهي؟ ۽ ڪير ٿو هن شهر کي شاهه جهان آباد سڏي. هت اهو پراڻو قلعو به آهي جو ڪنڊهر ٿي ويو آهي ۽ گهڻن کي اها به خبر ڪانهي ته اهو ڪنهن ٺهرايو هو؟ ۽ اُتي ڪير رهندو هو؟ ان جڙائيندڙ ۽ رهڻ واري کي اها خبر هئي ته ڪنهن ڏينهن ماڻهو ان جو نالو به وساري ويندا ۽ هن دهليءَ ۾ ڪنهن زماني ۾ پانڊو به ته رهندا هئا، ڪورو رهندا هئا. هن جي آس پاس انهن ڪورون جو محل به ته ٺهيل هو، جنهن ۾ دريوڌن ديوار کي دروازو ۽ دروازي کي ديوار سمجهيو، پاڻيءَ کي فرش ۽ فرش کي پاڻي سمجهيو هو. اڄ اهو سڀ ڪجهه ڪٿي آهي؟ ڪٿي آهن اهي ماڻهو. اڄ انهن محلن جو نالو نشان به ڪونهي. انهن لاءِ ماڻهو چون ٿا ته اهي هت ٺهيا ئي ڪونه هئا. "مهاڀارت" جي ساري ڪٿا صرف پراڻ ڪٿا آهي، هڪ من گهڙت ڪٿا آهي.

مان اهو ڪونه ٿو چوان ته گهر مڪان نه ٺهرايو. پر سک وٺڻ لاءِ ٻيا ساڌن به ڪم آڻيو پر اهو به ياد رکو ته جنهن هي سڀ ڪجهه ڏنو آهي. ان کي ياد ڪرڻ لاءِ هي ماڻش جنم مليو آهي. هن سنسار کي خوب ڪارائو پيٿاريو، هار سينگار ڪرايو، سڀ ڪجهه ڪريو پر اهو

”ڀيھ تن ڪانچا ڪنب (منڪو) ھئُہ،
لئي ڦري ڏو سات،
ڏڪا لگا ڏونيگا، ڪڄ نہ آئي ھات.“

ھي سوال ڪڇي گھڙي مثل آھي. جتي ڏک لڳو اتي ٺڪر ٺي پيو. ان ڪري جيون ۾ ڪو وقت ڪيو. ان ٻوڙو کي ياد ڪرڻ لاء، ان جو ڌيان ڪرڻ لاء، جنھن ھيءَ سڀ ڪجھ ڏنو آھي. جنھن جو ھي سارو رچيل کيل آھي. ھا ڳالھ ٿو ٻڌايان:-

ھڪ سيٺ ھو. ڪروڙن جو مالڪ ھو. ونس اڻت ڌن ھو. سندس ڪاروبار بہ وڏو ھو. ڪيترائي منيب ھن وٽ رکيل ھئا.

ھڪ ڏھاڙي اھو سيٺ پنھنجي آفيس ۾ ويٺو ھو وڏين وڏين وھين ۾ حساب ڪتاب جاچي رھيو ھو. تڏھن اتي ھڪ ٻوڪي آيو ۽ چيو ”سيٺ صاحب چئو اوم........اوم.“

سيٺ نہ اُن ٻوڪيءَ طرف نھاريو ۽ نہ ھن جو ڪجھ ٻڌو. ان ٻوڪيءَ وري ڪيس چيو ”رام رام چئو سيٺ صاحب.“

سيٺ تڏھن بہ ماٺ ۾ رھيو.

ٻوڪيءَ اڳتي وڌي چيو، ”ڪن غريبن کي مدد ڪرڻ جي لاء.“

”اِڪ دن ايسا آئيگا، ڪوئي ڪاهُو ڪا ناهين،
گهر ڪي ناري ڪو ڪهي، تن ڪي ناري ناهين“

هيءَ نه نبض، هيءَ هٿ جي ناڙي، سڀ ٻڌ ٿي وڃڻا ۽ آدميءَ جو ساٿ ڇڏي ڏيندا هون. پوءِ ڇا لاءِ ڇنجهي؟ ان اصلوڪي وطن ۾ وڃڻو نه آهي ني. جو پاڻ ٿيو آهي اهو پڄڻو ني آهي. جو آيو آهي اهو ويندو به ضرور.

”آئي هيئن سو جائيندگي، راجا رنڪ فقير،
اِڪ سنگهاسن چڙهه چلي، اِڪ باندي زنجير.“

راجا هجي يا رنڪ، گرهستي هجي يا سنياسي، مره-مايا ۾ قائل اپاڳو يا آتم درشن جي لذت تي وائل يوگي هجي ماڻ هٿ ڪنهن کي رهڻو ناهي. هيءَ هلندڙ چڪي آهي جنهن ۾ اُن جي داڻن جيان پيسجڻو هر ڪنهن کي آهي. ٻر چڪي رکڻ واري ڪانهي.

”چلتي چڪي ديکهه ڪي، ديا ڪبيرا رويه،
دو پاٽن ڪي ٻيچ ۾، ثابت بچا نه ڪويه.“

”مالي آوت ديکهه ڪي، ڪليان ڪرين پڪار،
ڦولي - ڦولي چن لئي، ڪالهه هماري بار.“

ڪير ٿو ڄاڻي، نه ڪيس ڪڏهن وڃڻو آهي؟ ڪهڙو ڀروسو آهي هن جيئڻ جو؟

۽ اتان راهي ٿيو ان سيٺ جي آفيس واري جڳھ تي
آيو پھتو ته اتي بيٺل چوڪيدار ٻوڙي نمسڪار ڪيو
ٻوگيءَ سيٺ کيس چيو، ”اڄ تون ساوڌان رھج ڇاڪاڻ
جو ھن ڳوٺ ۾ ھڪ ماڻھو آيو آھي جيڪو پنھنجا
روپ بدلائي ٿو سگھي، انھيءَ اڄ مون وانگر ڪپڙا
پاتا آھن ۽ آواز به ساڳيو ٺاھي رکيو اٿائين. خبردار ٿجو
متان ان جي دوکي ۾ اچو، کيس اندر اچڻ نه ڏجو.
چوڪيدار چيو، ”اھڙو ماڻھو آيو ته مان کيس ڏسي
وٺندس ۽ کيس اندر اچڻ نه ڏيندس.“
ٻوگي سيٺ اندر وڃي منيم سان به
مليو. منيم کيس پنھنجو سيٺ سمجھي نمسڪار
ڪيو. ٻوگيءَ سيٺ کيس به خبردار ڪيو ”اڄ ھڪڙو
ماڻھو جو گھڻا روپ بدلائي ٿو سگھي، ھن کي مون
جھڙائي ڪپڙا پيل آھن ۽ آواز به مون جھڙو اٿس. مان
کيس ڏسندئي حيرت ۾ پئجي ويس ۽ توھان به کيس
ڏسي عجب ۾ پئجي ويندا. سو ان کان ساوڌان رھجو
ڪٿي ھو اچي اوھان کي به دوکو نه ڏئي.
ان کان پوءِ اھو ٻوگي سيٺ گھر ويو اتي به سيٺياڻيءَ
۽ ٻارن کي انھن ٻڌائي خبردار ڪيو، ان کان پوءِ ڳوٺ
جي پوليس انسپيڪٽر ڏانھن ويو. پوليس انسپيڪٽر
کيس اھو سيٺ سمجھي نمسڪار ڪيو. اچو سيٺ
صاحب وھو ٻڌايو ڪيئن اچڻ ٿيو آھي؟ ڪا چوري

هاڻي سيٺ گرم ٿيندي چيو، ”ڪهڙو فقير آهي جيڪو غريبن ۽ فقيرن جي ڳالهين نه ڪري ۽ ڇا مان انهن لاءِ نه ڪمايان؟ ڪيس ٻاهر هڪالي ڪيو اجايو گوڙ مچايو اٿائين.

بوگيءَ چيو ”گوڙ ڪونه ٿو ڪريان سيٺ صاحب. ايشور جي ڳالهه لئي دان ٿو گهران.“

سيٺ وڏيڪ غصي ۾ چيو، ”ڪر ٻڌي ٻس. ٿو، هن کي ڌڪي ٻاهر ڪيو.“

بوگيءَ چيو، ”سيٺ صاحب مونکي ٻاهر ڌڪي ڪيڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي مان پاڻهي ٻاهر وڃان ٿو.“

پرا ڪنهن جو جي بوگي اتان هليو ويو. شهر ٻاهران اندي پئي وهي. ان جي ڪنهي تي هڪ مندر ٺهيل هو. بوگي مندر جي پرسان نديءَ جي ڪناري تي وڃي ويهي رهيو. پوءِ ڏينهن پراپاءِ جي و سيٺ ان مندر ۾ آيو. ڪيس هيٺ تي ريشمي ڌوتي، انگيءَ ۾ جڙيل، پيرن ۾ چاکڙي، نرڙ تي تلڪ لڳل هوس ۽ پوڄا ڪرڻ لاءِ مندر ۾ گهڙيو. بوگيءَ ڪيس ايندو ڏٺو ۽ سڃاتو. هي اهو آهي جنهن مونکي پنهنجي بنگلي مان ڪڍائي ڇڏيو هو. ڪيس هڪ ويچار آيو ۽ دل ۾ مشڪيو. هن بوگي ٻل سان بوگيءَ پاڻ کي انين ڏاهيو جيئن سيٺ جو سڙيو، آواز ۽ ڪوڙا لٽا ۽ ساڻيا.

مان تنهنجو سيٺ آهيان پوڄا ڪري مندر مان آيو آهيان.“

چوڪيدار چيو، ”اڙي وڃ! وڃ!! اهو ڪنهن ٻئي کي دوکو ڏني، اسانجو سيٺ ته اندر ويٺو آهي.“

سيٺ چيو، ”ڪٿي مغز ته نه خراب ٿيي ويو اٿيئي توکي ڪنهن پاڳلخاني ۾ موڪلڻو پوندو. مان هت تنهنجي اڳيان بيٺو آهيان ۽ چوين پيو ته سيٺ اندر ويٺو آهي.“

چوڪيدار زور سان چيو، ”مغز منهنجو خراب ٿيو آهي يا تنهنجو، ڀروائي ڪنهن جاء جو. هليو وڃ هتان نه ته لت هڻي مغز ٺيڪ ڇڏيندو سانءِ.“

سيٺ هاڻي غصي ٿيندي نوڪر کي سخت ڳالهائڻ لڳو ته اتري ۾ آواز ٻڌي اندران ٻيا منيب، نوڪر چاڪر ٻاهر نڪري آيا ۽ پڇيائون ”ڇا ٿيو آهي؟“

چوڪيدار چيو ”هيءُ ڀروائي چوي پيو مان سيٺ آهيان، زوردستي اندر گهڙندو پيو اچي.“

هڪ منيب چيو، ”اڙي هيءُ آهي اهو ڀروائي جنهن بابت سيٺ ٻئي چيو. اڙي وڃ هتان هن وقت اسانجي ڪم ڪرڻ جو وقت آهي.“

سيٺ چيو، ”توهان به مونکي نٿا سڃاڻو؟“

منيب مذاق ڪندي چيس، ”چڱو ٿا سڃاڻون توکي، سيٺ جيڪڏهن اڳ ته ٻڌائي ها ۽ گديءَ تي

ٿي وڃي آهي ڇا؟

ٻوگي سيٺ کيس چيو، ”اوهانجي هوندي ڪيئن ٿي چوري ٿي سگهي؟ پر هڪ عجيب مصيبت اچي ڪڙڪي آهي. هڪڙو ماڻهو آهي جو انيڪ روپ اختيار ڪري هن شهر ۾ پيو ڦري. ڏاڍو حرفتي ۽ چالاڪ پيو لڳي. شڪل صورت ۾، آواز ۾ ۽ ڪپڙا وغيره سڀ ڪجهه مون جهڙا پيل انس. مونکي ٻڌ پيو آهي ته هن شهر مان ڪيهن کان مهنجي نالي روپيا وغيره اڌارا ورتي وڃي ۽ پوءِ مونکي ڀرڻا ٿا پون. ان ڪري مان اوهانکي ان کان واقف ڪرڻ آيو آهيان. اوهان پوليس عملدار آهيو، اوهانکي اهڙو شخص ڪيئن ڏوکو ڏئي سگهندو؟ اوهان پڻ ڪي ان ڳالهه کان خبردار ڪري ڇڏيو ته ٺيڪ.“

پوليس انسپيڪٽر چيو، ”اوهان هر طرح بي فڪر رهو، مان ان کي ڏسي وٺندس.“

هاڻي اهو ٻوگي سيٺ سارو بندوبست ڪري اچي سيٺ جي آفيس ۾ سندس گديءَ تي ويهي رهيو.

اتري ۾ اهو اصلي سيٺ مندر مان پوڄا ڪري پنهنجي آفيس جي وڏي دروازي وٽ آيو. اندر چڙهڻ لڳو چوڪيدار کيس روڪي چيو، ”تون ڪير آهين جو اندر گهڙي پيو اچين؟“

سيٺ چيو، ”اڙي! تون مونکي ڪرڻ ٿو سڃاڻين

گهر طرف ويو ته دروازي تان ٻنهي ٻارن کيس ڏسندي چيو، ”ڏسو ڏسو هي اهو شخص آهي جنهن لاءِ بابا چيو هو ته شهر ۾ بهروپي آيو آهي. اڄ هيءُ ته ابا اسان جي پيءُ جيان نظر پيو اچي.“

سيٺ اهڙو ٻڌو ته سندس باقي رهيل ڌيرج به ٽٽي پيو. ۽ ٿوري همت ٻڌي چيائين ”ڏسو نه مان توهان جو پيءُ آهيان.“

وڏي پٽ ڪاوڙجي چيو، ”وڃ وڃ آيو آهي پيءُ بڻجڻ. اسانجو پيءُ ته اندر گديءَ تي ويٺو آهي. تون آيو آهين اسانکي دوکو ڏيڻ.

هاڻي سيٺ ڇا ڪري؟ سندس اکين اڳيان اونده ڇانئجي وئي، کيس سندس پٽ به سڃاڻي نه سگهيا ته ٻيو ڪير سڃاڻندو؟ کيس ويچار آيو ته هن شهر جو وڏو عملدار سندس دوست آهي. اهو سمجهدار به آهي. اهو هنن جيان مورک ڪونهي. اوڏانهن ڇو نه وڃان اهو اچي هنن کي سمجهائيندو.

هاڻي هو ان پوليس انسپيڪٽر وٽ ويو.

ان انسپيڪٽر کيس پري کان ايندو ڏٺو. دل ۾ چيو ”شايد اهوئي آهي بهروپي! ڪمال آهي! هن ته فقط شڪل شبيهه سيٺ جهڙي ناهي رکي آهي پر هلت چلت به ساڳي پيو لڳي.“

اهڙي ۾ اهو سيٺ به اچي پهچي ويو. انسپيڪٽر

نه هجي ها ته اسان پڪ ني پڪ دوکي ۾ اچي وڃون ها، وڏو سانگ رچايو اٿيئي؟"

سيٺ ڪاوڙجي چيو، توهان سيٺي جو اڄ دماغ خراب ٿي ويو آهي، ڪو مصوبو رچيو اٿو. مان گديءَ تي ڪٿي ويٺو آهيان. مان ته هيٺ ويٺو آهيان. هائي ٿي ته مدد مان ٿي آيو آهيان.

سيٺي ٽهڪ ڏيندي چيو، "تهجي اجاني ڪراس پڙي چڪا آهيون. هاڻي چڱو جاڻي ته هتان هليو وڃ. هي اسانجي ڪم جو وقت آهي. اسان سيٺ کان پگهار وٺون ٿا ڪم ڪرڻ لاءِ نه پهروايءَ جي سانگ رچائڻ لاءِ."

سيٺ وڏي غصي ڪيندي چيو، "اوهان سڀ گڏ آهيو مان توهان سيٺي کي نوڪري مان ڪڍي ٿو ڇڏيان."

منيب چيو، "توهين ڪير آهين سيٺ جو سانگ ڪرڻ وارو؟ هتان جلد هليو وڃ، نه ته اسان توکي پوليس جي حوالي ڪنداسين، توکي جيل جي هوا کائڻي پوندي."

سيٺ جو مغز چڪر کائڻ لڳو. من ۾ آيس ته جيڪر هنن حرامخورن کي لت سان ماري پورو ڪريان پر اهي گهڻائيءَ ۾ هئا ۽ سيٺ اڪيلو هو. نه وري ڪا لت پر ۾ پيل هئي. ان ڪري هو ٻئي در کان نڪري

ڪيس ڪيو. مئجسٽريٽ هن سيٺ کي سڏايو ۽ ٻوڙي سيٺ کي به پاڻ وٽ گهرايو. ٻنهي کي ڏسي بيحد تعجب لڳو ته ٻنهي جي شڪل صورت، نڪ ڪن منهن آواز سڀ هڪ جهڙا آهن. ٻنهي چيو، "مان اصلوڪو سيٺ آهيان."

ٻوڙيءَ سيٺ جي شاهدي ٻڌيءَ ۽ ٻارن ڏني ۽ ٻين "سماشڪتن" ۽ منيب به ڏني.

۽ سيٺ جي شاهدي فقط وڪيل ڏني.

مئجسٽريٽ چيو هن طرح فيصلو نه ٿي سگهندو. مان هڪ ٻه سوال ٿو پڇان جن جا جواب ڏيو." هن سيٺ کي چيو، "تون چوين ٿو ته تون اصلوڪو سيٺ آهين. هي ٻيو شخص ٻهروپي آهي."

سيٺ چيو، "برابر سرڪار. منهنجو روپ ڌاري هن سيٺيءَ کي موڙ ڪڍيو آهي."

مئجسٽريٽ چيو، "هو به ائين ٿو چوي ته تون ٻهروپي آهين. ان ڪري تون ٻڌاءِ ته جنهن ڪمري ۾ تون ويهندو آهين ۽ ڪاروبار هلائيندو آهين ان ۾ ڪيترا لوهه جا ڪٻٽ ۽ ڪيترا ڪاٺ جا ڪٻٽ آهن؟"

سيٺ چيو، "اهو مان ڪيئن ٿو ٻڌائي سگهان؟ ڪٻٽن کي ڏسڻ جو ڪم ته منيبن جو آهي."

مئجسٽريٽ پڇيو، "اهو ٻڌاءِ جتي تون ويهندو آهين ان جي ساڄي پاسي ۾ جو چوٿون نمبر ڪٻٽ

مٿس ٽٽولي ڪندي چيو، "اچو سيٺ صاحب!"

اهو ٻڌندي سيٺ جي دل ۾ همٿ اچي وئي ڄڻ سر ۾ ساهه پئجي ويس. "شڪر آهي جو توهان مونکي سڃاتو. مونکي پنهنجي منيب گماشتن ۽ پنهنجي گهر وارن سڃاتو ئي ڪونه. مونکي توهانجي مدد جي درڪار آهي."

انسپيڪٽر کلندي چيو، "واهه جو سانگ رچيو اٿئي سيٺ صاحب! هاڻي اهو سانگ ڪرڻ بند ڪر، نه ته توکي گرفتار ڪري جيل ۾ موڪليندس. تنهنجي اِن سانگ رچڻ سان ڪنهن کي ڌوکو نه پهچي ٿو سگهي"

سيٺ صاحب وري گهٻرائجي ويو "اوهان ڇا ٿا چئو انسپيڪٽر صاحب؟ توهان به مونکي ڪونه ٿا سڃاڻو؟"

انسپيڪٽر چيو، "خوب ته توکي سڃاڻان؟ سيٺ صاحب مونکي سڀ ڪجهه ٻڌائي ويو آهي. توکي کپي ته مان توکي اِن ڪان ڏهه واڌو رپيا اِنعام طور وٺي ڏئي سگهان ٿو. ڪمال ڪيو آهي ٻاڻ ڪري ٻهروپي ٻڻائي وڪڻ ۾."

سيٺ صاحب ٻاڳلن جيان اُلان ائيو. انسپيڪٽر جي آفيس مان ٻاهر نڪري ويو. هاڻي جڏهن هن کي ڪو به نٿو سڃاڻي ته هو ڇا ڪري!

نيٺ هو وڪيل سان صلاح ڪري هن ڪورٽ ۾

موڪليو ته هن وقت سيٺ جي آفيس ۾ وڃي ڏسو ته اِئين برابر آهي جيڪي هو چوي ٿو؟"

ڪورٽ انسپيڪٽر ۽ منشي اوڏانهن ويا. هنن ڏٺو ته سچ اِئي ڇهه ڪٻٽ آهن، چار ڪاٺ جا ۽ ٻه گادريج جا ۽ سيٺ جي گديءَ جي ساڄي پاسي واريءَ پيٽيءَ ۾ راڻي وڪٽوريا جي مهر وارا چانديءَ جا برابر ٻي هزار روپيا رکيا آهن. حساب ڪتاب جا ٻن نمونن جا وهيون چوڙا رکيا آهن.

واپس اچي انهن سموري ڳالهه عدالت ۾ اچي ٻڌائي. مئجسٽريٽ فيصلو ڏنو ته ٻوگي سيٺ ئي سچو سيٺ آهي. ٻيو جنهن ڪيس ڪيو اهو ٻهروپي آهي. هن دفعي ڪيس معاف ڪجي ٿو وڃي. وري جيڪڏهن اِئين ڪيائين ته مٿس ٺڳي ڪرڻ جو ڪيس ڪيو ويندو.

اهو سيٺ مٿو پٽيندو ڪورٽ کان ٻاهر هليو ويو. مال ملڪيت، واپار، ٻنيون، هٽ، سڀ ڪالهه کسجي ويا. ڪجهه به هن وٽ نه رهيو. سخت پريشانيءَ ۾ هن نديءَ جي ڪناري تي پهتو جتي اهو مندر ٺهيل هو. هن وقت اهوئي سوچڻ لڳو ته هن نديءَ ۾ ٽپو ڏيئي پنهنجو انت آڻڻ گهرجي. هن جيئڻ مان ڪهڙو فائدو هت منهنجي لاءِ رهيو ئي ڇا آهي؟ پر مرڻ اهڙو آسان ڪونهي. سندس اکين ۾ آنسون هئا ۽ پيو سوچي ته هي ڇا ٿي ويو؟

رکي آهي اُن ۾ ڇا رکيل آهي؟“

سيٺ چيو، ”اوهان ته کهڙيون نه ڳالهيون ڪريو! اهو مان اڳڌانهن نهاريان ته ڪونه. اُن جي جاڻ منهنجي منيب کي آهي.“

مئجسٽريٽ چيو، ”ٺيڪ، هاڻي هوڏانهن وڃي ويهه. هاڻي مان هن کان سوال پڇندس.“

هن ٻوگي سيٺ کان پڇيو، ”اوهان جنهن ڪمري ۾ ويهو ٿا، اُتي ڪيترا ڪٻٽ آهن؟ تن ۾ ڪاٺ جا ڪيترا ۽ لوهه جا ڪيترا آهن؟“

ٻوگي سيٺ پنهنجي ٻوڙ ٻل سان اندر ۾ ڌيان ڪري جواب ڏنو ”اُن ڪمري ۾ ڇهه ڪٻاٽ آهن. چار ڪاٺ جا ۽ ٻه گادريج جا، جيڪي پنج ورهيه اڳ خريد ڪيا ويا آهن.“

مئجسٽريٽ چيو، ”پر ٻڌاءِ جتي تون ويهندو آهين اُن کان ٿورو ٻري ساڄي طرف جيڪا پيٽي رکيل آهي اُن ۾ اندر ڇا رکيو آهي؟“

ٻوگي سيٺ ٻوڙ ٻل سان ڌيان لڳائي جواب ڏنو، ”اُن ۾ راڻي وڪٽوريا جي مورت وارا ٽي هزار روپيا رکيا آهن. پيٽي حساب ڪتاب جا ٻن قسمن جا وهيون چوپڙا آهن. هڪڙا انڪم ٽئڪس وارن جي لاءِ جيڪي نقلي آهن ۽ ٻيا پنهنجي لاءِ جي اصلي سچا چوپڙا آهن.“

مئجسٽريٽ ڪورٽ انسپيڪٽر ۽ ڪلارڪ کي

"مانس جنم امول ھئين، ديھہ نہ بار بار
ترُوَ سي ڦل جيئُن جھڙ پڙا، ڦر نہ لاڳي ڏار."

اوهان ڏٺو آهي تہ وڻ مان ڪريل ميوو ڪڏهن واپس ڏاريءَ سان وڃي لڳو آهي؟ منش جو ھيءُ سريرُ بہ لکين جوڻين جي چڪر مان نڪري اچي ملي ٿو. اهڙو چولو وري ملڻ مشڪل آهي.

مهاتما سندرداس چيو آهي:-

"سندر" مانش ديھہ يھہ، پايو رتن امول،
ڪؤڙي بدل نہ کوئيي، مان همارا بول،
"سندر" سانچي کهت هئين، مت آيو من اوس،
جو تُوَ کويا رتن يهہ، تو تُوهي ڪو دوش.

جيڪڏهن تو ھيءُ رتن گنوائي ڇڏيو تہ ان ۾ تنهنجو ئي دوش چئبو، ڪنهن ٻئي جو نہ.

"بار بار نهين پائيي، سندر مانش ديھہ،
پرڀُو ڀڄن، سيوا سڪرت، يهہ سؤدا ڪر ليهہ."

ان لاءِ مليو آهي مانش چولو. پرڀُو ڀڄن، دکين جي سيوا ۽ ستڪرم، اهڙو سؤدو ڪرڻو هئڙي. نہ تہ تہ هي سريرُ وري ڪونہ ملندو. جيئن ھيءُ ديھہ ڪچو بہ ناهي تہ آهي، هن ۾ آتما نہ هجي تہ هي سريرُ مٽيءَ جو پتلو آهي. جو بدبوءِ گندگيءَ جو پتلو مثل آهي. پر

مٿان شام اچي ٿي. اھو ڀڳي سيٺ ۽ ان مندر ۾ آيو ڀري کان ھن ڏٺو اھو سيٺ نديءَ جي ڪنٺي تي ويٺو آھي ۽ وٽس ھنجھون ھاري ۽ ڳوڙھا ڳاڙي. ڀڳي سندس ڀرسان ويو ۽ کيس چيو، ”سيٺ چئو اوم!“

سيٺ سڏڪا ڀريندي چيو، ”اوم ھري اوم!“

ڀڳيءَ چيو، ”رام رام!“

سيٺ چيو، ”رام ھي رام ھاڻي ان کان سواءِ ٻيو ڇا آھي؟“

ڀڳيءَ چيو، پلا غريبن ۽ گھرجائن لاءِ.“

سيٺ چيو، ”مون کان وڌيڪ ٻيو غريب ۽ گھرجائو ٻيو ڪير آھي؟“

ڀڳيءَ چيو، ”سيٺ صاحب ٻڌ مان تنھنجي ساري ملڪيت، تنھنجو واپار توکان کسڻ ڪرڻ ٿو چاھيان. مان ڪو سيٺ ڪرڻ آھيان. اصلي سيٺ تون ئي آھين. تنھنجو سڀ ڪجھ توکي واپس ٿو ڪريان. ھو توکي ٻڌائڻو ھو ته جيڪر مالڪ توکي سڀ ڪجھ ڏئي سگھي ٿو ته کسي به سگھي ٿو، ۽ اوھان ٻڌي چيو ته موٽڪي وقت ڪرائي.“

ٻڌو مدھجون مانائون، سڄڻ ۽ پيارا ٻالڪو. اڄ کي وقت ڪيڏو ٿي پوندو، ڏ ڏ ھي مانش چولو ھيءَ جيون اجايو ھليو ويندو. ڇو ته ھيءَ مانش جيون وري وري ملڻو ناھي.

”زيرِ گردو عمر اپني دن بدن ڪٽتي گئي،
جس قدر بڙهتي گئي هم زندگي گهٽتي گئي“

ٻڍڙو چاليهن ورهين جو ٿي ويو. ٻيءَ ايڏو خوش آهي ته پٽ جو ايڪتاليهون جنم ڏينهن اچي ويو آهي. ٺيڪ آهي خوش ٿيو پئي. پر اهو نه سوچيو ته پٽ جو عمر چاليهه ورهيه گهٽجي ويئي. هن جي ڪيتري عمر هوندي اهو ايشور ئي ٿو ڄاڻي. پر عمر ڪيتري به هجي ان مان چاليهه ورهيه گهٽجي ويئي. اڄڪلهه جنم ڏينهن (Birthday) ملهائڻ جو گهڻو رواج آهي.

"Happy Birthday To You"

مان انهن کي چوان ٿو ته اهي جنم ڏينهن ته ملهايو پر ياد رکو اهي جنم ڏينهن خوشيءَ ڪرڻ جا ناهن. حساب ڪرڻ جا آهن. ليکي چوکي جا آهن. ۽ اڪائونٽ ۾ ويهي ته جنهن مقصد لاءِ هي مانش جنم مليو آهي اهو ڪيتري قدر سڦل ٿيو آهي باقي ڇا ڪرڻو آهي جي ڪجهه نه ٿيو آهي ته پڪو نشچيا ڪريو ته باقي سال چڱن ڪمن ۾ گذاريندس. ان مقصد ۾ سڦل ٿيڻ جو هڪ اپاءُ آهي ته هر روز گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ آتم - چنتن ۽ ٻڌو چنتن ڪريو. اهو هڪ ڪلاڪ ٻين ٻالهيون وساري ٻڌوءَ جي ڌيان ۾ لڳي وڃو.

هڪ ٻڍڙي مون وٽ آئي ۽ چيائين ”سوامي جي!

’سندر‘ سانڍيي کيت هئن، جو ماڻي تُو مان،
پهي ڏيهه اتي سندر پهه هئا، پهه رتن کي کاڻ“

”’سندر‘ ٻاٽي ڏيهه ۾، هار جيت کو کيل،
جيتئي تو جڳتي، هاري مايا ميل“

ڪبير ۾ چيو آهي:

رات گنوائي سوءِ ڪر، ڏيوس گنوايا کاءِ،
هيري جئسا جنم هئه، ڪوڙي بدلي جاءِ.“

اڙي، ڇا لاءِ هن هيري جنم کي ڪوڏين جي بدلي
ناس ڪري رهيو آهين؟ ڇو تون هن رتن کي وڃائي
وڃائين؟ ڇو تون پاڻ چوراسي لک جونين جي چڪر ۾
پاڻ ڦاسائين؟

هن دفعي چڪر ۾ وري جي ڦاسين ته ان مان ٻاهر
نڪرڻ وري مشڪل ٿي ويندو. هي ماڻش
سرير وري ٻيهر سولائيءَ سان ڪونه ملندو. سنسڪرت
۾ به چوڻ آهي جنهن جو ارٿ آهي:

”نديءَ ۾ وهي ملندڙ ناليءَ جو پاڻي ڪڏهن اوهان
واپس چشمي طرف ويندو ڏٺو آهي؟ اهڙيءَ طرح
اوهان جي عمر جا اهي ڏينهن واڻي جي ڳذري
چڪا آهن اهي ڪڏهن واپس اچڻ نه آهن.“

اها چڻ-چڻ بند ٿي وڃي ته ڪوهه مان پاڻي اچڻ به بند ٿي ويندو ۽ نل مان پاڻي ٻاهر اچڻ به بند ٿي ويندو. گهڙو ڀلا ڪٿان پاڻي ڀرجندو؟

ان ڪري منهنجا سڄڻو! ان چڻ-چڻ جي چنتا ڇڏي ڌيان لڳائي ويهو. پهرين ٻاهر اها چڻ چڻ ٻـا ٻيا ڪي آواز ڇـــوڙ نه ڏيندا رهن توهان جـــي من ۾ جيڪڏهن پرڀوءَ لاءِ پيار آهي ته پوءِ ان چڻ چڻ ٻـا ٻين آوازن جي هوندي به توهانجو ڌيان لڳي ويندو.

اهو سڀ ڪجهه مون مهرشي ديانند جي انهن پنجن شبدن جي آڌار تي "ساڌڪ کي پرڀو ڌيــان لڳائڻ گهرجي." مهرشي پتنجلي جي يوگ درشن جـــو مثال ڏيئي ٻڌايون سمد ر ڳالهيون هن ٻڌي وشواس سان لکيون آهن جو انهن کي پڙهي ٿي لکي سگهي ها. يم، نيم، آسڻ، پراڻايام، پرتياهار، ڌيان، ڌارڻا، سماڌي انهن سڀني جو هن ورڻن ڪيو آهي. ڀـر ڪي سچڻ چونڊا ٻڌي سخت محنت ۽ ٻڌي ڪوشش ڪرڻ ســـان ٿيندو ڇا؟ اهو ٿي ته، ته ان ايشور کي جــاڻي سگهبو؟ جيڪڏهن ان کي سڃاڻندا سين لــه گهڙو نقصان آهي؟

ٻڌو! نقصان اهو آهي ته هيءُ مانش جنم مليو آهي ته پرڀوءَ کي ڄاڻون. ان جـــو درشن پراپت ڪريون ان کي پنهنجو ڪريون. جيڪڏهن ائين نه ڪيوسين ته

مان وهان ٿي پر ته هان ڪونه ٿو لڳي.“

مان ڪانئس پڇيو ”ڇو نه ٿو لڳي ته هان؟“

هن چيو ”گهر ۾ ٻار آهن، ٻوڙا آهن، ٻوڙيون آهن انهن جي روئڻ رڙڻ جا آواز ٿي بند ڪونه ٿا ٿين“

مون کيس ڪلي چيو ”ڪٽنب ۾ ٻارن جو تيڻ سنو ٿي آهي. جڏهن گهر ۾ ٻار ڪونهن الي ته سڏائو چانيل هوندو آهي. سو انهن جي آواز هوندي به پڇن ۾ لڳي رهو.“ کيس منهنجي ڳالهه ته هان ۾ ڪونه وڻي. مون کيس گهوڙي واري جي آکاڻي ٻڌائي.

هڪ گهوڙي وارو هو. ان جو گهوڙو آوازن تي ٻيو ٿپ ڇڏيندو هو. اهو گهوڙي سوار ان گهوڙي کي پاڻي پيئارڻ لاءِ هڪ کوهه تي وٺي ويو. ان کوهه مان ڏاند پاڻي ڇڪي رهيا هئا. نار هلي رهيو هو. ان نار مان آواز نڪري رهيو هو. گهوڙي وارو ان گهوڙي کي حوض جي ناليءَ وٽ وٺي ويو. پر گهوڙي پاڻي نٿي پيتو. گهوڙو هڪ طرف سري اٿي رهيو. کوهه واري سندس مالڪ کان پڇيو ته گهوڙي کي پاڻي ڇو نه ٿو پيئارين؟“

گهوڙي واري چيو ”اهو نار جي چڻ چڻ جو آواز بند ٿيندو ته ڏهن گهوڙو پاڻي پيئندو.“

نار هلائڻ واري چيو ”اي نيڪ بندا هن گهوڙي کي ان چڻ چڻ جي آواز ۾ ئي پاڻي پيار.“

ٿيون اهو سوچي ويٺو ته ڇا ڪجي؟ پر ان کي پنهنجي من کي ايڪاگر ڪرڻ جي شڪتي ڪانهي ان ڪري ڪڏهن ته پنهنجين الجهڻن ۽ ڏکيائن کان ٻاهر نٿو نڪري سگهي جو سوچي پڪ ڪري ٿو اهو ان جو اسقل وڃي ٿو.

پر ان ڳالهه کي اڳي ڇڏيو مان اوهان کي ٻڌائي رهيو هوس ته ايشور جو درشن ٿي سگهي ٿو. هاڻي ويد جي ايڪويهين اڌياءَ جي ڇهين منتر ۾ چيل آهي ان پرماتما جو درشن ڪري، سگهن ٿا ديو، سادڪ ۽ رشي.

ديو ۽ سادڪ جي ڳالهه مان اوهان کي ٻڌائي چڪو آهيان. هاڻي "رشي" جي ڳالهه ٻڌو اهو "رشي" ڪير آهي؟

اسان جي وڏن چيو آهي، رشي اهو اهو آهي جيڪو ٻين جو ڀلو چاهي ٿو. ان جي سک ۽ ڪلياڻ جي لاءِ ان کي مٿي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو.

سڄڻ! توهان کي "ديو" بڻجڻ ته ڏکيو پيو لڳي هوندو ساڌن ته اوهان کان ڪونه ٿا ٿين ته ٻين جو ڀلو ته ڪريو. سماج شيوا، لوڪ شيوا، دکين جي شيوا ڪرڻ پنهنجو ڌرم ٺاهيو. ڪوئي بيمار آهي ته ان وقت وڃي ان جي دل جان سان سيوا ڪريو. ان کي مرض مان ڇٽڪاري جو يتن ڪريو. ڪو نرڌن آهي ته ان جي گهر ۾ اناج موڪلي ڏيو، ڪپڙا پهچايو. جيڪڏهن

هيءُ منش جنم اجايو سمجهو. پر ياد رکو ته يوگ اڀياس فقط اڌياتمڪ جڳت ۾ مٿي چڙهڻ جو مارگ ناهي. هن دنيا ۾ ڪامياب ٿيڻ جو به ساڌن آهي. مهرشي ديانند ”رگ ويد آدي - ڀاشيه ڀومڪا“ ۾ چون ٿا :-

اڀياسڪ يوگي ۽ سنساري منش جڏهن وهنوار ۾ مشغول هوندا آهن تڏهن يوگيءَ جو من سواءِ دک ۽ سک کان مٿي چڙهي، آنندائڪ ڀڄي اُلساهه ۽ مستيءَ سان ڀرپور رهي ٿو ۽ سنسارڪ منش جو من جنهن يوگ اڀياس نه ڪيو آهي اهو سواءِ پرسنتا ۽ اپرسنتا جي دک ساگر ۾ ٻڏو رهندو آهي. اڀياسڪ يوگيءَ جي چت جون ورتيون گيان جي پرڪاش ۾ سدا اڳتي واڌارو ڪنديون وڃن ٿيون ۽ سنساري منش جي چت جون ورتيون سدا انڌڪار ۾ ڦاسنديون وڃن ٿيون.“

اهو آهي رواجي سنساري منش جي لاءِ يوگ اڀياس ۾ ڌيان لڳائڻ جو لاڀ. هيءَ دنيا آهي ان ۾ اوچ نيچ، سک دک. روڳ نروڳ، ڏک ڏوڙ، جدوجهد اهو سڀ ڪجهه لڳو ٿي رهي ٿو جيڪو يوگي آهي اهو پنهنجن مشڪلاتن کي سولائيءَ سان سمجهي ٿو. اهو ڌيان ۾ (ايڪانت) ويهي ڏسي ٿو ته ڇا ٺيڪ آهي ۽ ڇا غلط آهي. هو يوگي صحيح مارگ جي راهه پڪڙي ٿو ۽ غلط رستو ڇڏي ٿو ڏئي. ان کي سڦلتا ملي ٿي. ٻئي طرف سنساري منش اڳيان ٻه اهڙيون مشڪلاتون پيش اچن

ڀڳت پڇيو ”منهنجو نالو انهن ۾ آهي ؟“

ديوُدوت چيو ”هاڻو سڀني کان اول اوهانجو نالو آهي.“

ڀڳت چيو ”هيءَ ٻي لسٽ ڇاجي آهي.“

ديوُدوت چيو ”هيءَ انهن ماڻهن جي آهي جن کي ڀڳوان پيار ڪري ٿو.“

ڀڳت پڇيو ”ان ۾ منهنجو نالو آهي ؟

فرشتي چيو ”آهي ته سڀني ۾ سڀني کان اول هڪ ٻئي ڀڳت جو نالو آهي.“

ڀڳت تعجب مان چيو ”پر اهو شخص ته ڀڳوان جو نالو وٺندو ئي ڪونهي. مون ان کي سنڌيا، پوڄا، ڀڄن، ڪيرتن ڪندو ڪڏهن ڪونه ڏٺو آهي. اهو ته فقط ٻين جي واهر ڪرڻ سيوا ڪرڻ، ٻين جا ڪم ڪرڻ، بيمارن، غريبن، دکين جي سيوا ڪرڻ ۾ لڳل هوندو آهي.“

فرشتي چيو ”اهوئي سبب آهي جو ڀڳوان ان کي سڀني کان وڌيڪ پيار ڪري ٿو. جيڪو پرڀوءَ جي پرجا کي پيار ڪري ٿو. ڀڳوان ان کي پيار ڪري ٿو. هڪ هندي چيل آهي

”اي منهنجا سوامي! منهنجا پريو، سرو شڪتيوان جيڪڏهن تون مون مان راضي آهين ته پڻ مون کي راڄ نه گهرجي، راجنيتڪ ستا نه گهرجي، صرف اها

ودوا جو پيٽ پيا علم حاصل جي رهجي وڃي ٿو ۽ ان
جي پڙهائڻ جو بندوبست ڪري ٿو. ان لاءِ ڪا اسڪالر-
شپ ڏيڻ مقرر ڪري ٿو. ان کي ڪتابن ڏيڻ جي
سهايتا ڪري ٿو. کيس اسڪول جي يونيفارم سڀائي ڏئي ٿو.
جيڪڏهن غريب جي ڪنيا شاديءَ لائق آهي ۽ هو
ڌن نه هئڻ جي ڪري وواهه نٿو ڪرائي سگهي ته ماتا
ميت ۾ سندس گهر وڃي ۽ گپت روپ ۾ کيس مدد
ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪٿي ٻه ڀائر پاڻ ۾ وڙهيل آهن ته
انهن وٽ وڃي کين سمجهائي ڪري جهڳڙو نبيري
ڇڏي ٿو. پاڻ ۾ کين سرچائي ڇڏي ٿو. نفرت کي واڌو نه
اچڻ ڏئي ٿو. اهڙيون ڳالهيون ڪندا نه اوهان رشي ٿي
ڇٽيا.

” يهي هئي عبادت، يهي دين - ايمان ڪ دنيا ۾ ڪام آئي، انسان کي انسان. “

اوهان ڪهاڻي ٻڌي هوندي. ته هڪ ڀڳت هو
وڏي پريم ۽ شرڌا سان ڀڳوان کي ياد ڪندو هو. هڪ
ڏهاڙي هن اتي ديودوت (فرشتو) آيو پاڻ سان ٻ-
وڏيون لسٽون نالن جون کڻي، ڀڳت ڪائنس پڇيو ”اهي
لسٽون جنهن ۾ نالا لکيل آهن ڇا لاءِ آندي اٿو؟“
ديودوت هڪ لسٽ کين ڏيکاريندي چيو ”هي
لسٽ انهن جي آهي جيڪي ڀڳوان کي پيار ڪن ٿا.

”ترور ڦلي نه آپڪو، ندي نه پيوي نير،
پرهت ڪارڻ جڳت ۾، سنتن ڌرا سرير.“

وڻ جيئن پنهنجو ميوو پاڻ نٿو کائي، ندي پنهنجو جل پاڻ نٿي پيئي، اهڙو سنت به ديوتا اهو آهي جو ٻين لاءِ جيئي ٿو. ضرورت وقت پنهنجا پراڻ به قربان ڪري ٿو ڇڏي.

سوامي دياننده مهراج گهر مان نڪتو ان لاءِ ته هو سچي شو جو درشن پائي. نربدا جي جهنگلن ۾ ڪيترن يوگين کان هن گهڻو پرايو. سوامي ورجانند جي ڪٽيا ۾ هو پهتو. ان کان ويد جو گيان پراپت ڪيو ۽ پروڙيو ته سچو شو ڀڳوان ڪير آهي؟ ۽ اتان راهي ٿيو هردوار جي ڪنڀ ميلي ڏانهن.

پاکنڊ جي پول کي پڌري ڪرڻ جو جهنڊو هن هٿ ۾ کنيو ته هو جنتا کي صحيح پڌائيندو. ڪيترا ئي گرنٿ هن وٽ هئا. ڪيترو ئي گيان هن وٽ موجود هو، پر ماڻهن سندس ڳالهين کي اُبتو ڪيو. سندس اڳيان هڪ سوال ڪڙو ٿيو ته هو هاڻي ڇا ڪري؟ ٿڌهن اندر مان جواب آيس. هن سڀ پنهنجو تياڳ ڪري ڇڏيو. ڪتاب، ڪپڙا ۽ ٻيون چيزون ٻين کي ڏيئي ڇڏيو. هڪ ڪفني پائي گهاٽن جهنگلن ۽ آڪاش کي ڇهندڙ پهاڙن ڏانهن راهي ٿي ويا. انهن پهاڙن ۽ جهنگلن ۾ جهنگلي شڪاري جانور شينهن، چيتا، ريڇ

ٿي اڀلاشا آهي اها ٿي تمنا آهي ته دکن جي آڳ ۾ جلندڙ منش کي ڪشٽن کان ڇڏاءِ.“

زر و حڪومت کي هُجَ تمنا،
نه آرزو نجات و جنت،
جو غم زده هُجن وه مسڪرائين،
بس اڪ يهي التجا هُجَ مالڪ“

ياد رکو انسان ان کي چئبو جو ٻين جي ڪم اچي ٿو. جو صرف پنهنجي لاءِ سوچي ٿو، پنهنجي ٻچن لاءِ سوچي ٿو ۽ ٻاڻ لاءِ ٻورو آهي اهو حيوان مثل آهي.

”کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، اولاد پيدا ڪرڻ، اناج گڏ ڪرڻ، پاڻ لاءِ اجهو ٺاهڻ، دکن کان دور ڀڄڻ، سک پٺيان ڊوڙڻ اهو ته پشو به ڪندو آهي. منش به جيڪڏهن فقط اهو ڪري ۽ سمجهي ته ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه ڪرڻو ڪونهي ته پوءِ ان انسان ۽ حيوان ۾ فرق ڪهڙو؟

منهنجا پيارا مترو! جيڪر فقط پنهنجي لاءِ سوچي ٿو اهو حيوان آهي، جيڪو پنهنجي لاءِ به ۽ ٻين لاءِ به سوچي ٿو اهو انسان آهي، جيڪو پنهنجي لاءِ نه پر ٻين لاءِ سوچي ٿو سو اهو رشي آهي ۽ سمه سادو آهي.

ٻڪ ٽي ٻڪ مري ويندو. ڪو ڪمبل ڪپڙو نٿي اچي مٿس وجهي، يا سندس بدن کيس گرم ڪرڻ لاءِ ٻاهه ٻاري.

اتي ساڻ آيل عملدارن مان ڪنهن چيو، "ڪا چنتا نہ ڪريو سرڪار! هيءُ شخص خوب مال کائيندو پيئندو آهي."

سوامي اهو ٻڌي کلي ڏنو. "مان مال نہ ڪونہ کائيندو آهيان. ٻڪريءَ جو کير ملندو آهي اهو کائيندو آهيان."

ڊپوٽي ڪمشنر پڇيو، "ڀلا نہ اوهان کي سردي نہ لڳندي هوندي؟ اڄ تہ وڏي ٿڌ آهي."

سواميءَ چيو، "نہ ڀائي! مونکي ٿڌ ڪانہ لڳندي آهي."

ڊپوٽي ڪمشنر چيو، "اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مون اهڙا ڪپڙا پاتا آهن تڏهن بہ ٿڌ لڳي ٿي ۽ اوهان جي سرير تي هڪ ڪپڙو بہ ڪونهي."

سواميءَ چيو، "اوهان سرير تي جيترا ڪپڙا پاتا آهن پر نڪ تي ڪوبہ ڪپڙو ڇونہ رکيو آهي؟ ڇا ان کي ٿڌ ڪونہ ٿي ٿئي؟"

ڊپوٽي ڪمشنر چيو. "اهو تہ ٿڌ سهڻ تي هري ويو آهي،"

اهڙيءَ طرح هيءُ منهنجو سرير بہ ٿڌ سهڻ تي

هاڻي، اڄڪر ۽ پيا زهري نانگ جي ٺڪر ٺڪر لـي
ڇانيان پيا هئا تن جي پرواهه نه ڪري، بک پياس جو
فڪر نه ڪري، ڏکن سکن جي پرواهه نه ڪري ۽
پيغاني هوائن جي پرواهه نه ڪري هو ڇهه ورهيه لڳاتار
گهور تپسيا ڪندا رهيا. هڪ ڪفنيءَ کان سواءِ هنن
وٽ ٻيو ڪو به ڪپڙو ڪونه هو. جهنگل جا ڪنول ئي
هن جو کاڌو خوراڪ هئا. پٿرن جون چٽرن سندن
بسترو هئو، غفائون سندن رهڻ جي جاءِ هئي. انهن
سيني ڳالهين جي باوجود پورا ڇهه ورهيه ڪٺن تپسيا
۾ لين رهيا.

انتري لدبي تپسيا ۽ اڃپاس جي ڪري سندن
سرير تي ۽ گرميءَ جي اثر کان مٽي ئي رهيو.

هڪ دفعي فراخ آباد ۾ برسات جو هر گنگا جي
لي پيڻ ڪرڻ لاءِ ويا هئا. سماري جا ڏينهن هئا
شد هوا زور سان لڳي رهي هئي. سوامي صرف
ڪفني پهري واريءَ تي آسڻ لڳائي ويٺا هئا. انهي
فراخ آباد جو هڪ انگريز ڊپٽي ڪمشنر شڪار جي
لاءِ گهوڙي تي چڙهيل اتان اچي لنگهيو. ڪي هندستاني
عملدار به هن سان گڏ هئا. سواميءَ جي واجهر ٻاڻي
ڏٺو ته اهڙي سخت ٿڌ ۾ بنا ڪنهن ڪپڙي جي اگهاڙي
سواميءَ کي ڏسي ڪمشنر هندي ساٿين کي چيو
”هن وٽ پهرڻ لاءِ پورو اوڇڻ به ڪونهي. هن لاءِ

ان کان پوءِ جو ڪجهه ٿيو ان لاءِ اتهاس جا صفحا شاهد آهن. ڪيئن سرون ڌڙهيا ويا، ڪيئن ڪارين گهد ذنا ويا. زهر پيئاري ويئي جيڪو مهرشي ڀين کي امرت پيئارڻ آيو هو. انهن سڀني حالتن هوندي به:- هو پنهنجي مقصد لي محڪم رهيا ۽ اڳتي وڌندا رهيا پاڻ سان هڪ دواس ڪڻي:-

رسمِ اُلفت جس طرح هو گا نباهينگي ضرور
تم همين چاهو نه چاهو هم تو چاهينگي ضرور

صرف هڪ اڇا ۽ آشا پاڻ سان ڪڻي ته هن سنسار جو ڪلياڻ ٿئي، ۽ اگيان انڌڪار ناس ٿئي ۽ ان جي جڳهه گيان جو پرڪاش ٿئي.

نه رهو نه هڪ اڀلاشا آهي، ان پريوءَ کي پائڻ لاءِ، ان پريوءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ. لوڪ ڪلياڻ يعني عام جو پر اپڪار. مهرشي ديانند هن مارگ تي پير رکڻ سان ڪيترن کي گيان جو پرڪاش مليو. ڪيترن جي جيون ۾ آنند جون نديون وهڻ لڳيون. ڪيترائين پاٺشالائون، اسڪول، ڪاليج کليا ويا ۽ گروڪل به کليا ويا ۽ ڇوڪرين لاءِ ڪاليج ٺهيا.

مهرشي کان اڳ ڇوڪرين کي پڙهائڻ پاپ سمجهيو ويندو هو. انهن کي ويد پڙهائڻ تي بندش هئي. ويد جي منتر پڙهڻ تي بندش هئي. مان هڪ گهر ۾

هري ويو آهي. سالن جا سال ٻيا ڪوهن جي اُتاهين پهاڙن تي رهيو آهيان. جتي برف ئي برف پيئي ٻري.

اهڙي تپسيا ڪئي هئي سواميءَ. ڇهن ورهين جي تپسيا بعد هو مقصد منزل تي پهچي سگهيا ۽ سچي شو جو درشن ڪري هڪ اُتاهين پربت چوٽيءَ تي چڙهي ويا. من ۾ سوچيائون "دپانند! جنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ تون گهر کان نڪتو آهين، اهو پورو ٿيو. هاڻي ڪرڻو آهين هن ڪنڌ ۾، ته هن سرير کي ڇڏ."

تڏهن سندس اندر مان آواز آيو، "خود تو آنند کي پراپت ڪيو ٿو ٻين جو ڇا ٿيندو؟ سامهون ڦهليل سنسار کي ڏس، جو هڪ شاهي آڳ جي لپيٽ جيان جيڻ ڪڏي جلي رهيو آهي، اگيان جي اونده ۾ هؤ لباهيءَ ذاتهن وڌي رهيو آهي. ڇا ان لاءِ تنهنجو ڪو فرض ڪونهي؟ ڇا پنهنجي لاءِ فقط ان پرم آنند کي چاهين ٿو ۽ ٻين جي لاءِ نه؟"

تڏهن اندر مان آواز آيو "نه، صرف پاڻ لاءِ سوچڻ سوارٿ ٿيندو ۽ سنسار مان ڇيو، نه پوءِ ڪجهه چلائڪ، ڏي ٿو هن جيئن واري آڳ ۾! هن کي ٻجهائڻ جي، دک مان سگهه ۾ آڻڻ جو يتن ڪر."

پوءِ هليا پربت تان لهي سنسار کي صحيح راه ڏيکارڻ.

ڏيھن ۾ جھل ڳالھ ٿوري ۾ وري ڌھرايان ٿو. ھيءَ دنيا ڏکن، ڪشٽن، چنتائن، مصيبتن سان وڪوڙيل آھي. ھر طرف اشانتي، ھر طرف وھندڙ لڙڪ، ھر شخص سمجھي ٿو ته ھو دکي آھي. پيا سڀ خوش آھن. پر پٽو منھنجا مترو، مان آھيان فقير، ۽ ھر ڪنھن جي گھر ويندو آھيان، لکاپتين ۽ ڪروڙپتين وٽ به. ھن ديش جي ھر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مان گھميو آھيان. پنھنجي ديش کان ٻاھر به ڪيترن ملڪن ۾ ويو آھيان. مان اوھان کي ٻڌايان ٿو ته مون ڪنھن کي سکي ڪونه ڏٺو آھي. ڪنھن کي گھڻو دک، ڪنھن کي گھڻو. دک ھر ھنڌ آھي......، ھر گھر ۾ آھي، ھر ڪٽنب ۾ آھي. يورپ دکي آھي، امريڪا دکي آھي، ڀارت دکي آھي.

ٻڌو ان دک کان ڇٽڻ جو اپاءُ آھي:-

”پرڪرتي ۽ مايا جي ھن انڌڪار کان پري ڪروڙين سج جيان چمڪندڙ پرم پتا، پرم پرش، پرميشور آھي. ان کي جاڻڻ سڃاڻڻ ھڪ موقعه جو، دکن جو، ڪشٽن جو، چنتائن جو الٽ اپٽوئي ناھي. ھر طرح جي دکن کي، ڀوءِ اھو غريبيءَ جو ھجي، يا بيماري جو ھجي، يا جنم ۽ مرڻ جو ھجي، يا ھار ۽ اپمان جو ھجي. مطلب ڪو دک ھجي انھن سڀني جي دور ڪرڻ جي ھڪ ئي دوا آھي ”پريو درشن“

وٺس. ھڪ ڏينهن مونکان پڇيو، "سوامي جي! مان گايتري منتر جو جاپ ڪري سگهان ٿي؟"

مون تعجب مان کيس چيو، "ڇو نه؟ توکي ان کان ڪنهن روڪيو آهي؟"

هن چيو، "ھڪ پنڊت چيو هو ته، استرين لاءِ گايتري منتر پڙهڻ جي منع آهي؛ هن اهڙو به چيو ته جيڪڏهن توکي گايتري منتر جو جاپ ڪرڻو آهي ته مان ڪندس تنهنجي بدران، تون مونکي دکشا ڏج ۽ ڦل توکي ملي ويندو."

مون کيس کلي چيو، "ان پنڊت کي اهو لوڀ هوندو ته ڪٿي سندس ڪمائي جو رستو نه بند ٿي وڃي ۽ ڌندو بيهجي نه وڃي."

مون کيس چيو، "تون وڏي چاهه سان گايتري منتر جو جاپ ڪندي رهج. اهو گايتري منتر جو هندي ۾ ترجمو ڪر ھجي. ويد پڙهه، اپنشد پڙهه، تو لاءِ ڀلا ٻئي ڪنهن لاءِ پڙهڻ جي ڪا منع ڪانهي. هي ۽ ڀڳوان جي واڻي آهي، جا سڀني لاءِ آهي." هو اهڙيون ڏيوريون اڄ گهڻيون ڪرنهن. اهي ٻالڪيون جن کي پڙهائڻ پاپ سمجهيو ويندو هو اهي اڄ علم ۾ اڳتي وڌي ويئون آهن. اهو آهي چمتڪار جيڪو مهرشيءَ ڪري ڏيکاريو.

هاڻي وقت ٻارو ٿيڻ وارو آهي. هن ڇهن

اهي آهن: ”ديو، ساڌ ۽ رشي“ ڪير ٿيو آهي؟ ڪير ساڌ آهي ۽ ڪير رشي آهي اهو به مون اوهان کي ٻڌايو ۽ منهنجي ٻڌائڻ جو لاڀ تڏهن آهي جڏهن اوهان ان تي عمل ڪندا، اُن کـي دل سان هنڊائيندا، ۽ اهو اصل نه ڇڏيو نه گهر ڇڏڻ کان پوءِ ٻي ٻيءَ ۾ ڏيان لڳائيو، ٻـا اڳئي سال ڪيو، يا ٻئي ڏينهن ڪنداسين. انهن نه هلندو اچ ڪـان نـي شروع ڪريو.

آج ڪهي هـر ڪاهه پهچونگا
ڪل هـي ڪهي قـر ڪال،
آج هي ڪل هـي ڪر ڏٺان،
اوسـر جـاسـي چـال.“

نه منهنجا مترو! منهنجا ٻالڪو، منهنجون ماتائون هن وقت کي هٿان نه وڃڻ ڏيو. پوءِ ڪهڙي خـبر، نه هي مانش سرير، ملي يا نه ملي ۽ ڪڏهن ملي ٿي نه. هي سرير ڪيترو رهندو اهو به ڪوني ڄاڻو جاڻي مون ماڻهو ڏٺا آهن، اهڙس مان اُٺي گهر وڃڻ لاءِ ٻـر اهي گهر ٿاءِ ٻ پورو نه ٿيڻ سگهيا آهن ۽ رستي ۾ ٿي راهه رهائي تي ويا. ٻيان ڇڏي ويا آهن. هي سرير ڪچي مٽيءَ جو گهڙو آهي، منهنجون ماتـائون، خبر ناهي اهو ڪڏهن ٽُو پڃي؟ هي سرير ڪاغذ جـي

اُن پرم پتا کي ڄاڻڻ. اُن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به اُپاءُ نه آهي. توهان وگيان ۾ ڪيتري به اُنتي ڪريو. اِنٽم ٻم ٺاهيو يا هئڊروجن ٻم، ڌرتيءَ مٿان اناج پيدا ڪريو يا سمنڊ جي اندر، توهان ميون جو رنگ بدليو يا سبزين جو، وڏا وڏا هوائي جهاز يا راڪيٽ ٺاهيو، چندرما تي پهچو، يا منگل گرهه تي يا شڪر گرهه تي. پر جيستائين اُن پرماتما کي نه پاتو اٿو جيڪو آنند ۽ شانتيءَ جو ڀنڊار آهي، پرم آنند، پرم شانتي، ۽ پرم شڪتيءَ جو ڀنڊار آهي، تيستائين سک نه ملندو ۽ نه شانتي ملندي.

اُن جو درشن ٿي وڃي، هن مان ميلاپ ٿي وڃي، ته پوءِ نه دک، نه ڪليش، نه ڪشٽ رهندو. هيءَ ساري دنيا هڪ کيل، هڪ تماشو نظر ايندي. هن سنسار جا سک ۽ دک معمولي ۽ تچ نظر ايندا ۽ ڪلي ويندي دل جي ڳنڍ. ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا سنسا ۽ شڪانون. دور ٿي ويندو هي اگيان جو انڌيرو ۽ پلجي ويندو جوت جو ساگر، ۽ اُن آنند جو ساگر جنهن جو دنيا جي ڪا به ٻولي بيان ڪري نٿي سگهي.

پر هن آنند جولي، انمت شڪتي، انمت شانتي، انمت آنند سان ڀرپور ڀنڊار پرڀوءَ کي ڏسون ڪيئن؟

اُن لاءِ مون ويد ڀڳوان مان پڙهيو ته ٽن پرڪارن هڪ اُن پرماتما کي ڏسن ٿا.

ٻيڙي آهي خبر ناهي ڪڏهن ٻڏي وڃي، ٻــر ڪچڙ دلو، ڪاغذ جي ٻيڙي يا ڪاٺ جي، جا شيءِ ٺهي آهـــي اها ضرور ناس ٿيڻ واري آهـــي. ان ڪري جيستاءِ هي سرير آهي تيستاءِ ان منزل ڏانهن وڌڻ جو يتن جاري رکو. جنهن لاءِ هي سڀ ڪجهه مليو آهي.

اوم شم

116